سنڌ ۾ مارڪسزم – لیننزم جو پرچارڪ

ٻه ماهي

سماجواد

حيدرآباد

(ايڪهين ڪڙيارڙهين ڪڙي) جنوري 2016ع مارچ-اپريل 2015ع

ايڊيٽر

شاهه عنايت

ايڊيٽوريل بورڊ

بادل سنڌي، عاليه بخشل،
لطيف لغاري،
جاويد راڄپر، بخشل ٿلهو،

ڪامريڊ آزاد ماڇي، فيض
ڪيريو، فيض ڪيريو

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ

انور حسين سومرو

قيمت: 50/=

لکپڙهه لاءِ ايڊريس

فليٽ نمبر 310 -311 V.I.P اپارٽمينٽ
مين قاسم آباد، حيدرآباد
Cell # 03443333888

فهرست

ايڊيٽوريل

ڏيهي سياسي صورتحال

مکاني حکومت نظام : ماضي کان حال تائين
نصير ميمڻ

لوڪل باڊي چوند نتيجا ۽ عوامي نقطه نظر
شاهه عنايت

جمہوری سوال اور فوج کی مقبولیت
عاصم سجاد اختر

سورج کا شہر، گوادر
شاہ محمد مری

تعليمي نظام تي هڪ نظر
سرمد سميجو

آئين ۾ ترميمن جي تاريخ ۽ نظريه ضرورت 5
مختيار راهو

زرعي جنسن جي اگهه جو مسئلو 9
فيض کيريو

شڪارپور واقعو؛ سنڌ لاءِ نئون چئلينج 9
نثار لغاري

تعليمي نظام جي تباهي 9
اديب رتڙيادل سنڌي

عالمي سياسي صورتحال

يورپ ۾ پناهگيرن جو مسئلو
امين قريشي

ترڪيءَ روسي جهاز کي ڇو ڪيرايو؟
ڪان هيلنن

ڪُرد قومي سوال
جاويد راڄپر

افغانستان جو سواليه مستقبل 16
جاويد يعقوب

عالمی انقلاب اور ہماری ذمیداری 68
عاصم سجاد اختر

نظرياتي ادب

نظريو ڇا آهي؟ 24
ج. رحمان/ شفقت قادري

لينن ازم جا مسئلا
جـــــوزف اســـتالن / امين قريشي
ڪُل ۽ جُز
بخشل ٿلهو
زبانوں کو بھی جمہوریت چاہیے۔ آمریت نہیں....
شاداب مرتضیٰ
فلسفي جي تاريخ
اليئٽڪس
آزاد ماڇي
سائنس
زلزلو ڪيئن ٿو اچي؟
اسد ناريجو
ادب
مختصر ڪهاڻيون
ليکڪ: علي رضا قاضي
حسن مجتبیٰ کی کتاب "کوئل شہر کی کتھا" پر لکھا گیا ایک تبصرہ
آبُ آبُ ڪَندين مُئين 37
محبوب شاهه
اصولي ۽ ترميم پسند سياست 47
جاويد راڄپر
مها انقلابيت: ڪابي ڌر جي پراڻي بيماري 52
بخشل ٿَلهو
رابندر ناٿ ٽيگور: هڪ وچايل ملڪ جو ماٿهو 52
برجيش مشرا/ امين قريشي
فلسفي جي تاريخ
ٿيليز
73
آزاد ماڇي
ناري واد
بشير شاهه
شخصيت
بولي ۽ جنسي متڀيد 73
پريانڪا

صنفي جبر جي نظرئي سازي
82
شيرون سمٿ/ سرمد

شخصيت

سڀ ڪجهه ڪونه ڏٺو (ڪامريڊ غلام قادر مرراٽي کي ڀيٽا)
ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي جي موڪلاڻي، ڪاڇي ڌر جي هڪ دور جي

ايڊيٽوريل

هينڊنگپورهيتن جي قاتلن جا پيرا ڪنهن هڪ پاسي نه آهن

11 سيپٽيمبر 2012 تي ڪراچيءَ ۾ علي انٽرپرائيزز ۾ واقعي
اڍائي سوءَ کان مٿي پورهيتن جي جيئري سڙي وڃڻ واري سانحي
جي تحقيقاتي رپورٽ نيٺ اڍائي سالن بعد مڪمل ٿي سامهون
اچي چُڪي آهي. جوائنٽ انويسٽيگيشن ٽيم جي رپورٽ مطابق اهو
لڳ ڪانڊاريندڙ واقئو واقعو هڪ حادثو نه بلڪه مڪمل رٿابنديءَ
سان ڪرايل هڪ اهڙو شعوري ڪوس هو جنهن ۾ اجل جو شڪار
ٿيندڙ پورهيتن جي رت جا ڇنڊا نه ته صرف سنڌ جي ٻيون نمبر
وڏي پارليماني پارٽي ايم ڪيو ايم جي وحشياڻي ڪردار جي ساک
ڏين ٿا ۾ نه ئي محظ پنين 40 سالن کان مٿي ملرينجرز مامري
تي سنڌ ۾ مرڪز ۾ چڪتاڻ

گهٽو وقت نـاهي گـذريو جو سـويلين حڪمـرانن بنا
ڪنهن گڏيل مزاحمت جي فوج جي ڪردار کي آئيني ۾
عـدالتي ڍڪ ڏئي عسـڪري نـاڪيلي پنهنجي نڪ پـائي
ڇڏي هئي. پر تڏهن به ڪجهـه آزاد من عنصـرن دانهيو
پــئي ته عســڪري ادارن کي ڏنل اهي اختيــار سياسي
مــاڻهن خلاف ئي اســتعمال ٿينــدا. ”اڻ تــڏهن بي رڙيا
جــڏهن پــورا پــئي ســبيا.“ ٿيو به ائين ئي، ســويلين
حڪمرانن جي نـاهليءَ، ڪريشن جـڏهن هـٽي هنڌ ڪيو
ته اصل واڳ ڏٽي جيڪي انهن ڪرتــوتن ۾ ســويلين جا
به ابا هيا سي صاف سترا تي صـفائي ڪـرڻ لاءِ اڳيـان
اچي عوامي همدرديون حاصل ڪرڻ لڳا. ڪراچي انــدر
ٽارگيٽ ڪلنگ، ڀتي خوري ۾ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ
لاءِ رينجـــرز آپريشن جـــڏهن ڪريشن جي ســوال کي
ڪٽنــدي، آصف زرداري جي ويجهي يــار ڊاڪــٽر آصف
سـميت سـنڌ حڪـومت جي وزيـرن ۾ مشـيرن ۾ هٿ
وجهڻ شـــروع ڪيا ته پي پي حڪمـــرانن کي ارڙهين

ترميم ۾ سنڌ جي خود مختياري ياد آئي ۾ سنڌ
اسيمبلي منجهان قراداد پاس ڪرائي رينجرز اختيارن
کي محدود ۽ مشروط ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪنهن به
سرڪاري آفيس يا آفيسر تي ڇاپي کان پهرين وڏي
وزير يا چيف سيڪريٽري جي اجازت لازمي هئي پر
مرڪزي سرڪار جنهنجي دعويٰ هئي ته اها سنڌ
رينجرز تي ساليانو 9 ارب رپيا خرچ ڪندي آهي سا
اڳيان آئي ۾ رينجرز کي 60 ڏينهن لاءِ سمورا اختيار
ڏئي ڇڏيا. سنڌ حڪومت ان عمل کي سنڌ تي حملو
قرار ڏئي وفاق کي وري به لکيو ۾ آئيني آرٽيڪل ياد
ڏياريا پر ڪنهن کي خبر ناهي ته ملڪ جو آئين به ملڪ
جي تاريخ جيان اهڙن تضادن سان ڀريل آهي جنهن کي
جيڪو ڏاڍو هوندو آهي سو ئي سهي تشريح ڪندو آهي
سنڌ حڪومت وٽ پنهنجي آئيني اختيارن لاءِ جيڪڏهن
آئين جو آرٽيڪل 147 هيو ۾ مرڪز وٽ به آرٽيڪل
نمبر149 موجود هيو. تنهنڪري اهو سوال ته ڪنهنجو
آرٽيڪل ڪنهن تي ڳرو ثابت ٿيندو ته انجو جواب
آرٽيڪل ۾ موجود وضاحتن منجهان نه پر آرٽيڪل پٺيان
موجود قوتن جي سگهه تي آڌاريل هيو. سو هنن سٽن
جي لکڻ تائين رينجرز آزاديءَ سان پنهنجو ڪم پيهر
شروع ڪري ڇڏيو آهي ۾ امڪان آهي ته سنڌ حڪومت
سان ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ لاءِ نوازشريف جلد ئي
ڪراچي اچي پاڻ پڌاري ڪندو. ان سموري صورتحال
۾ پين پورجوا پارٽين جي پيهڪ ڪجهه هن ريت آهي ته
فنڪشنل ليگ ۾ ڪجهه پيون پارٽيون رينجرز جي حق
۾ آهن پر سندن مامرو اتي ڪونه ٿو بيهي، اُهي ته
هميشه پي پي مخالفت ۾ ان حد تائين وينديون آهن
جتي خود وردي وارا به ناهن سوچيندا. پي پاسي ايم

ڪيو ايم آهي جيڪا ان مـامري ۾ پـاڻ کي غـير جانبـدار رکڻ جو پــوز ڏئي رهي آهي ۽ ســاڳي وقت ٻي ٻي تي پنهنجي پراڻي ڪـاوڙ جو اظهـار به ڪـري رهي آهي ڇو ته جڏهن مٿن سـخت آپريشن جـاري هيو تـڏهن ٻي ٻي به مِـٺي به مـاٺ ته مُـٺي به مـاٺ واري ڪـار تي عمل ڪيو هيو. ان سموري ڇڪتاڻ ۾ اسـان جهـڙين عـوامي قوتن لاءِ به سوال پيدا ٿئي ٿو ته اُهي پنهنجي همدردين يا پنهنجي توانائين جو اُٿ ڪهـڙي پاسي ويهـارين يا اهو ته ڪنهن پاسي جهڪـاءُ ڏيکـارڻ ضـروري به آهي يا ان سموري ڇڪتاڻ کي بورجوازي جو داخلي رجحان قـرار ڏئي عوامي صفن ۾ ٻنهي جي عوام دشمن ڪـردار کي وائکو ڪرڻ تي زور ڏئي پنهنجي مـزاحمت جا ڪچا پڪا بنيـاد وجهجن. اسـان سـمجهون ٿا ته اهو آخـري آپشن درست آهي. ان وردي وارن جو ساٿ ڪهڙي ريت ڏئي ســگهجي ٿو جيڪي ســنڌ جي سياسي ڪـــارڪنن کي سموري ڳـوٺ آڏو ڪـٽي سـندن لاشَ ڦٽا ڪن ٿا يا وري اُن نام نهاد جمهوري پارٽي جي سـنڌ جي خودمختيـاري واري راڳ کي ڇو ڪنائجي جنهن ٽنين سـتن سـالن ۾ عــوام لاءِ هر قسم جي تبــاهي آڻي ســنڌ ۾ جمهــوريت ڪـــان ئي بهــترين انتقـــام ورتو آهي. سو اســـان لاءِ نه گهٽتائي گهوٽ ۾ آهي نه ڪمي ڪنوار ۾ آهي. تنهنڪري هي وقت ڪنهن هڪ ڌر جي اک سـان ٻي ڌر جا مـامرا ڏسڻ جو نه پر پنهنجي اک سان سـمورو عـوام دشـمن تڪسـاٽ ڏسـڻ، سـمجهڻ ۽ ان خلاف مــزاحمت تــيز ڪرڻ جو آهي.

ڪ ۾ پورهيتن جي حقن جي خود ساخته علمبردار ”پيپلز پارٽيءَ“
جي پورهيت دوستي جي پٽ وائکي ڪن ٿا، پر مجموعي سماجي
بيحسيءَ تان پردو ڪٽندي ملڪ ۾ موجود تمام ترقي پسندن جي
ترقي پسندي تي پڻ سوال اٿارين ٿا ته ملڪي تاريخ جو ايترو وڏو
۾ وحشياڻو ڪوس آخر ڇو منجهن گهربل ڇٽنگ نه ٻاري سگهيو؟ 6
فيبروريءَ تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪيل ان تفصيلي تحقيقاتي
رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ايم ڪيو ايم جي سيڪٽر بلديا جي
انچارج رحمان رفيق پولا فيڪٽري طرفان 20 ڪروڙ ڀتو نه ڏيڻ
سبب ساٿين سان گڏجي 11 سيپٽيمبر 2012 تي فيڪٽري ڪي
ڪيميڪل هاري باهه ڏني. رپورٽ ۾ ان ڪان به وڌيڪ ڇرڪائيندڙ
انڪشاف اهو ڪيو ويو آهي ته مجرم رفيق پولا، جيڪو پنهن گهٽ
وڌ ٻه اڍائي سالن کان رياستي ڳجهن ادارن جي تحويل ۾ آهي،
تنهن 2013 ۾ ئي اعترافِ جُرم ڪري ورتو هو! تڏهن سوال اهو ٿو
پيدا ٿئي ته مُجرم ۾ سندس سياسي وابستگيءَ جي چڱيءَ ريت
ڄاڻ هوندي به رياستي ادارن ڪي ان حقيقت تان پردو ڪٽڻ ۾ آخر
ايتري دير ڇو ٿي؟ ان جُرم جو پردو تڏهن فاش نه ڪرڻ ۾ هاڻ
هن مخصوص وقت تي ان رپورٽ کي پڌرو ڪرڻ پٺيان رياستي
اسٽيبلشمنٽ جي ايجنڊا ڇا آهي؟ قانوني ماهرن مطابق ايم ڪيو
ايم بابت هن ويل ٿيل انڪشاف جي بيهڪ اهڙي آهي جو مٿس
ڪو وڏو مامرو بيهي نه سگهندو. ٻين لفظن ۾ ايم ڪيو ايم کي
سوڙهو ڪرڻ سان گڏ کين تحفظ ڏيڻ وارو ٻتو ڪم ڪرڻ ۾ لاءِ
ايڏو وقت ورتو ويو. ڇا اسان نه ڏٺوسين ته رپورٽ جي ظاهر ٿيڻ
جي ٻي ڏينهن ايم ڪيو ايم سنڌ حڪومت ۾ شامل ٿيڻ تي راضي
ٿي وئي. ساڳي وقت ايم ڪيو ايم اڳواڻ رئوف صديقي جو بيان به
سامهون آهي ته رحمان پولا جي اعتراف جي ڪا قانوني حيثيت
ڪونهي. بهرحال بحرحال اسان سمجهون ٿا ته نه صرف ايم ڪيو
ايم پر مل مالڪ ۾ ليبر ڊپارٽمنٽ سان گڏ اها جرمن ڪمپنيءَ (
KIK) به انهيءَ ڪوس ۾ برابر جي ڀاڱيوار آهي جنهنيڪا پنهنجي لاءِ
ڪپڙا ٺهرائڻ مهل پورهيتن جي انساني ماحول واري اصول ڪان
ڪن لاٿار ڪئي. ساڳي وقت هن ملڪ جي ڪارپوريٽ ميڊيا جو
ڪردار به شرمناڪ حد تائين ڪريل رهيو. جنهن لاءِ جي آءِ تي
رپورٽ ۾ سوين پورهيتن جي قاتلن بابت ٿيل انڪشاف ڪان وڌيڪ
پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي چيف سليڪٽر معين خان جي ڪيسينو
(جواخانيو) ۾ وڃڻ واري خبر اهم آهي. اها بريڪنگ نيوز به ٿيندي
ته انهيءَ تي ٽاڪ شوز به ٿيندا. پڇاڙا به ٿيندا ته سزائون به ٿينديون
پر 258 پورهيت جڻ ته انسان نه پر گودام ۾ پيل ڪو وکر هيا.
حقيقت ته هيءَ آهي ته هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي پورهئي جي

~~مناسب حالتن ۾ اجوري ڪان ويندي پورهئي لاءِ عمر جي هڪ مقرر حد، ڏهاڙي پورهئي جي هڪ مقرر وقت، پورهئي جي عمل ۾ صنفي امتياز توڙي پورهيتن کي ريگيولرائيز ڪندي ڪين ڪي (نالي ماتر ئي سهي) قانوني حق ۾ ضمانتون ڏيڻ جهڙن ڪوڙ سارا سارن بنيادي مامرن ۾ دنيا ۾ تنزل جا رڪارڊ ٽٽندا هجن، جتي رسمي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ 5 سيڪڙو مزدورن ڪان ٻاهر ملڪ جا 95 سيڪڙو مزدور ٺيڪيداري نظام ۾ پيڙهبا هجن ۾ ڪم دوران مرڻ تي ڪفن ڪان به محروم رهنِ، اتي هڪڙا ماڻهو انسان ۾ ٻيا ماڻهو صرف انگ هوندا آهن، هاٽي انگن جون ڪهڙيون ضرورتون ۾ ڪهڙا حق؟ سستو پورهيو هن ملڪ جي وڏي ۾ وڏي ايڪسپورٽ به آهي ته هن ملڪ ۾ پرڏيهي ناٽي ڪي چڪڻ جو سڀ ڪان سگهارو ۾ ڪارآمد ذريعو پڻ. هيءَ حالت رڳو هن ملڪ جي مزدورن جي نه بلڪه پوري ٽين دنيا جي پورهيتن جي آهي جتي پهرين دنيا جي ضرورتن (۾ گهڻي قدر عياشين) جي سستي اگهه تي پورائي لاءِ بين الاقوامي سرمايو ٽين دنيا جي پورهيتن جو رت پئيندو مواڙ ٽيندو پيو وڃي. علي انٽرپرائيزز سميت هن ملڪ جا ڏيهي توڙي پرڏيهي ڪارخانا ۾ مِلون پڻ اهڙن ئي هڪ گيس چئيمبرن جا مثال آهن جتي سون هزارن جي تعداد ۾ چُڙندڙ ۾ رِسندڙ پورهيتن جو جيئري ته ڪوئي داد فرياد نه ٿو ٿئي پر ائين سڙي خاڪ ٿي وڃڻ بعد به سندن ورلي ئي ڪوئي والي وارث ٿئي ٿو. اها اميد ته ٽريڊ يونين تحريڪ ۾ پورهيت سوال تي سياست ڪندڙ ڌرين ڪان ئي ڪري سگهجي ٿي. پر ٽريڊ يونين تحريڪ داخلي طور تي موقعي پرستاٽي رجحانن ۾ خارجي طور پاڻ مٿان نجڪاري جي لٽڪيل تلوار جي پوءَ ۾ ورتل آهي، جڏهن ته پورهيتن جي نمائيندگي جي دعويٰ ڪندڙ حقيقي سياسي ڌريون اوسر جي ابتدائي ڏاڪن تي آهن جتي پورهيتن سان سندن عضوياتي رشتو اڃا جڙي ناهيو سگهيو. ٻين لفظن ۾ ”پورهيت سياست“ پورهيت ڪان ۾ پورهيت وري پنهنجي سياست ڪان اڃا تائين اوپرا آهن پر هي صورتحال وڏي عرصي تائين موجود رهي ناهي سگهندي. پلي حڪمران ۾ رياست، پورهيت طبقي کي ڪڏهن فرقيواريت جي نالي ۾ ته ڪڏهن نسل پرستيءَ جي نالي ۾ ورهائڻ لاءِ پئي ننهن چوٽيءَ جو زور ڏيندي رهندي رهي پر حالتون توڙ ڦوڙ ڪانوڏيڪ، پورهيتن کي هڪ ٽيڻ لاءِ هر دفعي، پهرين ڪان وڌيڪ همٿائينديون. اهو ڏينهن پري ٿي سگهي ٿون پر اٽڙ نه. اهو ئي تاريخ جو سبق آهي اها ئي مستقبل جي نويد آهي.~~

جيئن ته اسان مختلف سببن جي ڪري سماجواد جنوري فيبروري شايع ڪري نه سگهياسين، تنهنڪري اسين پنهنجي مانوارن پڙهندڙن کان معافي جا طلبگار آهيون اسان اها ڀرپور ڪوشش ڪنداسين ته رسالي جي ٻه ماهي هئڻ واري تعارف سان وقت سر انصاف ڪري سگهون. مهرباني

(ادارو)

ڏيهي سياسي صورتحال

آئين ۾ ترميمن جي تاريخ ۽ نظريه ضرورت
مختيار راهو

مقامي حڪومت نظام : ماضي کان حال تائين

نصير ميمڻ



ارڙهين آئيني ترميم وسيلي آئين ۾ شامل ڪيل آرٽيڪل A-140 چوي ٿو ته هر صوبي کي قانون موجب مقامي حڪومت جو نظام قائم ڪرڻ گهرجي ۽ مقامي ادارن جي چونڊيل نمائندن ڏانهن سياسي، انتظامي ۽ مالي ذميواريون ۽ اختيار هيٺين سطح تي منتقل ڪرڻ گهرجن. مقامي چونڊون اليڪشن ڪميشن پاران ڪرايون وڃن.“ هونءَ ته 1973ع جي آئين ۾ مقامي ادارن بابت شق موجود هئي پر ان ۾ اختيارن جي منتقليءَ بابت اهڙيون چٽيون هدايتون موجود نه هيون. 18 هين ترميم جتي اختيارن جي منتقليءَ جو ذڪر ڪيو اتي به اهم گهٽتايون ان ۾ رهجي ويون. هڪ ته مقامي ادارن جون چونڊون ڪرائڻ جي مدت نه ڄاڻائي وئي، جنهن ڪري صوبائي حڪومتون پاڻ کي ڪنهن خاص زمري اندر چونڊون ڪرائڻ جون پابند نه ٿيون سمجهن ٻيو ته اختيارن جي منتقليءَ بابت مقامي ادارن جي سبجيڪٽس جي ڪا لسٽ نه ڄاڻائي وئي. هن وقت وفاقي سبجيڪٽن جون به لسٽون ڏنل آهن جن مان هڪ گڏيل مفادن واري ڪائونسل لاءِ آهي. جيڪي اسم وفاقي لسٽ ۾ ناهن، اهي

صوبائي اختيارن هيٺ اچن ٿا. مڪاني حڪومتن جي اسمن جو شيڊول نه هجڻ سبب اها صوبائي حڪومتن جي مرضي آهي ته اهي پنهنجي مرضي ۾ پسند سان ڪي اختيار مڪاني حڪومتن جي حوالي ڪن يا نه ڪن. اهي ته ٿيا آئيني معاملا پر ان ڪان به وڌيڪ بنيادي سوال اهو آهي ته مڪاني حڪومتون قائم ٿيڻ جو نه ٿيون ڏنيون وڃن ۾ ان سان سياسي ۾ سماجي طور ڪهڙا نقصان ٿين ٿا. بيو اهم سوال اهو آهي ته ملڪي تاريخ ۾ مڪاني چونڊون رڳو اڻ چونڊيل آمر حڪمران جو ڪرائيندا رهيا آهن ۾ چونڊيل حڪومتون اها آئيني ۾ سياسي ذميواري پوري ڪرڻ ڪان چو لنوائينديون رهيون آهن. انهن پاسن کي سمجهڻ لاءِ اچو ته پهرين مڪاني حڪومتن جي ملڪي تاريخ ۾ پسمنظر کي سمجهون.

1843ع ۾ سنڌ ۾ 1849ع ۾ پنجاب تي والار ڪرڻ ڪان پوءِ برطانيه سرڪار مڪاني حڪمرانيءَ جو نظام لاڳو ڪيو. اهو نظام مٿان ڪان هيٺ انتظامي اختيارن جي بنياد تي جوڙيو ويو، جنهن جو مقصد مقامي اثرائتي ماڻهن وسيلي اقتدار هلائڻ هو، مڪاني ادارن جا نمائندا عوام نه چونڊيندو هو پر اهي مٿان ڪان مقرر ڪيا ويندا هئا. جڏهن ته انتظامي معاملا ضلعي سطح تي ڊپٽي ڪمشنرن وسيلي هلايا ويندا هئا.

آبادي کي بنيادي خدمتون فراهم ڪرڻ لاءِ شهري ۾ ٻهراڙيءَ واريون ڪائونسلون متعارف ڪرايون ويون. مجموعي طور تي اهو نظام برطانوي ڪامورا شاهيءَ جي نظرداريءَ هيٺ مقامي وفادارن جي ٽولي جي معرفت هلايو ويو، جنهن ۾ اهم اختيار بيٺڪي ڪامورا شاهيءَ کي مليل هئا. عام ماڻهن جي ان نظام ۾ ڪا شرڪت هئي نه وٽس ڪي اختيار هئا. بيٺڪي راڄ ۾ ته حڪمرانيءَ جو اهڙو نظام سمجهه ۾ اچي ٿو پر ملڪ قائم ٿيڻ ڪان پوءِ ان ساڳيي رويي تي نظام کي جاري رکڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته عام ماڻهن جي تقدير ۾ ڪابه تبديلي نه آئي. پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ پهريون آئين 1956ع ۾ ٺهيو.

7 آڪٽوبر 1958ع تي صدر اسڪندر مرزا آئين کي معطل ڪري ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي ڇڏي. 27 آڪٽوبر تي جنرل ايوب اسڪندر مرزا کي استعيفا ڏيڻ تي مجبور ڪري اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. ايوب ملڪ ۾ موجود ايري سيري سياسي ڍانچي

کي به پٽ کري ڇڏيو ۽ بنيادي جمهوريتن وارو نظام متعارف ڪرايائين. مقامي حڪومتن جو اهو نظام عوام کي بااختيار بنائڻ لاءِ نه پر ايوب خان پاران اقتدار تي ڪيل ناجائز قبضي کي حلال ڪرڻ جو طريقو هو. ان نظام هيٺ ملڪ جي اٽڪل 38 هزار ڳوٺن کي ٻهراڙين ۾ يونين ڪائونسلن، ٽائون ڪميٽين (14 هزار کان گهٽ آبادي) ۾ يونين ڪميٽين (14 هزار کان وڌيڪ آبادي وارن علائقن) ۾ ورهايو ويو. ان کان مٿي ٻهراڙين ۾ تحصيل/ تعلقه ڪائونسلون ۾ شهرن ۾ ميونسپل ڪميٽيون ۾ ڪينٽونمينٽ بورڊس قائم ڪيا ويا. ايوب خان به برطانوي ٻيڪي دور جيان هن نظام کي بيورو ڪريسيءَ جي ماتحت رکيو. مثال طور ميونسپل ڪميٽيءَ جو چيئرمين حڪومت سڌو سنئون پاڻ مقرر ڪندي هئي. ساڳيءَ طرح تعلقي ضلعي ۽ ڊويزن جي سطح تي تحصيلدار، اسسٽنٽ ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنرڪميٽين جا چيئرمين هوندا هئا. اهڙيءَ طرح بنيادي جمهوريت جي نالي تي قائم ڪيل ان نظام ۾ عوام جي شرڪت بس نالي ماتر هئي. رڳو يونين ڪميٽين ۽ يونين ڪائونسلن جي سطح تي نمائندا عوام چونڊيندو هو، باقي ان کان مٿي جي سطح تي ڪامورا شاهيءَ جو قبضو هو. اهڙي جڏي نظام هيٺ چونڊيل عيوضي وري قومي اسيمبلي ۾ صدر جي چونڊ ڪرڻ جا اهل هئا. ان مان صاف ظاهر آهي ته اهو نظام رڳو آمريت لاءِ ٿنڀ جو ڪم ڏيڻ لاءِ قائم ڪيو ويو هو. 1959ع ۾ جاري ٿيل بنيادي جمهوريتن واري آرڊيننس ۾ ڪامورا شاهي کي ايترو سگهارو ڪيو ويو جو ڪين ڪائونسلن جي پاس ڪيل ٺهرائن ۾ فيصلن کي به رد ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو.

ذوالفقار علي ڀٽي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ 22 جنوري 1972ع تي ان نظام جي تڏاويڙهه ڪري ان کان بهتر نظام آڻڻ جو اعلان ڪيو پر هن به ڪو بهتر متبادل مڪاني حڪومتن جو نظام متعارف نه ڪرايو. 1972ع ۽ 1975ع ۾ مڪاني حڪومتن جا آرڊيننس جاري ڪيا ويا پر ڀٽي جي اقتدار واري دور ۾ به ڪو نظام قائم نه ڪيو ويو.

ڀٽي جو تختو اونڌو ڪرڻ کان پوءِ جنرل ضياءُ الحق جي آمريت لاڳو ٿي. جنرل ضياءُ الحق 1979ع ۾ مڪاني حڪومتن جو آرڊيننس جاري ڪيو. ڊيڪلارڻ خاطر هر صوبي طرفان الڳ

آرڊيننس جاري ڪيا ويا پر اهي سڀ ذري گهٽ هڪ جهڙا ئي هئا يعني هڪ ئي فيڪٽريءَ ۾ تيار ڪيا ويا هئا. ان نظام ۾ به شهري ۽ ٻهراڙي وارا علائقا مختلف هئا. ٻهراڙين ۾ ضلعي ڪائونسل وڏو ادارو هو. ننڍن شهرن لاءِ ٽائون ڪميٽيون ۽ ميونسپل ڪميٽيون ۽ وڏن شهرن لاءِ ميونسپل ڪارپوريشنز متعارف ڪرايون ويون. جڏهن ته ڪراچي کي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جو درجو ڏنو ويو. ان سموري ڍانچي ۾ به ڪامورا شاهي جي مٿڀرائي برقرار هئي ۽ ڪٿي به قانون اندر چونڊيل عيوضين کي ڪامورن مٿان ڪا مٿڀرائي حاصل نه هئي. هن نظام هيٺ 1979ع ۽ 1983ع ۽ 1987ع ۾ ٽي ڀيرا چونڊون ڪرايون ويون. جيتوڻيڪ ان نظام ۾ به ڪامورا شاهي وڌيڪ سگهاري هئي پر مڪاني سطح تي ماڻهن جي بنيادي سهولتن تائين ٿوري گهڻي پهچ ممڪن هئي. ملڪ ۾ مارشل لا هجڻ ۽ چونڊون غير جماعتي بنيادن تي ٿيڻ سبب انهن چونڊيل ڪائونسلن مٿان به حڪمران ڌر جو مڪمل ڪنٽرول هوندو هو. 90ع واري ڏهاڪي ۾ چار ڀيرا چونڊيل حڪومتون مدو پورو ڪرڻ کان سواءِ ئي هٽايون ويون، تنهنڪري ان ڏهاڪي ۾ مڪاني حڪومتن جو ڪو به نظام قائم نه ٿي سگهيو. 1999ع ۾ اقتدار تي قبضو ڪرڻ ڪانپوءِ جنرل مشرف مڪاني حڪومتن وارو 2001ع جو آرڊيننس جاري ڪيو. هن نظام هيٺ يونين ڪائونسل تعلقي، ضلعي ۽ ميٽروپوليٽن ڪارپوريشنز ۾ ناظم جوعهدو متعارف ڪرايو ويو. مشرف جو نظام ايوب ۽ ضياءُ جي دور کان مختلف هو. هن نظام ۾ پهريون ڀيرو چونڊيل عيوضين کي ڪامورا شاهيءَ تي قانوني طور مٿڀرائي ڏني وئي. ضلعي ۽ انتظامي ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ کاتن جا ايگزيڪوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر متعارف ڪرايا ويا جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر جا اختيار گهٽائي ان کي ضلعي رابطي آفيسر بنايو ويو. قانوني طور تي ڊي سي او ناظم جو ماتحت هو. ساڳي طرح ضلعي پوليس آفيسر مٿان به ناظم کي ڪجهه اختيار ڏنا ويا. انهيءَ اهم سرڪاري عملدارن جون سالياني ڪارڪردگيءَ واريون رپورٽون لکڻ جو اختيار به ناظمن کي ڏنو ويو. اها ڌار ڳالهه آهي ته لڳ ڀڳ ٻن صدين کان بيٺڪي راڄ هيٺ قائم ٿيل ڪامورا شاهي ان تبديليءَ کي قبول نه ڪيو ۽ هر طرح سان پنهنجا هنر هلائڻ واري رسم جاري

رکي. ان نظام جي حمايت توڙي مخالفت ۾ بنهي لاءِ دليل موجود آهن. اهم ڪامورا شاهيءَ کي جن ناظمن جي ماتحت ڪيو ويو، انهن قانون جي حڪمرانيءَ بجاءِ پنهنجي مرضيءَ جا قانون ڪامورا شاهيءَ وسيلي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ضلعن کي ذاتي جاگير ۾ بدلائي ڇڏيو. ٻيو ته جن ضلعن ۾ جنرل مشرف جي حامي ڌرين جا ناظم نه چونڊيا ويا اتي سگهارن آفيسرن وسيلي کين مفلوج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ انهن ضلعن ۾ ڪامورا ناظمن ڪان وڌيڪ سگهارا بڻيل هئا. ٻيو ته اهو اقتدار جي منتقليءَ جي حوالي سان به ان ڪري ناڪي نظام هو جو آئين جي پڄڪڙي ڪندي مڪاني حڪومتن کي صوبن بجاءِ عملي طور مرڪزي حڪومت جي ماتحت بڻايو ويو ۽ کين سڌو سنئون فنڊ به فراهم ڪيا ويندا هئا. صوبن جا اختيار آمريتي مرڪز جي قبضي ۾ هئا ۽ ٻئي طرف بااختيار مڪاني حڪومتن جون دعوائون ڪيون ٿي ويون. مشرف جي نظام جي هڪ ٻي بهتر اڳڀرائي هر سطح تي عورتن کي 33 سيڪڙو لازمي نمائندگي ڏني وئي. ان فيصلي جي نتيجي ۾ 2001ع ۾ ٿيل مڪاني چونڊن ۾ سڄي ملڪ اندر 36 هزار عورتون ڪائونسلر بڻيون. يونين ڪائونسل سطح تي عورتون سڌي چونڊ وسيلي ڪائونسلر بڻيون جڏهن ته تعلقي ۽ ضلعي سطح تي اڻ سڌي طرح چونڊيون ويون. ملڪ اندر خيرپور ۽ نوابشاهه ٻه ضلعا اهڙا هئا جتي عورتون ضلعي ناظم به بڻيون. 2005ع ۾ هڪ آرڊيننس وسيلي تبديلي ڪري يونين ڪائونسل سطح تي ميمبرن جو انگ 21 مان گهٽائي 13 ڪيو ويو، جنهن سان عورتن جو ڪل تعداد به گهٽجي ويو. اهڙي طرح سڄي ملڪ اندر مختلف سطحن تي 2001ع ۾ عورتن لاءِ رکيل ڪيل سيٽن جو تعداد 42101 مان گهٽجي 28577 ٿي ويو. البته ان سان عورتن جي ٽيون حصو نمائندگيءَ جي مضبوط روايت جو بنياد پئجي ويو. هڪ مدي خارج عورت جي ويري سماج اندر حڪومتي نظام ۾ عورتن جي ان نمائندگيءَ کي تمام اهم معنيٰ حاصل آهي. ان دور ۾ مڪاني حڪومتن کي تمام وڏيون رقمون مليون پر ڪرپشن ۽ نااهليءَ جي نتيجي ۾ اهي رقمون عوام کي ڪو وڌو لاڀ نه ڏئي سگهيون. سنڌ اندر مڪاني حڪومتن 03-2002ع ۾ اٽڪل 30 ارب رپيا، 04-2003ع ۾ 30 ارب رپيا ۾

2004-05ع ۾ 55 ارب رپيا جاري ڪيا ويا. اهو ڪو گهٽ پئسو نه هو جيڪو عوام جي ڀلي لاءِ استعمال ٿئي ها ته صوبي ۾ ضلعي جي شڪل گهڻي بهتري هجي ها.

مشرف جي حڪومتي نظام ۾ ڪراچيءَ اندر ايم ڪيو ايم کي سگهارو ڪرڻ لاءِ شهر جون قديمي ڀرواڙيون شهري علائقن ۾ شامل ڪيون ويون. گورنمينٽ کي زمين جي انتظامڪاريءَ جا اختيار ڏئي ڪراچيءَ جي ڳوٺن جون زمينون هڙپ ڪرايون ويون. شهر جي ٽڪ بندي ايم ڪيو ايم جي مرضيءَ سان اهڙيءَ ريت ڪرائي وئي جو ڳڀو ڳڀو ضلعن ۾ اردو آباديءَ جي اڪثريت هجڻ باوجود 18 مان 14 ٽائون ايم ڪيو ايم جي حوالي ٿي ويا. 2001ع ۾ حيدرآباد جي ناظمي حاصل نه ڪري سگهڻ ڪان پوءِ ارباب غلام رحيم کان حڪم جاري ڪرائي حيدرآباد ضلعي کي چئن ضلعن ۾ ورهايو ويو ۽ اهڙي طرح مشرف دور جي ٻن مڪاني حڪومتن ۾ حيدرآباد شهرجو ناظم به ايم ڪيو ايم جو چونڊجي ويو. 2008ع جي چونڊن کان پوءِ مرڪز ۾ سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جون حڪومتون قائم ٿيون. تڏهن کان وٺي مڪاني حڪومتن جو نظام عملي طور معطل آهي. ملڪ ۾ پراڻو ڪاموڙڪو ڪمشنري نظام به بحال ٿي چڪو آهي.

ان پسمنظر کان پوءِ به صورتحال اها هئي ته آئين ۾ چٽي طرح اختيارن جي هيٺين سطح تي منتقليءَ جو حڪم هجڻ باوجود ڪنهن به صوبي ۾ مڪاني حڪومتون قائم نه ڪيون ويون. سپريم ڪورٽ جي مداخلت کان پوءِ صوبن ۾ مڪاني حڪومتون قائم ڪرڻ لاءِ قانون سازي ڪئي وئي.

2012ع ۾ پيپلز پارٽي حڪومت سنڌ ۾ پنهنجي اتحادي ايم ڪيو ايم کي خوش ڪرڻ لاءِ هڪ آرڊيننس وسيلي مڪاني حڪومتن جو نظام متعارف ڪرايو. ان نظام هيٺ عملي طور ڪراچيءَ کي ائين ئي ايم ڪيو ايم حوالي ڪرڻ جي رٿ هئي جيئن مشرف جي دور ۾ هئي. ان حڪمنامي هيٺ ڪراچيءَ جي انتظامي بيهڪ باقي سنڌ جي ضلعن کان اهڙي طرح مختلف ڪئي وئي ته جيئن شهر تي ٻيهر ايم ڪيو ايم جي حڪمراني قائم ٿي وڃي. ان نظام جي خلاف سنڌ ۾ سخت ردعمل ٿيو ۽ مجبور ٿي حڪومت کي اهو آرڊيننس ختم ڪري 1979ع وارو نظام بحال ڪرڻو پيو. جيتوڻيڪ 1979ع وارو نظام ڪو بهتر

متبادل نه هو پر سنڌ واسي ڪراچيءَ کي عملي طور هڪ پارٽيءَ جي حوالي ڪرڻ واري نظام جي به حق ۾ نه هئا. پيپلز پارٽي کو بهتر نظام آڻڻ بجاءِ ان کي سرداخاني ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو. پيپلز پارٽي جيستائين اقتدار ۾ رهي ملڪ اندر مڪاني چونڊون نه ڪرايون ويون. 2013ع ۾ هاٺوڪي حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ سپريم ڪورٽ هڪ ڀيرو ٻيهر ان معاملي تي سرگرم ٿي ۽ ان جي سخت رويي اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ گهٽي ڪن لاتار بعد نيٺ بلوچستان ۾ پختونخواهه ۾ مڪاني ادارن جون چونڊون ڪرايون ويون. سنڌ ۾ پنجاب به بعد ۾ چونڊون ڪرائڻ تي مجبور ٿيا. ان کان اڳ ملڪي تاريخ ۾ بدقسمتيءَ سان چونڊيل حڪومتن ڪڏهن به مڪاني حڪومتون قائم ڪري جمهوريت جو ثورو گهٽو ثمر به عوام تائين پهچڻ ناهي ڏنو. ٻئي طرف آمريتن جي دور ۾ عوام مٿان زوريءَ سوار ٿيل حڪمرانن ان نظام کي پنهنجي راڄ کي اينگهائڻ لاءِ استعمال ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو سادا ڇهه ڏهاڪا گذارڻ باوجود هن ملڪ اندر عوام کي نالي ماتر به اختيار حاصل ناهن ٿيا. ان جي نتيجي ۾ عوام هن ملڪ جي اقتداري ڍانچي کان ڪيترين ئي صدين جي وٿيءَ تي بيٺل آهي.

هڪ طرف جمهوريت جون دعويدار ڌريون اسلام آباد کان 18 ترميم وسيلي اختيار صوبن تائين آڻن ٿيون ته ٻئي طرف هر صوبي ۾ هڪ نئين اسلام آباد قائم ڪري عوام جي اختيارن مٿان قابض ٿي وڃن ٿيون. صوبن اندر جمهوريت جي نالي ۾ جاگيردار ٽولو عوام جي اختيارن کي قبائلي ملڪ جي اڇي ڪاري جو مالڪ ٿي وڃي ٿو. انهن وڏيرن ۾ نون مڊل ڪلاسي وڏيرن کي صحت ۾ تعليم ڪاتو وفاق کان صوبي ۾ ان لاءِ نه ڪپي ته اهي صوبي جي عوام کي فائدو ڏين پر انهن کي اهي ڪاتا وڏيڪ بچيتن ۾ وڪرو ٿيندڙ نوڪرين لاءِ گهرجن. اهو ئي سبب آهي جو اسلام آباد کان صوبائي گادين تائين منتقل ٿيندڙ اختيار ۾ وسيلا ضلعن تائين نه ٿا پهچي سگهن. صوبائي اسيمبليءَ ۾ چونڊيل عيوضين جو اصل ڪم قانون سازي ڪرڻ آهي پر اهي غير آئيني ۾ غير قانوني طور ترقياتي رٿائن ۾ بجيٽن تي به قبضو ڪري ويٺا آهن. ان سان هڪ طرف ڪين اربين ربين جي ڪرپشن ڪرڻ جو وجهه ملي ٿو ته ٻئي طرف انهن کاتن جي نوڪرين،

بدلين ۾ ٽيڪن تي به قبضو قائم رهي ٿو. ملڪ ۾ جمهوريت عام ماڻهوءَ لاءِ تيستائين هڪ خواب ئي رهندي جيستائين مڪاني حڪومتن جو هڪ اهڙو نظام لاڳو ۽ مضبوط نه ٿو ٿئي جيڪو عوام کي بااختيار بڻائي سگهي. مڪاني حڪومتن جي نظام کي سگهارو بنائڻ لاءِ هيٺان قدم کڻڻ جي ضرورت آهي.

آرٽيڪل A-140 ۾ ڦير ڦار ڪري مڪاني حڪومتن جي چونڊن لاءِ مدو چٽو ڪيو وڃي. فلپائن ۾ آئيني طور هر ٽئين سال مڪاني ادارن جون چونڊون ڪرائڻ لازمي آهي. ڏکڻ آفريقا ۾ مڪاني حڪومتن جون چونڊون قومي اسيمبليءَ جي چونڊن سان گڏ ڪرايون وينديون آهن. ڀارت ۾ به آئيني طور پنجن سالن کان پوءِ مڪاني ادارن جو مدو ختم ٿيندو آهي، جنهن جي ڇهن مهينن اندر نيون چونڊون ڪرائڻ لازمي هوندو آهي.

عورتن، مذهبي ٿوراين، نوجوانن، هارين ۽ پورهيتن جي چونڊ اڻ سڌي طرح نه پر هر سطح تي سڌي چونڊ وسيلي ٿيڻ گهرجي جيئن قابض ٽولن جو راڄ ڪمزور ٿي سگهي.

بنيادي انتظامي اختيار ڪامورن بجاءِ چونڊيل عيوضين وٽ هجڻ گهرجي. اختيارن جي غلط استعمال واري انديشي کي بهتر قانون سازي ۾ انتظامي ڍانچي وسيلي ضابطي هيٺ آڻي سگهجي ٿو. ڪرپشن ۾ اختيارن جي غلط استعمال واري انديشي هيٺ اختيار عوام جي چونڊيل عيوضين کي نه ڏيڻ بي بنياد ڳالهه آهي. هينئر به وسيلن ۾ اختيارن جو غلط استعمال اسيمبلي ميمبر ۽ ڪامورا شاهي ڪري رهي آهي. ڇا ان دليل هيٺ اهي اختيار مرڪز ڏانهن واپس ڪرڻ درست دليل هوندو؟


مڪاني حڪومت کي مقامي سطح تي ڪجهه ٽيڪس لاڳو ڪري ڪين مالي وسيلا پيدا ڪرڻ جو اختيار ڏنو وڃي ته جيئن اهي صوبائي گاديءَ جا غلام نه رهن.

مڪاني حڪومتن کي سگهارو ڪرڻ کان سواءِ جمهوريت هميشه اڌوري رهندي. ٽريڊ يونين ۽ شاگرد يونين سان گڏ مڪاني حڪومتون عملي سياست جو اهم سڪيا گهرآهن. رڳو انهن ادارن وسيلي ئي نئين سياسي قيادت جي اوسر ممڪن آهي وڏيرڪي جمهوريت به آمريتن جيان انهن تنهي ادارن کي اسرڻ نه ٿي ڏئي ته مٿان ڪجهه سالن يا ڏهاڪن اندر عوام جي اصل قيادت اڀري اچي. انهن قوتن کي دهليءَ ۾ ڪانگريس ۾

بي جي پيءَ جهڙين سگهارين پارٽين هوندين عام آدمي پارٽيءَ جو ايار پنهنجي لاءِ خطرو نظر اچي ٿو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو مڪاني حڪومتن جو ساهه پوساٽڻ آمريتون توڙي نام نهاد چونديل حڪومتون مختلف طريقا اختيار ڪندي ساڳيو ڪردار ادا ڪن ٿيون.

لوڪل باڊي چوندن نتيجا ۾ عوامي نقطه نظر

شاهه عنايت



سنڌ ۾ لوڪل باڊيز جي اليڪشن ٽن مرحلن ۾ ٿي گذري. چوند نتيجن مطابق پهرين پي پي ۽ ايم ڪيو ايم سنڌ جي لوڪل انتظاميا تي به پنهنجي پڪڙ ثابت ڪئي. ٿوري گهڻي استثنا بدين کي حاصل ٿي، جتي ذوالفقار مرزا (غيباتي پٺ پرائي سبب) اڌ ضلعي منجهان پي پي کي تڙي باهر ڪڍيو. انجو اهو قطعي طور به مقصد ڪونهي ته پي پي ان مامري ۾ ڪا يتيم آهي. غيباتي قوتن وٽ به 53 پتا هوندا آهن. مثان وري سول انتظاميا ۾ سرمايي جو اٺ ڪُٽ استعمال به اٺ ٽيٽي کي به ٽيٽي ڪريو ڇڏي. سو پي پي پاران عوامي موت ۾ مينڊيٽ وارو فخر ۾ ڳالهه هاٽي پارٽي پريس ريليز جي حد تائين وڃي بچي آهي، جو ته عوام تي سندن جهڙي تهڙي اعتبار جون آخري نشانيون محترمه بينظير سان گڏ دفن ٿي ويون. پي پي به ڪنٽ لاءِ سماج جي انهن رجعتي طبقن ۾ پرتن تي پاڙيو ۾ اهي ئي طور طريقا استعمال ڪيا جيڪي ڪنهن دور ۾ اسٽيبلشمينٽ پي پي خلاف استعمال ڪندي هئي. اهڙي ريت سرمايي جي پيش امامي ۾ وردي پوش محمود تڙي سويلين بورجوا اياز هڪ ئي صف ۾ بيٺل نظر آيا. چاڪاڻ ته عسڪري اسٽيبلشمينٽ لاءِ پورو سويلين بورجوا نظام جهڙوڪ پي پي، ن ليگ، پي ٽي آءِ، ايم ڪيو ايم، فنڪشنل ليگ، قابلِ قبول يا اهو چوڻ اجا بهتر ٿيندو ته "ضروري" آهي. هيل اليڪشن ڪميشن جي نام نهاد آزادي به انڪري نظر آئي جو هڪ ته چوندون ننڍي سطح جون هيون پيو ته بظاهر ڪا به اهڙي اسٽيٽسڪو مخالف قوت موجود ئي ڪونه

هئي جو انجيءِ کٽڻ جا امڪان پيدا ٿين. پنجاب اندر سنڌ بابت هڪ چوٽي عام آهي ته سنڌ صادقن جي آهي. انهن جو اشارو جن به صادقن ڏانهن هجي پر اسان کي ته ذهن ۾ جام صادق ئي اچي ٿو، جيڪو اڳي ته هڪ هو پر هاڻي ته پي پي ۾ رياستي آشيرواد جي مهربانيءَ سان تعلقي سطع تي صادقن جو هڪ پورو نسل ڪريشن جي انڪيوبيٽر منجهان اهڙو تيار ٿيو آهي جو ڪنهن عوام دوست ماٺهو وڏي واڪي پنهنجيءِ علاقائي چونڊ ۾ بيهڻ جو اعلان ڪيو ناهي ۾ سندس نڙي تي لت بئي ناهي. اهڙي صورتحال ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ مثالن کي ڇڏي ڪري چونڊ نتيجن، عمومي طور تي اليڪشن کان اڳ واري سياسي درجيبندي کي ئي اڳيان ڪيو.

تن طبيب نه ڳڙيا:

ان صورتحال لازمي طور تي انهن عنصرن منجهه مايوسي پيدا ڪئي. جيڪي پنهنجي سياسي سادگي وچان ان اليڪشن ذريعي ڪنهن نئين متبادل جي پيدا ٿيڻ جي اميد ڪيو ويٺا هيا (جن تي مضمون جي آخر ۾ ڳالهه رکبي). پر ڪجهه ٻيا عنصر به هيا جن چونڊ نتيجن کانپوءِ وڏي فخر سان پنهنجيءِ اليڪشن کان اڳ وارن تجزين کي وري ورجايو جنهن مطابق اليڪشنن ذريعي ڪجهه ڪونه ٿيڻو هيو. بلڪل ايئن جيئن اشتراڪي روس جي خاتمي کانپوءِ سوويت انهدام بابت ٽراٽسڪين جي اڳڪٿين کي وري وري ورجايو ويو. بهرحال اليڪشن ذريعي ڪنهن متبادل پيدا ٿيڻ يا وري مورڳو ان مورچي کي اجايو سمجهندڙ عنصرن منجهه گهٽائي انهن ٻيتي بورجوا دانشورن جي هئي جن جو اليڪشن ۾ عملي سياسي ڪردار يا ته بلڪل گهٽ هو يا ته مورڳو هيو ئي ڪونه. اهي بس پنهنجيءِ تجزين ذريعي عوام جي رهنمائي يا اڳڪٿيون ڪرڻ ۾ مصروف هيا. مزاحمتيءِ سياست جي لاٽ ۾ وڏين تحريڪن جي اٿهوند سبب سنڌي سماج اندر تنقيدي سياسي شعور جي سطح تمام گهڻو تيزي سان هيٺ ڪرندي رهي آهي. پراڻن ٽوڙي نون سياسي ورڪرن جي هڪ وڏي قطار آهي جيڪا ان صورتحال ۾ مادي بنيادن تي ڪم ڪرڻ ڪانسواءِ ئي پنهنجي ليکن ۾ ليڪچرن ذريعي تنقيدي سياسي شعور وڌائڻ جا جتن ڪري رهيا آهن (جيڪو ڪم به اهم آهي) پر


اهو وساري ڇا ويهن ته هٿيار جي تنقيد جو مقابلو هٿيــار تي تنقيد ذريعي ٿي ئي نه ٿو ســگهي. اها ئي تــاريخ جي مــادي ســمجهه آهي. تنهنڪــري ســنڌ جي سياست ۾ ســماج کي ســمجهڻ جو مامرو نصابي سڪيا سان گڏ عملي سـڪيا جو به آهي.پر جـيئن ته عملي سڪيا، نصابي سڪيا جي ابـتڙ هڪ گـڏيل (تنظيمي مـامرو) آهي. جنهن لاءِ پنهنجي ذات جي هڪ حد تــائين نفي به ڪـــرڻي پــئي ٿي ۽ ان ۾ چپ اچڻ جا امڪــان گهٽا آهن، تنهنڪــري ڪم اهڙو ڪبو جو رند هڻڻ جي دعـوا به سـاڻ هجي ۽ هٿ منجهـان جنت به نه وڃي. سو ڪنهن هڪ جڳهه تي مزاحمت ۾ همت جو نـدو مثـال قـائم ڪـرڻ بـدران سـڄي سـاري مـادي لـڙائي کي (جنهنجي مختلف صورتن جي حـدن کـان ڪوبه انڪـار ڪـونهي) نظريـاتي لـڙائي ۾ تبـديل ڪـري اتي ئي ڪٽڻ جا جتن ڪيـا. هڪ پراڻو قصو آهي ته ڪو پهلوان ملهه کيڏندو هئو ۽ بي دور ۾ ملهه ڇـڏي راڳ ڳـائڻ شــروع ڪيــائين ته هڪ دفعي جــڏهن ڪـائنس ڪنهن پڇيو ته استاد ملهه ڇـڏي راڳ ڳـائڻ جو شـروع ڪـيئي ته وراڻي ۾ اســتاد چيو ته “ابا ملهه ۾ ڏاڍا ڌڪ ٿي لڳــا”. اســانوٽ اهڙن راڳي دانشـورن جي ڪا به ڪـوٽ ڪـونهي جيڪي ڌڪ جي پوءَ کـان راند ڇـڏي راند جي تجـزيي تي آڏاري پـاڻ کي رانـديگر سـمجهن ٿـا. تجزيو ڪمينـٽري راند جو اهم حصو آهي پر اهي ڪمينٽيٽر ۽ تجـزي نگـار نـاهن هونـدا جن جي ڪـري راند ٿينـدي آهي ڳالهه انجي ابـتڙ آهي. بهرحـال سياست هجي يا راند بنهي جا سمورا گر اوهـان صـرف ڪتـابي اصـولن منجهـان نٿا سـکي سگهو. ابتدائي نصابي تربيت بنهي ۾ ضروري آهي پر انجــون به پنهنجون حـدون آهن. ملهه جيـان سياست ۾ به مهـارت ۾ خـود اعتمـادي جي ســکيا ۾ پــرک وري ميــدان تي ٿينــدي آهي ۾ اهو ســمجهڻ به ضــروري آهي ته انهي ميــدان جو چوند ۾ عــوامي قوتون هميشه آزاد ناهن هونديون. مثال طور سنڌ جي ســماج ۾ آخري وڏي تحريڪ ايم آر ڊي هـئي. جنهن عـوامي انقلابي قـوتن جي سماج ۾ ٻاڙ کي سگهارو ڪيو پيو رياست جي عســڪري ڳر بـابت عـوام جي مجمـوعي سياسي شـعور ۾ تمـام گهڻو اضـافو ڪيو پر اڄ اســان چــاهيون به ڪا ايــڏي وڏي تحــريڪ پيــدا نه ٿا ڪري سگهون. لينن جي بقـول ته تحـريڪن کي ڪنهن منصـوبي تحت پيدا ڪري نه ٿو سگهجي جو ته انجي ظهور جا ڪـوڙ سـارا

شرط يا محرڪ معروضي هوندا آهن نه ڪي موضوعي.

ڇا سنڌي قوم ڪو نه سڌرندي:

هي پهريون دفعو ڪونهي جو چونڊ نتيجا حڪمرانن جي حق ۾ آيا هجن ۾ اهو به پهريون دفعو ڪونهي جو به فتن تائين ڏسي سگهندڙ نام نهاد دانشورن مايوسيءَ وچان سنڌي ڳالهائيندڙن کي غلامي پسند ۽ اردو ڳالهائيندڙن کي نسل پرست چئي پاڻ کي هر قسم جي جوابداريءَ کان آجو ڪري ڇڏيو هجي. درحقيقت انهن ماڻهن جي اها ٻولي به سنڌ تان صدقي ويندڙ ڪجهه قومپرستن ڌڙن جي اثر سبب ڄُڙي آهي جن وري رياست جي حڪمرانن کان اها ٻولي اُڌاري ورتي آهي. جنهن مطابق پوري سماج جو پيداواري چرخو هلائيندڙ پورهيت عوام، جاهلن جو انبوهه هوندو آهي. اها ٻولي قومپرستن جي ايڪڙ ٻيڪڙ پارٽي يا ڌڙي کي چڱي ڪري سين منجهه موجود آهي پوءِ چاهي اُهي چونڊ سياست جو سڌيءَ ريت حصو ٿيندا هجن يا نه. يعني جيڪڏهن عوام ڪنهن احتجاج کي سندن منشا مطابق موت نه ڏني يا ڪنهن اليڪشن ۾ ٻئل قومپرست پارٽي کي ووٽ نه ڏنو ته پنهنجي قوم سان پيار جي سموري دعوائن باوجود قوم کي ميار ڏيڻ جو نه ڪُٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويندو. عام راءِ تي پري جي ڳالهه پر سياسي ڪارڪن به اهو چوندي ٻڌا ويندا ته "سنڌي قوم ڪڏهن ڪونه سڌرندي.". هڪ قومپرست ليڊر ته ويچهي ماضي ۾ ان حد تائين به ويو جو اخبار ۾ سندس هي بيان پڙهڻ لاءِ مليو ته "پي پي کي ووٽ ڏيڻ جي فيصلي تي سنڌي قوم جي غيرت کي ٻڏي مرڻ گهرجي" جڏهن پاڻ کي عوامي اڳواڻ سڏرائيندڙ ليڊر اها ٻولي ڳالهائيندا ته پوءِ عوام پاڻ کي نيستو، ڪمزور، جاهل سمجهڻ ۾ حق بجانب هوندو ۾ نه ويساريو ته حڪمران ٽولا ان نهن چوٽيءَ جو زور به انهيءَ نفسيات کي پيدا ڪرڻ ۾ لڳندو آهي ۾ حقيقي عوامي انقلابي قوتون انجي اُتڙ عوام کي خود اعتمادي ۾ پاڻ پري ٿيڻ يا ڪين انجو احساس ڏيارڻ جو نندي ڪان ننڍو موقعو (بنا ڪنهن وڏي مهم جوئي واري عمل جي حصي ٿيڻ جي) پنهنجي هٿان ناهن وڃائينديون. پر جيئن ته سماج اندر حقيقي انقلابي قوتون

پوئين وڏي عرصي تائين صرف نظرياتي ڪم (اسٽڊي سرڪل، ليڪچر، ميگزين وغيره) واري موضوعي حدبندي يا ايئن ڪٽي چئجي ته پروپيگنڊا واري ڪم ڪان هاڻ ڪجهه اسرڻ شروع ڪيو آهي تنهنڪري اها اچا به ان مادي قوت ٿيڻ ڪان گهٽو پري آهي جو سندس نظرياتي بيهڪ واقعي به حڪمرانن جي نظرياتي هڪ هٽي جو نعم البدل ٿي سگهي. تنهنڪري اڄ به سماج تي حڪمرانن جا خيال غالب آهن، جنهن آڏو ماضي جي مزاحمتي سياست ڏينهون ڏينهن ڪمزور ثابت ٿي رهي آهي. جيڪڏهن پيو ڪجهه نه چوندا نتيجن جي ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ سوشل ميڊيا تي سنڌي ڳالهائيندڙ نوجوانن جي راءِ ڪي ئي سامهون رکجي ته انهن ۾ به پنهنجي ئي عوام ڪي گهٽ وڌ ڳالهائڻ جو رجحان حاوي نظر ايندو. درحقيقت هڪ عوامي سياسي قوت طور جيڪي ڪوتون اسان ڪي پاڻ منجهه يا پنهنجي سياسي اوسر جي ڏاڪي منجهه ڳولهڻ گهرجن سي اسان عوام




منجهه ئي ڳولهي وڏيڪ جواب ڳولهڻ جي ڪوشش ڪي ئي ترڪ ڪري چڏيندا آهيون. هي رويو بيمار ڪي بيماري ڪان ۾ ماڻهوءَ ڪي انجي ماحول ڪان ڌار ڪري نه سگهڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندو آهي. ٻين لفظن ۾ جيڪا نفرت بيماري ڪان ۾ آزادي دشمن حالتن ڪان ٿيڻ گهرجي اها نفرت بيمار ۾ حالتن جي شڪارماڻهو ڪان ڪئي ويندي آهي. ماڻهو ۾ انجي ووٽ واري اختيار ڪي سماجي تاجي ٻيٽي ڪان آزاد ڪري صرف تجريدي انداز ۾ ڏسڻ صرف ڪنهن لبرل جي ئي ڪوشش ٿي سگهي ٿي، ڪنهن مارڪسي ورڪر جي نه. جڏهن اسان انهيءَ سوچ سان پنهنجي تاجي ٻيٽي جو چيد ڪرڻ شروع ڪيون ٿا ته آسانيءَ سان سمجهي وڃون ٿا ته عوامي مزاحمتي سياست جي ڪمزوريءَ سبب ڪهڙا ڪهڙا محرڪ سگهارا ٿي، هڪ ووٽر جي ووٽ واري فيصلي ڪي متاثر ڪن ٿا. انهن منجهه نفرت جي سياست،عدم

تحفظ، برادري وچين طبقي جي موقعي پرستي سميت انيڪ محرڪ ڳٽائي سگهجن ٿا. جن ڪي اسٽيٽسڪو حامي قوتون (پي پي ايم ڪيو ايم) احسن نموني پنهنجي حق استعمال ڪرڻ جون ماهر آهن. مثال طور ڪراچي اندر ايم ڪيو ايم جي ڪٽڻ انهن ماڻهن کي پريشان ڪري وڌو آهي جيڪي ڪراچي آپريشن ايم ڪيو ايم جي سوڙهي ٿيڻ ڪانپوءِ ڪجهه بين نتيجن جي اميد ڪريو ويٺا هيا. اهڙن ماڻهن جو خيال هو ته ايم ڪيو ايم جو ووٽ بينڪ دابڙ دونس جو نتيجو آهي هاٽي ڪراچي جو عوام آزادي سان پنهنجي ووٽ جو اظهار ڪندو. پر انهن ماڻهن اهو ويساري وڌو هو ته هڪ حقيقي آزادي صرف قانوني يا آئيني مامرو نه پر هڪ سماجي ثقافتي مامرو به آهي. ڪراچي آپريشن عوام مٿان ايم ڪيو ايم جي سڌي عسڪري دٻاءُ کي ته ڪنهن قدر گهٽ ڪيو هيو پر ان سماجي، ثقافتي سياسي دٻاءُ جو ڇا ٿيو جيڪو اردو ڳالهائيندڙ عوام جي مٿان جيئن جو تيئن پيو هيو آهي. مثال طور رياست جنهن نفرت جي ثقافت کي هيل تائين طاقت ڏيندي عدم تحفظ جي احساس کي وڌائي وڌڻ ڪيو آهي تنهنجي پاڙ کي ڪراچي آپريشن ڇهيو به ڪونهي نه وري ڇهڻ مقصد هو. جيڪڏهن ڇهڻ مقصد به هجي ها ته تڏهن به آزاد فضا کي پنهنجو (internalize) ڪرڻ وقت لڳي ها. سادن لفظن جيڪڏهن ڳالهه رکجي ته ڪنهن به بيمار جسم جي بهتر ٿيل آپريشن ڪانپوءِ به جسم کي اٿي بيهڻ، پوءِ هلڻ ڊڪڻ وقت ته لڳندو ئي آهي. تنهنڪري ته اسان چوندا آهيون ته سوال مذهبي شدت پسندي جو هجي يا نسلي شدت پسنديءَ جو، انجو حل صرف "درد کا حل دو گولي" نه پر سياسي آهي. جيڪو وس وارن جو مقصد نه اڳ هو نه هاڻ آهي. ان ڏس اردو ڳالهائيندڙ عوام کي ووٽ لاءِ مليل آپشنس تي ئي تورو غور ڪجي ته ڳالهه صفا صاف ٿي وڃي ٿي. سندن سامهون ايم ڪيو ايم کانپوءَ يا ته پي ٽي آءِ جماعتِ اسلامي جو اتحاد هو يا وري پيپلز پارٽي. نتيجي طور اردو ڳالهائيندڙ عوام ان آپشن کي پنهنجو ڪيو جنهن کي هو اڳ استعمال ڪندو آيو آهي.

جمہوری سوال اور فوج کی مقبولیت

عاصم سجاد اختر



پاکستان میں کمیونسٹ تحریک کا سب سے بڑا المیہ یہ رہا ہے کہ طبقاتی جدوجہد، عورت کی آزادی اور دیگر نظریاتی و سیاسی اہداف کو وہ فوقیت حاصل نہیں ہوئیں جو کہ بائیں بازو کی انقلابی تحریک کی بنیاد یں تصور کی جاتی ہیں جس کی وجہ یہ نہیں ہے کہ ہمارے ہاں مذہب کی عام لوگوں پر بہت زیادہ گرفت ہے (جیسا کہ کئی سیکیولرسٹ دعوی کرتے ہیں) بلکہ اس لیے کہ پاکستان میں جمہوری سوال ایک طرح سے بنیادی تضاد کے طور پر قائم رہا ہے۔ یقیناًانگریزی ریاست اپنی ہیت میں عوام دشمن اور غیر جمہوری تھی مگر تقسیم ہند کے بعد ہندوستان اور پاکستان کے مختلف سیاسی منظر ناموں سے واضح ہوتا ہے کہ ایک ملک میں اس عوام دشمن اور غیر جمہوری ڈھانچے کو کسی نہ کسی سطح پر زیادہ جمہوری بنایا گیا جبکہ دوسرے میں آج دن تک بورژوا جمہوریت کے بنیادی ادارے بھی قائم نہ ہو سکے۔

2013ء کے عام انتخابات کے وقت مبصرین نے بڑا چرچا کیا کہ پاکستان کی تاریخ میں پہلی بار ایک منتخب حکومت نے اگلی منتخب حکومت کو اقتدار پر امن طریقے سے منتقل کیا ۔ پاکستانی جمہوریت کے گیت گائے گئے اور امیدیں عروج پر تھیں کہ مستقبل کے جمہوری صفر میں عوام الناس کی زندگیوں میں بھی خاطر خوا تبدیلی آئے گی۔در اصل ایک الیکشن کے ہونے سے معاشی و سیاسی ڈھانچے تبدیل نہیں ہو جاتے۔ نہ ہی سامراجیت کا غلبہ ختم ہو جاتا ہے (جو کہ پاکستان میں غیر جمہوری قوتوں کی یلغار کی بڑی وجہ رہا ہے)۔کئی لبرل لکھاریوں نے پاکستان کو ’’Garrison state‘‘ یعنی کہ فوجی چھاؤنی کے نام سے ایک ریاست کا درجہ دیا ہے اور اس ضمن میں اس کی تاریخی بنیادیں وضح کی ہیں۔ خود انگریزی سامراج کے آخری دورمیں اس وقت کے این ڈبلیو ایف پی کے گورنر سر اولاف کارو نے ’’The Pathans‘‘ نامی کتاب میں لکھا کہ انگریزوں کا برِ صغیر چھوڑنے کے بعد اس کے مغربی شمالی علاقے میں کمیونزم سے دفاع اور مشرقی وسطی کے تیل کی حفاظت کے لیے ایک ایسی ریاست کا قیام ضروری تھا جس کا سیاسی و معاشی نظام ان تقاضوں کو پورا کر سکے۔

تاہم نئی پاکستانی ریاست میں جمہوریت کا قتل محض سامراجی مفادات کا تقاضہ نہیں تھا بلکہ اردو بولنے والے مہاجرین پر مبنی سول افسرشاہی اور ان کے ساتھ ساتھ مغربی پاکستان کے بالادست طبقات کو جمہوریت سے خطرہ اس لیے تھا کہ الیکشن کی

صورت میں مشرقی پاکستان کی بنگالی اکثریت کا اقتدار میں بڑا حصہ حاصل کرنے کا امکان تھا۔ یقیناًفوج کو بھی جمہوریت سے زیادہ پیار نہیں تھا اور شروع دن سے ہندوستان اور افغانستان کے عزائم کو ’’قومی سلامتی‘‘ اور فوج کے بڑھتے ہوئے اثر اثوک کو جواز بنایا گیا۔ پاکستان کے بننے کے چند سالوں کے اندر ہی امریکی سامراج نے فوج کی سرپرستی کرنا شروع کر دیا اور پاکستان کا ایک باقائدہ چھاؤنی کے طور پر ارتقاء ہوگیا۔

فوجی آمروں کی تاریخ یہاں دوہرانا ضروری نہیں ہے، اور نہ ہی ’’قومی سلامتی‘‘ کی ریاست کی ترجیحات کیونکہ اس سب کچھ پر بہت سارا لکھا جا چکا ہے۔ گزشتہ کئی سالوں میں یہ واضح ہوا ہے کہ پاکستانی فوج نے ایک معاشی ایمپائر قائم کرلیا ہے جس کو چلانے اور بڑھانے کے لیے ریاستی نظام پر حاوی رہنا جرنیلوں کی مجبوری بن گئی ہے۔ عمومی طور پر فوجیوں کی کوشش ہوتی ہے کہ کمزور سیاستدانوں کو آگے کیا جائے اور ان کو اپنی مرضی سے چلاتے ہوئے فوج کے معاشی ، سیاسی و نظریاتی مفادات کا تحفظ کیا جائے۔ تاہم مختلف تضادار کی بناء پر جنریل وقتافوقتا برا راست حکومت پر قبضہ کر لیتے ہیں۔

موجودہ حالات کو سمجھنے کے لیے نواز شریف اور (ن) لیگ کی تاریخ کو تھوڑا کریدنا ضروری ہے۔ جیسا کہ عام طور پر جانا جاتا ہے، نواز شریف جنرل ضیا الحق کی آمریت کی پیداوار ہے۔ 1990ء کی دہائی

میں دو بار ان کی پارٹی برسرِ اقتدار آئی، اور گزشتہ
دنوں فوت ہونے والے جنرل حمید گل نے سپریم کورٹ
میں حلفیہ بیان دیا کہ ریاستی ایجنسیوں نے نواز
شریف اور ان کے اتحادیوں کی اقتدار لینے میں باقائدہ
مدد کی۔ یعنی کہ نواز شریف کی سیاسی تاریخ ان
تمام سیاستدانوں سے مختلف نہیں ہیں جنہوں نے
پاکستان میں جنرل شاہی کی نوکری کی ہے۔ تاہم
نواز شریف کا خود کے بارے میں کہنا ہے کہ فوجی
اسٹیبلشمنٹ کی جانب ان کا رویہ 1999ء کی
فوجی بغاوت کے بعد بدلا۔ 2006ء ۔ لندن میں بینظیر
بھٹو کے ساتھ میثاقِ جمہوریت پر دستخط کیا اور ایک
حد تک 2008-13کی پیپلز پارٹی حکومت کاپانچ سالہ
ٹرم مکمل کرنے میں کردار ادا کیا۔ لیکن یہ بھی اپنی
جگہ سچ ہے کہ نواز شریف کی جماعت میں
چوہدری نثار جیسے افراد اس سارے عرصے میں
موجود رہے جو کہ مسلسل فوجی اسٹیبلشمنٹ کی
بی ٹیم میں شامل رہے۔ یہی حالت پاکستان کی تمام
بڑی جماعتوں کا ہے: کہ ان کے اندر جرنیلوں کے ٹاؤٹ
ہمیشہ موجود رہتے ہیں۔ نہ ہی نواز شریف خود
کوئی ترقی پسند آدمی بن چکا ہے۔ سعودی عرب آج
بھی شریف برادران کی قریبی اتحادی ہے اور
مجموعی طور پر (ن) لیگ جہادی حلقوں کے ساتھ
گہرا تعلق رکھتی ہے۔ جبکہ معاشی پالیسیوں کے
لحاظ سے نواز شریف اور (ن) لیگ پیپلز پارٹی اور
عوامی نیشنل پارٹی جیسی جماعتوں سے زیادہ ’’آزاد
منڈی‘‘ کے پیروکار ہیں۔



یہ سب کچھ سمجھنا اس لیے ضروری ہے کہ نواز شریف نے 2013ء کے انتخابات سے قبل کافی سارے دعوے کئے تھے ، مثال کے طور پر کہ ان کی سوچ تبدیل ہو گئی ہے، وہ ہندوستان سے دوستی کرنا چاہتے ہیں، جمہوریت کو مستحکم بنانا چاہتے ہیں ، وغیرہ لیکن اقتدار میں آنے کے تقریبا ایک سال بعد جب جنرل شاہی نے عمران خان اور طاہرالقادری کے ذریعے نواز حکومت کو دیوار کے ساتھ لگادیا تو الیکشن سے پہلے کے تمام تر وعدے پس پشت ہو گئے اور تمام تر پالیس سازی کو بھی جی ایچ کیو کے سپرد کردیا گیا یعنی کہ نہ (ن) لیگ کا مجموعی رجحان آمریتوں کے دور سے بدلا ہے، نہ ہی نواز شریف ذاتی طور پر جمہوریت اور عوام کی خاطر بڑی قربانی دینے کے لیے تیار ہیں۔ آج سارا پاکستان سمجھتا ہے کہ عملی طور پر حکومت جنرل راحیل شریف کے ہاتھ میں ہے اور نواز شریف صرف اور صرف اپنے ذاتی مفادات کی خاطر وزارتِ عظمی کے نشے لے رہے ہیں۔

اس کہانی کا دوسرا پہلو جنرل راحیل شریف کا اچانک پاکستان کا نجات دہندہ بننا ہے۔ جمہوریت کی کمزوری میں جہاں بڑی سیاسی جماعتوں کی

مصلحت ، سامراجی غلبے اور مہاجروں اور پنجابیوں کی بالادستی اہم اسباب رہے ہیں، تو پڑھے لکھے درمیانے طبقے کے غیر جمہوریت رجحانات کو نظر انداز نہیں کیا جا سکتا۔ جن کو میڈیا اور دانشور حلقوں نے بھی بڑھاوا دیا ہے۔ یاد رہے کہ انگریز دور سے ہی ''سیاست'' اور ''administration'' یعنی کہ ''غیر سیاسی انتظامات'' میں فرق کیا جاتا تھا۔ سیاست کے حامیوں میں بھی پڑھے لکھے حلقے تھے مگر بیشتر شہری بابوؤں کا سیاست کی جانب رویہ منفی تھا۔ پاکستان بننے کے بعد پڑھے لکھے حلقوں نے سول افسر شاہی اور فوج میں بھرتیوں کے ذریعے بہت زیادہ ترقی کی اور یہ اتفاق کی بات نہیں تھی کہ فوجی بالادستی کے ساتھ ساتھ سیاست کو بھی ''جاگیر داروں'' اور ''کرپٹ'' طبقات کا کھیل قراردیا گیا۔ 1958ء ۔ میں ایوب مارشل لاء لگتے وقت سب سے اہم نعرہ سیاست کرنے والوں کی کرپشن کو ختم کرنا تھا۔ جو کہ ہر آنے والے فوجی آمر کا بھی نعرہ بنا۔

گزشتہ دو دہائیوں کے دوران شہری مڈل کلاس کی تعداد میں نہ صرف اضافہ ہوا بلکہ سرد جنگ کے زمانے کے طبقاتی سیاست والی زبان کو بھی اس شہری مڈل کلاس نے پس پشت کر کے ''کرپشن'' اور ''میرٹ'' کا پہلے سے بھی زیادہ چرچا کرنا شروع کردیا ہے۔ یقیناً مڈل



کلاس میں فرق بھی کرنا پڑے گا کیونکہ سندھی، بلوچ، سرائیکی یا پشتون مڈل کلاس کا ایک بڑا حلقہ قوم پرستی سے زیادہ متاثر رہا ہے جبکہ پنجابی اور مہاجر مڈل کلاس کا جمہوریت کی جانب رویہ زیادہ گھمبیر رہا ہے۔ تاہم جیسے جیسے مظلوم قوموں کی مڈل کلاس عالمگیریت کے نشے میں آتی جارہی ہے ویسے ویسے اس کے سیاست اور جمہوریت کے حوالے سے رجحانات بھی تبدیل ہوتے جارہے ہیں۔اس پڑھے لکھے مڈل کلاس کی تعداد آج بھی اتنی نہیں ہے کہ وہ انتخابات میں اپنی مرضی کی سیاسی جماعت کو جتا سکے، چنانچہ یہ کافی آسانی سے غیر جمہوری مسیحوں کی جانب مائل ہوجاتی ہے۔ پاکستان کی تاریخ میں جنرل ہی زیادہ مسیح کے طور پر منظر عام پر آئے ہیں مگر 2007-9ء میں چیف جسٹس افتخار چودھری نے وقتی طور پر یہ روپ اپنایا۔ یہاں عمران خان کی سیاست بھی اس کلاس کو آگے آنے کا موقع فراہم کر رہی ہے، اور یہ اتفاق کی بات نہیں ہے کہ تحریک انصاف 2014ء کے دھرنے کے دوران ایمپائر (یعنی کہ راحیل شریف) کی انگلی کی منتظر تھی۔ دھرنا فوری ’’تبدیلی‘‘ کا باعث تو نہیں بن سکا مگر اندازہ تو یہی ہے کہ جنرل شاہی اگلے انتخابات کے لیے عمران خان کو تیار کر رہی ہے۔

اس وقت تک جنرل راحیل شریف پاکستان کا نجات دہندہ رہے گا وہ نہ صرف اسلام کا سپہ سالار ہے، وہ دہشت گردی، کرپشن اور مفاد پرست سیاست کیخلاف اصولی جدو جہد بھی کر رہا ہے۔

میڈیا اور دائیں بازو کے دانشوروں کی طرف سے مسلسل بیان کی جانے والی اس کہانی میں مشکل سوال کوئی پوچھنے کے لیے تیار نہیں ہیں، مثال کے طور پر کراچی میں مہاجر مڈل کلاس کی سیاسی جماعت ایم کیو ایم کو آج ٹھکانے لایا جا رہا ہے تو یہ وہی جماعت ہے جو کہ مشرف آمریت کی سب سے بڑی حمایتی تھی، اور تھوڑے عرصے پہلے تک تو ایم کیو ایم ''سیکیولر'' بھی تھی اور جمہوری بھی۔ آج چونکہ جنرل شاہی نے نئی حکمت عملی بنا لی ہے جس میں ایم کیو ایم کے اثر رسوخ کو گھٹانا ہے تو وہ دہشت گردی کو فروغ دینے لگ گئی ہے؟ یعنی کہ کل فوج کا پسندیدہ گھوڑا آج اس کا سب سے بڑا نشانہ بھی ہے۔ پڑھے لکھے مڈل کلاس کو بھی ایسے تضادات نہیں نظر آتے، بمعہ یہ کہ آج بھی جنرل شاہی مذہبی حلقوں میں سے کئی پر قابو پارہے ہیں اور دوسروں کی سرگرمیوں پر آنکھیں بند کر کے بیٹھے ہوئے ہیں۔

راحیل شریف کو مسیحہ بنانے کے لیے ہندوستان دشمنی کو حزب روایت ابھارا گیا ہے۔ 1965ء کی جنگ کے پچاس سال مکمل ہونے کا بہت بڑا چرچا کیا گیا اور اسی دوران بارڈر پر گولی بھی دونوں اطراف سے چلائی گئی راتوں رات بات چل گئی کہ ہندوستان ہی پاکستان کی تمام مسائل کا زمہ دار ہے اور دلچسپ بات یہ ہے کہ ہمارے شہروں میں پڑھے لکھے حلقے، جن کو پڑھے لکھے جاہل کہنا چاہیے، سب سے زیادہ جنگجو اور رجعتی نعرے لگا رہے تھے۔

نتیجہ یہی نکالا جا سکتا ہے کہ 70سال پورے

ہونے والے ہیں مگر جمہوریت کی لڑائی اسی طرح جاری ہے جیسا کہ ریاست کے وجود میں آنے کے پہلے دن سے جاری ہے۔ وہ مارکسسٹ جو آج بھی سمجھتے ہیں کہ یہ لڑائی بورژوازی کی ہے، ان کو ماننا چاہئیے کہ یہ لڑائی بھی ہماری ہی ہے۔



* موجود پارليامينٽ آئين ۾ 21 هين ترميم پاس ڪئي آهي. ان ترميم جي مهاڳ ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان ۾ انتهائي غير معمولي حالتون موجود آهن. جن کي منهن ڏيڻ لاءِ هي ترميم ڪئي وئي آهي.

ان ترميم تحت آئين جي شق نمبر 175، جيڪا عدليه ۽ انتظاميه کي ڌار ڪري ٿي، ان ۾ هڪ اضافو ڪيو ويو آهي ته هي شق آئين جي پهرئين شيڊول ۾ هن ئي ترميم تحت داخل ڪيل ”پاڪستان آرمي ايڪٽ 1952“ پاڪستان ايئرفورس ايڪٽ 1953“ پاڪستان نيوي ايڪٽ 1961“ ۽ پروٽيڪشن آف پاڪستان ايڪٽ 2014 تي لاڳو نه هوندي.“

پهرئين شيڊول ۾ شامل قانون جي خلاف الڳ سان ان 21 هين ترميم ڪانيوءِ بعد عملدرآمد جو نظام يعني ان هيٺ فوجي عدالتن جو چار ورهيه ويندو.

ان ترميم بعد مٿين چئني ايڪٽن / قانونن خلاف ٿيندڙ جرم فوجي عدالتن ۾ هلڻ جوڳا هوندا جن ڏوهارين جا ڪيس فوجي عدالتن ۾ هلندا انهن جي رسمي اجازت ۽ لسٽ حڪومت ڏيندي.

اهڙين عدالتن کان سزايافته ڏوهارين کي ملڪ جي اعليٰ عدالتن ۾ اپيل ڪرڻ جو حق حاصل نه هوندو. ان آئيني ترميم کي پارليامينٽ ۾ موجود پارٽين سواءِ مذهبي پارٽين ۽ تحريڪ انصاف جي، متفقه طور تي پاس ڪيو آهي. مذهبي پارٽين کي اصولي طورن ترميم تي نه پر ان ۾ موجود ڪجهه لفظن تي

اعتراِض هو. جڏهن ته تحريک انصاف اسيمبلين جي بائيکاٽ ۾ هُئي. آهي ملکي ميڊيا ان آئيني ترميم کي پليکار کئي آهي. ان جي ابتڙ 21 هين آئيني ترميم خلاف وکيلن جي تنظيمن 29 جنوري 2015 تي کارو ڏينهن ملهايو آهي. ۾ ان آئيني ترميم کي سپريم کورٽ ۾ چيلينج کيو آهيِ. مختلف بار ايسوسيئيشن ۾ کائونسلز طرفان سپريم کورٽ ۾ داخل کيل پٽيشنز ۾ عدليه جي آزادي، خودمختياري، آئين ۾ ڏنل بنيادي حقن جي ضمانت ۾ انتظاميه کي عدالتي اختيار ڏيڻ جهڙا سوال شامل آهن. انهن پٽيشنز ۾ اهڙا مختلف 27 قانوني سوال / مامرا ذکرِطئه کيا ويا آهن. جن جا جواب / حل سپريم کورٽ کي ڏيڻا آهن.

پر انهن سيني سوالن ۾ پهريون ۾ بنيادي سوال/مامرو آهي ته ."چا پارليامينٽ آئين جو بنيادي ڍانچو تباهه کندڙ کا آئيني ترميم قانوني طور تي پاس کري سگهي ٿي؟"

ان مٿين سوال- / مامري يا ايکيهين ترميم تي بحث کرڻ ۾ ان کي سمجهڻ لاءِ اسان کي موجوده آئين، ان ۾ ٿيندڙ ترميمن ۾ قانون ۾ سياست جي مجيل اصولن هيٺ هک بورجوا رياست جي بنيادي ڍانچي کي سمجهڻو پوندو. پيو ته آئين کنهن به ملک ۾ رهندڙ عوام جي زندگي، طرز حکمراني، جمهوريت، رياست، ۾ پين بنيادي مامرن لاءِ ٺوس اصول بيان کندو آهي ۾ ان ۾ ترميمون وقت آهر ٿينديون رهن ٿيون پر کنهن نئين مامري يا پيدا ٿيل اهڙي رکاوٽ جيکا بنيادي اصولن جي واڌ ويجهه ۾ رکاوٽ پئدا کندي هجي ته اهڙي رکاوٽ کي هٽائڻ لاءِ کا ترميم کئي ويندي آهي.

مختصر وقت لاءِ کو به آئين يا قانون نه جوڙيو ويندو آهي. بلکه افاديت جي لحاظ کان جيکڏهن کو بهتر ۾ واضح حل موجود هوندو آهي ته اهڙي حل کي مستقل بنيادن تي شامل کيو ويندو آهي. ها مختصر وقت لاءِ ثانوي قانون ۾ کي پابنديون، هدايتون يا کي مختصر طريقيکار ته جوڙي سگهجن ٿا پر عجب اهو آهي ته هتي آئين ۾ اهڙي عارضي ترميم کئي وئي آهي. ايکهين ترميم جو مامرو عدالت ۾ هجڻ سبب اهڙي سوال جو سنئون سڌو يا مختصر جواب ڏيڻ بجاءِ اچو ته تفصيلي جائزو وٺون.

پارليامينٽ:

ڪنهن به ملڪ ۾ پهرئين پارليامنيٽ جي جوڙت آئين ساز ٿيندي آهي جيڪا ملڪي تاريخ- عوامي جدوجهد، تاريخي معاهدن، انساني آزادي ۽ حقن، فرض ۽ ادائيگين جي انتهائي اهم دستاويز جوڙيندي آهي جيڪو انتهائي اهم دستاويز يا آئين ٿي پوندو آهي. ان بعد اهڙي پارليامينٽ ڪي تحليل ڪندي نئين قانون ساز پارليامينٽ جڙندي آهي، جيڪا خود پابند هوندي آهي ته هو آئين سان اهڙي ڇيڙ ڇاڙ نه ڪري جيڪا آئين ساز پارليامينٽ جي طرفان طئه ٿيل اصولن ۽ معاهدن جي ابتڙ يا ان سان دشمنائي تضاد ۾ هجي. بلڪه هو حالتن ۽ واقعن تحت انهن اصولن ۽ معاهدن جي بهتري لاءِ ئي قانون جوڙيندي آهي ۽ آئين ۾ پڌايل طريقي تحت ئي ترميم ڪري سگهندي آهي.

جڏهن ته ساڳي وقت ان قانون ساز پارليامينٽ کي ان آئين تحت ملڪ ۾ قانون سازي ڪرڻ هوندي آهي.

عدليه:

عدليه آئين ۽ قانون جي حڪمراني بابت نگهباني ڪندڙ ادارو آهي. آئين سازي بعد هو ان جيو نگهبان ۽ ان جي تشريح حالتن ۽ واقعن تحت ڪندي آهي. آئين ۾ ڏنل انساني حقن، فرض ۽ انهن جي ادائيگي جي ضمانت عدليه کي ڏيڻي هوندي آهي. عدليه کي آئين سازي بعد ٿيندڙ قانون سازي تي نظرثاني جو اختيار حاصل هوندو آهي ته جيئن هو آئين جي ابتڙ يا دشمنائي تضاد ۾ ٺهيل قانون کي منسوخ قرار ڏئي ڇڏي.

جڏهن ته عدليه کي پارليامينٽ پاران آئين ۾ ترميمن تي به محدود نظرثاني جو اختيار حاصل هوندو آهي.

انتظاميه: (سياسي-رياستي)

ملڪ جي انتظاميه چونديل نمائندن تي مشتمل هجڻ سبب ڪيس عوامي مفادن تحت ڪم ڪرڻو هوندو آهي، جنهن جو پهريون اظهار ”سياسي انتظاميه-سياسي عامله“ هوندي آهي ۽ ٻئي مرحلي ۾ رياستي انتظاميه بيوروڪريسي يا نوڪر شاهي هوندي آهي. ان جو ڪم ملڪي انتظاميه، قانون جي حڪمراني

۾ عدليه جي حڪمن تي عملدرآمد ڪرائڻ هوندو آهي.

انهن ٽنهي ٿنڀن پارليامينٽ، عدليه، انتظاميه کي ترتيب وار آئيني طاقت، عدالتي طاقت ۽ انتظامي طاقت حاصل هوندي آهي. آمريڪا جي آئين ۾ انهن ٽنهي طاقتن لاءِ "طاقتن جي ورهاست" :Sepration of Power: جو نظريو شامل ڪيو ويو آهي.

اها ته آهي قانون جي عام تشريح پر جنهن ملڪ جي حاصلات بعد سياستدان ملڪ کي ڪو آئين ڏيڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿيا هجن ۽ وري طويل عرصو ملڪ بغير آئين جي رهيو هجي يا اتي ڪنهن به آئين بجاءُ "نظريه ضرورت" جي هڪ اهڙي قانون جي حڪمراني رهي هجي جنهن جو جوبه هر هي قانوني اصطلاح آهي ته

That which otherwise is not lawfull Necessity:
:makes lawful

"جيڪڏهن ڪنهن طرح قانون ناهي ان کي ضرورت قانون بنائي ٿي."

تڏهن رياست جي عمل اصولن، قانونن، جمهوريت، آئين عوامي حق حڪمراني بجاءِ "ضرورت" جي مقبولي تي بيٺل آهي اُها "ضرورت" ڪنهن به طرح متئين اصطلاحن جي بهتري ۾ واڌاري بجاءِ "مبهم ضرورت" بهاني يا مخصوص حڪمران طبقي، اسٽبلشمنٽ جي مخصوص مفادن جي ضرورت جو اظهار بيهي ٿي.

ان متين سمجهاڻي بعد اسان پاڪستان جي 1973 جي آئين ۾ 21 ترميم جي بحث تي واپس اچون ٿا.

1973 جو آئين آمريڪا جي آئين وانگر واضح لفظن ۾ طاقت جي ورهاست (Sepration of Power) جي نظرئي کي قبول نه ٿو ڪري پر 1973 جي آئين جو آرٽيڪل "157" آئين جي جوڙجڪ بعد عدليه کي انتظاميه کان ڌاڪي به ڌاڪي الڳ ڪرڻ جي عمل جي شروعات ڪري ٿو جنهن تحت ان اوسر سبب ئي 1996ع ۾ هڪ صدارتي آرڊيننس تحت ضلعي سطح تائين مئجسٽريٽ جي انتظامي ۽ عدالتي عهدن کي الڳ ڪيو ويو ۽. انتظامي مئجسٽريٽ Executive Magistrate جو عهدو ختم ڪيو ويو.

ٻي طـرف مـارچ 1996ع □ ججز ڪيس جي فيصـلي تحت عدليه جي انتظاميه کان آزادي يا ان □ مداخلت کي انتهائي گهٽ ڪيو ويو. ان ڪيس جي فيصلي تحت سپ کان سينيئر جج کي چيف جسٽس سپريم ڪورٽ □ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس بنايو ويندو. هاءِ ڪورٽ جي مستقل چيف جسٽس جي مرضي خلاف بدلي نه ڪئي ويندي □ ججن جي مستقل جاين تي عارضي ڀرتيون نه ڪيون وينديون.

ٻئي طرف 1973ع جو آئين پاڻ کي مستقل بنيادن جو سماجي معاهدو قرار ڏيڻ لاءِ آئين □ آرٽيڪل 6 رکي ٿو جنهن تحت آئين جي منسوخي ”ڪنهن طرح“ جائز نه آهي □ اهڙي منسوخي سنگين غداريءَ جي ڪاتيڏمري □ اچي ٿي.

اهي ٻئي آئيني ضمانتون واضح ڪن ٿيون.

مستقل طور تي 1973ع جيو آئين جي ٺيڪ حالت □ قانوني اصولن تحت بحالي ان ڳالهه جي لاءِ رستو هموار ڪري ٿي ته ملڪ □ پارليامينٽ جي سياسي حڪمراني □ آزاد عدليه هجي. پر اسان جهڙن سماجن □ رياست جا ڪرتا ڌرتا قطعي به اهڙي اوسر کي قبول نٿا ڪن □ اهڙي تحريڪ کي رستو ڏيڻ لاءِ راضي نه هوندا آهن جيڪا ڪنهن به جمود خلاف هجي يا رياست جي اهم ادارن کي سول □ عوامي بنيادن تي بيهارڻ جي لاءِ هجي.

تڏهن 1973ع جي آئين تي سڀني تنقيدن باوجود اسان کي اهو قبول ڪرڻو ئي پوندو ته 1973ع جو آئين ملڪي اسٽبلشمينٽ کي هڪ حد تائين روڪي رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته 1973ع جي آئين □ (21 هين ترميم کان اڳ) ملڪي فوج جو سول حڪومت جي سڏ تي مدد ڪرڻ کان سواءِ ڪو آئيني ڪردار نه آهي. تڏهن ملڪ جي اسٽيبلشمنٽ ملڪ جي خارجه □ داخله پاليسي تي ڀاڙي ٿي. ملڪ جي خارجه پاليسي مڪمل طور سندن ڪنٽرول □ آهي. سول حڪومتون ڪنهن اهڙي مراعت کان مڪمل آجيون آهن سواءِ چند معاشي معاهدن □ نجڪاري جي معاملن جي.

”1973ع جو آئين □ ان □ ٿيل ترميمن جو وچور:“

پاڻ جڏهن 1973 جي آئين □ ٿيندڙ ترميمن جو جائزو وٺنداسين ته اسان کي اهو صاف نظر ايندو ته پاڪستان جي

آئين ۾ جيڪي ترميمون ٿيون آهن اُهي اسٽبلشمينٽ جي پيدا ڪيل دٻاءُ ۾ ان دٻاءُ بعد شديد سياسي خوف يا غير يقيني جي حالتن جي ڪري سول حڪومتن پارليامينٽ انهن ڪي مجبوري ۾ پاس ڪندي رهي آهي اهڙيءَ ريت هن اسٽبلشمينٽ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن جا مستقبل ۾ انتهائي اگرا نتيجا نڪتا آهن.

مثال طور: ڀٽي صاحب جي دؤر ۾ ان ساڳيءَ ئي پارليامينٽ 1973ع جي آئين ۾ 7 ترميمون ڪيون جنهن آئين کي پاس ڪيو هو اهي ترميمون ڪنهن به طرح جمهوريت، عوام دوستي، ۾ پارليامينٽ جي ڀلائي ۾ ان جي مضبوطي لاءِ نه هيون.

پهرين ترميم 1974ع ۾ ڪئي وئي جنهن ۾ آئين جي آرٽيڪل 17 ۾ اهو شامل ڪيو ويو ته حڪومت سپريم ڪورٽ ۾ ريفرنس داخل ڪري ڪنهن به سياسي پارٽي کي غير قانوني قرار ڏياري سگهي ٿي.

ٻي ترميم به ساڳي سال ۾ ٿي جنهن ۾ آئيني طور تي مسلمان جي تعارف جو تعين ڪيو ويو ۽ته احمدين کي غير مسلم قرار ڏنو ويو.

هي ترميم سماجي طور تي ملڪ ۾ مذهبي شدت پسندي، تشدد، ۽ ڊاهه، ۾ عوام ۾ مختلف ڌرين طرفان پيدا ڪيل مذهبي ورڇوتين کي مڪمل آئيني تحفظ فراهم ڪرڻ واري ترميم هئي. ٻئي طرف جيڪڏهن سماج ۾ اهڙي ڪنهن "مذهبي" تعريف جي اشد ضرورت هئي به ته ان کي ماتحت قانون ۾ متعارف ڪرائي ان مامري کي ثانوي بنيادن تي حل ڪري سگهجي پيو.

پر ملڪ جا سياستدان جيڪي آئين ۾ قانون جي سماج تي پوندڙن اثرن ۾ نتيجن يا ڪنهن به اهڙي عمراني مامرن کان ويڳاڻا هجڻ ڪري، اهڙيون وڏيون ترميمون به ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن. 1975ع ۾ ٽين ترميم صدر جي اختيارن ۾ اضافي ۾و، ملڪي شهرين کي نظربندي کان آئيني تحفظ خلاف هئي.

ٽين ترميم ۾ صدر کي اهو اختيار ڏنو ويو ته هو ته . اهو ريفرنڊم ڪرائي سگهي ته وزيراعظم پاڪستان کي عوام جو اعتماد حاصل آهي يا نه.

چوٿين ترميم ۾ نظربند ماڻهن کي هاءِ ڪورٽ کان ضمانت

ڪرائڻ جي حق جو خاتمو هو.

پنجين ترميم هاءِ ڪورٽ جي جج ڪِي سندس مرضي بنان سپريم ڪورٽ ۾ مقرري لاءِ هئي ۽ اهڙي ڪنهن به مقرري کي نه قبوليندڙ جج کي جبري رٽائر ڪرڻ هو.

انهن ٽين ترميمن جو دؤر آئين جي خالق پارليامينٽ/ذوالفقار علي ڀٽو جو دؤر آهي. جن اهڙيون ترميمون پاس ڪري هي روايت وجهي ڇڏي ته آئين ۾ اصول يا عوام جي مزاج ۾ي مفادن وٽان مستقل سياسي ۽ عسڪري مفادن جي پلائي لاءِ ان کي ٽوڙي مروڙي سگهجي.

وقتي مفادن ۾ ملڪ ۾ محدود سياسي حڪمراني لاءِ آئين سان هٿ چراند ان جي شڪل بگاڙڻ جو اهو عمل انتهائي خطرناڪ هو. جنهن ضياءَ جي مارشلاءِ ۾ اٺين آئيني ترميم کي جنم ڏنو.

جڏهن ته ساڳي وقت تي بلوچستان ۾ چونڊيل حڪومت جو خاتمو. ۽ گورنر راڄ جو نفاذ ۾ نعپ تي پابندي. نعپ جي سياسي اڳواڻن جي گرفتارين، نظربندي، بلوچستان ۾ فوجي ڪاهه، پختونخواهه جي حڪومت سان مرڪز ۾ پٽي جو ٽڪراءُ.

ٻي طرف PNA جي تحريڪ، قادياني مخالف تحريڪ وغيره وغيره آئيني ۾ جمهوري روايتن کي مضبوط ٿيڻ ئي نه ڏنو. ۾ اهڙيءَ طرح ملڪ ضياالحق جي مارشلا جي ور چڙهيو.

”1973ع جو آئين ۾ ان بعد لڳل مارشلائون:
”ضيا آمريت:“



1973 جي آئين ٺهڻ بعد ملـ
وار ضيا الحق جي مارشلا ۾
5 جولاءِ 1977ع تي جنرل
اسيمبليون ٽوڙي، آئين جي
بچيل آئين، مارشلا ۾ ريگيو
هن پنهنجي پهرئين تقرير ۾
پاڪستان ملڪ جو انتظام
مختلف حصن تي عمل درآ
ملڪ جا انتظامي معاملا مل

انتظاميه جو سربراهه چيف مارشلا ايڊمنسٽريٽر هوندو. صوبن جو انتظامي سربراهه صوبي جو مارشلا ايڊمنسٽريٽر هوندو.

وفاقي ۽ صوبائي ادارن جا سيڪريٽري پنهنجن ادارن جا سربراهه هوندا.

اِنهيءَ سان گڏ ٽن مهينن اندر شفاف اليڪشن جو واعدو ڪيو ويو.

20 سيپٽمبر 1977ع تي محترمه نصرت ڀٽو سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ هڪ آئيني درخواست داخل ڪئي جنهن ۾ هن مارشلا کي چيلينج ڪيو. 10 نومبر 1977ع تي سپريم ڪورٽ ان جو فيصلو ٻڌايو. چيف جسٽس يعقوب علي خان کي هٽائي جسٽس انوار الحق کي چيف جسٽس آف پاڪستان مقرر ڪيو ويو. جنهن جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ پنهنجي انهيءَ فيصلي ۾ ”نظريه ضرورت“ ”Doctrine of Necessity“ تحت مارشلا کي جائز قرار ڏنو. ياد رهي ته 1954ع مولوي تميز الدين ڪيس جي سنڌ چيف ڪورٽ جي فيصلي جي خلاف فيڊرل ڪورٽ جي جسٽس منير گورنر جنرل جي غير قانوني غير آئيني قدمن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ”نظريه ضرورت“ کي پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جي فيصلي ۾ منظور ڪري نظريه ضرورت کي قانوني طرح ”Presidents Rule“ يا ”Case law“ جو درجو ڏنو هو. انهيءَ کان اڳ دوسو ڪيس ”Dosso Case“ ۾ جسٽس منير موقعي پرستي جي انتها ڪندي آسٽرين قانوندان هينس ڪيلسن ”Hans Kelson“ جي قانوني نظرئي ”General Theory of law and state“ کي استعمال ڪندي، اسڪندر مرزا ۽ ايوب خان جي مارشلاءِ کي جائز قرار ڏنو هو.

ان فيصلي ۾ عدالت لکيو ته هڪ ڪامياب فوجي انقلاب بذات خود هڪ نئون قانوني نظام هوندو آهي. جج ۽ عدالتون هاڻي نئين قانون جون پابند آهن نه ڪي پراڻي جون، تنهنڪري عدالتون اهڙي ڪنهن به درخواست جي ٻڌڻي نه ڪنديون يا اهڙو ڪو به فيصلو نه ڏينديون جيڪو منسوخ ٿيل آئين تحت هجي اهڙي طرح هڪ قانوندان جو ڏنل نظريو اسان وٽ سپريم ڪورٽ جي مهرباني سان قانوني ٻوليءَ ۾ ”Stare

”Descision يا اهو ”نظير“ بڻجي پيو جنهن کي سپريم ڪورٽ طرفان تحفظ حاصل ٿيو ۾ آئينده اهڙي ڪنهن به يا ملندڙ جلندڙ معاملي ۾ ”مثال“ طور پيش ڪري سگهجي پيو.

هن نظير کي قانوني شڪل ڪنهن به پارليامينٽ نه ڏني هئي.

نصرت ڀٽو ڪيس ۾ چيف جسٽس انوارالحق ساڳي طريقي سان نظريه ضرورت ”Doctriwe Doctrine of Necessity“ تحت افواج پاڪستان جي ان غير آئيني قدم کي جائز قرار ڏنو ۾ اڳي ڪان به په قدم اڳتي وڌندي چيف مارشلا ايڊمنسٽريٽر ضياالحق کي مارشلا آرڊرز، ريگوليشنز جاري ڪرڻ ۾ آئين ۾ ترميم ڪرڻ جا شخصي اختيار پڻ ڏئي ڇڏيا.

تنهن تي چيف مارشلا ايڊمنسٽريٽر جنرل ضيا الحق پاڻ آئين ۾ ترميمون ڪيون، جنهن ۾ ججن لاءِ نئون حلف نامو جنهن ۾ آئين سان وفاداري جو جملو ڪٽيل هو ۾ ججن کي مارشلا جي حڪمن ۾ عملن تي ڪنهن به نظرثاني جو اختيار نه هو.

MRD جي انتهائي وڏي سياسي تحريڪ بعد ضيا الحق مجبور ٿيندي فيبوري 1985ع ۾ غير جماعتي اليڪشن ڪرائي مارچ ۾ آئين جي بحالي جو آرڊر پاس ڪيو.

اجان غير جماعتي بنيادن تي چونڊيل ميمبرن حلف ئي نه کنيو هو ته آئين جو چهرو مسخ ڪرڻ لاءِ ائين ترميم جو بل پيش ڪيو ويو.

17آڪٽوبر 1985ع تي ائين ترميم منظور ڪئي وئي. هي اهڙي ترميم هئي / آهي جنهن آئين ۾ انتهائي تباهه ڪن تبديليون ڪيون. جنهن ۾ صدر پاڪستان جي اختيارن ۾ انتهائي گهڻو اضافو ڪيو ويو. ۾ ان جي چونڊ جي طريقيڪار ۾ به تبديلي آندي وئي. ان حد تائين جو ان تي کي 58 (2) B تحت اهو اختيار ڏنو ويو ته هو ڪنهن به وقت پنهنجي صوابديد تي ملڪ جي چونڊيل اسيمبلين کي ڊاهي سگهيو ٿي.

ان هڪڙي ئي شق کي ڏسجي ته ان تحت ملڪ جي سڀ کان اهم ۾ چونڊيل سياسي ادارن تي راتاها هنيا ويا يا وري شديد دٻاءُ پيدا ڪيو ويو ۾ عوامي مينڊيٽ جو ڪوبه احترام نه ڪيو ويو هن اختيار تحت هڪ دفعو محمد خان جوڻيجو، به دفعا محترمه

بينظير ڀٽو □ هڪ دفعو نواز شريف جي حڪومت کي گهر پيٽڙو ڪيو ويو. ان تي ئي اٺين ترميم تحت 1977ع کان وٺي 1985 تائين چيف مارشلا ايڊمنسٽريٽر جي سيني قدمن، حڪمن کي آئيني تحفظ ڏنو ويو. □ انهن کي ڪنهن به عدالتي نظرثاني کان مٿانهون قرار ڏنو ويو.

ضيا الحق جي موت بعد آيل جمهوري □ سياسي حڪومتون اِهو ست ئي نه ساري سگهيون ته .اٺين ترميم“ سبب آئين جي بگڙيل شڪل کي سڌاري سگهن.

1988ع جي اليڪشن بعد B(2)58 جي آئيني شق ڪنهن به سول حڪومت □ چونڊيل اسيمبليءَ جي ڪنڌ تي لٽڪندڙ تلوار رهي. اها ترميم ملڪ □ اچي ڪاري جي مالڪن کي ايتري ته پياري رهي آهي. جو جڏهن سياستدانن ان عذاب مان جان ڇڏائڻ لاءِ سال 1997ع □ آئين □ تيرهين آئيني ترميم پاس ڪري B(2)58 تحت صدر جي اسيمبلين کي ڊاهڻ جي اختيار کي منسوخ ڪيو □ ان بعد وري 14 آئيني ترميم ڪئي وئي. جنهن تحت اسيمبليءَ ميمبرن جي فلور ڪراسنگ يا وفادارين تبديل ڪرڻ تي پابندي وڌي وئي ته انهن پنهي آئيني ترميمن خلاف ملڪ □ پيونچال اچي ويو. ملڪي اسٽبلشمنٽ جي چاڙتي ٽڏهوڪيو چيف جسٽس سجاد علي شاهه 24 آڪٽوبر تي چوڏهين آئيني ترميم خلاف داخل ڪيل درخواست تي بنان ڪنهن ڊر کي ٻڌڻ جي 14 ترميم کي منسوخ ڪري ڇڏيو.

ٻي ڏينهن يعني 31 آڪٽوبر 1997ع تي 13 ترميم کي به چيلينج ڪيو ويو.

2 ڊسمبر 1997ع تي هڪ ئي وقت سپريم ڪورٽ □ ٻه عدالتون لڳيون. ڪورٽ نمبر 1 □ جسٽس سجاد علي شاهه جي سربراهي □ جڙيل تي رڪني بينچ 13 هين ترميم کي رد ڪيو جڏهن ته ساڳي ئي ڏينهن تي ڪورٽ نمبر 2 □ جسٽس سعيد الزمان صديقي جي سربراهي □ جڙيل ڏهه رڪني بينچ ”ججز ڪيس 1996“ جي روشني □ چيف جسٽس سيد سجاد علي شاهه کي ڪم ڪان روڪي ڇڏيو □ ان جي 13 آئيني ترميم خلاف ڏنل فيصلي کي به معطل ڪري ڇڏيو.

اهڙي طرح عدليه جي ايماندار ججن پنهنجي صفن □ بغاوت ڪندي ٽڏهوڪي چيف جسٽس سجاد شاهه جي اسٽبلشمينٽ

سان ساز باز ۾ انهن جي دلاليءَ خلاف قابل تحسين ڪم ڪيو. اهڙي طرح تيرهين ترميم بحال ٿي وئي جنهن تحت 58(2)B جو خاتمو ٿي ويو.

عجيب اتفاق آهي ته 13 ۽ 14 ترميم پاس ڪرائيندڙ ساڳي اسيمبليءَ آئين ۾ پندرهين ترميم پاس ڪرائڻ لاءِ پچ ڊڪ شروع ڪئي ۾ 1998ع ۾ نواز شريف آئين ۾ 15 ترميم جو مسودو تيار ڪرايو جنهن تحت قرآن ۽ سنت ڪي سپريم لا قرار ڏيارڻ هو. هي آئيني ترميم قومي اسيمبليءَ مان پاس ٿي چڪي هئي ۽ سينٽ ۾ بحث هيٺ هئي. ته 12 آڪٽوبر 1999ع تي جنرل پرويز مشرف قومي اسيمبليءَ ۽ سينٽ پنهي کي ٽوڙي ڇڏيو. اهڙي طرح هي پندرهين آئيني ترميم جو بل غير مؤثر ٿي ويو.

"مشرف آمريت"

ضياءُ جي مارشل لا بعد 1973ع جي آئين تي پيو وڏو وار مشرف جو ي آمريت هُئي. ڪود تاهيو هو. هن فوجي ڪاهه تحت مشرف پنهنجي پهرئين خطاب ۾ چيو ته "عزيز هم وطنو...... هٿياربند فوج آخري حل طور ملڪ جو انتظام سنڀالي ورتو آهي ته جيئن ملڪ کي وڌيڪ غير يقيني کان بچايو وڃي" 14 آڪٽوبر 1999 "ملڪ ۾ باضابطه هنگامي حالتن جو اعلان ڪيو ويو. آئين کي معطل ڪيو ويو. مشرف ملڪ جو چيف ايگزڪيٽو بڻيو.

قومي ۽ صوبائي اسيمبليون معطل ڪيون ويون پي سي او جاري ڪندي اهو حڪم نافذ ڪيو ويو ته چيف جسٽس ايگزيڪيوٽو جي عملن کي ڪنهن به ڪورٽ ۾ چيلينج نه ڪيو ويندو مشرف جي ان ايمرجنسي ۽ غير آئيني قدم خلاف قومي اسيمبليءَ جي ميمبر سيد ظفر علي شاهه سپريم ڪورٽ ۾ آئين جي (3)184 آرٽيڪل تحت هڪ پٽيشن داخل ڪئي.

مشرف سرڪار کي ڊپ هو ته شايد سپريم



ڪورٽ ان خلاف فيصلو ڏئي تڏهن پيو "PCO" جنوري 2000 ۾ جاري ڪيو. جنهن تحت سپريم ڪورٽ جي ججن کان نئون حلف وٺڻ جو آرڊر جاري ٿيو. نئون حلف ان ڪري جيئن اهي آئين جي پاسداري جي حلف جا پابند نه رهن، حلف نه وٺندڙ ججن کي جبري رٽائر ڪيو ويو.

جنهن تحت سپريم ڪورٽ جا هيٺيان ڇهه معزز جج نئون حلف نه وٺڻ جي ڪري جبري رٽائر ٿي ويا.

چيف جسٽس سيد الزمان صديق (2) جسٽس خليل الرحمان، (3) ناصر اسلم زاهد (4) جسٽس مامون قاضي (5)جسٽس وجيهه الدين احمد (6) جسٽس ڪمال منصور 12 مئي 2000ع تي سپريم ڪورٽ جي 12 ججن چيف جسٽس ارشاد حسن خان جي سربراهي ۾ ان پٽيشن جو فيصلو ٻڌايو.

ان فيصلي ۾ مشرف سرڪار جي ٻڌايل ”واقعاتي حقيقتن/افسانن“ کي مڃيو ويو ۾ ان تحت بيگم نصرت ڀٽو ڪيس ”1977“ ۾ طئه ڪيل ”نظير“ Precedents تحت ”نظريه ضرورت“ کي قبول ڪندي، ملڪ جي سڀ کان اهم دستاويز آئين پاڪستان بجاءِ مختلف حالتن ۾ واقعن جي گهڙيل ڪهاڻين کي قبول ڪندي، نه صرف ڀٽو ڪيس 1977ع ۾ طئه ڪيل قانوني نقطي.

”Salus Populi Suprma lex“

”The walfare of people is the supreme law

کي ملڪ مٿان لاڳو ڪندي، مشرف سرڪار کي جائز قرار ڏنو ويو. ۾ ان کي اڃا ٽن سالن جي مدي تائين ملڪ تي حڪمراني ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو. ۾ جنرل مشرف فرد واحد کي آئين ۾ ترميم ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو. (جيڪو مشرف گهريو به نه هو، بس اها هڪڙي هدايت ڪئي وئي ته ٽن سالن اندر مشرف ملڪ ۾ شفاف چونڊون ڪرائيندو.)

يعني پاڪستان جي اعليٰ عدالت پنهنجي پراڻي روايت ”ڪُتي حلال ڪرڻ“ تي قائم رهي.

سپريم ڪورٽ جي ڏنل يا جائز ڪري ڏنل اختيارن تحت مشرف 20 جون 2001ع ۾ پاڻمرادو صدر پاڪستان بڻيو ان بعد 30 اپريل 2002ع تي ريفرينڊم ڪرائي پنهنجي صدارتي عهدي ۾ 5 سالن جو اضافو ڪيائين 21 آگسٽ 2002 تي LFO جاري

ڪيائين جنهن تحت ملڪ ۾ چونڊون ٿيون ۽ ق ليگ جي حڪومت ٺهي. متحده مجلس عمل جي مهرباني سان 17 هين آئيني ترميم پاس ڪرايائين جنهن تحت صدر کي اسيمبليون ٽوڙڻ جو اختيار حاصل ٿيو ۽ نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي قيام ذريعي افواج پاڪستان کي آئيني ڪردار ڏنو ويو. جڏهن ته ”LFO 2002“ کي آئيني تحفظ ڏنو ويو. اهڙي طرح ملڪ آئيني طور تي ئي مشرف آمريت ۽ اسٽبلشمينٽ جي چنبي ۾ اچي ويو.

پارليامينٽ ۾ سياستدان ڪنهن به وڏي مزاحمت بجاءِ مشرف آمريت سان ٺهڪاءُ ۾ هلڻ لڳا.

مشرف آمريت سان وڏو ٽڪراءُ 2006-2007 ۾ سپريم ڪورٽ جي ڪجهه عوامي مفادن تحت ڏنل فيصلن تان شروع ٿيو. اهو ٽڪراءُ بنيادي طرح غير سياسي ۽ رياست جي سول ۽ ملٽري ادارن جو ٽڪراءُ هو. جنهن ۾ عدليه پنهنجي آزاد قيام يا اسٽبلشمينٽ جي دٻاءُ کان ٻاهر اچڻ لاءِ عوامي بنيادن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي.

عدليه جي اهڙي طرح رياست جي معاملن ۾ عدالتي سرگرمي-طاقت جي هڪ محور ٻڻجڻ جو عمل ملڪ مٿان حڪمران طاقت جي ٽنپ رياستي انتظاميه يا بدقسمتي سان ان وقت جي حڪمران ڌر (فوج+ايجنسيون+بيوروڪريسي) سان ٽڪراءُ ۾ ٿي بيٺي.

عدليه جي سياست کان ڌار هڪ آئيني، قانوني اداري جي حيثيت ۾ هوندي به ان کي پنهنجي بحالي لاءِ غير قانوني طريقن، ڌرڻن، احتجاجن، هڙتالن، لانگ مارچن جو سهارو وٺڻو پيو. ملڪ جي وڏين سياسي پارٽين جو مشرف آمريت سان ٽڪراءُ هن تحريڪ کي ”مشرف هٽايو“ تحريڪ تائين وٺي آيو.

ملڪ جي سول سوسائٽي، سياستدانن، ترقي پسندن، قومپرستن مذهبي پارٽيون هن تحريڪ ۾ گرفتارين، تشدد، 12 مئي ۽ 9 اپريل جي شهادتن ۾ رت جو ريج تي ان تحريڪ کي ڪاميابي ڏانهن وٺي ويون. عدليه بحالي بعد مشرف آمريت جي طرفان 3 نومبر 2007 تي لڳايل ايمرجنسي خلاف داخل ڪيل پٽيشن تي 30 سيپٽمبر 2007ع تي سپريم ڪورٽ جي 14 ججن تي مشتمل لارجر بينچ چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري جي

سربراهي ۾ هڪ تاريخ ساز فيصلو ڏنو جنهن ۾ اِهو واضح لفظن ۾ پڌايو ويو ته چيف آف آرمي اسٽاف کي ڪوبه اختيار حاصل نه آهي ته هو ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري.

”3 نومبر 2007ع تي مڙهيل ايمرجنسي غير آئيني ۽ غير قانوني هئي. ٻوگر ڪنهن به صورت ۾ چيف جسٽس نه هو نه ئي ان جا فيصلا ڪنهن به طرح جائز هئا. ججن لاءِ 1973ع جي آئين تحت تي حلف کڻڻ ۽ ان جي پاسداري لازمي آهي. 1973ع جي آئين خلاف ڪنهن به قسم جي سازش، منسوخي، يا ڪنهن ٻئي قانوني ڍانچي جي ڪابه حيثيت نه آهي.“

مٿئين فيصلي جي روشني ۾ پارليامينٽ لاءِ اهو انتهائي آسان هو ته هو آئين جي آرٽيڪل 6 تحت مشرف کي ملڪ جو سنگين غدار قرار ڏئي ڇڏي.

پر پارليامينٽ ڪنهن به اهڙي جهيڙي وارڻ کان پنهنجي نااهلي ثابت ڪري ڇڏي. اسامه بن لادن جي پاڪستان ۾ مارجڻ وقت ملڪي اسٽبلشمينٽ شديد مالي دٻاءُ ۾ هئي پر پارليامينٽ پنهنجي هر طرح جي نااهلي کي ثابت ڪيو.

آئين جي غداري خلاف فيصلو هجڻ باوجود پارليامينٽ عدالتي حل جو رستو اختيار ڪيو. جيڪو ڏينهون ڏينهن مشڪوڪ ٿڄندو پيو وڃي. اهو اسان جهڙن سماجن جو انتهائي اهم مسئلو آهي ته تئين دنيا جوِي پڇ لٽڪاءُ بورجوازي پنهنجي ملڪن ۾ سول بورزوازي جي جمهوريت ۾ آئين تحت حڪمراني قائم ڪرڻ کان به نااهل آهن.

نواز شريف جي ڳري مينڊنٽ واري حڪومت پنهنجي انتهائي خراب ڪارڪردگي ۽ نااهلي سبب گوڏا کوڙي چڪي آهي يقين ئي نه ٿو اچي ته ڪجهه مهينا اڳ پارليامينٽ ۾ موجود سياستدان جڏهن ”ڊرٽا پروگرام“ جي خلاف ۾ ڪنهن امڪاني خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ متفق هئا اهي ئي اهڙي ترميم پاس ڪري ويا. ۽ فوج کي آئين جي 245 شق تحت ڏنل اختيارن، اوسر ڪندي عدليه جو روپ به ڌاري ورتو آهي. تڏهن ان مامري کي اوسر ڪرڻ ۾ ڪهڙي دير لڳندي ته ”سول قانون جي اصولن تحت قانوني سوالن“ “Questions of law” ۽ واقعاتي / حقيقي سوالن “Questions of Fact” تحت اهو طئه ٿيڻ لڳي ته 1973ع جو آئين نئين واقعاتي ۽ حقيقي سوالن

سوال ”Questions of law“ آئين ۾ ڏنل آهن، اهي واقعاتي طور تي اپريل حالتن واقعن ۾ ملڪي ضرورتن کي جواب ڏيڻ لاءِ ناڪافي آهن تهنڪري ملڪ جي عظيم مفادن تحت ملڪ جون اهي ڌريون جيڪي ”Defecto“ ملڪ جون مالڪ آهن انهن کي هاڻ ”De Jure“ ملڪ جو مالڪ بڻائجي تڏهن پارليامينٽ جو جمهوري راڳ بلڪل بند ٿي ويندو.

Questions of Fact کي جوابي نه ٿو سگهي يا جيڪي قانوني

ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته هڪ وڏي عرصي بعد عدليه جيِو 30 سيپٽمبر 2009ع جي فيصلي تحت ”نظريه ضرورت“ کي رد ڪرڻ بعد پارليامينٽ ۾ سياستدانن 18 هين ترميم متفقه پاس ڪري ملڪ ۾ ڪنهن قدر اهو ماحول جوڙيو هو ته شايد هاڻ پاڪستان ۾ ڪنهن به آمريت کي رستو نه ملي پر ملڪ جي پارليمنٽ 21 ترميم متفقه طور تي پاس ڪري عدليه جي نظريه ضرورت واري ذميواري به پاڻ ڪٽي ورتي آهي.

باوجود ان جي ته وڪيلن جي بار ڪائونسلز متفقه طور تي ملڪي سطح تي 21 هين ترميم خلاف ڪارو ڏينهن ملهايو آهي. ان خلاف تحـــــــــــريڪ جو اعلان ڪيو آهي پر ملڪ جي وڏين سياسي پارٽين پارليامينٽ اندر ۾ پارليامينٽ کان ٻاهر ڪنهن به اهڙي آئيني تحريڪ جي پرجهلو ٿيڻ جو اظهار نه ڪيو آهي.

تـــڏهن بـــار ۽ عدليه کـــان اها توقع رکڻ ته اها اڪيلي سر اهو ”ڪاٺ ڪلهي تي“ کڻي سگهندي ۽ ملڪي آئيني / قانوني بحران ۾ جمهوريت ۾ آئين جو ساٿ ڏينـدي ۽ پارليـامينٽ کي ڪنهن به اهڙي غير آئيني عمل کان روڪينـدي ته اها خواهش ته ٿي سگهي ٿي پر حقيقت نه!

اسٽبلشـــمنٽ جي بهـــاني ضـــرورت ۾ جـــواز کي ”سياسي مفاهمت“ ملڪ ۾ رستو ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي.

تڏهن يقين رکو ته ملڪ ۾ آئين، جمهوريت، انسان دوستي، قومي حق ۾ ٻين مامرن بجاءِ ملڪي اسٽبلشمنٽ طرفان طئه ڪيل پاليسي ڪنهن به ريت جنگ ۾ سيڪيورٽي رسڪ کان پـئي طـــــرف نه وينـــدي ۾ ملڪ انـــدر لڳل باهه ۾ ان باهه جا الاءُ پاڙيسرين جي گهرن ۾ به ويندا رهندا. بغير ان باهه ۾ جنگ جي واڌاري جي ڪابه بهتر پاليسي نه ٿي سگهندي.

تڏهن ئي ته گزيٽ آف پاڪستان ۾ شائع ٿيل ايڪهين ترميم

جو مهاڳ ۾ پروٽيڪشن آف پاڪستان ايڪٽ 2014 جو مهاڳ بلڪل ساڳين لفظن ۾ اهو لکي ٿو ته ”هن آئيني ترميم ۾ ايڪٽ جي ضرورت فقط پاڪستان جي خلاف بغاوت ۾ جنگ کان بچاءُ لاءِ آهي.“

هاڻ اها ”بغاوت ۾ جنگ“ پروٽيڪشن آف پاڪستان ۾ ايڪهين ترميم پاس ٿيڻ بعد ”ڏوهن ۾ ڏوهارين“ خلاف پاڪستان جي سرحدن بجاءِ شهرن ڳوٺن محلن ۾ ڳلين ۾ وڙهي ويندي.

تنهنڪري عالمي قوتون پارليامينٽ جهڙي غير اهم بڻجي ويل اداري بجاءِ طاقت جي اصل مرڪز سان ڳالهائڻ ۾ معاملا طئه ڪرڻ پسند ڪن ٿيون.

اسان پنهنجي مضمون جي شروعات ۾ سپريم ڪورٽ ۾ بحث لاءِ پيش ڪيل قانوني / آئيني سوال ڪان ڪئي هئي ته ڇاآيا پارليامينٽ آئين جو بنيادي ڍانچو تباهه ڪندڙ ڪا آئيني ترميم ڪري سگهي ٿي؟

پر پوءِ هن مضمون کي اسان سوال تي سڌو تبصرو ڪرڻ بجاءِ پاڪستان جي آئين ۾ انهن ۾ ترميمن جي جائزي ۾ ساڻس لاڳاپيل سياسي سوالن طرف هليا آياسين جيئن توس مامرن کان واقف ٿي سگهون.

حقيقتن ان سوال جو جواب سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کي ڏيڻو آهي. تنهنڪري پاڻ ان تي سڌو ڳالهائڻ بجاءِ اهو فرض ڪيون ته جيڪڏهن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ان سوال جو جواب اگر مگر ۾ قانوني پيچيدگين سان ”صاف ها ۾“ ڏنو يا نهڪر ڪندي کي ضرورت، ۾ جواز جا رستا کي شرطون. هدايتون، ڏيندي اهو پڌائي ته آئين ۾ ڪنهن اهڙي “Question of Fact” جو جواب موجود نه آهي ۾ ساڳي وقت پارليامينٽ کي ڪنهن به اهڙي “Question of Fact” تي قانون سازي لاءِ ”سول قانون بجاءِ ڪي فوجي قانونن جي ضرورت آهي ته پوءِ شايد ملڪي مامرا ڪنهن نئين طرف هلڻ شروع ڪن. ڇو ته ڪمانڊو سياستدان“ ملڪ ۾ 58(2)B کي به شدت سان ياد ڪري ٿو. ۾ ڪجهه ڌريون ته ٽي وي چينلز تي اهو به چون ٿيون ته ملڪ ۾ نئين آئين ساز اسيمبليءَ جي ضرورت آهي. جيڪا ملڪ کي ”نئون آئين“ ڏئي يا وري اهي ڌريون پارليامينٽ تي دٻاءُ پيدا ڪندي سياستدانن کان جمهوري اصولن بجاءِ ”ضرورت

 جواز“ جي بنياد تي لڳاتار ترميمون ڪرائيندا رهن.

زرعي جنس جي اگهه جو مسئلو

فيض ڪيريو



سنڌ جي آبادي جو گهڻو حصو زرعي پيدائش تي انحصار ڪري ٿو. ڪجهه سالن کان زرعي معيشت جي صورتحال خطرناڪ حد تائين پهچي چڪي آهي. زرعي معيشت دراصل سنڌ جي اڪثريت جي وجود جو مسئلو آهي، ٿر جي زمين زرعي مقصد لاءِ استعمال ڪري، ڏڪار ختم ڪري سگهجي ٿو، ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ ڏهه ايم ايف پاڻي ڇڏي، بدين، ٺٽو ۽ جي زمين پين ضلعن جي مٽي جر کي بچائي سگهجي ٿو. ٿنهين بئراجن جي چوڏهن واهن جي پڇڙيءَ کي پاڻي رسائي ڏڪار کي ختم ڪري سگهجي ٿو، سانگهڙ نوابشاهه ضلعن جي هزارين ايڪڙ زرعي زمين سم ڪلر خراب ٿي وئي آهي، گهوٽڪي پين علائقن جي زرعي زمين کي بچائڻ لاءِ پنجاب پنجاب جو زهريلو پاڻي بند ڪري سگهجي ٿو. هي ڪجهه اُهي خطرا آهن جيڪي پنهنجي نوعيت وڏن ٿا گهڻو اثر ڇڏي چڪا آهن اڃان به ڇڏيندا.

پورهيت، هاري ننڍي آبادگار جي زرعي معيشت کي پيو وڏو خطرو فصل جا اگهه تمام گهٽ هئڻ سان آهي. ٻهراڙي جي غريب پورهيتن جو گذر سفر ڇهين مهيني جي فصل تي آهي، هاريو يا مزدوري پورهيت وٽ پئسو، زرعي پيدائش مان اچي ٿو، ڪجهه سالن کان لاڳيتو تمام گهٽ اگهه ٿيڻ سبب ٻهراڙيءَ بيرزوگاري وڌي وئي آهي، هاري کي فصل مان بچي نٿو، ننڍو آبادگار فصل جو خرچ به نٿو ڪڍي سگهي. دڪاندار، واڍا، حجام، پنچرن جا ڪاريگر يا سِرون هٽندڙ مزدور سڀ ڏنڌا پورهيا تنگيءَ جو شڪار آهن. ماڻهن وٽ بچت نه ٿيندي، ته نه گهر ٺهرائيندا نه ئي حجام کي قرض ڏئي سگهندا، جي ننڍن

دڪاندارن کي قـرض نٿو ملي، ته هو پاڻ سـخت بحـران ۾ اچيو وڃن. اهڙي حالت ۾ غـريب پـورهيت کي نه روزگـار ملي ٿـو، نه اوڌر ملي ٿي. زرعي پيدائش جي اڳهه جو مسئلو ائين ئي جـاري رهيو ته اجان به صورتحال خراب ٿيندي.

حڪومت جي معاشي حڪمت عملي سبب گـذريل ڪَـتي ۾ هن چيٽ جي فصـلن اڳهه تمـام گهٽ ڪيا آهن. ڦـتي (ڪپهـه) بصـر، ڪمند ۾ ڪٽڪ اهم فصل آهن. ڪمند جو جـائز اڳهه وٺي ڏيڻ ۾ آبادگارن کي وڏي نقصـان کـان بچـائڻ لاءِ ضـروري هو ته سـنڌ حڪـومت ڪيسـڪين ايڪٽ 1934 تحت شـگر ملن جي پيڙائي پندرنهين نومـبر کـان ڪـرائي هـا، پر نه حڪـومت ڪجهه ڪيو ۾ نه مل مالڪن پيڙائي شروع ڪـري ڪمند ڪـنيو، نومـبر ۾ ڪمند نه نڪـرڻ سـبب، زمين خـالي نه ٿي ۾ آبادگـارن جو چيٽ جو فصل ڪٽڪ، پـوکجي نه سـگهيو. شـگر مل مـالڪ ايـڏا ته طاقتور آهن جو سرڪاري قانون کي لتاڙي نومبر بجاءِ ڊسمبر ۾ پـيڙائي شـروع ڪـئي وئي، حڪـومت 182 روپيا في مڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو پر هاڻ ان تي به عمل نه ٿيو، شـگر ملز مالڪن سـنڌ هـاءِ ڪـورٽ ۾ اپيل ڪـري، بحـران جو وقت وڌائي فائدو حاصل ڪيو، سنڌ هاءِ ڪورٽ به سرڪاري اڳهه 182 روپيا ڏيڻ جو حڪم ڏنو پر ملز مـالڪن جي هٽ هـتي اجـان به قـائم آهي. سنڌ ۾ 33 (ٽيٽيهه) شگر ملون آهن. زرداري، انـور مجيد ۾ عسـڪري ڏرين جي بـااثر مـاڻهن وٽ 17 (سـترنهن) ڪن ملـون آهن. زرعي ڪاتي جي وزير علي نـواز مهر جي پنهنجي مل آهي، پ پ ۾ عسـڪري ڏرين وٽ ئي شـگر انڊسـٽري آهي هنن ئي سـڄي سـنڌ کي يرغمـال ڪيو آهي. سـرڪاري ادارا عـوام جي ڀلائي ڪرڻ بجاءِ سرمائيدار ٽولي جي پيرن ۾ ڪريل آهن. چمـبڙ جي علائقي ۾ پوليس گردي ذريعي آبادگارن کي دٻـائي ڌمڪـائي ڪمند ڪنيو ويو. ڪروڙين روپين جي بقايا آهي، ڏيڻ بجاءِ ڪـوڙن ڪيسن جـون ڌمڪيـون ڏنيـون وڃن ٿيـون. ڪمند جو هڪ گهٽ اڳهه پيو 20 سـيڪڙو ڪنتوٽتو، ٽيـون رقم روڪ رقم به نه ملي. مثال جي ڪمند زمين مان نٿو نڪري ته وزن گهٽايو چڙي. گهٽي نقصان کان بچڻ لاءِ ننـڍن آبادگـارن مجبـورن ڪمند ڪـڍيو. هڪ اندازي موجب سـنڌ ۾ 40 ڪـروڙ مڻ ڪمند موجـود آهي، هينئر تـائين شـگر ملز 16 ڪـروڙ مڻ ڪمند ڪـنيو آهي، جنهن تي پنج

ڇهه ارب روپيا نقصان تي چکو آهي، سيزن پوري ٿيڻ ڪانپوءِ ٽيويهه ارب روپين جو نقصان ٿيندو.



ڪمند جي في ايڪڙ تي مالي لاڳت اندازن 75000 (پنجهتر) هزار ڪان 80000 (اسي) هزار خرچ ڪٽجي، به هزار ڪنتو ٽو ڪٽجي باقي بچيا 23000 (ٽيويهه) هزار روپيا.

مجموعي بچت مان هاري کي وچي به ٽي هزار ملندا هڪ هاري جي خاندان جو ساليانو خرچ تقريبن به لک روپيا آهي. جي گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ لک ٿئي ته به ڪيئن پورو پوندو. ٻئي طرف هڪڙي شگر مل چوويهه ڪلاڪن ۾ 25000 (پنجويهه) هزار ڪان 30000 (ٽيهه) هزار ڪٽا (50 ڪلوگرام پوري) کنڊ جا پيدا ڪري ٿي، شگر مل انتظاميه ڪلو کنڊ 50 (پنجاهه روپيا) تي ڏي ته، في ايڪڙ مان 350000 (ٽي لک پنجاهه هزار روپيا) ٺاهي ٿو. هڪ ڪٽي (پنجاهه ڪلو گرام جي پوري) تي ڏهه ڪِلو سيرو نڪري ته روزاني ٽي لک ڪلو جو ته سيرو نڪري ٿو. پندرنهن هزار ليٽر وارو ٽينڪر 45 (پنجيتاليهه) لک روپين جو آهي. بگاس ۾ ڪيميڪلز جي پيداوار مل جي لاڳت تي خرچ ٿئي ته، في ايڪڙ تي ڏهه لک روپين ڪان مٿي شگر مل مالڪ منافعو ڪٽي ٿو. هاري کي في ايڪڙ مان بچت آهي پنج ڪان ڏهه هزار، زميندار جي ٿيئي پندرنهن ڪان پنجويهه هزار. ڏهه يارنهن مهينا تڪليفون برداشت ڪري جيڪي فصل پچائن ٿا، انهن جي معيشت ڏينهون ڏينهن تنگ ٿيندي وڃي ۽ جيڪي عوام جو ئي پئسو بئنڪن ڪان ڳٽ جوڙ رستي حاصل ڪري ملون هلائين ٿا، سال ۾ ڪرب پتي ٿيو وڃن. شگر مل مافيا منڊي ۾ هڙتادو ڪوٽ پيدا ڪري، مهانگي کنڊ وڪرو ڪن ٿا، ان مان به اربين روپين جو ڪارو ناڻو ٺاهين ٿا. ان ڪان علاوه ننڍن آبادگارن جا ڪروڙين روپيا هڪ هڪ مل ڏي رهت آهن، ايڏي رقم تي ٽي سال بئنڪن ۾ رکيو لکين روپيا ٺاهين ٿا. سڄي سنڌ کي يرغمال ڪري اربين روپين جي منافعي خوري ڪندڙ شگر ملن جا نالا هي آهن.

حبيب شگر ملز (نوابشاهه)
(1)خيرپور شگر ملز (خيرپور)
(2)لاڙ شگر ملز (بدين)
(3)العباد شگر ملز (ميرپورخاص)
(4)عبدالله شاهه غازي شگر ملز (ٺٽو)
(5)النور شگر ملز (نوابشاهه)
(6)انصاري شگر ملز (ٽنڊو محمد خان)
(7)آرمي ويلفئر شگر ملز (بدين)
(8)باواني شگر ملز (بدين)
(9)ديوان شگر ملز (بدين)
(10) فاران شگر ملز (حيدرآباد)
(11) ڏگهڙي شگر ملز (ميرپورخاص)
(12) جي ڊي ڊبليو شگر ملز (گهوٽڪي)
(13) ٻچاٽي / چمبڙ شگر ملز (ٽنڊوالهيار)
(14) ڪرن شگر ملز (سکر)
(15) ٿرپارڪر شگر ملز (ميرپورخاص)
(16) سردار غلام محمد شگر ملز (گهوٽڪي)
(17) ٽنڊو محمد شگر ملز (ٽنڊو محمد خان) بند آهي.
(18) ٽنڊو الهيار شگر ملز (سنجر چانگ)
(19) سنڌ آبادگار شگر ملز (ٺٽو)
(20) شاهه مراد شگر ملز (ٺٽو)
(21) سيري شگر ملز (حيدرآباد) بند آهي.
(22) نيو دادو شگر ملز (دادو)
(23) سانگهڙ شگر ملز (سانگهڙ)
(24) سڪرنڊ شگر ملز (نوابشاهه)
(25) راڻي پور شگر ملز (خيرپور)
(26) پنگريو شگر ملز (بدين)
(27) نئون ديرو شگر ملز (لاڙڪاڻو)
(28) نجما شگر ملز (ميرپورخاص)
(29) مرزا شگر ملز (بدين)
(30) ميرپورخاص شگر ملز (ميرپورخاص)
(31) مهراڻ شگر ملز (حيدرآباد)
(32) مٽياري شگر ملز (مٽياري)

(33) ڪمند ڪانپوءِ بصر جو حساب ڪجي ته، في ايڪڙ تي خرچ آهي پنجٽيهه ڪان چاليهه هزار، في ايڪڙ پيدائش ڏي ٿو تقريبن سٺ ٻوري، هڪ ايڪڙ تي ٻه هزار مس ٿا ملن، ٻه هزار هاري ڪٽي يا زميندار، هن سال لکين ٻوريون بصر جون پيدا ٿيون پر اگهه تمام گهٽ ٿيڻ سبب خرچ به نه لٿو. گذريل سال سارين جو اگهه هو 960 (نو سئو سٺ روپيا) هن سال ننڍن آبادگارن کي مليو 760 (ست سئو سٺ روپيا) ڪڻڪ لازمي خوراڪ آهي، غريب ماڻهو جو اڌ خرچ ڪڻڪ آهي. هن سال ڪڻڪ جو اگهه به تمام گهٽ ٿيندي نظر پيو اچي. ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن حيدرآباد موجب 11-2010ع ۾، 3703084 ٽن ڪڻڪ پيدا ٿي. جيڪڏهن گذريل سال لڳ ڀڳ ايتري ڪڻڪ پيدا ٿي هجي ته پوءِ ٻاهران گهرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، نئين ڪڻڪ اچڻ ۾ باقي ڪجهه ڏينهن آهن پر سرڪاري گدام ڀريا پيا آهن. گذريل سال رڳو ٻن مهينن ۾ 727687 (ست لک ستاويهه هزار ڇهه سئو ستاسي ٽن) ڪڻڪ ٻاهران گهرائي وئي. ٻاهرين ڪڻڪ تي لاڳت جو خرچ گهٽ هئڻ ڪري سستي آهي. حڪومت وٽ موجود ڪڻڪ جو اگهه 3350 (ٽي هزار ٽي سئو روپيا) آهي ته، ٻاهرين ڪڻڪ جو اگهه 3150 (ٽي هزار هڪ سئو پنجاهه روپيا) آهي. جيڪڏهن پنهنجي ڪڻڪ تي حڪومتي امداد ڏئي فروخت ڪجي ها ته، ڪڻڪ جو بحران پيدا نه ٿئي ها.

عالمي منڊي ۾ پاڪستاني ڪڻڪ هڪ ته مهانگي آهي ٻيو معيار به گهٽ آهي. ان ڪري عالمي طور سستيون جنسون وڌيڪ وڪرو ٿين ٿيون. ٻين ملڪن جي ڪڻڪ جو معيار ۾ اگهه ان ڪري گهٽ نه آهي جو حڪومت پاڻ، ٻج، دوائن ۾ بجلي تي حڪومتي امدا ڏي ٿي. ڪمپنيون معيار جي لحاظ کان قانون جون پابند ڪيون ويون آهن. اسانکي يوريا ياڻ جي ٻوري به هزار روپين ۾ ملي ٿي، انڊيا ۾ 900 (نو سئو روپين) جي آهي، اسين هڪ فصل تي چار پنج دوائون ڪيون ٿا پوءِ به مرض ختم نٿو ٿئي. ٻين ملڪن ۾ هڪ دوا ڪان پوءِ ضرورت ئي نٿي ٿئي. انڊيا مجموعي طور زراعت تي 37362 (ستٽيهه هزار ٽي سئو ٻاهٺ) ملين ڊالر جي سرڪاري امداد ڏي ٿو. پاڪستان ڪجهه سال اڳ 356 (ٽي سئو ڇاونجاهه) ملين ڊالر ڏيندو هو. پرسي هاٽي آءِ

ايم ايف جي پاليسين تحت ختم ڪري چڪو آهي. زرعي جنس جو تمام گهٽ اگهه جو مسئلو رات پيٽ ۽ پيدا نٿا ٿيو. حڪمران طبقي جون اقتصادي پاليسيون اهڙن ٻين ڪيترن مسئلن کي پيدا ڪنديون رهيون آهن.

حڪمرانن ملڪي منڊي جو انتظام ڇڏي ڏنو آهي، منڊي تي منافعي خور نظام جو قبضو آهي. دنيا جي طاقتور ملڪن پٺتي پيل ملڪن جي سرمائيدارن جاگيردارن کي ڳڍائي اهڙو قانون ناهيو آهي جنهن تحت اسانجي شيءِ جو ڪو اگهه ناهي پر جيڪا خريد ڪريون اُها ڏينهون ڏينهن مهانگي ٿيندي وڃي. منافعي خور معاشي قوڙن جي تنظيم جو نالو، عالمي واپار تنظيم (World Trade organization) آهي. پاڪستان حڪومت 2005، ڌاري منافعي خور ٽولي جو ساٿ ڏنو، حڪومت لکي ڏنو ته، ”پاڪستان جي منڊي آزاد آهي. جيئن وڻي تيئن ڪريو، اسين پنهنجون شيون ڪيڏانهن به ڪيون پر اوهانکي ڪير روڪڻ وارو نه هوندو، پاڪستان جا ماٺهو، مهانگائي ۾ ٻڏل رهندا، اوهانجو ڏنل قرض فوج، ڪامورا ۽ سياستدان گڏجي کائينداسون، قرض وٺندو ته عوام تي نوان ٽيڪس هڻنداسين، ماڻهو محنت ڪري فصل تيار ڪندا ته سپ پئسو پئسا ٽيڪسن ذريعي ڦرينداسين. هتان جي زرعي پيدائش مهانگي ٿيندي، مارڪيٽ ۾ اوهان پنهنجا بصر، ڪڻڪون، ڪنڊ ۾ داليون وڪڻجو، پلي مقامي جنس جو اگهه نه ٿئي، اوهان پليون معياري دوائون ۾ گهٽ خرچ تي جنسون پيدا ڪري ايندا ته مقامي جنس کي ڪير ڪنگهندو به ڪونه. اسين پڪو پهه ٿا ڪريون ته، ملڪ ۾ ٻاهران ايندڙ شي جي ڪا چڪاس نه آهي، نه ئي ڪو ٽيڪس وغيره آهي. زرعي جنس تي حڪومتي امداد (سبسڊيز) بلڪل نه ڏينداسين، اوهان گهڻ قومي ڪمپنين خلاف ڪير اُڦ به نه ڪندو، جي ڪير ڪندو ته پوءِ.............. ايتمي طاقت ڇا لاءِ آهيون.“

عالمي واپار تنظيم WTO جي زرعي معاهدن تحت حڪومت زراعت ۾ خوراڪ سان لاڳاپيل ڪاروبار ختم ڪري رهي آهي، زرعي جنس جي اگهه جو مسئلو ان پاليسيءَ جو ابتدائي اظهار آهي. ٻيو جڏهن نندي ڪاتيدار کي فصل پوکڻ سان مسلسل نقصان ٿيئي ته هو زمين کپائڻ تي مجبور ٿيندو. هينئر حڪومت جي پاليسي اها ئي آهي ته، زرعي معيشت ۾ بحران

پيدا ڪجن جيئن ڪمزور ماڻهو زمينون ڪپائڻ تي مجبور ٿين. هر حڪومت ۽ وزير ۽ ڪامورا زبردستي زمين تي قبضا ڪن ٿا، غريب آبادگارن جي مجبوري جو فائدو وٺي زمينون خريد ڪري ٻاهرين ملڪ جي ڪمپنين کي وڪڻي رهيا آهن. سنڌ حڪومت زرعي زمينون هارين ۽ ورهائڻ بجاءِ ڌاڙ ڌاڙ ڪمپنين کي ڏئي رهي آهي. ٿرپارڪر جي ٻه لک ايڪڙ زمين ڪينيڊا جي ”ڪجاني انرجي“ نالي ڪمپني کي ڏني وئي آهي، ڪمپني ٻارڻ وارو تيل پيدا ڪرڻ لاءِ ”جيٽروڦا“ (Jatropha) نالي ٻوٽو پوکيندي. متحده عرب امارات جون هٿ ايتريون زمينون آهن جو پنهنجي لاءِ 85 سيڪڙو خوراڪ پيدا ڪري ٿو. سنڌ حڪومت ٻيلي جي 29841 (انٽيهه هزار اٺ سئو ايڪتاليهه) ايڪڙ زمين ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

ڊبليو ٽي او جي معاهدن سان، سنڌ جي حڪمران طبقي کي ته فائدو ئي فائدو آهي پر اسانجا زرعي خرچ وڌي رهيا آهن، زرعي جنسن جو اگهه تمام گهٽ ٿيندو رهندو، مقامي جنسن جي جاءِ تي ٻاهريون جنسون حاوي رهنديون نتيجي ۾ اسان جي معيشت سڪڙجي تباهه ٿي ويندي. سنڌ جو جاگيردار سرمائيدار، ملڪي حڪمرانن سان گڏجي ڪمند، ڪٽڪ، ساريون ۽ ٻين شين جي مسئلن کي پيدا ڪيو آهي. تنهنڪري هي حڪمران طبقو ڪهڙي به پارٽي ۾ هجي، ڪڏهن به پاٽمرادو مظلوم طبقي جي حق تان دستبردار نه ٿيندو. بظاهر حڪومت پ پ يا نون ليگ جي نظر اچي پر حقيقت ۾ حڪومت شگر مل مافيا، عسڪري قوتون، عالمي مالياتي ادارا سرمائيدار ۽ جاگيردار طبقو ڪري رهيا آهن. جيئن سنڌ تي جاگيردار، سرمائدار ۽ عسڪري ڏر، پارليامينٽ، عدليا ۽ دفاع جهڙا اوزار ناهي اسان جي ڦرلٽ ٿا ڪن، تيئن اسان هارين، کيت مزدورن ۽ ننڍن آبادگارن کي پڻ، پنهنجي پنهنجي آزادي لاءِ اوزار ناهڻو لازمي آهي. اسان جو اوزار اسان مظلومن جي سياسي تنظيم آهي، سياسي تنظيم اسان جو ٽڏو/گهر اُهي گهر ڪانسواءِ انسواءِ پنهنجي پاڻ کي بچائي نٿا سگهون.

شڪارپور واقعو : سنڌ لاءِ نئون چئلينج!!

نثار لغاري



پشـــــــاور ۾ آرمي پبپلڪ اســـڪول انـــدر حملو پاڪســـتاني فـــوج طرفان جهـادين، مـذهبي انتهاپسندن خلاف ضـرب عضب نالي آپريشن ڪـان پــوءِ هڪ وڏو حملو هــو. هن حملي ۾ 150 ڪـــان وڌيڪ شـاگرد مـارجي ويا هئـا. هي ئي اهو واقعو هو جنهن ڪـان پوءِ ملڪ جي اصل حڪمرانن جي هڪ وڏي حصي سڻا ۾ خــراب طالبـان جي فــرق کي ختم ڪــري آپريشن وڌيڪ تـيز ڪــرڻ جو اعلان ڪيو هو.

هن واقعي ڪـان پـوءِ نـام نهـاد قـومي دفـاعي ايڪشن پلان تـــــرتيب ڏنو ويو ۽ اهو چيو ويو ته دهشـــــتگردن کي هـــــاڻ نه ڇڏينداسـين، چـوڌري نثـار وزير داخلا (وفـاقي) اهو چيو ته هـاڻ گهٽو ٽيــو!! هن جو مطلب هو ته ملڪ ۾ گـــذريل 8-9 مهينن ان جـاري آپريشن ضـرب عضب ۾ به ڪـتي نه ڪـتي رعـايت ڏنل هئي.

پشاور اسڪول حملي کان اڳ ۾ پشاور انـدر وڏي چـرچ تي به حملو ٿيو هو جنهن ۾ 80 ڪـان وڌيڪ مـاڻهو مـارجي ويا هئـا. اُهي گهٽو ڪري عيسائي هئا انڪري ان جو زباني بيان بازي ڪـان وڌيڪ نوٽيس نه ورتو ويو هو. جيتوڻيڪ ملڪ جي تجـزيي نگـارن جو اهو چوڻ هو ته هن واقعي سان پاڪستان جي عالمي سـطح تي وڏي .بـــدنامي“ تي آهي. هن ڪـــان اڳ جڻ وڏي نيڪ نـــامي هئي!!

سرڪاري ٽي وي (P.T.V) تي خبرنامي عرف ڪوڙ نـامي ۾ نيوز ڪاسٽرس اور ايڪٽنگ ڪنـدي ”ملڪي افـواج“ جي شـاندار ڪارنـامن ۾ ملڪ دشـمن دهشـتگردن جي ڇيلهه پيجي چـڏڻ ۾ ”شـاندار“ ڪاميـابيون ملڻ جي تمـام گهڻي دعـويٰ ڪنـدي نظر

ايندا رهيا پر 2014ع جي ڊسمبر کان فيبروري 2015ع تائين دهشتگردن جا رڪارڊ حملا ٿيا آهن جن پاڪستاني فوج جي عوامي لاڳاپي واري شعبي (I.S.P.R) کان وٺي پي ٽي وي جي دعوائن کي رد ڪري ڇڏيو. هتي حڪمران اهو چوندا آهن ته دهشتگردن جي حملن سندن جا حوصلا بلند ڪري ڇڏيا آهن ۽ فوج جو مورال (Moral) بلند آهي پئي طرف هڪ رپورٽ موجب ملڪي فوج ۾ داخل ٿيندڙ بي روزگار نوجوانن جو تعداد گهٽجي رهيو آهي، خطرناڪ علائقن ۾ ڊيوٽي ۽ مقرري کان سپاهي لهرائي رهيا آهن. چو ته ڪين اهو احساس آهي ته اسين هڪ اونهي کاهي (Black) ۾ ڌڪيا پيا وڃون.

هاڻ دهشتگردن جو ٽارگيٽ فقط پشاور نه آهي (راولپنڊي، اسلام آباد، ڪراچي، لاهور ۽ ملڪ جا سڀئي شهر آهن ويندي سنڌ جي مشهور ۽ پرامن شهر شڪارپور کي به نه ڇڏيو ويو.

شڪارپور شهر کي جنوري 2015ع جي آخر ۾ ٽارگيٽ ڪيو ويو جنهن ۾ لکي در علائقي جي انتهائي گُتيل آبادي ۾ اهل تشيع جي امام بارگاهه اندر مسجد کي نشانو بڻايو ويو. هن سفاڪ بم حملي جو مقصد گهڻا کان گهڻا ماڻهو مارڻ هو. بم ڌماڪو ايترو شديد هو جو هڪ ڪلاڪ اندر 60 کان وڌيڪ ماڻهو مري ويا.

شڪارپور جهڙي بم ڌماڪي کي روڪڻ ۽ اُن کان پوءِ طبي امداد جي حوالي سان سنڌ حڪومت جي پٽ وائکي ٿي وئي جو ته اڪثر ماڻهو ابتدائي طبي امداد نه ملڻ ۽ گهڻو رت وهڻ ڪري مري ويا!! سول اسپتال شڪارپور جون اڪثر ايمبولينسون ۾ ايمرجنسي نه هجڻ برابر هئي!! اسان وٽ رياست ۽ اُن جا سرڪاري ادارا نه فقط نااهل بڻجي چڪا آهن پر اُهي هاڻ ڳري سڙي تباهه ٿي چڪا آهن ڪرپٽ ۽ نااهل حڪمرانن سرڪاري ادارن جي پيننگ ڪري ڇڏي آهي انڪري اُهي غير معمولي حالتن يا شڪارپور جهڙين قهري ڪارروائين کي منهن ڏيڻ جي قابل به نه رهيا آهن.

اسين جيڪڏهن واپس شڪارپور واقعي جي محرڪن تي اچون ته ان جا ڪجهه اهم سبب هن ريت ٿي سگهن ٿا.

پاڪستان اندر عمومي دهشتگردي جي لهر / دهشتگرد ڪارروايون.

شڪارپور نسبتن هڪ آسان (Soft) ٽارگيٽ.

سنڌ سميت شڪارپور ۾ وڌندڙ انتهاپسندي.
مدرسن جو وڌندڙ چار ۾ اُن ۾ مخصوص فرقن خلاف نفرت جو پرچار.
پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ، طرفان مذهبي دهشتگردي کي سنڌ تائين وڌائڻ جي نئين حڪمت عملي.
وڌندڙ ٻاهرين آبادي ۾ غير قانوني لڏپلاڻ؟

شڪارپور واقعي جي ذميداري قبول ڇو نه ڪئي؟؟

هڪ غير مقبول تنظيم جند الله ڪان سواءِ تحريڪ طالبان پاڪستان سميت ڪنهن به ڌر شڪارپور واقعي جي ذميداري قبول ناهي ڪئي. هن جو هڪ سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته اڄ ڪلهه نام نهاد فوجي آپريشن سبب وانا ۾ وزيرستان ڪان وٺي افغان ڪمانڊرن تائين اهم طالبان اڳواڻ سنڌ جي شهرن ڪراچي ۾ ٻين ننڍن وڏن سهرن شهرن ۾ روپوش آهن شڪارپور واقعي جي ذميداري قبول ڪرڻ سان سنڌ جي سماج ۾ هنن خلاف نفرت ڏهوڻ ٿي وڃي ها جيڪا اڄ به وڌيل آهي.

سنڌ ۾ دهشتگردي جا اُهي واقعا وڌڻ ۾ اُهي ڪراچي ڪان پوءِ ٻين شهرن تائين ڦهلجڻ هڪ ٻيو اهم سبب ته سنڌ ڪي پڻ هن دهشتگردي مخالف نام نهاد جنگ ۾ ڌڪڻ آهي ڇو ته هن ڪان اڳ سنڌ جو عوام هن سموري جنگ ڪان پري ڪان ويهي ڏسي رهيو هو. سنڌ جو صوفياٽو رنگ سيڪيولر ۽ روشن خيال ڪلچر ايترو طاقتور رهيو جنهن جي ڪري سنڌ ڪي مذهبي انتهاپسنديءَ ٻين قومي اڪاين وانگي گهيري ۾ نه ورتو هيو.

سنڌ جو ڪلچر يقينن تصوف ۽ سڪيولر روين جو علمبردار آهي، رهيو آهي پر ظاهر آهي ته اڄ جڏهن سموري دنيا ۾ خاص طور اسان جي پرياسي جا ملڪ ۾ خود پاڪستان هتان جي حڪمران طبقي، آمريڪي، برطانوي سازش ۾ حڪمت عملين تحت جوڙيل نام نهاد مذهبي جنونيت جو شڪار ٿي چڪي هجي تڏهن هڪ سماج جو هن سموري ماحول ڪان متاثر ٿيڻ اٽڙ آهي. سنڌ ڪو ڌار جزيرو ته آهي ئي ڪانه جيڪا مروج سموري فڪري يلغار ڪان متاثر نه ٿئي.

سنڌ جي حڪمران طبقي خاص طور پيپلز پارٽي گذريل 40 سالن ڪان جمهوري جدوجهد جي ڳالهه ته ڪئي آهي پر نتيجي

عوام کي ڪجهه نه مليو آهي. سنڌ ۾ بک، بدحالي، غربت ۾ بعد ۾ ڪرپٽ سياسي ڪلچر سماج ۾ وڏو سياسي خلا پيدا ڪيو آهي جنهن خال کي قومپرست ڀري سگهڻ جي اهل ئي نه آهن ڇو ته سندن سياست هِن نظام ۾ نه آهي. ڪاٻي ڌر يا ڪميونسٽ ڌرين جي ايتري طاقت نه آهي ته اُهي موجوده حالتن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. خود ڪميونسٽن جي ڪمزور ٿيڻ، سوويت يونين ۾ سوشلسٽ بلاڪ جي ڊهي وڃڻ سان پڻ عارضي طور مذهبي رجحانن ۾ ان جي انتها پسند صورت کي قوت ملي. ساڳي ريت عالمي سامراج پڻ انهيءَ انتهاپسندي جو مختلف وقتن تي فائدو وٺندو رهندو آهي. نائين اليون اهو وڏو واقعو هو جنهن جي آڙ وٺي ڪوڙي جنگ ۾ ڪوڙا سامراج مخالف انتهاپسند پيدا ڪيا ويا.

پاڪستان جي غير جمهوري، فوجي قوتن جنهن ريت عالمي سامراجيت لاءِ ۽ خود پاڪستان ۾ قومن جي حقن، جمهوري تحريڪن ۽ طبقاتي هلچل ۾ تضاد کي دٻائڻ لاءِ مذهب ۾ ان جي نالي ۾ انتهاپسند جهادي قوتن کي استعمال ڪيو آهي اُن سموري سماج کي مذهبي جنونيت حوالي ڪري ڇڏيو آهي.

فوجي آمر ۽ ماڊل ڊڪٽيٽر ضياالحق جي دؤر ۾ جنهن ريت پاڪستان کي سخت گير حنفي فرقي جي بنياد تي اسلامائيز ڪيو ويو. تاريخ، سياست، ادب، تعليم ۾ خود معاشريت کي برباد ڪيو ويو. جماعت اسلامي ۾ ٻين مذهبي تنظيمن کي فوج سميت ٻين ادارن ۾ حاوي ڪيو ويو ته ان جو نتيجو لازمي طور اهو نڪرڻو هو. نام نهاد اسلامي نظرياتي ڪائونسل ۾ فيڊرل شريعت ڪورٽون جوڙي، حدود آرڊيننس جهڙا قانون جوڙي سموري سماج کي رجعت پرستي ۾ دتنگ نظري جي باهه ۾ اڇلايو ويو، اُن جو نتيجو اڄوڪين دهشتگردي وارين حالتن ۾ نڪرڻو هو.

هي جيڪو فصل جمهوريت، ترقي پسندي ۾ روشن خيالي خلاف پوکيو ويو هو اُهو اڄ پچي تيار ٿيو آهي. مذهبي انتهاپسند پاڪستان جي سولين ۾ فوجي حڪمرانن کان ختم ٿيڻ جوڳي نه رهي آهي ڇو ته ملڪي فوج ۾ خفيه ادارن ۾ پڻ بنياد پرست جهادي ڌريون موجود آهن. هن وقت جيڪو نام نهاد فوجي آپريشن هلي رهيو آهي ان جي حالت اها آهي جو هن وڏي

آپريشن باوجود ڊسمبر 2014ع کان جنوري 2015 تائين رڪارڊ حملا ٿيا آهن. ڇا هي فوجي آپريشن جي وڏي ناڪامي نه آهي؟؟ ساڳي ريت هڪ دفعو وري طالبان سان ڳالهيون ڪرڻ جون خبرون پڻ اچي رهيون آهن جنهن مان فوج حڪمرانن ڌرين جي ڪمزوري نااهلي توڙي خوف ظاهر ٿئي ٿو!!

اسين جيڪڏهن سنڌ جو جائزو وٺون ته هتان جي پوليس توڙي ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڪان وٺي انفرااسٽرڪچر، اسپتالون، روڊ ٻيون سهولتون سماج آهن ئي ڪونه انڪري هتي جا حڪمران رياست دهشتگرديءَ کي روڪڻ ته پري ان جي نقصان کان عوام کي بچائڻ جي پوزيشن به نه آهن.

هن وقت به حڪومت سنڌ اهو اعلان ڪيو هو ته مدرسن جي رجسٽريشن ڪئي ويندي لکين غير قانوني طور ترسيل ٻاهرين آباديءَ کي ڏيهه نيڪالي ڏني ويندي يا کين رجسٽر ڪيو ويندو. پر هي رياست نااهلي، ڪرپشن خود جاگيردار طبقي جي عياشي جو اهڙو مرڪز بڻجي چڪي آهي جيڪا چاهيندي به ڪجهه ڪرڻ، پنهنجي وجود جو اظهار ڪرڻ ناڪام آهي. ان جو هڪ ظاهري اظهار پيپلز پارٽي طرفان قائم علي شاهه نالي هڪ هلڻ ڪان هلاڪ فرد کي وزيراعليٰ بنائڻ آهي. هن ڪان وڌيڪ نااهلي ٻي ڪهڙي هوندي؟؟؟

سنڌ عوام آزادي جي نالي ڪم ڪندڙ اڪثر پارٽيون روايتي دائري سرگرميون ڪندي صرف روايتي طور احتجاج ڪرڻ تائين محدود آهن. ٻئي طرف سنڌ سوين مدرسا آهن جن لکن جي تعداد نوان طالب (جيڪي مستقبل دهشتگرد بڻجڻا آهن) تيار ٿي رهيا آهن.

اتر سنڌ جي پٽي پيل ضلعن   سموري سنڌ جنهن ريت وڏي خاموشي سان مذهبي جماعتون جمعيت علماءِ اسلام، سپاهه صحابه لشڪر جهنگوي مضبوط ٿي رهيون آهن ان جو ڪاٿو سنڌ جي ساڃاهه وندن کي ايترو نه آهي جيترو خطرو موجود آهي.

سنڌ اهل تشيع جو تعداد پڻ گهٽو آهي جنهن ڪري هتي مذهبي رواداري تي شڪارپور جهڙا حملا ڪنهن وڏي جهيڙي کي جنم ڏئي سگهن ٿا.

هن وقت پاڪستان آمريڪا ٻين ملڪن جي پراڪسي

جنگ به جاري آهي جنهن ۾ ايراڻ ۽ سعودي عرب وچ ۾ سرد جنگ پڻ هتي وڙهي پئي وڃي. راولپنڊي ۾ امام بارگاهه تي حملو ۽ اهڙي ريت مسلسل اهل تشيع کي ٽارگيٽ ڪرڻ جو نتيجو شيعا سني فسادن جي صورت ۾ نڪري سگهي ٿو. جنهن جا چٽا امڪان موجود آهن.

هن وقت خود سنڌ جي ترقي پسند ۽ کاٻي ڌر جي قوتن لاءِ وڏو امتحان آهي ته اُهي سنڌ ۾ وڌندڙ دهشتگردي ۽ انتهاپسندي کي ڪيئن روڪين!!؟؟ موجوده مرحلي تي حالتون نهايت اهم موڙ تي آهن.

افسوس ته سنڌ ۾ صحافي، ليکڪ لڏو ۽ نام نهاد سول سوسائٽي پروگرام ڪرائڻ، ڏک وارا آرٽيڪل لکڻ ۽ مذمتي بيان جاري ڪرڻ تائين محدود آهي. هنن کي ان حقيقت جو ادراڪ نه آهي ته انتهاپسندي کي فقط اِن طريقي ختم ڪرڻ ناممڪن آهي.

تعليمي نظام جي تباهي


اديب رتڙيادل سنڌي



ويجهي ماضيءَ اندر ۾ سنڌ ۾ اندر تعليم جو موضوع سوشل ميڊيا تي بحث هيٺ رهيو. پڌو وڃي ٿو پيواُن حوالي سان هڪ راءِ اِها به هئي ته ورلڊ بئنڪ جي هدايتن هيٺ ڪجهه اين جي اوز ڪي اهو ڪم سونپيو ويو آهي ته بند پيل اسڪولن ۽ غير حاضر استادن جي معاملي ڪي اٿاريو وڃي ۽ پوءِ سوشل ميڊيا تي جهڙوڪر هڪ مهم هلي پئي، جنهن ڪي "گوسڙو ماستر" جو نالو ڏنو ويو. پهرين ڳالهه ته سنڌ اندر تعليم جي اهم مسئلي جو نان اشو مان اشو ٺيڻ هڪ مثبت عمل آهي ائين ئي جيئن جسم اندر ڪنهن گڙٻڙ ڪي اظهارڻ لاءِ بخار ٿيندو آهي، جنهن سبب اسان جو ڌيان ان گڙٻڙ ڏانهن ويندو آهي تنهن وانگر تعليم جي سوال جو هڪ نان اِشو مان اِشو بڻجڻ به هڪ اوسر ڪي اظهاري ٿو. پر ٻئي طرف ان معاملي جو هڪ رخو اظهارجڻ يا تجزيو ٿيڻ به ان مسئلي سان ناانصافي ٿيندي. اهو ان لحاظمثال طور سان ته "استادن جي و گوسڙو" هجڻ تي ته واويلا ڪجي پر ان جي پٺيان گهڻ طرفن سببن تي نه اچجي! رياست جو اوليتن تي نه اچجيسوال ئي لڪائي ڇڏجي! ان نظام (سرمائيداري) تي نه اچجيته اڪر ئي نه لکجي. جنهن اندر تعليم سان جُٺ ٿيندي هجي وغيره وغيره. ڪجهه انگن اکرن وٽڻ سان خبر پئجي وڃي ٿي ته آمريڪا جهڙو مهذب (نالي ماتر) ملڪ به هڪ وڏو پاڪستان ئي آهي جنهن ملڪ ۾ 2009ع ۾ ڊفينس تي 54 سيڪڙو، تعليم تي 6.2 سيڪڙو ۽ صحت تي صرف 5.3 سيڪڙو بجيٽ جو خرچ ڪيو ويو هجي تهويندو آهي. ان مان صاف ظاهر آهي ته هٿيار جو قلم تي قبضو آهي. تنهن ڪري اِن معاملي ڪي کولڻ ۾ چٽو ڪرڻ ترقي پسند تنظيمن ۽ دانشمند فردن جو ڪم هجي ٿو

نکي اين جي اوز جي دهلاري دانشورن جو جن جون ٺنگون ۾ عقل صرف پراجيڪٽس جي فنڊن ۾ خرچن تي آڌاريل هجن ٿا. جن جو سچ صرف اهو ئي هجي ٿو جيڪو پراجيڪٽس ثابت ڪرائڻ چاهين ٿا.
هڪ استاد گوسڙو هجي ٿو، ڊاڪٽر، وڪيل ۽ پيا پبلڪ سيڪٽر جا فرد گوسڙو هجن ٿا پر آرمي جو ڪو آفيسر يا سپاهي گوسڙو ٿو هجي ائين ڇو؟؟؟ استادن جون ڊيوٽيون پنهنجي علائقي کان ٻاهر مقررين هجن ٿيون ته نه ته ٽرانسپورٽ جي سهولت هجي ٿي ۽ نه ڍنگ جي رهائش پر جتي به آرمي جو ٺڪاڻو هجي ٿو اتي ڪينٽ ايريا هجي ٿي، CMH اسپتال هجي ٿي، حڪومتي سسبڊي سان سستي اگهه تي گيهه، چانور ۽ پيون راشن جون شيون ملن ٿيون ائين ڇو؟؟ اوهان صرف حيدرآباد جهڙي علائقي ۾ CMH مان نڪري لال بتي اسپتال وڃو ته ائين لڳندو ته ڄڻ اسرائيل مان نڪري فلسطين پهچي وياسين، اوهان ڪيڊٽ ڪاليج مان نڪري ڪنهن سرڪاري ڪاليج ۾ وڃون ته ائين لڳندو ته ڄڻ پهرين دنيا مان نڪري ٽين دنيا ۾ اچي ويا؟؟ اهو سڀ عمل ڀاڻ مرادو ڪونهي، رياست جي اوليت جو سوال به آهي، پر دهلاري دانشورن وٽ اهو سوال ئي نه آهي. سيڪورٽي ادارن جي 14 هين گريڊ جي ماڻهوءَ کي گولي هلائڻ جا اختيار هجن پر تعليم کاتي جي 17، 18 هين ۾ مٿين گريڊن جي ماڻهن سان هر ويلي جٿ ٿيندي هجي ته پوءِ معاملي کي گهڻ طرفو سمجهڻ ۽ وائکو ڪرڻ واجب بڻجي وڃي ٿو.
هونئن ته پنهنجو مقصد سنڌ جي تعليمي بحران تي لکڻ آهي پر جيئن ته سنڌ جو تعليمي سرشتو هن ملڪ جي مجموعي تعليمي سرشتي ۾ عالمي سرمايي جي اثر هيٺ آهي تنهن ڪري پاڻ پنهنجي مضمون کي هيٺين نقطن ۾ ورهائينداسون:
(الف) سرمائيداري نظام اندر تعليم جي بيهڪ ۽ اهميت.
(ب) سنڌ ۾ پاڪستان اندر تعليمي نظام بابتمطعلق ڪجهه انگر اکر.
(ت) سنڌ جو تعليمي سرشتو، ڪجهه حل ۽ تجويزون.

(الف) سرمائيداري نظام اندر تعليم جي بيهڪ ۽ اهميت:



سـذي يا اڻ سـذي
ريت جــــــيئن ته تعليم
پنهنجي سـماجي نظـام
جي پيـــداوار هونــدي
آهيتعليم جو ســـــوال،
سياسي معاشي نظـــام
سان جڙيل وسال هونـدو
آهي، ان كــــري لازمي
آهي ته اسـان سـرمائي
جي سرشـــــتي ۾ تعليم
جي بيهڪ کي سمجهون (پاڪستان جيئن ته عالمي سـرمائي تي
آڌاريندڙپلجندڙ جاگيرداري نما سـرمائيدار ملڪ آهي تنهن ڪـري
اسـان سـرمائيداري نظـام جي نسـبت ۾ پاڪسـتان جي تعليمي
سرشتي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون). پهـرين ڳالهه ته
هِن نظام اندر تعليم ڪو ڪُلي انساني ترقي يا آزادي جي ضامن
نه بلڪه سرمائي جي پيداوار جو ذريعو، سرمائي جي سيڙپ جو
هڪ شعبو ۽ سرمائي سان نهڪندڙ نظرين جي حڪمـراني قـائم
رکڻ جو ذريعو آهي. جنهن سـبب تعليم جي فـني پاسن (سي به
گهٽا ٽٽا جنگي مقصدن لاءِ) جي ته تمـام گهـٽي اوسر تي آهي پر
تعليم جي نظرياتي پاسن جهڙوڪ تاريخ، فلسفو ۽ منطق وغيره
کي اڻ چٽو ۽ اڻ اسريل رکيو ويو آهي. صرف انهن موضـوعن ۾
شـعبن جو مـارڪيٽ قـائم ڪيو ويو آهي جيڪي هن نظـام کي
هلائن، وڌائن ۽ سفل بڻائن، جهڙوڪ انگريزن جڏهن هندسـتان ۾
1800 ۾ فـورٽ وليم ڪـاليج کوليو ته ان ۾ تـاريخ ۽ فلسـفي
جهڙن موضوعن تي پابندي مڙهي هـئي ۽ صـرف برطـانوي راڄ
کي هلائڻ لاءِ ڪلرڪَ پيدا ڪرڻ جو ڪم ڪيو ويو سونپيو هيو. اڄ
به لڳ ڀڳ ساڳي حالت آهي، سي اَي (CA)، ايم بي اي (MBA)
۾ پيون اهڙيون ڊگريون ڪرڻ وارا ۽ بينڪنگ شعبي ۾ ڪم ڪرڻ
وارا فـرد لکن ۾ پگهـارون کڻن ٿا پر تعليم جهـڙو بنيـادي ڪم
ڪـرڻ زيـور ڏيڻ وارن فـردن جـون پگهـارون ۾ سـماجي رتبو
انتهائي ڪمزور آهي. اڄ به سنڌ ۾ پاڪستان ۾ تـاريخ ۾ فلسـفي
جهڙن موضـوعن ۾ ڊگريـون ڪـرڻ وار فـرد ننـڌٽڪا لڳا پيا آهن.
تاريخ ۽ فلسفي ڪـان وانجهيل سـماج جـڏهن ونډ ۾ ڪَٽ جهـڙي

”واٽڪي ڏنڌي“ (بينڪنگ) اٽڪي ٿو ته اتان جي سماجي روين رشتن به ”دڪانداري نفسيات“ ئي جنم وٺي ٿي پڙهيل لکيل طبقو سياسي سماجي تحريڪون پيدا ڪرڻ بجاءِ فردي ترقي جي ڊوڙ ”رجعتي طاقت“ (Conservative Froce) جو ڪردار ادا ڪري ٿو.

سرمايو اڄ جي دور نظرياتي طرح لبرل ازم يا پوسٽ ماڊرن فلسفي، معاشي طور بينڪنگ ڪيپيٽال سياسي طرح سامراجيت جي شڪلين اُسري آيو آهي. هڪ طرف آءِ ايم ايف ورلڊ بئنڪ جو راڄ آهي ته ٻئي طرف ناٽو (NATO) جو. اهو سڀو معاملو تعليم جهڙي شعبي سڌي طرح اظهارجي رهيو آهي. اڄ جي دور به وڏ کان وڏ ريسرچ واپار، صحت انساني سهولتن جي سامان بجاءِ جنگي اوزارن هٿيارن تي ٿي رهي آهي. اڄ به ٽين دنيا جا ماٽهو بک وگهي مليريا جهڙي خسيس بيماريءَ مرن ٿا، انساني بنيادي سهولتون ميسر نه آهن پر پوءِ سرمائي جو مارو هٿيارن جي واپار پيداوار تي ڪاسميٽڪس تي، جنگي جنونيت وڌائڻ تي آهي. جمهوريت جو دعويدار آمريڪا اڄ سڄي دنيا دهشتگردي پوکيندو پيو وتي، افغانستان مان طالبان ڪٽي لبيا جهڙي سيڪيولر ملڪ ٿاقيندو وتي. مڊل ايسٽ داعش آفريڪا بوڪوحرام جهڙيون تنظيمون، فرد گروهه پيدا ڪري جنگي جنونيت سماج عدم استحڪام جي لهر پيدا ڪرائي هٿيارن جو واپار وڌايو مستقبل ٻٽايو پيو وڃي، پوري دنيا جي تباهي جي قيمت تي پنهنجي تعمير ڪندو پيو وڃي. ان ڳالهه کي هيٺين انگن اکرن مان جانچي سگهجي ٿو ته آمريڪا جي آبادي دنيا جي ڪل آبادي جو 5 سيڪڙو آهي پر دنيا جي ڪل ملٽري خرچن جو 40 سيڪڙو کان به مٿي رڳو آمريڪا جو آهي (640 بلين ڊالرس ساليانو خرچو اٿس، ٻئي نمبر تي چين 188 بلين ڊالر، روس 87.8 پين ملڪن جو ان کان به گهٽ آهي). يعني ته سڄي دنيا هڪ طرف لٺ سردار آمريڪا ٻيئهڪ طرف. 2007ع آمريڪا عراق جنگ دوران 11 بلين ڊالرس خرچ ڪيا جيڪي آمريڪا جي 2 لک 20 هزار استادن جي سموري سال جي پگهارن جي برابر آهي عراق جنگ دوران هر 5 سيڪنڊن ايترو خرچ ٿئي پيو جيترو ڪو هڪ آمريڪي سراسري طور پوري

سال ۾ ڪمائي ٿو. ان ڳالهه ڪي اجان به تفصيل سان چاٽ لاءِ پاڻ مختلف ملڪن ۾ صحت، تعليم ۾ دفاعڊفينس تي خرچ ٿيندڙ بجيٽ ۾ جي ڊي پي تي هڪ نظر هيٺ ڏنل چارٽ ذريعي وجهنداسون ۾ چاٽ جي ڪوشش ڪنداسون ته مختلف ملڪن ۾ ڪهڙن شعبن کي ڪهڙيون اوليتون آهن.

s. no	T0p 10 GDP in education	Students per teacher (random selection)	Top 10 best educated countries	T0p 10 GDP in Health	Patient per Doctors	Top 10 military expenditures in US billion dollars	T0p 10 GDP on military	Top 10 budget allocations on military
1	Cuba 18.7	1. Central African republic 68.13	South Korea	Cuba 170 Liberia 19.48 %		United States 645.7	Oman 11.4%	UAE 45.7%
2	Vanuatu 11%	2. Pakistan 41.86	Japan	Sierra Leone 18.84 %	Belarus220 Belgium 220	China 188	Qatar / Saudi Arabia 10%	Pakistan 23.1%
3	Lesotho 10.4	12. Afghanistan 31,56	Singapore	USA 17.85 %	Russia 230 Greece 230	Russia 87.8.	Iraq/ Jordan 8.6%	Iran 21.7%
4	Saint Vincent Grenadines 10%	16. Bangladesh 30.62	Hong Kong	Tuvalu 17.31 %	Georgia 240 'Italy 240,Ukraine 240,Turkmenistan 240	Saudi Arabia 67	Israel 7.3%	USA 19.3%
5	Yemen 9.5 %	36. 25.29	Finland	Marshal Island 16.54 %	Lithuania 250	France 61	Yemen 6.6%	Russia 18.7%
6	Brunei 9.1%	82. Srilanka 17.26	UK	Micronesia 13.42 %	Uruguay 270	United Kingdom 57.9	Eretria 6.3%	India 18.6
7	Mongolia 9%	96. China 15.15	Canada	Lesotho 12.76 %	Bulgaria 280 Iceland 280 Kazakhstan 280 Switzerland 280	Germany 48.8	Macedonia 6%	China 18.2%
8	Demark 8.5%	108. USA 14.49	Holland	Netherland 11.96 %	Portugal 290	Japan 33.9	Burundi 5.9%	Morocco 13.6
9	Guyana 8.4%	170. Finland	Ireland	France	France 300	North Korea	Maldives	South Korea

		9.6		11.63 %	Germany 300 Hungary 300 South Korea 300 Spain 300	39.8	5.5% Mauritania 5.5%	12%
10	Malaysia 8.1%	181. Russia 8.47	Poland	Moldova 11.37 %	Denmark 310 Sweden 310	India 33.9	Kuwait 5.3%	Colombia 11.9%
Extra data		182. Cuba 182	13. Russia	165. India 3.87%	69.Pakistan 1400	27, Pakistan 7	40. Pakistan 3%	
		195. San Marino 4.11	14. USA	171. Bangladesh 3.72%	71. India 1700		60. India 2.5%	
				183. Pakistan 2.51%	88. Bangladesh 3800		112. Bangladesh 1.3%	

حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته دفاعيملٽري خرچن □ آمريڪا ته سپني ڪان اڳيان بيٺو آهي پر هندستان به ڏهين □ پاڪستان 27 GDP 0.21 ياد رهي ته پاڪستان جي ڪل) هين نمبرِ تي آهن، □ هندستان جي 1.68 ٽرلين ڊالرس آهي. انڊيا جي ايراضي □ پاڪستان ڪان 4.22 ڀيرا وڌ□وڌيڪ، آبادي 6 ھوڻ تي وڌيڪ ٻئي (.پاڪِسڪتان ڪان انوڻ تي وڌيڪ اٿس GDP آهي پر پوءِ به (UAE) طرف دفاعي بجيت ڪي ڏسبو ته متحده عرب امارات سپني ڪان اڳيان، پاڪستان ٻئي نمبرِ تي، ايران ٽئين، آمريڪا چوٿين □ هندستتان 6 هين نمبرِ تي اچن ٿا (يعني پيارو پاڪستان ان معاملي □ هندستان ڪان گوءِ ڪٽي ويو) پر تعليمِ واري شعبي GDP □ انهن چگن مڙسن مان ڪير به اڳيان نه آهي. تعليم تي جو گهٽي ڪان گهٽو سيڪڙو خرچ ڪندڙ ڪيوبا جهڙو غريب ملڪ آهي، ٻين ننڍن وڏن ملڪن سان گڏ ملائيشيا به 10 نمبرِ تي آهي. آمريڪا 63 نمبر تي، هندستان 134 تي، بنگلاديش □ پاڪستان 164 نمبرِ تي آهِني (ڏيو منهنِ! پيارو پاڪستان ملٽري بجيت □ ٻئي نمبرِ تي ته تعليم تي □164 هين نمبر تي! ان ڪي چئبو آهي ماٺيلي ماءُ وارو سلوڪ).هڪ اٹ هوند ٻيو افعال ٻچڙا.) هڪ رپورٽ مطابق استاد- شاگرد جي تناسب □ سينٽرل آفريڪن ريپبلڪ نالي ملڪ 68.13 ٻارن تي هڪ استاد مقرر ڪري ٿو جيڪو استادن جي گهٽ □ گهٽ شرح ڪي اظهاري ٿو. ان معاملي □ پيارو پاڪستان دنيا □ ٻئي نمبرِ تي آهي يعني

41.86 پارن تي هڪ استاد پين ڪجهه ملڪن ۾ اها شرح ڪجهه هيئن آهي. افغانستان 31.26، آمريڪا 14.49، چين 15.15، برطانيه 14.27، ملائيشيا 13.72 پارن تي هڪ استاد وغيره گهٽ ۾ گهٽ پارن تي وڌ ۾ وڌ استاد مقرر ڪرڻ ۾ پهرين نمبر پارن تي هڪ استاد، پئي 4.11 (San marino) تي سين مارينو نمبر تي ڪيوبا 8.43 پارن تي هڪ استاد، ٽئين نمبر تي روس 8.47 پارن تي هڪ استاد مقرر ڪن ٿا. فِن لينڊ ۽ ڊينمارڪ به اٿن ويجها ويجها.
صحت ۾ پين انساني بهبود جي شعبن جو به مڙئي حال ساڳيو جي خرچ ۾ آمريڪا ٽئين نمبر تي آهي پر GDP آهي. صحت تي جيڪڏهن مريض ۽ ڊاڪٽرن جي نسبت ڏسبي ته گهٽ ۾ گهٽ مريضن تي وڌ ۾ وڌ ڊاڪٽر جي تعداد ۾ ڪيوبا پهرين نمبر تي، بيلارس ۾ بيلجيم پئي ۾ روس ۾ يونان ٽئين نمبر تي آهن.. آمريڪا ۾ ___________ پاڪستان 1400 مريضن تي هڪ ڊاڪٽر، هندستان 1700 ۾ بنگلاديش ۾ 3800 مريضن تي هڪ ڊاڪٽر آهي.
اهي سپ انگ اکر ڏسڻ ڪانپوءِ ذهن ۾ هڪ باراٽو سوال اڀري ٿو ته آمريڪا، هندستان، پاڪستان وغيره صحت ۾ تعليم ۾ ايترو پوئتي آهن يا گهٽ خرچ ڪن ٿا ۾ جنگين تي تمام گهڻو ته هو آخر جنگي خرچا گهٽائن ڇو نه ٿا، آمريڪا جيڪڏهن جمهوريت جو نالو وٺي عراق، افغانستان، ويتنام وغيره ۾ ڪاهي پوي ٿو (اهو ائين ئي آهي جيئن ڪنهن زماني ۾ عرب پنهنجو سامراج قائم ڪرڻ لاءِ غير عرب ملڪ تي اسلام جي نالي جي اوٽ ۾ ڪاهي پيا) ته پوءِ آفريڪا ۾ اناج، صحت ۾ تعليم ڇو نٿو ڪٽي پهچي؟؟ جيڪڏهن هو ايف 16 جهاز، ميزائيل ۾ جنگي ٽيڪنالاجيز پين ملڪن کي ڏئي سگهي ٿو ته سوويت يونين وانگر اسٽيل ملون ڇو نه؟؟ جنگي مقصدن لاءِ ڊرون نهي سگهن ٿا ته دنيا مان آلودگيءَ جو خاتمو ڇو نه؟؟ وغيره. اهو سپ ڪجهه ان لاءِ آهن جو جنگيون سامراج کي قائم رکڻ ۾ سرمائي جي اڻ برابري ورهاست کي قائم رکڻ جو لازمي پاسو آهن. ان کي سمجهڻ سولو آهي، جيڪڏهن پاڪستان ۾ امن ٿي وڃي ته ماڻهو سهولتن جي گهُر ڪندا، بجلي گهرندا، صحت گهرندا، روڊ رستا گهرندا. ان ڪان جان ڇڏائڻ لاءِ رياست ماڻهن کي دهشتگرد بڇي موت ڏيکاري پوءِ بخار آڇي ٿي ته ماڻهو اُن بخار کي به غنيمت سمجهي ڳلي لائين ٿا. ائين ئي آمريڪا به دنيا کي طالبان جو دهمان ڏئي، حملا ۾ قرلٽ کي جائز بڻائي سڄي دنيا

تي راتاها هڪ طرف، سياسي غلبو ٻئي طرف، هٿيارن جو واپار
ٽئين طرف قائم ڪيو ويٺو آهي. دنيا جهنم پر سرمائي جي
سيڙپ وارا گروهه ۽ ڪمپنيون ارب ۽ ڪرب پتي ۽ انهن لاءِ هر
طرف جنت ئي جنت ته پوءِ آخر هنن کي کهڙي چتي ڪتي ڪاڏو
آهي جو دنيا کي پائپي ۽ علم جو درس ڏين يا اُپاءَ وٺن. تاريخ ۽
فلسفي کي ونڊ ڪٽ تي اوليت ڏين. جدليات ۽ منطق پڙهائڻ
کي فرض سمجهن!!!

(ب) پاڪستان ۽ سنڌ اندر تعليم بابت ڪجهه انگ اکر:
نائيجيريا کان پوءِ پاڪستان ٻئي نمبر تي اهو ملڪ آهي جنهن جا
وڌ ۾ وڌ اسڪول واري عمر (5 کان 16 سالن) جا ٻارَ اسڪول
کان ٻاهر هجن ٿا، نائيجيريا ۾ 105 لک ۽ پاڪستان ۾ 55 لک ٻار
اسڪولن کان ٻاهر آهن. (ياد رهي ته هندستان جي آبادي
پاڪستان کان پنجوڻ تي وڌيڪ آهي پر پوءِ به اسڪولن کان
ٻاهر ٻارن جو سيڪڙوي شرح پاڪستان کان 3 پيرا گهٽ اٿس)
سينٽرل آفريڪن ريپبلڪ کانپوءِ پاڪستان ٻئي نمبر تي آهي
جنهن ۾ شاگردن جي تناسب سان گهٽ ۾ گهٽ استاد هجن ٿا.
يو اَي اِي کانپوءِ پاڪستان ٻئي نمبر تي اهو ملڪ آهي جيڪو
گهٽي کان گهٽي بجيٽ دفاعملٽري تي خرچ ڪري ٿو ۽ تعليم تي
خرچ جي حساب سان 164 نمبر تي آهي.
پاڪستان ۾ لڳ ڀڳ ساڍا 6 هزار اسڪول بند پيل آهن. جن کي
”گهوسٽ اسڪولس“ چئجي ٿو. سنڌ اندر هر ستون اسڪول
گهوسٽ آهي ۽ پاڪستان جي هر 4 گهوسٽ اسڪولن مان 3
سنڌ ۾ هجن ٿا (ڪجهه عرصو پهرين هڪ دوست گهوٽڪي ۾
ڪنڊڪوٽ مان ٿي آيو، اهو ٻڌائي پيو ته اتي 10-12 گهرن ته
ڪٿي ڪٿي 4-5 گهرن تي ڳوٺ مشتمل هيو ۽ هر ٻئي ڳوٺ وٽ
پرائمري اسڪول هيو پر اتان جا 80 سيڪڙو اسڪول بند هيا پڇا
ڪرڻ تي خبر پئي ته اهي اسڪول اتان جي منسٽرن پنهنجي
چمچن کي نهرائي ڏنا آهن صرف اِن مقصد لاءِ ته ڪين بنا
پڙهائڻ جي نوڪري ۽ پگهار ڏياري سگهجي، اهڙن اسڪولن جي
موجودگي نج سياسي بنيادن تي آهي) اها ٻي ڳالهه آهي ته
جيڪي ڪم ڪن پيا انهن مان 77 سيڪڙو سرڪاري اسڪولن
جون عمارتون غير معياري هجن ٿيون ٻيو ته نهيو گهڻن ۾ ته
بنيادي سهولتون جهڙوڪ واش روم وغيره به نه هجن ٿا.

سنڌ ۾ ڪل 47 هزار 4 سو اسڪول آهن، جن مان 91 سيڪڙو پرائمري ۽ 9 سيڪڙو مڊل ۽ هاءِ اسڪول آهن پاڪستان اندر ڪل اسڪولن، ڪاليجن، استادن ۽ شاگردن جا انگ اکر هيٺ ڏنل چارٽ ۾ ڏجن ٿا.

Name of institutes	No. of Institutes	No. Of students	No. of teachers
Primary schools	1 60,000	29 millions	450, 000
Middles schools	41951	5.72 millions	334984
High schools	25209	2.73 millions	452779
Colleges and higher secondary schools	3435	1.30 millions	81183
Degree colleges	1558	1.02 millions	36349
Universities	135	1.5 millions	63557

پاڪستان اندر تعليم جي شرح 55 سيڪڙو آهي يونيسڪو UNESCO جي رپورٽ مطابق يو اين (UN) جي 120 رجسٽرڊ ٿيل ملڪن مان پاڪستان 113 نمبر تي آهي. جنسي متييد به پاڪستان ۾ تمام گهڻو آهي. 10 مردن جي پيٽ ۾ صرف 4 عورتون پڙهيل هجن ٿيون. پاڪستان جي صوبن جي صورتحال ڪجهه هينئن آهي:

علائقا	مردن جي تعليمي شرح	عورتن جي تعليمي شرح
پنجاب	69%	50%
سنڌ	71%	45%
خيبرپختونخواه	69%	31%
بلوچستان	62%	23%
فاٽا	29.5%	3%

سورج کا شہر، گوادر

شاہ محمد مری

(زیر نذر مضمون مصنف کی کتاب "سورج کا شہر- گوادر" کا ایک حصہ ہے جو کوئٹہ سے شایع ہونے والے ماہنامہ میگزین "سنگت" کے اکتوبر والے شمارہ میں چھپا تھا، جویہ بتاتا ہے کہ گوادر کا شگر پروجیکٹ کو اسکو دھرتی کے بیٹے کی آنکھ کس طرح دیکھتی ہے۔ ادارہ)




اگلے دن بندرگاہ کا ایک افسر، داؤد بلوچ ہمیں پورٹ میں گھما رہا تھا۔جب ہم چینیوں کے رہائشی دفتری علاقے سے گزر رہے تھے تو وہاں مجھے دیوار پر ایک چینی کہاوت (انگریزی میں ترجمہ شدہ) بہت ہی موٹے الفاظ میں لکھی نظر آئی۔ میں نے وہ فقرہ پڑھا ۔اور جیند خان، ضیا شفیع اور داؤد بلوچ کے لیے دوبارہ اُسے زور زورسے پڑھا ۔ اس سے ہمیں چین کی آج کی صورت حال، گوادر پر اُس کی مہربانی، اور پاکستان کے ساتھ اُس کی گہری دوستی کا سارا فلسفہ پہلے سے زیادہ شفاف اور وضاحت سے سمجھ میں آگیا ۔ فقرہ تھا: " پیسے کے بغیر ایک شخص اُس

کمان کی طرح ہے جو تیر کے بغیر ہو“۔

ہت تیرے کی! اب میں سمجھا ہوں تیرے رخسار پہ تل کا مقصد ہے تم اپنے کمان کے لیے تیر کی تلاش میں ہو، اُس ٹرک سے بھی بدتر جس کے پیچھے لکھا ہے؛ ” ڈالر کی تلاش ، لوڈ کی پروا نہیں“ پیسہ جس کسی کا بھی زندگی کا مقصد ٹھہرا، زمانے نے اُسے انسانی شرف اور عزت مندی سے دور دیکھا۔

میں دوستوں کو مشورہ دوں گا کہ وہ آج کے چین کو سمجھنے کے لیے امریکی ” کاؤ بوائے“ سلسلے کی دو چار فلمیں دیکھیں، انہیں سونا اور سفاکیت کی جوڑی سمجھ میں آئے گی۔

بھئی، کپٹلزم اخلاقیات پہ زیادہ بھروسہ نہیں کرتا۔ دوستیاں ،اور وفاداریاں منافع خوری میں کسی کام نہیں آتیں۔ چین ”پیسہ ازم“ کی طرف رواں دواں ملک ہے۔ ہمارے کچھ احباب ابھی تک پچھلی صدی کی ساٹھ کی دہائی والی چینی روسی جھگڑے کے نفتھالین بھرے آکسیجن سیلنڈر میں جی رہے ہیں۔ اُن کے پیشِ نظر راہداریوں کے نام پہ انفراسٹرکچر کی فوری معاشی، کلچرل اور سیاسی قیمت ہے ہی نہیں۔ ذہنی طور پر پرانے زمانے کے اِن دوستوں سے کیا مباحثہ، ہمیں تو تیر اور کمان کی بات پہ غور کرنا ہے۔ یہ اندازہ ہوا کہ ہمارے انفراسٹرکچر پر اس قدر اضافی پیسے لگانے سے چین کی کمزور ہوتی معیشت کو مدد ملے گی۔ اس کی کمپنیوں کو زبردست اور دیر پا منافع ملے گا۔ اسے اپنے زرمبادلہ ذخائر پر مالی منافع میں اضافہ کرنے میں مدد ملے گی۔



اس وقت صورت حال یہ ہے کہ چین گلف کے تیل کو خلیج ملا کا کے ذریعے اپنے بحرالکاہل کے ساحل تک لے جاتا ہے۔ چین پُر خطر ملا کا خلیج پر انحصار کو ختم کرنا چاہتا ہے اس لیے کہ اِن جزائر پر بہت جھگڑا رہتا ہے۔ دراصل چین، عرب خلیجی ممالک کے تیل اور توانائی کو مغربی چین تک لے جانا چاہتا ہے۔ اس کی اس اہم خواہش کا جواب گوادر کے پاس ہے۔ گوادر گہرے پانیوں کی بندرگاہ کے بطور بے شمار فوائد رکھتا ہے۔ یہ قریب ترین روٹ مہیا کرتا ہے اور یہ بندرگاہ ہر موسم اور پورا سال چلنے والی ہے ۔

منصوبہ یہ ہے کہ چین عرب خلیج کے ذریعے گوادر تک آئے۔ گوادر کو سڑک اور ریل کے ذریعے پاکستان کے شمال میں قراقرم شاہراہ سے ملایا جائے۔ یہ روٹ اُسے ملا کا روٹ سے بہت نزدیک پڑتا ہے ۔ خلیجی عرب دنیا سے تیل سیدھا، توانائی کے لیے بھوکے اندرون چین تک۔

تو دوستو! یہ صرف بوٹھوہار نہیں جسے گرم پانیوں کی تلاش ہے بلکہ یہ تو پیکنگ بھی ہے جسے راہوں کو مختصر کرنے والا پانی چاہیے۔ اِس بین الاقوامی اور قریب تر روٹ کو چین کی کیٹلزم کی خدمت میں دینے کی آرزو کو تکمیل بخشنا ہے۔چین گوادر سے کاشغر تک اپنا مال لانا لے جانا چاہتا ہے۔

بارہ ہزار میل کا فاصلہ کم ہوکر 2395 کلومیٹر رہ جائے گا۔

اِس کے علاوہ چین کا مغربی علاقہ بسماندہ ہے۔ اس نے اسے ” ترقی “ وغیرہ دینا ہے۔ گوادر اُس کے لیے تو یوں گیم چینجر ہے کہ اس کی مسافت کم ہوجائے گی، ہمارے لیے اس لیے گیم چینجر ہے کہ یہاں شناخت، ملکیت اور اقتدار اعلیٰ کا خاتمہ ہوجائے گا۔اور، ایک مدہم وموہوم و غیر یقینی ہماری قومی بصیرت کی آنتڑیاں اکھاڑتی رہے گی۔

لہٰذا ہمیں چین کی شرافت معلوم ہونی چاہیے۔ ہمالیہ سے اونچا یہ دوست تو سمندر کی گہرائی سے ہماری ہڈیاں تک نکال لے جانے کو کدالیں بیلچے لیے آن موجود ہوا۔چین کے ساتھ جو نظریاتی رشتے تھے وہ اُس دِن بخارات بنے جس دن سے اس نے سوشلزم سے بے اعتنائی برتنی شروع کردی اورسرمایہ دار ی کی مکھیوں مچھروں کی آمد کے لیے کھڑکیوں کی جالیاں اکھاڑ پھینکیں۔ اب وہ بلوچ عوام کو مدد دینے نہیں بلکہ ہم غریب لوگوں کا پیٹ چیرکر اپنی تجوریاں بھرنے آتا ہے۔یہ گوادر ، یہ کوسٹل ہائی وے ، یہ رنگینیاں، یہ چِینیاں، یہ چَینیاں، یہ وفود یہ دورے ، یہ چکا چوند، یہ دبئی گیریاں ہمارے وقار و خزانوں کا دوپٹہ نچوڑ ڈالنے کے لیے ہیں۔



کون کہتا ہے کہ گوادر نہ بنے، اس کا پورٹ نہ بنے، اُس کی بے مثال ترقی نہ ہو۔ مگر بیل کے مالک سے یہ پوچھنا ضروری ہوتا

ہے ناں کہ وہ اپنے بیل کو ہل چلانے کے لیے استعمال کرنا چاہتا ہے یا ذبح کرنے کے لیے۔ اِدھر مصیبت یہ ہے کہ بلوچستان ایسا نازک ہے جیسے پیلوں کے درخت پہ لگا پھل جو بالکل آبلے کی طرح ہے، ذرا ہاتھ لگا نہیں آبلہ پھٹ گیا۔ ہماری آبادی میں ایک لاکھ بھی گھس جائیں تو سمجھو بلوچ اقلیت ہے۔ احتیاط تو صرف ماں ہی کرسکتی ہے، تاجر ایسی ناز برداریاں کہاں کرتا ہے۔ دکان اور بلوچستان کبھی دوست نہیں بن سکتے۔

اُس روزمیں نے آس پاس نظریں گھما کر دیکھا،اس سمندر کن (بمشابہ گورکن) کے گھینتی بیلچے کی حفاظت کو لوگ موجود تھے!۔

گوادر ایک مستقبل بدبختی ہے اور بدبختی کا منیجر اور ہیڈ ماسٹر تو سب سے بڑا بدبخت ہوتا ہے ۔ جس کے ہاتھ یہ بدبختی لگی وہ برباد ہوا ہے یہ بدبختی پیدائشی طور پر بلوچ کے ساتھ تو ہے ہی، مگر جس بھی خارجی نے اس کی چمک دمک کا دھوکہ کھایا وہ دوبارہ پیروں پہ کھڑا نہ ہوا۔ ایسا زندہ کیکڑوں بھرا نوالہ جو کھانے والے کے گلے میں اپنے کانٹوں نوکوں سے بری طرح چپک جائے، نہ نگلا جائے نہ اُگلا جائے۔ مرگ تک ۔

ہم سیاہیں ڈِک (سیندک) میں چینیوں کے ہاتھ بلوچ کا لُٹنا دیکھ چکے ہیں۔ میں آپ کو یقین دلاتا ہوں کہ سامراج (جو کہ سرمایہ داری نظام کی معراج کا نام ہے) جب کسی سونا چاندی والی جگہ سے واپس جاتا ہے تو پیچھے نہ سونا بچتا ہے اور نہ

کاپر ہے بس انسانی آہوں، پشیمانیوں اور احساسِ
شکست کے کھنڈرات چھوڑ جاتا ہے۔

گوادر کی ” ترقی ، تنزلی “ کا تھرمامیٹر تو
پراپرٹی ڈیلر ہیں۔ یہاں تو اُس کے ” پراپرٹی “ کے
ڈیلر بھی ناچ رہے ہیں اورگوادر بے چارہ خود بھی
دوسروں کی وجہ سے ناچ رہا ہے۔پراپرٹی ڈیلرز
کبھی تُو تُو بجاتے آتے ہیں کبھی بَین کرتے جاتے ہیں۔
اور یہ پراپرٹی ڈیلر ہیں کون؟ یہ ڈیلر ہیں یارے
پراپرٹی کی صورت کچھ بھی ہو سوات اور بھجہ کے
بائے کے بیچ ڈیلنگ ہو یا بحریہ ٹاؤن اور بل نگوئر کے
بیچ جسمانی عصمت کی ہو یاماں زمین کی ۔

چنانچہ گوادر کا ڈیلر پہلی بار جب آیا تھا تو گوادر
نے اُس سے امید سے کرلیا تھا ۔ پھر ادھر ادھر کوئی
سمال یا بِگ بیننگ ہوا تو حمل ضائع اور وہ واپس اپنے
وطن چلا گیا۔ مگر اونٹ تو دس برس پرانی چراگاہ
کو بھی یاد کرکے رسیاں تڑوا کر وہاں جاتا ہے۔ ڈیلر
بھی پیسے اُسے کھینچ لے تو گوادر دھکیلے بیشہ ور
روں کا بھی اعتماد ہوتا ہے۔ اعتماد بحال یا ٹوٹ سکتا
ہے۔ ” اُن “کا بھی ڈیلر اپنے پیسے کی تولید درتولید
کی خاطر ملک و قوم کی خیر و برکت کو بانجھ پن کا
آپریشن کرنے کو کہہ وقت تیاررہتا ہے۔

بہر کیف چین کی راہداری کی نئی کروٹ کے
ساتھ ڈیلر پھر واپس آنے لگے ہیں کبھی کبھی
”راہداری“ لفظ کے پرانے معانی کو نئے میں ڈھلتے
ہوئے عجب محسوس ہوتا ہے۔ راہ ، راہ داری،
سپردگی، خود سپردگی........ کیا کیا لفظ ہیں۔

ڈکشنری میں□

پھر ی□ ڈیلر خــود کچھ بھی ن□یں □یجب تک لینــڈر یونیو میں موجود کوئی ” بُڑھیــا“ ان کی را□ □مــوار ن□ کر□□ اور ” بڑھیاؤں“ ک□ □اتھ تو اس قــدر لمــب□ □وت□ □یں ک□ گــوادر س□ سـول سـیکریٹریٹ کـوئٹ□ اور فلاں فلاں سیکریٹریٹ تک ایک پوری زنجیر □وتی □□ □ □ □ائ□ ر□ کــارل مــارکس، تم□یں بھی تب مرنا تھا جب گــوادر کی ” گــا□“ ابھی جُــتی ن□ تھی□ار□ ی□ منــڈی تو ابھی سـجی □□□ خوشـبو، بـوتلیں،کٹـور□، جھنجـن□ ، تـاپ ، تھـــــاپ،دھـــــــوتی ٹـــــائی، نغم□، آواز، لکھنـــــــو، کوٹھا،حق□........□

گوادربلوچســتان ن□یں ،پلاٹســتان □□ □ گــوادر میں پلاٹ انڈ□ دیتا□□□ □م آپ تصـور تک ن□یں کرسـکت□ ک□ ارزاں فروشی کس□ □ک□ت□ □یں □ □م مـــــــــڈل کلاس پـارٹیوں کو سـمجھات□ سـمجھات□ عمر بتا چک□ □یں ک□ ” رمــوزِ ســرکار ســرداراں می دانند !! ســائیں“□ اور سردار وزرائ□ اعل□ ک□ فیصل□ تم مخلوط و رنگ برنگی بیساکھیوں ک□ مڈل کلاسـی□ ک□اں Undoکرسـکت□ □و□ قاری ، کیا آپ کو پت□ □□ ک□ گـوادر ایـئر پـورٹ ک□ لـی□ جو زمین گئی و□ لندن ک□ □یـترو ایـئر پـورٹ ک□ رقـب□ س□ دوگـنی □□؟□........گـوادر اور □یتھــرو!□ چنــانچ□ سب کچھ پلاٹســتان قــائم کرنا □□□ نقلی میگا ، نقلی پراجیکٹس ، نقلی شوشا□ بس پلاٹ اصلی□

زمینوں پر قبض□ کرن□ ، خریـدن□ اور الاٹ کـرن□ ک□ تماش□ تو □م سب ن□ دیکھ□ □وئ□ □یں□مگر اصل بات تو چین اور گـــوادر کا □□□ معا□دوں اور معا□دوں ک□

بیچ اضافوں ، ترمیموں، تحریفوں پر مشتمل دستاویزات کی بھرمار ہوتی رہی ہے یہاں یہ باہمی بات نہیں یک طرفہ بات ہے۔ تو گوادر کو کاٹن پیک کرکے چین کے حوالے کرنے کی بات ہے۔ گوادر "پاک چین دوستی" کا سب سے بڑا شکار ہے۔

بتانے والوں نے بتایا کہ پورٹ کی آمدنی میں 95 فیصد چین کا اور محض پانچ فیصد ہمارا ہے۔ ہم تو اس پہ ماتم کریں گے ہی مگر ہمارا خدا ابھی تک مکمل طور پر چین کی طرف نہیں ہوا ہے۔ اسی لیے گوادر اپنی تمام تر موزونیت کے باوجود ایک پورٹ نہ بن سکا ہے افلاطونی دماغوں نے اپنی طرف سے تو 1993 میں یہ پراجیکٹ منظور کیا تھا۔ 2002 کو اس پراجیکٹ کا افتتاح بھی ہوا ہے۔ 2007 کو گوادر پورٹ کا افتتاح ہوا ہے اسے ٹرانزٹ ٹریڈ ، ٹرانس شپمنٹ کے بطور تصور کیا گیا ہے اب وہارف کا 600 میٹرتعمیربھی ہوچکا ہے تقریباً 14 میٹر گہراکھدائی کیا ہوا ہے اسے اگلے پانچ سال میں900 کلومیٹر تک بڑھانے کا منصوبہ بھی ہے۔

پھر،یہ پروگرام بھی ہے کہ اس پر ماڈرن پورٹ کا انفراسٹرکچر بھی تیار ہوتا جائے ، جس میں سٹوریج ، ویئر ہاؤس وغیرہ شامل ہیں۔ اسی طرح ہوٹل، موٹل، ٹریول اینڈ ٹورازم کا فروغ ضروری ہوجاتا ہے۔ صنعتی شعبہ میں سمندری خوراک کا پراسسنگ اور ایکسپورٹ،، کھجور کی پراسسنگ اور برآمد بہت منافع بخش ہوگا۔ دفاتر اور رہائشی تعمیرات کا طوفان آنا تو یقینی بن جاتا ہے۔

بھئی کوئی مانے یا نہ مانے اصل مقصد تو گوادر بندرگاہ کو اپنانا تھا ۔ وہ(اُن کی نظر میں) ہوگیا توگویا ایک بہت بڑا مسئلہ حل ہوگیا ۔ دوسری بڑی خواہش معدنیات بھرے بلوچستان کو گوادر پورٹ سے ملانے کی ہے۔

مگر کون یہ راز فاش کرے کہ دلہن گوادر، پیدائشی لنگڑی ہے۔ کون عقلمندوں کو بتائے کہ سہاگ رات ہی کو یہ ڈائن بن جاتی ہے۔ اس نے اپنے مالک کو کہیں کا نہ چھوڑا یہ دوسروں کو کیا چھوڑے گی۔ پرتگالیوں نے اسے، اور اس نے پرتگالیوں کو تار تار کیا، مسقطیوں نے اسے اور اس نے انہیں نو چادبوچا، انگریز نے اسے چیچک لگا یا تو اس نے انہیں حتمی بونے پن کی بدعا پھونک دی ۔ سنگا پور والا سیٹھ اپنے سایہ دار ہیٹ اور سگار لٹکے منہ کے ساتھ آیا، اُس نے گوادر کی اور گوادر نے اُس کی شکل بگاڑ کر رکھ دی ۔ اور اب چین کی باری ہے........ دیکھیں!! یہ زمانے نے راکھشس کو زخم اور درد میں کراہتا چنگھاڑتا ابھی دیکھنا ہے۔

بلوچی زبان کا ضرب المثل ہے کہ ”بدبخت کے ریوڑ میں بھیڑیا گھس جاتا ہے اور خوش قسمتوں کو اُس سے معلوم ہوجاتا ہے کہ علاقے میں بھیڑیا موجود ہے “ مندرجہ بالا مذکورہ بدبخت لوگوں کو گوادر نے چپا ڈالا تو خوش قسمتوں کو پتہ چلا کہ یہاں سرمایہ کاری خطرناک ہے ۔ تاجر کوتو منافع چاہیے ہوتا ہے ، فوری اور یقینی منافع اور یہ گوادر نے فوری منافع دیتا ہے نہ یقینی منافع ۔ اسی لیے امریکہ اور یورپ

یہاں سرمایہ کاری نہیں کررہے ہے

گوادر کو دبئی بنانے کے لئے سڑک اور ریل چاہییں۔ وہ کم بخت بن نہیں پا رہے۔ انہی سڑکوں ریلوں کو دالبندین اور وہاں سے ایران اور پھر وسطی ایشیا تک جانا تھا۔ یوں سرمایہ داری نظام کا ایک اور سرکٹ بن جاتا ہے مگر سرمایہ داری نظام تو لگام ٹوٹے گھوڑے کی طرح بد نظم و خود سر ہے۔ چین امریکہ سے تمام تر یاری اور اتحادی گیری کے باوجود، معاشی بقا کے لیے اُس سے مقابلے میں ہے۔ دبئی گوادر سے، کہنی بازی میں لگا ہوا ہے۔ ایران پاکستان سے خاموش خاموش مسابقت میں ہے، بھارت الگ مفادات رکھتا ہے۔ ریل........ اور سڑک صرف جغرافیائی مسائل والے ہوتے تو بن جاتے ۔ مگر یہ تو سیاسی بھی ہیں۔ اس لیے بغیر گفت و شنید کے، بغیر سمجھوتے کے کیسے بن پائیں گے۔ اور اگر بن گئے بھی تو بدمزگی تو رہے گی ہی۔اور قوموں کی بدمزگی فرد کی بد مزگی سے بہت شدید بہت گھمبیر ہوتی ہے۔ اور اگر یہ سارے سرمایہ دار باہم مخاصم ممالک ایک بھی ہوجائیں، اورطویل بلوچ بغاوت کو پالتو بھی کرلیں تب بھی اس قدر طویل اور کٹھن و دشوار علاقے میں سے ، او ر بلا نوش مون سون سے بچتے بچاتے سڑک ریل بنانے میں دہائیاں لگ جائیں گی۔

سنٹرل ایشیا تک ریل، روڈ بنانا جب نہ ہوا تو سمجھو پورٹ بے کار ہے۔ جی ہاں بے کار ہے۔

ہنسی آتی ہے جب بلوچستان کے باہر کے سرمایہ

داروں کے مفادات کو بلوچستان کا مفـاد قـرار دیا جاتا ہے۔ بلوچسـتان و خیـبر پختونخـوا کے کچھ ٹی وی اینکرز ، اورمذہبی اور لسانی پارٹیاں نـواز شـریف کی پنجاب پرست حکـومت سے زبردست تنـازعے میں ہیں ۔ یاروں نے گویا گوادر ہڑپ کر بھی لیـا ہے اوراب محض اس کی مردہ لاش لے جانے والی روٹ پہ بحث مباحثہ جاری ہے۔ لاش برداری پہ پیسے کمانے کے لیے ٹی وی چینلوں پہ چیخ و پکـار، علاقـوں کو " تـرقی" دیـنے کی عرضیاں دھمکیاں انہوں نے اپنے خیال میں گوادر چین کو کامیابی سے بخش بھی دیا، اور یار لوگ اب دنیا بھر کا سـامان گـوادر سے چین تک پہنچـانے کا روٹ طے کـررہے ہیں۔ ایک کہتا ہے حسن ابـدال، کوہاٹ، ڈی آئی کوئٹہ، پنجگـور گـوادر والا راسـتہ ہو۔ دوسـرا ایم 4,3,2 ملتان، راجن پور، حب اور وہاں سے گـوادر جانا چاہتا ہے۔ تیسـرے کی خـواہش ہے کہ حسن ابـدال سے مـوٹر وے کـراچی، رتـوڈیرو، خضـدار، آواران، خوشاب گوادر ہو۔

" بھائی صاحب" کا خیال ہے کہ وہ ریل کے ذریعہ سنٹرل ایشیا تک اِن راستوں سے پہنچے گا:

1۔ گوادر دالبندین (تقریباً 515 کلومیٹر) اور

2۔ گـوادر قلات مسـتنگ ....(تقریبـاً 625 کلومیٹر)

3۔ گـوادر خضـدار ، ڈی جی خـان، پشـاور، طورخم

اسی طـرح گـوادر چین وہ اِس راسـتے سے جانا مانگتا ہے:

4۔ گوادر، ملتان، فیصل آباد، پنڈی، گلگت سے خنجراب کے ذریعے چین
طاقتور کبھی انشاءاللہ بولتا ہی نہیں!!
مگر اب تو" فری اکنامک زونز" کا سن کر دریائے سندھ کے اُس پار کے سرمایہ داروں اور سیاستدانوں نے چین گوادر روٹ ہی پر اکتفا کرنے کا ارادہ باندھا ہے۔ ٹیکس سے آزاد فری اکنامک زون پنجاب میں بن جائیں تو اور مزے ہوں گے ناں!!۔
تقدیر مہدی پہاڑ کی بلند چوٹی پر بیٹھی زہریلی مسکراہٹ مسکرارہی ہے۔ ساحل بلوچ کا، معدنیات بلوچ کی، اور گزرنے والا راستہ بھی بلوچ کا، اور اُس پر لڑرہے ہیں خارجی گدھے اور بھائی، گوادر کا روٹ بلوچستان ہی میں سے ہوکر گزرتا ہے۔ چینی بھائی، گوادر کا قبضہ یہ کار جب تک بلوچستان کا قبضہ نہ ہو۔ اور اکیسویں صدی میں قبضوں کا تصور محض عقل سے کھسکی ہوئی کوئی قوم ہی کرسکتی ہے۔
کیا وہ اس بات میں کامیاب ہوں گے کہ ہم اچانک مالک نہیں رہیں گے بلکہ اُس کے " روٹ " کی مینڈکوں، کتوں، گدھوں کے گوشت کے حفاظتی لیویز والے ہوں گے؟
کسی نے مجھے بتایا کہ یہ بندرگاہ تب ہی خود کفیل اور مکمل ہوجائے گا جب ہفتے میں21 کمرشل بحری جہاز یہاں آئیں اور تصور کریں کہ ہر ہفتہ 21 دیو ہیکل بحری جہاز جو سامان لائیں گے لے جائیں گے اس کے لیے حکومت اور سرزمین کتنی تیار ہے؟۔ اسی طرح ملک میں پھر بجلی تو ہے نہیں

جبکہ ایک پــورٹ 24 گھنــٹے کی بجلی اور وہ بھی وافر بجلی مانگتا ہے۔ چیونٹیوں کی قطــاریں لگ جــاتی ہیں ٹرالروں کنٹینروں کی۔ سـڑکوں کی نہیں شــاہراہوں کی ضــرورت ہوتی ہے۔ محض شــاہراہوں کی نہیں مصروف ترین ریلوے لائنوں کی بھی۔ گنڑیش دیوتا لاؤ، یا شاؤلین کا پورا جوڈوکراٹے والا لشکر، یا جوج ماجوج لاؤ یــاچین کے ســارے تصــوراتی راکھشس جمع کــرو۔ ساری دنیا کی بلائیں اکٹھی کرو لاؤ مگربقول شہ مرید گــوادر نــامی ” ہندومســلمان نہ ہوگــا “۔ واللہ اعلم بالصواب۔

تعليمي نظام تي هڪ نظر

سرمد سميجو



سنڌ ۾ تعليم جي سوال کي ڪيئن ڏسجي؟ هي نظام توهانکي ڪجهه پاڻ هرتو تيار (Readymade) سوال ۽ جواب ڏيندو آهي. جهڙوڪ: هي سماج سڌرندو ئي ڪونه! هن سماج جي تباهي جا ذميوار توهان پاڻ آهيو (توهان پورهيت، شاگرد ۽ مزدور) فوج عوام جي تحفظ لاءِ هوندي آهي جيڪا توهان کي پنهنجي دشمن کان بچائي سرحدن جو دفاع ڪندي آهي. اهڙن کوڙ سارن جوابن سان گڏ تعليم جو سوال پڻ رياست پنهنجي مشينري ذريعي عوام، کي اونڌي انداز ۾ سمجهائيندي آهي ته تعليم جي تباهي جا ذميوار گوسڙو استاد آهن يا وري توهان جي تقدير! چاڪاڻ ته گوسڙو استاد ڪلاس ۾ اچن نٿا انهيءَ ڪري شاگرد تعليم پرائڻ کان قاصر آهن، جيڪڏهن حقيقت ۾ تعليم جي تباهي جا ذميوار اهي گوسڙو استاد آهن ته پوءِ اهڙا هزارين نجي تعليمي ادارا آهن جتي لکن جي تعداد ۾ شاگرد پڙهن ٿا جتي استاد پنهنجي وقت تي پهچن ٿا ۽ پابندي سان ڪلاس وٺن ٿا. پوءِ اهڙن تعليمي ادارن مان ڇو ڪو هڪڙو به اهڙو شاگرد پيدا ٿي نه سگهيو آهي جيڪو وڏو سائنسدان نيوٽن ۽ آئنسٽائين جي ٽڪر جو هجي؟ سائنسدان يا نيوٽن ته ڇڏيو ڪٿي ڪو هڪڙو به اهڙو ماڻهو جنهن کي علمي شعبي ۾ ڪا پذيرائي ملي هجي؟ اهڙو ڪوبه مثال نظر نه ايندو نتيجي طور اسان رياستي جواب کي رد ٿا ڪيون ته گوسڙو استاد اسان جي تعليم جي تباهي جا ذميوار آهن. (هتي گوسڙو استاد کي سهي يا انهن جي لاپرواهي تي ڍڪ نٿو رکجي انهن تي تنقيد ضرور آهي پر اهو مامرو خود

تعليم جي تباهي جو هڪ مظهر آهي نه ڪي بنيادي ڪارڻ.

ٻيو رياست ميڊيا ذريعي اسان کي اهو ٻڌائيندي آهي ته تعليم جي تباهي جي ذميوار توهان جي تقدير آهي ٻيءِ ٻيا پنهنجي تقدير کي ٻٽيو ته توهان جي داخلا فلاڻي ميڊيڪل يونيورسٽي ۽ نٿي فلاڻي انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ نٿي. اهو سچو توهان جي تقدير جو فيصلو آهي ان ۾ جيڪڏهن تقدير جو هٿ آهي ته تعليمي ادارن جي ڪوٽ ڪوٽا کي ڪيئن ٿو وساري سگهجي؟ جنهن تعليمي اداري ۾ داخلا لاءِ ڪل سيٽن جي ڪوٽا 200 هجي ته اُتي پلي ڪٽي 5000 شاگرد داخلا فارم جمع ڪرائين پر فقط 200 ئي شاگرد پاس ٿيندا ڇو جو ڪوٽا ئي صرف 200 سيٽن جي هوندي ته باقي جيڪي فيل ٿيندا ان ۾ تقدير جو هٿ ڇاٽايو ويندو آهي.

رياست جي انهن سوالن ۽ جوابن کي رد ڪندي ته تعليم جي تباهي جا ذميوار گوسڙو استاد آهي يا توهان جي تقدير، اسان سمجهون ٿا مسئلو اجان ڪو ٻيو آهي جنهن کي واضح ڪري اوهان پڙهندڙ سائين آڏو آڻجي. سو اچو ته ڪجهه پنهنجا سوال پيدا ڪريون ۽ انهن جي جوابن تي غور ڪريون! سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ تعليم هڪ جهڙي ڇو نه آهي؟ گورنمينٽ اسڪولن توڙي ڪاليجن لاءِ نصاب سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ وارن جو پڙهايو ٿو وڃي ته ٻيءِ پرائيويٽ ادارن ۾ Oxford جا ڪتاب ڇو؟ ڇا سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جا ڪتاب ايترا ناڪاره آهن جو خانگي تعليمي ادارا انهن کي پنهنجي نصاب طور ڪتب آڻڻ کان ڪيٻائين ٿا؟ نجي تعليمي ادارا به 2 قسمن جا آهن هڪڙا وچترا جيڪي شهر جي اڌ آبادي لاءِ هوندا آهن وري ٻيا هڪڙا ۾ Bacon S.T بوناونچر جهڙا جيڪي امير ماڻهو لاءِ هوندا آهن انهن اسڪولن ۾ يا ته O level يا A level مطلب ته برطانيه وارا نصاب ڏاهيندا ۽ امتحان وٺندا يا وري oxford Progress وارن جو نصاب ڪم آندو ويندو آهي. اسان سوال ٿا ڪيون ته تعليم سيني لاءِ هڪ جهڙي ڇو نه آهي؟ اميرن لاءِ Bacon ۾ ST Bonavanchor جهڙا اسڪول وچولي طبقي لاءِ هر گهٽي ۾ ڪو نجي تعليمي ادارو ۽ غريب مزدور هاري جي ٻارن لاءِ ڪوهه پنڌ تي ٽٽل ڀڳل تباهه حالت وارا تعليمي ادارا ڇو؟ وري انهن سيني جا نصابي ڪتاب هڪ جهڙا ڇو نه آهن؟

اسان شاگردن کي سنڌ ۾ جيڪي نصابي ڪتاب پڙهايا وڃن ٿا تن کي تنقيدي نظر سان پڙهڻ جي ضرورت آهي. ڏهين ڪلاس جي انگريزي جي ڪتاب ۾ هڪ سبق آهي ته پارٽي ڪيئن ارينج ڪجي؟ سائيڪل جو پنڪچر ڪيئن لڳائجي؟ اسان اهو پڙهيو آهي ته هڪ دعوت ۾ سموسا ڪيئن رکجن! سائيڪل پنڪچر ٿيڻ سان گهمڻ جو مزو ئي خراب ٿيو وڃي! اهو آهي اسان جو نصاب سڳورو! ڀلا اهو نصاب پڙهي ڪهڙا اڪابر ڏاها سائنسدان ۽ ليکڪ پيدا ٿيندا؟ انهيءَ انڌي منڊي نصاب ۾ وري ڪوڙ جا باب پڻ پريا ويا آهن جيئن سر سيد احمد خان پاڪستان جو وڏو تعليمدان ماهر فلاسفر هيو! پر سيد احمد خان ته پاڪستان جي ٺهڻ کان 50 ورهين اڳ هندستان ۾ مري ويو هو پوءِ پاڪستان جو ڏاهو فلاسفر ڪيئن ٿيو؟ اسان کي اهو پڙهايو ويندو آهي ته قائداعظم Law جي ڊگري حاصل ڪئي! جنهن کي K.K.Aziz پنهنجي ڪتاب Murder of history ۾ ٻڌايو آهي ته جناح کي Law ۾ ڪابه ڊگري نه هئي.

لاهور واري قرارداد ۾ مسلمانن لاءِ هڪ جدا رياست جي ڳالهه نه پر هندستان اندر ننڍڙين رياستن جي ڳالهه ڪئي وئي هئي (K.K.Aziz ـ 38,) اهڙيون ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪيون آهن جيڪي رياستي نصاب ذريعي عوام کي ڪوڙيون سُٺيون پيارجي رهيون آهن! ڪوڙ جي آڌاريل اهڙي نصاب کي پڙهي اسان جي تعليم تباهي جي ور نه چڙهندي ته ٻيو ڇا ٿيندو؟

ڪتاب ”تعليم اور هماري قومي الجهنين“ ۾ ارشد محمود نصاب جي هڪ ٻئي پاسي کي ڪٽي ٿو. نصاب ذريعي مذهبن وچ ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جو رياستي نعرو! شاگردن کي اهو پڙهايو ويندو آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هندن جي سماج ۾ خاص طور تي ڪاروبار ۾ تعليم تي هڪ هٽي هئي! جنهن سبب مسلمانن پاڪستان جو نعرو هنيو! پر هاڻي ته پاڪستان ٺهي ويو ان کانپوءِ اسان تعليم جي ميدان ۾ ڪهڙي ترقي ڪئي آهي؟ هندن جي جا آتر ٻارائڻ هڪ رياستي ڪوشش آهي. جنهن جي



نتيجي ۾ گهٽ سهپ ۽ مذهبي نفرت پيدا ٿئي ٿي! ۽ هڪ اهڙو نصاب پيدا ٿئي ٿو جيڪو سائنسدان ۽ دانشور نه پر زيد حامد ۽ ممتاز قادري پيدا ڪري ٿو.


رياست تعليم جي مسئلي ۾ ڪيتري سنجيده آهي اُن جو جواب اسان نصابي ڪتابن ۾ طبقاتي تعليمي نظام مان به حاصل ڪري سگهون ٿا. سال جي بجيٽ اسان کي اهو پڻ سمجهڻ ۾ مدد ڏيندي آهي ته رياست ڪهڙي ڪم ڏانهن وڌيڪ سنجيدگي رکي ٿي. پاڪستان پنهنجي بجيٽ جو 2 سيڪڙو تعليم تي خرچ ڪندو آهي ۽ اڌ کان مٿي بجيٽ دفاع تي! 2 سيڪڙو مان وڏيرن، پيرن ۽ ڪامورن جو حصو بتي الڳ باقي بچيو ڪو هڪ يا اڌ سيڪڙو ته اُهو تعليم تي خرچ ڪبو! ٻين لفظن ۾ ڪائو به ٻم، پيئو به ٻم ۽ پڙهو به ٻم.

اسان سمجهون ٿا ته سنڌ ۾ تعليم کي بهتر ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته طبقاتي تعليمي نظام جو خاتمو آندو وڃي سيني کي هڪ جهڙي تعليم ڏني وڃي نصاب کي جديد علمي ۽ سائنسي قدرن تي جوڙي دقيانوسي ۽ رجعت پسند خيالن جي پاڙ پٽي وڃي. تعليمي ادارن ۾ واڌ ڪري گهٽ ڪوٽا سسٽم جي نالي ۾ شاگردن سان زيادتيون بند ڪيون وڃن ۽ سڀ کان اهم ته دفاعي بجيٽ گهٽائي تعليم جي بجيٽ ۾ وڌ کان وڌ واڌ ڪئي وڃي.

آخر ۾ شاگرد ساٿين کي گذارش ته توهان پاڻ کي تعليم جي تباهي جا ذميوار سمجهي پير پساري ويهي نه رهو پر تعليم جي سوال کي سمجهي ڪري شاگردن جي گڏيل مفادن لاءِ اٿي کڙا ٿيو.

پاڪستان جي تعليم متعلق ڏنل انگ اکر هڪ بحران جي نشاندهي ڪن ٿا، انهن کي سمجهڻ خاطر پاڻ پن شين جو جائزو وٺنداسون هڪ ته پاڪستان اندر طبقاتي تعليمي سرشتو ۽ ٻيو پاڪستان جي خارجه پاليسي.

(1) طبقـــاتي تعليم سرشتو:



پاڪســــــــتان جي تعليمي سرشــــــتي طبقاتي معاملو وڏي شَدَ مَدَ سان اظهارجي رهيو آهي. مٿــئين طبقي جي فــــــــردن لاءِ اولهه جي ملڪن جا دروازا کليل آهن، هو پنهنجي مرضي منشا مطـــابق يورپ يا آمريڪا وغيره جي ڪنهن به نالي واري يونيورسٽي مـان ڊگريون ڪيو وٺن يا وري ڪئمبرج سسٽم مـان اَي يا او ليـول (A or O level) ڪيو وٺن يا بيڪن هائوس يا سٽي اسـڪول جا در کليل آهن. يونيورسـٽي سـطح تي LUMS ،IBA يا GIKI موجـود آهن جتي پاڪستان جو نوابي لڏو (Elite Class) پلجي ٿو. وچين طبقي لاءِ به چڱن خاص پرائيــويٽ ادارن يا انهن جي فرنچـائيز جي لانڍ لڳي پــئي آهي. هيٺــئين طبقي جي مڃي مـــاني لائق گهـــراڻن لاءِ به هلڪا ڦلڪا پرائيـــويٽ ادارا مليو وڃن پر صـــفا پيڙهيل غريب لــڏو يا ته سـرڪاري اسـڪولن وينـدو، يا ٻـني ٻارو يا دڪـانڙو سـنڀاليندو يا وري مدرسن جو منهن ڪنـدو جـتي مذهبي تنظيمون مفت تعليم وظيفا ڪـنيو بيـٺيون آهن ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو نوڪرين سـماجي رتـبي جو معـاملو به ائين ئي تهـدار بيهي ٿـو. امـيرن جا نااهل فـرد يا ته ڪنهن سـٺي اداري ڪم ڪن ٿا، يا ڪن خاص ادارن جا چڱا مڙسهيد هجن ٿا يا وري سياست يا فوج جا مهندار بڻجن ٿا پئي پاسي غريب لــڏي جا اهل فرد به بي روزگاري بي وسي جو شڪار ٿين ٿا يا وري مـذهبي تنظيمن جي وَر چـڙهي دهشـتگردي ڪي جـوان رت مهيا

ڪن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان ۾ 50 هزار اڄ به اهڙا دهشتگرد آهن جن کي موت جي سزا پڌايل آهي، خودڪشين، ڦر، ڌاڙن ۾ بدامنيءَ جو ديو ڪٽي ڏنگ ڪري ئي نٿو.

(2) پاڪستان جي تعليم تي سياسي خارجه پاليسي جو اثر:


خارجه پاليسي جي حوالي سان ٻن شين جو پاڪستان جي تعليم تي گهرو اثر آهي هڪ نيو لبرل تعليمي سڌارا رفارمس جنهن جو نعرو آهي ته ”life long learning“ يا ”learning society“ وغيره اِن جو ڪو ٻيو مطلب نه آهي سواءِ اِن جي ته تعليم جي شعبي ۾ وڌ کان وڌ سيڙپ ڪجي ۽ اُپت ڪمائجي، سرمائي کي پنهنجي واڌ لاءِ هر شعبو کپي، IMF ۽ ورلڊ بئنڪ کي پلا چو پاڪستان يا سنڌ جي تعليم جو مٿي ۾ سور پوندو ۽ هر شعبي کي خانگاهڻ جي گهر چو ٿي رهي آهي ۽ جي ادارن کي خانگاهڻ ايڏو ئي پلو آهي ته پوءِ ملڪ کي سڀ کان پهرين آرمي کي خانگاهڻ گهرجي متان سستي ۾ سٺي آرمي ملي پوي ملڪ جو وڏو خرچو بچي پوي. تعليم جي خانگاهڻ مان رياست ۽ سرمائيدارن ٻنهي کي فائدو آهي، رياست کي اهو فائدو ته هن جي جان ڇٽي پوندي ۽ هوءَ عوام ڏانهن ان معاملي ۾ جوابده نه هوندي ۽ سرمائيدارن کي اهو فائدو ته تمام سستي اگهه تي تعليم جي شعبي ۾ ڪم ڪرڻ وارا تربيت يافته ورڪرس مليو وڃن. جيڪڏهن سرڪار ڪنهن پي ايس ٽي کي 15 کان 20 هزار، ايڇ ايس ٽي کي 20 کان 25 هزار، ڪنهن ليڪچرار کي 35 کان 40 هزار گهٽ ۾ گهٽ پگهار ڏئي ٿي ته اتي خانگي ادارن ۾ 4-3 هزارن کان پگهارون شروع ٿين ٿيون، ڪاليج سائيڊ ۾ ڪم ڪندڙ پڙ ماٺهوءَ کي به 10 کان 15 يا 20 هزار عيوض چڪي ڪم ورتو ٿو وڃي، وڌ ۾ وڌ خانگي ادارن ۾ استادن جون پگهارون 25 کان 30 هزارن تائين به هجن

ٿيون پر اتي به هڪ طرف ته پگهار ڪانسواءِ ڪي به مراعتون يا سهولتون نه آهن، ڪابه پينشن وغيره نه آهي ٻئي طرف نوابن جو اولاد انهن استادن سان سچو ڏينهن جٺ ڪندو آهي ۽ اڪثر انهن استادن کي اهو چوندو ٻڌو ويو آهي ته اسان اُها پگهار پنهنجي بي عزتي ڪرائڻ ذلالت جي عيوض وصول ڪندا آهيون جيترو وڏو ادارو ايترو ٻار بگڙيل ۽ اوتري استاد جي بي عزتي جهڙو ڪو اهو معاملو لازم ۽ ملزوم ٿي ويو آهي.اوترو استاد ۽ شاگرد جو تعلق ميڪانڪي.

ٻئي طرف خارجه پاليسي ۾ آمريڪي ڊالر ۽ سعودي ريال جو ڪمال آهي. انهن ٻنهي جي پاڪستان ڪان گهر سستي اگهه تي طالبان يا ٻين اهڙن دهشتگردن جي پيدا ڪرڻ جي آهي. ڪالهه سوويت يونين کي سوڙهو ڪرڻ لاءِ طالبان پئي ڪتا ته اڄ به ايران جي اثر کي گهٽائڻ لاءِ ملڪ اندر خودڪش ڌماڪن جو راڳ هلي پيو ته ٻئي طرف لبيا، شام يا ٻئي ڪنهن هنڌ عالمي سامراج جي ضرورتن مطابق تيار ٿيل دهشتگرد مهيا ڪيا پيا وڃن. جنهن مان ائين پيو لڳي ته پاڪستان جي وڏين صنعتن مان هاڻ اها به هڪ صنعت جو درجو حاصل ڪري چڪي آهي.

اهو سڄو معاملو هتان جي ٽيڪسٽ ڪتابن ۾ چٽيءَ طرح اظهارجي ٿو. هتي پڙهايو ويندڙ نصاب نه ته سائنسي آهي ۽ نه ئي سيڪيولر. جتي فطرتي سائنس جي ڪتابن ۾ به مذهبي ڪتابن جا حوالا هجن، تنقيد (جيڪو سائنس جو لازمي پاسو آهي) بجاءِ تقليد پڙهائي ويندي هجي ۽ هتي جتي سائنس کي به مذهبي بڻائڻ جي ڪوشش هر ويل ٿيندي هجيڪئي ويندي هجي، اتي حيرت نه ٿيڻ گهرجي ته هستري ته اڳ ئي مسلم هئي هاڻي بائيولاجي، فزڪس ۽ ڪيميسٽري کي به اسلامي بڻايو پيو وڃي. نڪ مان مڃر دماغ تائين پهچائي اسلامي اِيناتامي جو بنياد وڌو پيو وڃي. جڏهن فزڪس جو مادي جي بقا جو قائدو پڙهايو ويندو هجي ۽ ائين چئجي ته "مادو نه پيدا ڪري ٿو سگهجي ۽ نه فنا، صرف هڪ شڪل مان ٻي شڪل ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو" ۽ وري اتي ئي ڏنگيءَ ۾ اهو جملو به لکيل هجي ته مگر مقدس هستي مادو تخليق به ڪري سگهي ٿي ۽ فنا به، ته اها

سائنس سان جٺ نه ٿي ته پيو چا ٿيو. مطلب ته آئنسٽائن جهڙي دماغ کي تخليق جو عمل سمجهه ۾ نه آيو پر هتان جا ٽيڪسٽ بُڪَ لکندڙ يا گائيڊون ڇپيندڙن کي تخليق جي عمل جي سائنس سمجهه ۾ اچي وئي. وري جڏهن کو بائيولاجي جو استاد ارتقا جو باب پڙهائڻ کان اڳ ئي ڊارون کي به چار گاريون ڏيڻ لازم سمجهي ۽ ٻارن کي اهو پڙهائي ته منحوس ڊارون اسان جي مقدس عقيدن تي حملو ڪيو آهي ۽ ڪيس سائنسدان رَد ڪري چڪا آهن ڪهڙا سائنسدان، ڪهڙي ٿيوري ڪا خبر نه اٿن بس هوا ۾ لٺيون پيا هلائين ته ان وقت هڪ بائيولاجي جي استاد ۽ ڪنهن مذهبي پيشوا ۾ ڪو فرق ئي نٿو رهي. مطلب ته اهو سڀ ڪجهه سعودي ريال جو ڪمال آهي جو اڄ به اسان وٽ سائنس عرب سانچن ۾ لهجي مان جان نه ڇڏائي سگهي آهي ته پوءِ پلا هن ملڪ ۾ سائنس جي اوزارن بجاءِ مذهب ۾ شدت ترقي نه وني ته پيو چا ٿئي!!



(ت) سنڌ جو تعليمي سرشتو، ڪجهه حل ۽ تجويزون:

سنڌ جو تعليمي نظام ڪو پاڪستان جي مجموعي تعليمي نظام کان مختلف نه آهي پر پوءِ به هن ملڪ ۾ جتي طبقاتي فرق تعليم ۾ اظهارجي ٿو اتي قومي فرق به اظهارجي ٿو پنجاب (خاص ڪري سينٽرل پنجاب) جي تعليم نسبتاً ٻين علائقن ۾ صوبن (قومن) کان بهتر آهي. سنڌ ۾ جيڪا شيءِ چٽينمايان آهي سااُها آهي تعليم جي سرشتي ۾ ڪرپشن ۽ سياسي مداخلت، استادن جي ڀرتين کان وٺي اسڪول جي بند پيل هجڻ تائين جي صورتحال. پاڻ ڀهرين به اها ڳالهه رکي آياسين ته پاڪستان جي 4 بند پيل اسڪولن مان 3 سنڌ ۾ هجن ٿا. جيستائين معاملو نصابي ٽيڪسٽ ڪتابن جو آهي ته اڄ به مدي خارج نصاب پيو هلي، اڄ به بليڪ اينڊ وائيٽ وارو زمانو

لڳو پيو آهي، پيو ته ٿيو بلوچستان جا ٽيڪسٽ ڪتاب به ڪلر پرنٽ ۾ آهن پر پاڻ وٽ ايترو به نه آهي. پنجاب اندر اسڪول سطح تي ليپٽاپ ڏنا وڃن ٿا پاڻ وٽ اجا اهڙي ڪابه ڳالهه ناهي، هنري تعليم جو ته پري پري تائين نالو ئي نه آهي. يونيورسٽي سطح تي ريسرچ لاءِ اوزار ۾ رجحان بنهه گهٽ آهي.

عام طور تي تعليم جي ڳالهه ڪرڻ وقت چند شين کي ڏسڻو پوندو آهي جهڙوڪ اسڪول جي عمارت ۾ سهولتون، استادن جو اهل ۾ تربيت يافته هجڻ، ڪلاسز جو ٺيڪ طريقي سان هلڻ ۾ پڙهائي ۾ تخليقي پاسا پيدا ڪرڻ، نصاب جو جديد، سيڪيولر ۾ سائنسي بنيادن تي هجڻ، امتحاني سرشتي جو شفاف هجڻ، يونيورسٽي ۾ اهل شاگردن جون داخلائون ٿيڻ وغيره پاڻ جيڪڏهن سڀ پاسن جو جائزو وٺون ته سنڌ جي تعليم جو بيڙو ٻڏل آهي. جيڪڏهن اسڪولن جي عمارتن جو معاملو آهي ته سرڪاري اسڪولن ۾ ڪشادا ڪمرا ۾ وڏا گرائونڊ ته آهن پر عمارتون وري پراڻيون ۾ ڀوت بنگلن جو ڏيک ڏيندڙ ۾ صفائيءَ جو معاملو ته بنهه گهٽ، وري جي پرائيويٽ ادارن ۾ صفائي سترائي آهي ته ڪيڏڻ لاءِ گرائونڊ ته ٿيو گهڻن ٽڻ کي ته اسيمبلي جيترو گرائونڊ به نه آهي ۾ ڪلاس روم به ڪڪڙن جي ڪُڏَ يا ڪٽهڙي جو ڏيک ڏيندا پارُ پارَ ۾ سٽيل. استادن جي اهل هجڻ جو معاملو اهو آهي ته پرائمري ڪان وٺي يونيورسٽي تائين اهليت جو بلاتڪار ڪيو پيو وڃي يا ته پئسي عيوض پرتيون ٿيون ٿين يا وري نانيءَ ويڙهو لڳو پيو آهي، جنهن جي پهچ ڪنهن منسٽر يا سرندي واري وٽ آهي ان کي چمچاگيري عيوض يونيورسٽين جهڙن ادارن ۾ پرتيون عنايت ڪيون وڃن ٿيون. اوهان ان ڳالهه مان اندازو لڳايو ته ڪو هلڪو ڦلڪو خانگي اسڪول به ڪنهن استاد کي پرتي ڪندو آهي ته ان ڪان ڊيموڪلاس ورتو ويندو آهي، ان جو ڪلاس ڪنٽرول ۾ پڙهائڻ جو انداز ڏٺو ويندو آهي، رڳو رَٽي تي ياد ڪيل سوالن کي نه ڏسبو آهي ۾ جيڪو استاد جنهن سبجيڪٽ لاءِ ايندو آهي ان ڪان سبجيڪٽ مان ئي سوال ڪيا ويندا آهن ڪا پاڪستان اسٽڊي، جنرل ناليج يا اسلاميات نه ڏني ويندي آهي پر حيرت آهي جو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جا انٽرويو هجن يا سنڌ جي يونيورسٽين جا، هر جڳهه تي گنگا اُبتيتلي پئي وهي ۾ استادن

جي تربيت جو معاملو ته آهي ئي ڪونه، خانگي ادارن جهڙوڪ
آغان، ستي، بيڪن هائوس وغيره ۾ ته اهو رجحان آهي پر
هلڪن ڦلڪن خانگي اسڪولن توڙي سرڪاري اسڪولن کي ته
ان ڳالهه جي خبر ئي نه آهي ته ڪو اهو جهان به هوندو آهي.
نالي ماتر M.Ed، B.Ed يا پيون اهڙيون ڊگريون ته ڪرايون
وڃن ٿيون پر سکيا جو عمل اڻ لپ آهي، جي ڳالهه باضابطا
ڪلاسن جي هلڻ جي آهي ته اهو ڪم خانگي ادارن ۾ ته آهي پر
سرڪاري ادارن ۾ نالي ماتر. جنهن جا ٽي وڏا سبب آهن هڪ ته
نوابن ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن جا ٻار خانگي ادارن ۾ هليا وڃن ٿا ۽
باقي وڃي بچن ٿا هارين، مزدورن يا غريب غربن جا ٻار جيڪي
سرڪاري ادارن ۾ اچن ٿا ته ادارن تي دٻاءُ ڪٿان وڌي؟ ٻيو ته
استادن جون پنهنجن علائقن کان ٻاهر پرتيون آهن ته، نه انهن
کي ٽرانسپورٽ مليل آهي ۽ نه ڪو ڍنگ جو ٽرانسپورٽ
الائونس، جو هو ريگيولر ڪلاسز تي وڃن. تمام گهڻو وقت،
توانائي ۽ پئسو خرچ ٿئي ٿو جي ڀاڙو ڪرايو اچي ٿو 10 کان 15
هزار ۽ الائونس ملندو هجي 3 کان 4 هزار ته ڪهڙو ٽُڪ ٿو بيهي
ڪم کي فعال بڻائڻ جو. ٽيون وري جڏهن چيڪ ۽ بئلنس نه
هوندو ته ڪٿان استاد ريگيولر ٿيندا جي استادن کي ريگيولر
ڪرڻو آهي ته انهن جي جائز مسئلن جو حل ڪڍيو وڃي ۽ انهن
تي دٻاءُ وڌايو وڃي.

سنڌ جي تعليم جو وڏي ۾ وڏو بحران پهرين بيان ڪيل
ڳالهين ۾ نه پر امتحاني سرشتي ۾ آهي. اڳ ڪاپي ڪلچر تي
گهڻو ڳالهايو ويندو هيو. هاڻي ته عجب رنگ آهي جو ڪاپي به
غريب غربي جو ٻار ٿو ڪري امير جو ٻار ته واڪَ تي مارڪون ٿو
وٺي. بورڊ وارا مافيا بڻجي ويا آهن. 40 کان 50 هزار عيوض
فرسٽ ايئر ۾ انٽر ۾ A يا A-1 گريڊ مليو وڃي. 20 کان 30
هزار عيوض نائين ۽ ڏهين ڪلاس ۾ جيڪي مارڪون چاهيو،گهرو
مليو وڃن، اسڪولن اندر ننڍن وڏن پرچن ۾ هڪڙا ٻار پوزيشن
ڪڍندڙ آهن ۽ بورڊ ۾ وري اهي اڳيان ٿا اچي وڃن جن کي ڍنگ
سان لکڻ به نه ايندو آهي ۽ اهل ٻار جي پئسا نه پري ته C ۽ B
گريڊ کان اڳتي نٿو وڌي ۽ نااهل A-1 تو کٽي. (ياد رهي ته بورڊ
۾ چيڪنگ ڪندڙ استادن کي چيل هوندو اهي ته ٻار ڪيڏو به پلو
لکي پر 100 مان 80 مارڪن کان مٿي ناهي ڏيڻيون پر جڏهن

پار پئسا پري ٿو ته سائنس جهڙن موضوعن ۾ به 90 کان 95 مارڪن تائين مليو وڃن. اهڙي رڍيگڏهه نظام اندر الائي ته ڪيترن تخليقي ٻارن جا پر ڪُسيو وڃن ۽ ڪي ٻار ته دل_شڪستا ٿي بس هلن ٿا يا وري والـــــدين تي پئسن جو زور وڌائن ٿا يا خودڪشين جي ڪوشش ڪن ٿا (ياد رهي ته هن سال وحدت ڪالوني حيدرآباد ۾ هڪ خواجه ڇوڪري صرف اِن ڳالهه تي خودڪشي ڪئي جو جڏهن فرسٽ ايئر جو رزلٽ آيو ته ان ۾ هن جـون مـارڪون تمـام گهٽ ۽ ٻين نااهل ڇوڪرين جون مارڪون هن کان ڪافي مٿي هيون. ۔ اِن سڄي معاملي کي کهڙو لقب ڏيون!!!)) ان سڄي ڳالهه جو آخري پاسو اِهو وا آهي ته سڀني يونيورسٽين اندر ۽ سڀني ڊپارٽمينٽن ۾ داخلائون وڃڻ آهي ته اتي به اهل پار سان نانصافي ٿئي ٿي، پهرين ته جي اهل پار انٽري ٽيسٽ ۾ سٺو اسڪور ڪٽي به ته بورڊ مان حاصل ڪيل C ۽ B گريڊ ڪيس چند پوائنٽن تان هارايو ڇڏي، ٻي ڳالهه ته جي امير جو ٻار چند پوائنٽن تان رهجي وڃي ته ان وٽ ڏوڪڙن جي آڌار تي سيلف فنانس تي داخلا موجود آهي. پوءِ ڪٿي رهيو ڪو اهليت جو معاملو!! ۽ پوءِ ٽري ايڊيٽ فلم وانگر هن سماج ۾ چمتڪار بجاءِ بلاتڪار ئي ٿيندو رهي ٿو.

ڪجهه حل ۽ تجويزون:

خانگي تعليم جو مڪمل خاتمو ڪري، سڀن لاءِ برابر تعليمي نظام مهيا ڪيو وڃي.

پاڪستان جي سمورين قومي اڪاين ۾ ساڳيو نصاب لاڳو ڪيو وڃي.

نصاب سيڪيولر ڪيو وڃي، مذهبي تعليم بجاءِ تاريخ ۽ فلسفو پڙهائڻ لازمي بڻايو وڃي. (مذهبي تعليم هر فرقو مسلڪ يا مذهب پنهنجي آڌار تي خانگي نموني ۾ پڙهائي پر اهڙا ادارا جيڪي گڏيل آهن انهن ۾ ڪنهن هڪ مذهب يا فرقي کي اوليت ڏيڻ ۾ ٻئي کي نه مذهبي متڀيد ۽ نفرت کي جنميندو)

دفاع جي خرچن کي اڌو اڌ گهٽائي هنگامي طور تعليم جي بجيٽ وڌائي وڃي، تعليم اسڪول سطح کان يونيورسٽي سطح تائين مفت بڻائي وڃي، تحقيق جي اوزارن ۾ رجحانن کي وڌايو وڃي.

استادن جون پرتيون اهليت مطابق ڪيون وڃن، پرتين لاءِ لکت ۾ ٽيسٽ ۽ انٽرويو سان گڏ ڊيموڪلاسز ضروري بڻايا وڃن، پرتين ۾ سياسي مداخلت ۽ پئسي يا سفارش جو استعمال بند ڪيو وڃي. (ان لاءِ سخت قانون سازي ڪئي وڃي).

استادن جون پرتيون سندن رهائش وارن علائقن ۾ ڪيون وڃن يا ڪم واري علائقي ۾ کين بهتر رهائشي ڪالونيون ٺاهي ڏنيون وڃن (جيئن آرمي کي مهيا ڪيون وڃن ٿيون) يا کين گهربل ٽرانسپورٽ مهيا ڪئي وڃي ۽ پرتين وقت ٽن قسمن جون ڪيٽگرين ٺاهيون وڃن. (1) جنرل ڪيٽيگري: جنهن ۾ اهو فرد اپلاءِ ڪري جنهن کي سنڌ اندر جتي به مقرر ڪيو ويندو ۽ رهائش جي سهولت ڏني وڃي ته هو وڃڻ لاءِ پابند هوندو. (2) ڊويزنل ڪيٽيگري: جنهن ۾ اپلاءِ ڪندڙ فرد پابند هوندو ته ڊويزن اندر ڪيس ڪٿي به مقرر ڪيو وڃي ته هو ويندو. (3) ڪاليج يا اسڪول ڪيٽيگري: جنهن ڪاليج يا اسڪول ۾ استاد وڃڻ ڪان ڪيپائن ٿا ان لاءِ مخصوص پرتيون ڪيون وڃن، ان ڪيٽيگري ۾ صرف اهو فرد اپلاءِ ڪري جيڪو اسڪول يا ڪاليج ۾ وڃڻ لاءِ تيار هجي. ان کي يقيني بنائڻ لاءِ ڪجهه مراعتون ڏنيون وڃن، سندن ڪم جا ڏينهن گهٽايا وڃن يا کين بنيادي سهولتون ڏيڻ سان گڏ ڪجهه معاشي مراعتون ڏنيون وڃن (اهو سڀ ڪجهه ائين ئي ممڪن آهي جيئن اينگرو جي ڪاليجن يا آرمي پبلڪ يا پبلڪ اسڪولن ۾ پرتيون اسڪول يا ڪاليج جي بنياد تي ٿينديون آهن، کين ڪاڏي پيتي سان گڏ سٺي رهائش مهيا ڪري ڏني ويندي آهي ۽ اشتهار به ان آڌار تي ڏنا ويندا آهن)

امتحاني سرشتي ۾ هڪدم تبديلي آندي وڃي، ڪاليج ۽ يونيورسٽي سطح تي بياني امتحان بجاءِ آبجيڪٽو امتحان (BCQs ۽ MCQs) لاڳو ڪيو وڃي، پيپرن جي چڪاس ڪمپيوٽرائيزڊ ڪئي وڃي ۽ پيپر جي ٻئي ڏينهن ئي نتيجو نيٽ تي مهيا ڪيو وڃي. بورڊ جو ڪم ان سڀني معاملي کي ريگيوليٽ ڪرڻ هجي ۽ سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ هجي ۽ ساليانو امتحان ۾ بجاءِ سيميسٽر سسٽم لاڳو ڪيو وڃي. امتحاني ڪمرن ۾ چڪاسي ڪئمرائون لڳايون وڃن ۽ آن لائن پڇ هيٺ آنديون وڃن ته جيئن ڪنهن به شڪايت جي صورت ۾ مڪمل جانچ پڙتال ڪري سگهجي ۽ ڪوبه استاد يا بورڊ جو عملدار ڪنهن

گڙٻڙ ملوث هجي ته ان خلاف گهربل قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

يونيورسٽين شاگردن کي سندن مرضي مطابق داخلا ڏني وڃي، پر امتحاني سرشتو پڙهائيءَ جو عمل سخت بڻايو وڃي ائين ڪرڻ سان هڪ ته شاگرد پنهنجي صلاحيت آهر موضوعن يا ڊپارٽمينٽن جي چونڊ ڪندا بهتر اهليت جو مظاهرو ڪندا پيو ته جيڪڏهن ڪو شاگرد گهربل اهليت نه رکندو هوندو ته پڙهائي جي عمل دوران يا امتحان ذريعي خارج ڪيو ويندو هر اداري مان صرف اهل ماڻهو ئي اڳتي ايندا ڪوبه جڳاڙي ڊاڪٽر، انجنيئر يا استاد پيدا نه ٿيندو.

اسڪول ڪاليج يونيورسٽين اندر غير نصابي سرگرمين (Extra curricular activities) کي همٿايو وڃي اڳواٽيءَ جون خاصيتون رکندڙ شاگردن کي شاگرد يونين آندو وڃي. شاگرد يونين تان پابندي ختم ڪري بهتر صحتمند سياست کي همٿايو وڃي. ائين ڪرڻ سان يونيورسٽين ڪاليجن اندر داداگيرِ سياست کي پنجو ايندو هٿيار بجاءِ قلم جي سياست جنم وٺندي، جيڪا گُن پوائنٽ تي شاگردن کي حراسان ڪرڻ بجاءِ تعليمي تفريحي ماحول جوڙيندي، ادارن کان پتو وٺڻ بجاءِ بهتر استادن جي پرتين جي گهر ڪندي، سٺن ڪتابن، انٽرنيٽ جي سهولت، ليب جي سامان جي گهر ڪندي.

تعليمي ادارن مان وردي وارن کي نيڪالي ڏني وڃي، ڪنهن به مهذب ملڪ اهو تصور به نٿو ڪري سگهجي ته جتي علم جو ڪم هجي اتي وردي پئي لامارا ڏئي!!!

آخر په اکر:

مٿي بيان ڪيل ڪيل پيش گهرن جي حلن کي ڏنو وڃي ته اهي هن ملڪ جي نظام اندر ممڪن نظر نه ايندا اهي گهرون جهڙوڪر ڪنهن ٽين دنيا جي پٺتي پيل (مذهبي انتهاپسندي جي ور چڙهيل) سرمائيداراڻي ملڪ بجاءِ ڪنهن انقلابي پارٽي يا سوشلسٽ ملڪ کان ڪيون وينديون هجن، پر ڳالهه اها آهي ته جڏهن ڪنهن بيماريءَ جي تشخيص ڪئي ويندي آهي ان جو علاج تجويز ڪيو ويندو آهي ته مريض کي پاسي تي رکي پهرين مرض کي جانچڻ جي ڪوشش ڪبي آهي ان جا حل تجويز

ڪيا ويندا آهن پوءِ مريض پنهنجي سگهه آهر علاج جي ڪوشش وٺندو آهي، تيئن ئي تعليم جي معاملي تي پاڻ انهن پاسن جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪي هن مسئلي جا جنم داتا آهن □ ان کي بحراني حالت تي پهچايو اٿن. افسوس ته اسان وٽ گهٽي ٽٽي سياست، اين جي اوز (NGOs) □ ميڊيا مسجد جي ملي وارو ڪم پيا ڪن، جيئن ڳوٺن □ وڏيرا سچي ڏيهه کي ڏنيپيو وينا هوندا آهن، پر چٽي ڇهه ماهيءَ جمعي تي هڪ ديڳ خيرات جي چاڙهيندا آهن ته مولوي سڳورو پيو خطبي □ ان وڏيري جي ثنا ڪندو □ کيس جنت جون بشارتون پيو عطا ڪندو □ پوري ظلمي نظام تي ڳالهائڻ بجاءِ پيو ڏند ڪٿائي قصا ٻڌائيندو. ساڳيو ڪم هتي اين جي اوز نڀائي رهيون آهن، جو سرمائي جي سٽاءَ، ورلڊ بئنڪ جي چالن، طبقاتي نظام □ ٻين بنيادي پاسن تي ڳالهائڻ بجاءِ رڳو ڪين استاد ئي اڪيلو ڏوهارو نظر ايندو پوءِ استاد کي ”گوسڙو ماستر“ جا لقب به نوازبا پر ”گوسڙو سماجي نظام“ تي نه ڳالهائبو. اهو ائين ئي آهي جيئن بيماريءَ بجاءِ بيمار کان نفرت ڪئي وڃي.

عالمي سياسي صورتحال

افغانستان جو سواليه مستقبل

جاويد يعقوب



افغانستان جي صدين جي تاريخ ۾ مٿس ڪيترين ئي پرڏيهي فوجي ڪاهون ٿينديون رهيون جن ۾ ڪڏهن ايراني، ڪڏهن يوناني، هُن، منگول، عرب، ته ڪڏهن انگريز ۽ روسي زار حملي آور ٿيا. ان سموري تاريخ کي ڏسي لڳي ائين ٿو ته هن ملڪ کي فتح ڪرڻ ۽ اُن کي ڪنهن ڌاريي جي اثر هيٺ رکڻ ناممڪن آهي. تازو 13 سال اڳ، 2001ع ڌاري، آمريڪي سرواڻيءَ هيٺ اتحادي فوجن (ايساف) ڪاهه ڪئي. نيٺ 2014ع جي پڄاڻيءَ سان افغانستان ۾ نيٽو جي جنگي مشن جو خاتمو ٿيو. ڇا هڪ ڀيرو وري هي ملڪ گهرو جنگ ۽ برباديءَ جي ور چڙهي ويندو يا ڪا بهتريءَ جي اميد به آهي؟ يا هن ڀيري به افغانستان بابت ساڳي ئي خوشفهمي آهي جيڪا سوويت فوجن جي واپسيءَ وقت هئي؟

يورپ ۾ پناهگيرن جو مسئلو

امين قريشي



سموري پٺتي پيل (يا رکيل) دنيا جي، انهن ملڪن منجهان، جتي ننڍي پيماني جون جنگيون هلي

رهيون آهن، جتي نسلي، مذهبي، ويڙهه جاري آهي، جتي جتي اقليتون محفوظ ناهن، جتي ماڻهن کي سياسي آزادي ميسر ناهي، اتان کان ماڻهن جي لوڏ آهي، جيڪا يورپ توڙي آمريڪا ڏانهن ڊوڙ ڪري ٿي، اتي آباد ٿيڻ چاهي ٿي، پاڻ کي محفوظ ۽ معاشي طور مضبوط بنائڻ چاهي ٿي. ”ڌارين جي آبادڪاري“، ”ڌارين جي لوڏ“ يا ”پناهگير“ جهڙن مامرن لاءِ هاڻوڪي وقت جي ”مهذب“ دنيا مختلف لفظ استعمال ڪندي آهي. جهڙوڪ Refugees، Illeegal, Aliens، Legal Immigrants، Ilegal Immigirants وغيره وغيره.

اولهه جي ملڪن ۾ ڌارين جي يلغار يا آبادڪاري ڪو نئون يا اڄ جو لقاءُ ڪونهي، بينڪيتي ڏؤر کان پوءِ اهو معاملو مسلسل هلندڙ آهي. تاريخي جبر هيٺ“ جڏهن اولهه جي ملڪن ۾ صنعتي انقلاب پروان چڙهيو، سرمائيداري پنهنجا پر پکيڙيا ۽ سامراجيت جو روپ ورتو، ان وقت کان ئي بينڪيتي ملڪن منجهان سستي پورهيي جي استعمال لاءِ، هڪ خطي جي آباديءَ کي ٻئي خطي ڏانهن منتقل ڪيو ويو. جسماني طور مضبوط ۽ مفت ۾ هٿ ايندڙ آفريڪي کنڊ جي ڪارن جو قانوني وڪرو، سالن جا سال هليو ۽ اهو سستو پورهيو هر ان خطي ۾ پهتو جتي سامراج پنهنجا پير کوڙي مقامي ماڻهن جي وسيلن جو استحصال ڪري رهيو هو.

سامراجيت جڏهن سموري دنيا جي منڊين جي ورهاست لاءِ پهرين ۽ ٻي مهاڀاري جنگ جو آغاز ڪيو ته ان منصوبي هيٺ ٻن لکن جي تعداد ۾ ماڻهن لڏپلاڻ ڪئي ۽ ملڪن جون ڊيموگرافڪ بيهڪون ئي تبديل ٿي ويون. اهڙن حادثن مان سرمائيداري کي ئي مچي مواڙ ٿيڻو هوندو آهي. پري ڇو وڃجي، ننڍي کنڊ جي ورهاڱي وقت ٻنهي ملڪن مان ٿيندڙ لڏپلاڻ جو فائدو ٻنهي ملڪن جي مفتخور سرمائيدارن ئي سستي پورهيي جي صورت ۾ ورتو.



يورپ ۾ قانوني پناهه گيرن/ آبادگارن جي گهرج

اولهه جي ملڪن ۾ آبادي ۾

جي واڌ جو سيڪٽرو بنهه نه جي برابر رهندو آهي. ان ڪري هنن وٽ به ڏکي هونـدا آهن يا ته ملڪي معيشت جو گـاڏو هلائڻ لاءِ يا وري ٻاهريان (هنرمند توڙي غير هنرمنـد، ذهـني تـوڙي جسـماني پورهيو ڪنــدڙ) مــزدور آڻي مســتقل آبــاد ڪجن يا وري پنهنجي ملڪ جي پـوڙهن ڪـان 75 سـالن تـائين جسـماني ۽ ذهـني ڪم وٺجي. ظاهر آهي ته هنن لاءِ پهريون آپشن بهتر هونــدو آهي. هر ملڪ، بشمول آمريڪا، هزارن، لکن جي تعـداد ۾ مـاڻهو گهـرائي ٿو. اهي سڀ قانوني سيٽلر، قانوني طور آباد ٿينـدڙ سـڏرائين ٿا. هر ملڪ ٻاهرين آمد جا انگ اکر، ملڪ جي مستقبل جي پاليسين جي بنياد تي ناهيندو آهي. مثال طـور جرمـني لاءِ چيو وڃي ٿو ته 2000 ۾ ان جي آبادي 81.3 ملين مـان گهٽجي 70.8 ملين تي پهچنـدي. ظـاهر آهي ته جرمـني کي مـاڻهو کپن (ان ڳالهه کـان هٽي ڪري ته سندن عوام جي مختلف پــرتن منجهه ڌارين خلاف ڪيتري نفرت موجود آهي).

ضروري ناهي ته مقامي آبادي جي غير يقينيءَ جي احساس هيٺ ڌارين جي قــانوني آمد کيــئي وڃي. مثــال طــور برطانيه 2000ع 64.1 ملين مان وڌي 80.1 ملين ٿيندو. ان جي بــاوجود برطانيه مختلف تقاضائن تحت پنهنجي ملڪ ۾ هزارن جي تعــداد ۾ ســاليانو مــاڻهو آبــاد ڪنــدڙ آهي. جــيئن ته برطانيه عــالمي سامراجيت جي بار بار منڍين جي وند ورڇ ۾ پـاڳي پـائيوار آهي. ان ڪري هو ڪوڙ سارين مصلحتن تحت مـاڻهن کي ”پناهـه“ جي نالي ۾ به آباد ڪري ٿـو. لٿ سـردار ملڪن منجهـان هئڻ ڪـري هنن کي انساني حقن جا نـاٽڪ به ڪرڻا پـون ٿـا. پنهنجي ملڪ ۾ بيروزگــاري جو هڪ مخصــوص ســيڪٽرو به قــائم رکٽو آهي، ته جيئن سستو پورهيو هميشه موجود رهي. فرانس جو مثـال وٺـو، جــتي بيروزگــاري 10.2 ســيڪڙو آهي. جــتي مقــامي ۽ ٻــاهرين آبادي جا ڦڏا فساد به ٿين ٿا. جتي ڌاري آبـادي جي گهٽـائي اتـان جي مقامي آبادي سـان مڪمل هم آهنگ نـاهي. پـوءِ به فـرانس ساليانو هزارين ماڻهن کي پناهه ڏيندڙ آهي.

اٽلي جي آبادي به گهٽجنــدڙ آهي. جــتي پڻ ڌارين جي خلاف شديد نفرت آهي. پـوءِ به اتي لاتعـداد مـاڻهن کي آبـاد ڪـرڻ ڏنو وڃي ٿو.

آمريڪا ۾ 1970ع ڌاري هسپانوي 5 سيڪڙو، ايشــيائي هڪ

سيڪڙو، آفريڪي 12 سيڪڙو مان وڌي 2050 ڌاري پنهنجو سيڪڙو 20 سيڪڙو، 8 سيڪڙو ۾ 14 سيڪڙو ترتيب وار ڪرڻ وارا آهن.

سامراجيت جون پيدا ڪيل خانه جنگيون

آمريڪا ۾ ان جا اتحادي ملڪ، سوويت يونين جي ڌهڻ ڪان پوءِ سموري دنيا جي اڪيلي ڪاري جا مالڪ آهن. جيڪو ملڪ سندن جي حضوري نٿو ڪري، پنهنجون صنعتون ۾ قدرتي وسيلا، سندن ملٽي نيشنل ڪمپنين حوالي نٿو ڪري، ان جو حشر عبرتناڪ بڻايو وڃي ٿو. چونڊيل حڪومتن کي ڊاهڻ، ڪوديتا ڪرائڻ، خانه جنگيون ڪرائڻ، مذهبي، نسلي، لساني جهيڙا ڪرائڻ، هٿيارن جو وڪرو ڪرڻ وغيره سب سامراجي سازشون آهن جيڪي بغير ڪنهن مزاحمت جي ٽن ڏهاڪن کان سموري دنيا ۾ رائج آهن.

ڪالهوڪي ڳالهه آهي. عوام جي ڀلائي سان جڙيل قذافي جو لبيا، جيڪو سيڪيولر، خوشحال هو، آمريڪي سامراجي بس مين جي لسٽ ۾ نه هئڻ ڪري، هن کي هٽائيندي، ملڪ ۾ خانه جنگي جي راڄ جي آجيان ڪئي وئي. صدام کي هٽائي، عراقي خانه جنگي لکين ماڻهن کي مارايو ويو.

سامراجيت جو اهو ڪمال آهي جو جنهن تهذيب کي ٺهڻ ۾ چار هزار سال لڳا هجن. ان کي هو چئن سالن اندر کنڊر بڻائي سگهي ٿي.

ڪنهن کي ياد هوندو ته ڪانگو جي هڪ ڪروڙ ماڻهن کي دربدر ڪندي، سندن قتل عام ڪرائيندي، اتان اولهه وارن يورنيم جا ذخيره ڪٽيا. صوماليه جي ساموندي ڪنارن تان ماڻهن کي لڏائي، انهن خطن کي اولهه جي صنعتن مان خارج ٿيندڙ "موتمار گند" کي زمين ۾ پورڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو.

ڪينيا، يوگنڊا، روانڊا، صوماليه جون الائجي ڪيترين نسلن سڪل صحرائن جي ڪيمپن ۾ جوان ٿيو مريو وڃن ۾ ڪٿي ڪو ذڪر ئي ڪونهي. القاعده جو بن لادن هجي، داعش هجي يا وري بوڪو حرام و حلال هجي، اهي سڀ ڪي جي ان پاسي بيٺل آهن جتي سڪي جي ٻئي پاسي سامراج بيٺل هوندو آهي.

سامراجي ڪوڙ منافقي واري ميڊيا اهو سوال ڪرڻ وارو ڪير آهي ته عراقي جي تيل جي وسيلن جو اصل مالڪ هن وقت ڪير آهي. لبيا جي تيل جو فيصلو ڪندڙ ڪير آهي، وچ اوير جي بادشاهن کي ڪير پالي رهيو آهي.

اصول بنهه سادو آهي. سامراجي ڏائڻ کي انسان نه بلڪه وسيلا گهرجن. ان ڪري ايشيا، آفريڪا، مڊل ايسٽ هر طرف غير يقينيءَ جو راڄ آهي.

شام جي خانه جنگي

شام به نام نهاد، عرب بهار جي نعري پٺيان سامراجي ملڪن پنهنجي اصلي راند شروع ڪئي. 2011ع ڌاري حڪومت مخالف احتجاجن، کي شدت ڏياري ويئي، مذهبي نسلي تضادن کي وڌيڪ اڀاريو ويو. رياستي بادشاهي جبر سامهون داعش کي لاٿو ويو، ائين عراق، لبيا کان پوءِ وچ اوير جي خوشحال ملڪ شام خانه جنگي ڪرائي انسانيت کي شرمندو ڪيو ويو.



هن وقت تائين جيڪو نقصان ٿيو آهي، ان جو تماشو سموري دنيا جي ميڊيا ڏسي رهي آهي. هڪ اندازي مطابق هڪ ڪروڙ ويهه لک ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿيا آهن. جن مان ستر لک ملڪ اندر دربدر ٿي رهيا آهن. جڏهن ته باقي پنهنجي ملڪ جي سرحدن کي ڇڏي ڪري باقي سموري دنيا جي سرحدن آڏو سواليه نشان بڻيل آهن. صرف چئن سالن جي هلندڙ خانه جنگي، هن وقت تائين. به لک ويهه هزار سويلين جو رت پي چڪي آهي. رواندا جي خانه جنگي کان پوءِ هي وڏي خانه جنگي شمار ٿي رهي آهي. شام ملڪ جا پناهه گير هن وقت سموري دنيا جي ميڊيا جي خبرن جو موضوع آهن. بک، بيماريون، بي وسي، جنسي ڏاڍائي، اڪيلائپ، لوهي تارون، سمنڊ ڪنارا،

پـيڙيون، شـامي نسل جـون اينـدڙ وقت تـائين ڀيچو ڪنـديون رهنديون. شامي پناهه گيرن ۾ هن وقت 50 سيڪڙو تعـداد انهن ٻـارن تي مشـتمل آهي جن جي عمر 18 سـالن کـان گهٽ آهي. پناهه گير، مصر، لبنان، اردن کان ٿيندا يورپ جو رخ ڪن ٿا.

حاصل نتيجو

دنيا جيتري هن وقت غير محفوظ ۽ اڻ ڇاتل خـوف ۾ ورتل آهي. ماضي ۾ شـايد ئي ڪو ان جو مثـال ملنـدڙ هجي. جيـتري تذليل هن وقت انسان جي ٿي رهي آهي شـايد ئي اهـڙي ماضي ۾ رهي هجي. سـرمائيداري ۽ سـامراجيت جي بربـريت، جـبر، استحصـال، ڦـ ڦـ ڦاهـه، پـوري ست ارب ڌرتي جي آبـاديءَ کي پنهنجي رت چوسيندڙ مفت خور آڪٽـويس چنـبي ۾ نبـوڙي رهي آهي. ڪابه باقاعـــده جنگ نه هجڻ بـــاوجود، هر خطو هڪ پراڪسي جنگ جو شـــــــــڪار آهي. خانه جنگي، لڏ پلاڻ اها سـامراجيت جي اڄ جي گهـرج آهي. جنهن ڪـان سـواءِ هن جو



جيئڻ ممڪن ڪونهي. هو ڪالهه سڏيون جنگيون مڙهيندي، سمورن وسيلن سان مالا مال مندين جي بندربانٽ ڪندي هئي. اڄ بغير اعلانيل جنگ جي اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪري ٿي.

عوام کي نظر اچڻ لاءِ صرف ايلان ڪردي جو سمنڊ لاش ئي ڪافي آهي. سلاوج جيجڪ بلڪل صحيح چيو آهي ته پناهه گيرن جو مسئلو، گلوبل ڪيپٽلزم کي ستو ڪرڻ ڪانسواءِ حل ٿيندو ئي ڪونه. سندس بقول ته معاملي جا به ئي حل ڪڍيا وڃن ٿا جيڪي ٻئي غلط آهن. هڪ اهو ته يورپ کي پنهنجا در ڪولڻ گهرجن يي گهر فردن کي سمنڊ جو ڪاچ ٿيڻ کان بچائجي. ٻيا اهي آهن جيڪي چون ٿا ته "در بند ڪيو" ماڻهن کي پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ ڏيو. هن جي خيال جيڪي يورپ جا در ڪولڻ جي ڳالهه ڪن ٿا اهي ته رهن ئي احمقن جي جنت ٿا. ڇاڪاڻ جو ڪين خبر ئي ناهي ته ان عمل سان يورپ جي ملڪن منجهه پڻ عوامي بغاوت ٿي سگهي ٿي جيڪي اهو چون ٿا ته ڪين پنهنجي حالتن تي ڇڏي ڏيو اهي به خوب ڄاڻن ٿا ته مسئلو هنن کان "پاڻ" حل ٿيڻ جوڳو آهي ڪونه.

جيجڪ جو چوڻ آهي ته هڪ دفعو ماءِ ٽيڪ، جهڙين گهڻ قومي ڪمپنين کي ان سڄي معاملي کان ٻاهر ڪڍو. اوهان کي سمورن خطن مان خانه جنگيون، نسلي، مذهبي، ويڙهون پٺ پوندي نظر اينديون. ٻيو اهو ته ناڪام رياستون مقامي لقاءُ ناهي، ير بين الاقوامي معاشي، سياسي پاليسين جو ردعمل آهي. جيجڪ چئي ٿو ته هي دور هڪ دفعو ٻيهر اپارٿائيڊ غلامي جو دؤر آهي.

وچ اوڀرجي لڏ پلاڻ اها قيمت آهي جيڪا گلوبل اڪانومي ادا ڪري چڪي آهي. هي عالمي مارڪيٽ



جي اها بي رحم دنيا آهي جتي “جنس” آزادي سان سموري دنيا ڪراس ڪري سگهي ٿي، پر انسان نه. ها انسان جي “چرپر” هڪ صورت ۾ هي سامراجي نظام اڪيون پوري قبولڻ لاءِ تيار آهي. جيڪڏهن انسان به “بي جان جنس” ٿيڻ لاءِ تيار هجي. پورهيت طبقو اها بي جان جنس بنجي چڪو آهي. جيڪو مڊل ايسٽ، ايشيا، آفريڪا ۾ يورپ جي صنعتي گهاڙڻ ۾ پيڙهجي ٿو.

تُرڪيءَ روسي جهاز ڪي ڇو ڪيرايو؟

ڪان هيلنن



تُرڪيءَ روسي جهاز ڪي فائر ڪري ڇو ڪيرايو؟ اهو يقيناً انڪري نه ڪيو ويو هوندو جو SU-24 (روسي جهاز) مان ترڪيءَ ڪي ڪو خطرو هيو. اهو جهاز ته پراڻو ۽ سُست آهي ۽ روسين ان جهاز ڪي نشانو بنائيندڙ ميزائلن سان به هٿياربند نه ڪيو. ۽ ائين انڪري به ٿيو جو تُرڪ فوج تڪڙو ردعمل ڪيو. ٽي سال اڳ، ترڪ صدر طيب اردوان زور ڏئي چيو هو ته ”مختصر وقت لاءِ هوائي حدن جي ڇڪڙي ڪي هڪ حملي لاءِ ڪڍڻ به بهانو نه ٿو بڻائي سگهجي.“ ايتريقدر جو اڃان به اهي شڪ آهن ته روسي جهاز ترڪيءَ جي هوائي حدن ڪي پار ڪيو هو الائجي نه.

بيشڪ سچي نومبر ۾ اهڙا 24 مشڪوڪ واقعا ٿيا ۽ ڪنهن ڪي هڪ وهمي روسي ٿيڻ جي ضرورت ناهي اهو سوچڻ لاءِ ته جهاز ڪيرائڻ هڪ اٽڪل هئي ۽ ترڪ فوج اڳواٽ تاڙ ۾ ويٺي هئي. جيئن (ر) ليفٽيننٽ جنرل ٿام مڪلنيرني، آمريڪي ايئر فورس جي اڳوڻي چيف آف اسٽاف، فاڪس نيوز ڪي ٻُڌايو ”اهو جهاز (ترڪيءَ جي) علائقي تي حملو ڪرڻ لاءِ گوهيون گٽون نه هڻي رهيو هو“ هن ترڪيءَ جي عمل ڪي ”حد ڪان وڌيڪ جارح“ قرار ڏنو ۽ نتيجو ڪڍيو ته اهو واقعو ”اڳواٽ رٿيل هو.“ ان يقيناً اسرائيلي فوج ڪي منجهائي ڇڏيو جيڪا ان قسم جي وارداتن ڏانهن عام انداز سان نه ڏسڻ طور مشهور آهي. اسرائيلي دفاعي وزير موشي يلون 29 نومبر تي پريس ڪي ٻُڌايو ته هڪ روسي جهاز گولان جي چوٽين وٽ اسرائيلي سرحد جي ڇڪڙي ڪئي هئي. ”روسي جهاز اسان مٿان حملو ڪرڻ لاءِ نه آيو هو، جڏهن ڪا غلطي ٿئي ته اسان پاڻمرادو تڪڙو ردعمل نه ڪيون ۽ اُن جهاز ڪي فائر ڪري نه ڪرايون.“

پلا پوءِ ڇو جهاز ڪي ڪيرايو ويو؟ شايد انڪري جو چار سالن

۽ پهريون پيرو ڪجهه وڏيون طاقتون تباهي آڻيندڙ شامي گهرو جنگ جي نبيري ڏانهن وڌڻ جي ڪوشش ڪن پيون ۽ ڪجهه طاقتور قوتون وري ان عمل کي تارپيڊو ڪرڻ لاءِ اٽڪلون ڪن پيون. جيڪڏهن روسي تدا نه تين ها ته ڪيتريون ئي ايٽمي هٿياربند طاقتون پنهنجو پاڻ کي هڪبئي جي آمهون سامهون تيندي ڏسن ها ۽ پوءِ جنگ جي انت جي ڪا خبر نه پوي ها.

شامي جنگ جي ميدان تي ڪيترائي ڪردار آهن جيڪي هڪبئي جي ابتڙ ايجنڊائن تي عمل ڪن ٿا جنهنڪري هڪ عام حل ڳولڻ آسان تورڙي ڏکيو ٿي پيو آهي. آسان انڪري جو مخالفن منجهه ڪا هڪ متفقه ۽ متحد پوزيشن ناهي، ڏکيو انڪري آهي جو ڳرن هٿياربند پلين کي هڪلڻ وڏي عياريءَ وارو ڏنڌو آهي. روسي ۽ ايراني شامي صدر بشارالاسد جي حمايت ڪن ٿا ۽ القائده کان وٺي داعش تائين مختلف انتهاپسند تنظيمن سان وڙهه ڪن ٿا. پر هر هڪ ملڪ وٽ گهرو جنگ کانپوءِ واري شام بابت مختلف نقطه نظر آهي ته شام جو مستقبل ڪهڙو هجڻ گهرجي. روسي هڪ وڏي فوج واري مرڪزيت پسند ۽ سيڪيولر رياست چاهين ٿا. ايراني ائين نه ٿا سوچين تنهنڪري اُهي هٿياربند لشڪرن جي حمايت ڪن ٿا نه ڪي فوج جي. تُرڪي، سعودي عرب، قطر ۽ پيون نار واريون بادشاهتون اسد حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ چاهين ٿيون ۽ اُهي اُنهن گروهن جي حمايت ڪن ٿيون جن خلاف روس، ايران ۽ لبنان واري حزب الله وڙهه ۾ رڌل آهن. هڪ پاسي ترڪي ۽ قطر اسد حڪومت جي جاءِ تي شامي اخوان المسلمين کي آڻڻ چاهين ٿيون، ٻئي پاسي سعودي عرب اسد کان وڌيڪ شايد اخوان المسلمين سان نفرت ڪري ٿو. ٽئين پاسي عرب بادشاهتن کي ڪُردن بابت ڪا ڳڻتي ناهي جن مٿان ترڪي بمباري ڪري رهيو آهي ۽ اهو ئي وڏو ڪارڻ آهي جو ترڪي شام ۾ ايترو گهرو ملوث ٿي پيو آهي.

آمريڪا، فرانس، ۽ برطانيا پڻ اسد حڪومت کي هٽائڻ چاهين ٿا پر هن وقت اُنهن جو فوڪس داعش خلاف وڙهه تي آهي ۽ اُنڪري ڪُردن کي پنهنجي اتحادي طور استعمال ڪري رهيا آهن، خاص ڪري شامي ڪرد ڊيموڪريٽڪ پارٽي، جيڪا ترڪيءَ جي ڪردش ورڪرز پارٽيءَ منجهان نڪتي آهي جنهن

کي آمريڪا سرڪاري طور تي ”دهشتگرد“ قرار ڏئي چڪو آهي. هي اُهي ساڳيا ئي ڪُرد آهن جن مٿان ترڪي بمباري ڪري رهيو آهي □ جن جو روُسين سان دوستاڻو اتحاد آهي. هاڻي شايد ترڪيءَ کي اندازو ٿي ويو هوندو ته SU-24 (روسي جهاز) کي ڪيرائڻ جي ڪيتري قيمت اها به تي سگهي ٿي ته اوچتو ئي ڪُردن لاءِ نوان روسي هٿيار اچڻ شروع ٿي وڃن جن منجهان ڪجهه ترڪن خلاف ئي استعمال ٿيندا.

شامي گهرو جنگ کي سمجهڻ لاءِ سادي سوچ ويچار کي ٿورڙو پاسيرو رکڻو پوندو. مثال طور آمريڪي اسد مخالف باغين تي روسي بمباريءَ مان ناخوش آهن، انهن باغين جو وري شام □ القائده جي تنظيم نصره فرنٽ سان اتحاد آهي. هي اُها ئي القائده آهي جنهن ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي حملو ڪيو هو □ جن مٿان آمريڪا هن وقت يمن، صوماليا □ افغانستان □ بمباري ڪري رهيو آهي. سادي سوچ ويچار جي معطلي وارو معاملو شام تائين محدود ناهي. ڪيترائي عرب ملڪ آهن جن داعش □ القائده خلاف آمريڪي هوائي جنگ جو ابتدائي طور سات ڏنو، چاڪاڻ ته اهي تنظيمون (داعش □ القائده) نار وارين بادشاهتن کي هٽائڻ چاهين ٿيون. پر سعودي عرب، اردن، گڏيل عرب امارات □ قطر ان معاملي تان ڌيان هٽائي يمن □ حوثي باغين تي بمباري شروع ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته اهي حوثي يمن □ القائده □ داعش خلاف انتهائي مؤثر قوت آهن. بنهي انتهاپسند تنظيمن (القائده □ داعش) گذريل ڪجهه هفتن دوران وڏيون ڪاميابيون ماڻيون آهن چاڪاڻ ته حوثي پنهنجو دفاع ڪرڻ □ ئي پورا آهن.

ان سموري وٿ وٿان، انتشار □ سياسي بدنظميءَ جي باوجود ڪجهه اهڙا ڪم ٿيا آهن جيڪي ڏرين کي ڪنهن پرامن نبيري ڏانهن ڏڪي رهيا آهن جنهن هيٺ شام □ حڪومت جي تبديلي ضروري ناهي. ترڪي □ نار وارن بادشاهن کي اها ئي ڳڻتي آهي □ اهو ئي وڏو ڪارڻ آهي جنهنڪري ترڪيءَ روسي جهاز کي ڪيرايو.

اونهاري دوران تيل اهم واقعن مان هڪ جنگ کان بيزار شامي مهاجرن جون پوڏون آهن. اگ □ ئي اٽڪل 20 لک پناهگير ترڪي □، ڏهه لک کان وڌيڪ اردن □ □ لبنان □ □ 9 لک يورپ □

آهن. 2 ڪروڙ 30 لک شامين منجهان اٽڪل هڪ ڪروڙ 10 لک جنگ سبب دربدر آهن ۽ يورپين کي ڳڻتي آهي ته انهن ٻارنهن ملين ماڻهن مان گهڻا سين ۽ رُهر دريائن جي ڪنارن تي اچي خيما کوڙيندا. جيڪڏهن هيءَ جنگ ايندڙ سال به جاري رهي ته پوءِ ائين بلڪل ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري يورپي حڪمران پنهنجي ان مطالبي تان دستبردار ٿي ويا آهن ته جنگ بنديءَ لاءِ اسد حڪومت جو هٽڻ اولين شرط آهي ۽ اُهي آمريڪا کي به ائين ڪرڻ لاءِ زور پري رهيا آهن. اهو معاملو حل ٿيڻ ڏکيو آهي پر ٿلهي ليکي هڪ اتفاق نظر اچي ٿو ته عبوري حڪومت جي حصي طور اسد برقرار رهندو. ان معاملي تي روسي ۽ ايراني هڪ اليڪشن تي زور ڏئي رهيا آهن جنهن ۾ اسد پڻ هڪ اميدوار هوندو ڇاڪاڻ ته ٻئي ”حڪومتي تبديلي“ نه ٿا چاهين.

تُرڪي ۽ سعودي عرب بضد آهن ته اسد کي وڃڻو پوندو، پر اڄڪلهه (ان جنگاڻ ۾) هي ٻئي ڊرائيور جي سيٽ تي ناهن. توڙي جو نيٽو روسي جهاز ڪيرائڻ واري واقعي ۾ ترڪيءَ جي حمايت ڪئي، پر ترڪ پريس مطابق، انهن مان گهڻا سمجهن ٿا ته ترڪ صدر اردوان هڪ ڇُتل توپ آهي. ۽ سعودي عرب، جنهن جي معيشت کي تيل جي قيمتن ۾ عالمي لاٿ سبب سخت ڌڪ رسيو آهي، اهو اڳ ۾ ئي يمني جنگ ۾ ڦاٿل آهي جيڪا پڻ هڪ مهانگي ڏُبڻ ثابت ٿيندي پئي وڃي.

ٻيو واقعو روسي مداخلت آهي جنهن بظاهر ميدان تي صورتحال کي بدلائي ڇڏيو آهي، گهٽ ۾ گهٽ اتر ۾، جتي اسد جي فوج کي باغي قوتن هٿان سخت دٻاءَ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. نون هٿيارن ۽ هوائي طاقت باغين جي حملي آور صلاحيت کي ڌڪ هنيو آهي ۽ نتيجي طور شام جي سڀ کان وڏي شهر اليپو جي لڙائيءَ ۾ اسد حڪومت ڪجهه سويون ماڻيون. روسي بمباريءَ بائير بڪڪ علائقي (ترڪيءَ جو سرحدي علائقو جتان تُرڪي هٿيار، رسد ۽ ويڙهاڪ شام ۾ اماڻيندو رهيو آهي) وٽ ترڪ باغين کي پڻ سنڌائتا ڌڪ هنيا آهن. روسين جي ظهور سان ترڪيءَ جي ڪوشش آڏو بند ٻڌجي ويو جن چاهيو پئي ته شامي سرحد وٽ ”نو فلاءِ زون“ هجي، هي اها ئي تجويز آهي جنهن جي آمريڪا ڪڏهن به پرجوش حمايت نه ڪئي. واشنگٽن جا اتحادي، ڪُرد، نو فلاءِ

زون جا سخت مخالف آهن چاڪاڻ ته اُهي ان ڪي انقره جي هڪ اتڪل سمجهن ٿا ته جيئن ڪردن ڪي شام □ هڪ خودمختيار علائقو ٺاهڻ کان پري رکي سگهي.

بائير بڪڪ علائقو □ جاربولس شهر پڻ ترڪيءَ لاءِ خاص جڳهه آهن جتان تيل جي اسمگلنگ ٿيندي آهي جنهن جي بظاهر سرپرستي اردوان جي پُٽن مان هڪ، بلال، ڪندو آهي. روسين سيٽ لائيٽ ڦوٽو ڏيکاري ترڪن ڪي چيڙائي وڌو آهي جن □ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته قطار در قطار تيل جا ٽينڪر داعش جي ڪنٽرول هيٺ وارن علائقن مان گذري شام سان لڳندڙ ڏاکڻي سرحد وٽان ٽُرڪيءَ □ داخل ٿين ٿا. 30 نومبر تي روسي صدر ولادمير پيوٽن چيو ته ”داعش جي ڪنٽرول هيٺ تيل هڪ وڏي ڪاروباري صنعت طور ترڪيءَ جي حدن □ داخل ٿئي ٿو. اسان ڪي اهو مڃن لاءِ ڪوڙ سارا ڪارڻ آهن ته اسان جو جهاز ڪيرائڻ جي فيصلي پٺيان انهن تيل جي روانگيءَ وارن رستن ڪي بندرگاهه تائين تحفظ ڪي يقيني بنائڻ جي خواهش ڪارفرما هئي.

روسي جهاز (SU-24) ڪيرائڻ ڪانپوءِ ٽُرڪ صدر اردوان ڪي نيٽو طرفان اهو ردعمل نه مليو جنهن جي هن ڪي توقع هئي. جڏهن ته فوجي اتحاد ترڪيءَ جي پنهنجي ”خودمختياري“ جي پٺڀرائي ڪندي نيٽو هڪ پرامن حل جو سڏ ڏنو □ سڄي معاملي ڪي ٿڌو ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي.

هڪ اهڙي وقت جڏهن يورپ ڪي مهاجرن واري بحران جي حل جي ضرورت آهي □ پئرس □ 130 ماڻهن ڪي مارينڌڙ تنظيم ڪي ختم ڪرڻو اٿن، اُن وقت نيٽو خوش نه ٿي ٿي سگهي ته ترڪي ڪين روسين سان جهيڙي □ گهلي سڄي صورتحال ڪي 24 نومبر واري واقعي کان اڳ کان وڌيڪ خطرناڪ بڻائي ڇڏي. روسين هاٽي پنهنجا وڌيڪ جديد SU-34 بمبار ميدان □ لاٿا آهن □ اُنهن ڪي هوا مان هوا □ مار ڪندڙ ميزائيلن سان هٿياربند پڻ ڪيو آهي. اُنهن بمبارن سان گڏ آمريڪي SU-35 ويڙهاڪ جهاز پڻ هوندا. روسين S-300 □ S-400 جهاز ڪيرائيندڙ نظام پڻ ميدان □ لاٿا آهن ايس_400 به سئو پنجاهه ميلن تائين مار ڪري سگهن ٿا. روسي چون ٿا اُهي ڪنهن مصيبت لاءِ نه پيا واجهائين پر اُهي هڪ ذميواري نيائين پيا. چا ترڪي □ روسي جهازن وارو

تڪرار نيٺو ۾ چار ايٽمي هٿياربند قومن ڪي ٽڪراءَ ڏانهن ڌڪيندو؟ اهو امڪان ماڻهن جي ننڊ حرام ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

نئين سال ۾ شامي گهرو جنگ ۾ ملوث ملڪ جنيوا ۾ گڏجي ويهندا. اُنهن مان گهٽا ڳالهين ڪي پـٽڙيءَ تـان لاهڻ جي ڪـوشش ڪنـدا پر اها اميد پڻ آهي ته ڪجهه سـمجهدار به هونـدا جيڪي هڪ سياسي حل جو نقشو ڪٽي ايندا. اهو آسان نه هونـدو ۾ اهو فيصلو اجان ٽيٺو آهي ته ڳالهين جي مـيز تي ڪـير ڪـير ويهنـدا. ٽُـرڪن ڪي ڪُـردن، روسـين ۾ ايـرانين تي اعـتراض هونـدو، ۾ ڪُردن ڪي باغين جي فوج تي، ۾ سـعودي ڪي اسد تي اعـتراض هونــدو. آخر ۾ اهي سب الڳ الڳ ٿي وينــدا. وچ اوير ۾ امن رٽا ڪي بگاڙڻ ايـڏو ڏکيو نـاهي. پر جيڪـڏهن مسـئلا وڏا آهن ته پـوءِ ناڪـامي بربـاد ڪنـدڙ هونـدي. اهو ئي خـوف هڪ ڳنڍينـدڙ شي هونـدو جيڪو ڌرين ڪي گـڏائي رکنـدو ته جـيئن اُهي جنگ بنـدي، هٿيارن تي پابنـدي، هڪ نـئين آئين ۾ بين الاقـوامي نگـراني هيٺ چوندون ڪرائين.

ڪُرد قومي سوال

جاويد راڄپر



وچ اوڀر وارو پرڳڻو ڪيترن سالن ڪان مسلسل انتشار، ڏيهي ۽ پرڏيهي جنگين، انتهاپسند ۽ دهشتگرديءَ سميت انيڪ مسئلن جو شڪار رهيو آهي. خاص ڪري نائن اليون واري واقعي ڪانپوءِ عراق، شام، ليبيا، فلسطين ۽ يمن سميت پرڳڻي جو عوام ڪنهن نه ڪنهن مصيبت ڪي ڀوڳيندو رهيو آهي. هن خطي جي انيڪ مسئلن ۾ تازو هڪڙو ٻيو اضافو پڻ ٿيو آهي. تازو 10 آڪٽوبر تي ٽُرڪيءَ جي راڄڌاني انقره ۾ ٻن بم ڌماڪن جي نتيجي ۾ 100 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا ۽ 400 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا. عراق، شام، يمن ۽ ليبيا جي ڀيٽ ۾ ٽُرڪي جي حالت بهتر رهي آهي پر شام ۾ مداخلت ڪندي انتهاپسند ۽ دهشتگرد قوتن جي پٺڀرائيءَ جي نتيجي ۾ خود ترڪي به انتشار جو شڪار ٿيڻ لڳو آهي. اهو حملو ترڪيءَ جي جديد تاريخ جو سڀ کان موتمار حملو هو. انهن بم ڌماڪن جو بظاهر هدف "پورهيت، امن ۽ جمهوريت" ريلي هئي جيڪا ٽُرڪيءَ جي ترقي پسند ٽريڊ يونين جي وفاق (DISK)، ٽُرڪ انجنيئر ۽ آرڪيٽيڪٽ جي يونين چيمبر (TMMOB)، پيپلز ڊيموڪريٽ پارٽي (HDP)، ٽُرڪ ميڊيڪل ايسوسي ايشين (TTB) ۽ پبلڪ ورڪرز يونين جي وفاق (KESK) جهڙين تنظيمن ڪُدي رهيون هيون. ان ريليءَ جو مقصد ٽُرڪ هٿياربند فوج ۽ عليحدگي پسند ڪردستان ورڪرز پارٽي (PKK) جي وچ ۾ وڌندڙ تڪرار خلاف احتجاج ڪرڻ هو. ان حملي کان اڳ ٽُرڪيءَ ۾ 20 جولاءِ 2015ع تي پڻ هڪ خودڪش حملي جي نتيجي ۾ 33 ماڻهو مارجي ويا هئا جنهن ڪانپوءِ ترڪ حڪومت دولت اسلاميه ۽ خاص ڪري

کردستان ورڪرز پارٽي خلاف نئين سر ڪارروائيون شروع ڪري ڇڏيون. وڏي اهم ڳالهه هيءَ آهي ته اهو واقعو ترڪيءَ ۾ پهر عام چونڊن ڪان 21 ڏينهن اڳ ٿيو جيڪي پهرين نومبر تي ٿيون. ان سموري منظرنامي کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته کردستان ورڪرز پارٽي ڇا آهي؟ ۽ اُن جو مقصد ڪهڙو آهي؟ ۽ ان سان گڏوگڏ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته ڪُرد ڪير آهن، ڪٿي ڪٿي آهن ۽ ڇا ٿا چاهين؟

ڪُرد ڪير ۽ ڪٿي ڪٿي آهن؟

عالمي سامراجي طاقتون پنهنجن ڪجهه علائقن، آبادين ۾ ٻرڪٽن سميت امڪاني دشمنن کي ”ورهائي ۽ حڪومت“ ڪنديون رهيون آهن. اُنهيءَ سامراجي پاليسيءَ جا جديد تاريخ ۾ مثال اوير ۽ اولهه بنگال، اتر ۽ ڏکڻ ڪوريا، اوير ۽ اولهه تيمور، اتر ۽ ڏکڻ سوڊان، پاڪستان ۽ پارٽي پنجاب، پاڪستاني ۽ هندوستاني والاريل ڪشمير، فلسطين ۽ اسرائيل وغيره آهن. ساڳئي ريت ڪُردن کي انهيءَ عالمي استحصالي اٽڪل جو شڪار ڪيو ويو ۽ پهرين مهاڀاري جنگ کانپوءِ ڪرد آباديءَ وارن علائقن کي ورهائي ياڱا ياڱا ڪيو ويو. ڪرد باغين جي هٿياربند تحريڪ کي دنيا جي سڀ کان موثمار باغي تحريڪن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. ڪُرد اُهي آهن جن کي تُرڪيءَ ۾ رياست جا دشمن ۽ اُتر شام ۾ کين داعش خلاف ويڙهه ۾ اهم ساٿي سمجهيو وڃي ٿو. نه ڪو سندن ڪا پنهنجي رياست آهي نه ئي سيني ڪُردن جي ڪا هڪڙي سياسي تنظيم. ڪُرد، هڪ نسلي گروهه آهي جنهن جي آبادي اٽڪل 3 کان 4 ڪروڙ ٿيندي، اُهي عراق، ايران، شام ۽ ترڪيءَ جي علائقن ۾ پکڙيل آهن. ڪرد وچ اوير ۾ سڀ ڪان وڏي اقليت طور ڳڻجن ٿا جيڪي جن جن ملڪن ۾ رهن ٿا اُتي قومي جبر کي ڀوڳين ٿا. تنهنڪري ڪُردن جي جدوجهد بنيادي طور تي قومي آزاديءَ جي تحريڪ آهي.

ڪُرد پهرين مهاڀاري جنگ ڪان وٺي پنهنجي خودمختياريءَ لاءِ وڙهندا پيا اچن ۽ ان کان اڳ به ڪُرد ترڪ ۽ ايراني سلطنتن هيٺ پڻ ورهايل رهيا. توڙي جو ڪُردن جي تاريخ هزارين سال پراڻي آهي ۽ اُهي مختلف دورن ۾ مختلف سلطنتن هيٺ لاڙا چاڙها ڏسندا رهيا آهن پر سندن پنهنجي تاريخ، ٻولي ۽ ثقافت به

آهي. سندن وطن کي غيرمنصفاڻي نموني ياڱا ياڱا ڪيو ويندو رهيو آهي، پر تنهن هوندي به اُنهيءَ ورهاڱي جا اُهي اصل مالڪ آهن، اجنبي ناهن جن سان ڌاري اقليت طور سُلوڪ ڪيو وڃي ٿو. ڪُردن جي وڏي اڪثريت تُرڪي، عراق، شام ۽ ايران (۾ باقي ٿورا گهڻا پرياسي جي ملڪن ۾) رهن ٿا جتي اُهي قومي جبر خلاف ويڙهه ڪندا رهن ٿا. توڙي جو ڪُردن جو پنهنجو ڪو الڳ وطن ناهي پر اُهي جتي به رهن ٿا اُتي پنهنجي بولي ڪُردي ڳالهائين ٿا پر ڳڏوڳڏ جتي جتي تورائي ۾ آهن اُتي عرب ثقافت جي غلبي هيٺ اُنهن پنهنجو پاڻ کي مقامي ثقافت سان هم آهنگ ڪري ڇڏيو آهي. ڪُردن کي سوويت يونين ۾ چڱي موچاري آزادي حاصل هئي. اُنهن جا پنهنجا اسڪول، نصابي ڪتاب ۾ پريس هئي ۾ ريڊيو تي وچ اوير ۾ سموري ڪُرد آباديءَ لاءِ ڪرد بوليءَ ۾ پروگرام هلندا هئا. تازو عراق ۾ شام ۾ انتشار ۾ داعش جي اُڀار ڪانپوءِ مذهبي انتهاپسنديءَ خلاف ويڙهه ۾ بين الاقوامي سطح تي ڪُردن جي اهميت وڌڻ لڳي. اُهي نه صرف اُتر شام ۾ فوجي فتحون ماڻي رهيا آهن پر سندن خودمختياريءَ وارو خواب به اهميت ماڻيندو پيو وڃي.

ڪردستان ورڪرز پارٽي

ڪردستان ورڪرز پارٽي (پي ڪي ڪي) تُرڪيءَ جي سڀ کان وڏي ڪابي ڌر جي تنظيم سمجهي وڃي ٿي. ترڪ حڪومت سان تڪراءَ جي نتيجي ۾ پي ڪي ڪي جا هزارين ويڙهاڪ مارجي چڪا آهن. ترڪ حڪومت طرفان ڪرد آباديءَ خلاف هٿياربند ڪارروائين جي ردعمل ۾ ترڪيءَ اندر پي ڪي ڪي جي عوامي حمايت وڌي وئي آهي. 1970ع جي ابتدا ۾ ڪُرد اڳواڻ عبدالله آڪلان جي سرواڻيءَ هيٺ ڪابي ڌر جي ڪجهه ڪارڪنن جو گروهه ڪٺو ٿيو. ان ئي گروهه 1978ع ۾ ڪردستان ورڪرز پارٽي (پي ڪي ڪي) کي جنم ڏنو. پي ڪي ڪي مارڪسي ليني فڪر کي مڃيندڙ آهي. 1984ع ۾ ان تنظيم تُرڪ فوجي ٺڪاڻي تي حملو ڪيو. تڏهن کان وٺي پي ڪي ڪي هڪ ڪرد رياست يا خودمختيار علائقي لاءِ ويڙهه ڪندي رهي آهي. هڪ ڪاتي موجب تُرڪ ڪرد تڪرار سبب

1984ع کان وٺي 40 هزار کان وڌيڪ ماڻهو مارجي چڪا آهن.



بي ڪي ڪي جي باري ۾ هڪڙي راءِ اها آهي ته هيءَ هڪ بيٽي بورجوا گوريلا تحريڪ آهي جنهن جو مقصد ”عوامي انقلاب“ آهي. 1992ع ۾ ڏنل هڪ انٽرويو ۾، بي ڪي ڪيءَ جي اڳواڻ، عبدالله آڪلان پنهنجا مقصد هن ريت بيان ڪيا؛ ”اسين انقلابي جمهوريت جي ڳالهه ڪريون ٿا... هڪڙي ڳالهه چٽي آهي ته اسين تنگ نظر قومپرست ناهيون. اسين نه ڪو بيوروڪريٽ سوشلزم جا حامي آهيون ۽ نه ئي سرمائيدارائي چٽاپيتيءَ جا.“ ان ”عوامي انقلاب“ جو طبقن کان مٿانهون ڪردار آڪلان جي وضاحت مان صاف ظاهر آهي ته بي ڪي ڪي هڪ بيٽي بورجوا قومپرست تنظيم آهي. بي ڪي ڪي ترڪي ۽ ان جا اولهه وارا اتحادي ملڪ هڪ دهشتگرد تنظيم قرار ڏين ٿا. اندازي مطابق ان باغي گروپ وٽ ترڪي جي اندر اٽڪل ٻه هزار هٿياربند ويڙهاڪ آهن جڏهن ته اتر عراق ۾ ان جا اهڙا هزارين حامي آهن جيڪي ترڪي ۾ حملن لاءِ ايندا آهن.

1990ع ۾ آڪلان کي تُرڪيءَ ۾ عمر قيد جي سزا ڏني وئي. 2012ع جي بچاڙيءَ ۾ تُرڪ حڪومت ڪُرد ليڊر سان ڳالهيون شروع ڪيون. تازو تُرڪي ۽ شام جي وچ ۾ سرحدي علائقي ۾ تيل چڪتاڻ کانپوءِ انقرا جنگ بنديءَ واري معاهدي کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. 28 جولاءِ تي تُرڪ وزيراعظم طيب اردوان بي ڪي ڪي سان امن عمل جي خاتمي جو اعلان ڪندي ڪردن خلاف جنگ شروع ڪري ڇڏي آهي. بي ڪي ڪي جو اڳواڻ عبدالله آڪلان هن وقت ترڪي ۾ سزا پوڳي رهيو آهي پر گڏوگڏ هُو انقرا حڪومت سان ان بابت ڳالهين ۾ به رڌل آهي ته ڪهڙي ريت ترڪي ۾ هن 30 سالن جي گوريلا جنگ کي ختم ڪري سگهجي جنهن هن مهل تائين هزارين انسانن کي پنهنجو ڪاڄ ٻٽايو آهي.

تُرڪي، شام ۽ عراق ۾ هلندڙ ويڙهه

اتڪل اڌ ڪـان وڌيڪ ڪُـرد تُـرڪيءَ ۾ رهن ٿـا، جـتي اُهي ڏهاڪن کان وٺي تُرڪ حڪومت جي ظلمن جو شڪار رهيا آهن. 1925ع ڌاري (ترڪ سلطنت جي خاتمي کانپوءِ) تُرڪ حڪـومت وڏي بي رحميءَ سان ڪُرد بغاوت کي ڪچلي ڇـڏيو هو ۽ اٽڪل به لک پنجاهه هزار ماڻهو ماري ڇڏيا هئـا. ڪُـرد سـڃاڻپ جي هر علامت کي زبردسـتي ختم ڪيو ويـو. لفظ ”ڪـرد“ ۽ ”ڪردسـتان“ کي ڊڪشـنرين، نصـابي ڪتـابن ۽ بين سـرڪاري دستاويزن مان خارج ڪيو ويو. ڪُردن کي ”جـابلو تُـرڪ“ سـڏيو ويـو. وري ڪين جـبري طـور تي تـرڪيءَ جي اوڀر وارن علائقن مان منتقل ڪيو ويو.

تُرڪيءَ ۾ پي ڪي ڪي (PKK) جي ابتڙ، ايڇ ڊي پي (HDP) پنهنجو پاڻ کي فقط ڪردن جي پارٽيءَ طور نه ٿي ڏسي، پر اُها پنهنجو پاڻ کي ”پيپلز ڊيموڪريٽڪ پارٽي“ سڏرائي ٿي جنهن کي انگريـزيءَ ۾ ايڇ ڊي پي سـڏيو وڃي ٿـو. ان پـارٽيءَ جو بنيـاد 2012ع ۾ پيو جڏهن هڪيئي سان مقابلو ڪنـدڙ ڪُـرد تنظيمـون هڪ پـارٽيءَ ۾ گڏ ٿيـون. اُن جو پـايو وجهنـدڙ اهم ميمـبرن مـان هڪ بي ڊي پي (Peace and Democracy Party) آهي. ان ڪُرد نواز پارٽيءَ انقرا ۾ تُرڪ حڪـومت ۽ پي ڪي ڪي جي وچ ۾ ڳالهين ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. بي ڊي پي ترڪيءَ سان تڪـرار جي حل لاءِ گس ڪـڍيا پر سـاڳئي وقت اُن تي شڪ به ڪيو ويو ته اها پي ڪي ڪي جي پارلياماني ٻانهه طور ڪم ڪري ٿي. هن وقت ايڇ ڊي پي (HDP) پي ڪي ڪي جي ٻانيڪار آڪلان، ڪُـرد قومپرستن، ناري واد، جمهوريت پسـندن ۽ سوشلسـٽن جو ميـڙ آهي. ان قسم جي وسيع گنجائش هجڻ ڪري ايڇ ڊي پي هن ئي سـال (2015ع) جُـون دوران ٿيل عـام چونـڊن ۾ گهربل 10 سيڪڙو کان وڌيڪ سيٽون حاصل ڪيون.

تُـرڪيءَ جي پارليـامينٽ ۾ اڪـثريت جي حاصـلات لاءِ 276 سـيٽون گهربل هونـديون آهن پر (هـاڻوڪي صـدر طيب اردوان جي) جسـٽس اينڊ ڊولپمينٽ پـارٽيءَ کي 258 سـيٽون ملي سگهيون. تنهنڪري حڪمران جماعت کي پنهنجو اقتـدار برقـرار

رکڻ لاءِ کنهن بي پارٽيءَ سان اتحاد ڪرڻو هو. پر وقت سر اتحادي حڪومت نه ٺهڻ ڪانپوءِ آئين مطابق صدر ٻيهر چونڊن جو اعلان ڪري ڇڏيو ساڳئي وقت ترڪيءَ جي صدر اردوان ڪُردن سان امن عمل کي ختم ڪرڻ جو اعلان پڻ ڪيو. گڏوگڏ داعش خلاف ويڙهه لاءِ آمريڪا کي پنهنجا اڏا استعمال ڪرڻ جي اجازت پڻ ڏني اٿس. بهرحال وڏي حيرت جي ڳالهه هيءَ آهي ته ترڪيءَ هڪ ئي وقت نه صرف ڪردن خلاف ويڙهه شروع ڪري ڇڏي آهي پر اُن سان گڏ داعش خلاف پڻ حملا شروع ڪري ڇڏيا اٿس. جڏهن ته ترڪيءَ ڪردن جي مرڪزي سياسي جماعت پيپلز ڊيموڪريٽڪ پارٽي (HDP) جو چوڻ آهي ته ملڪ داعش خلاف سيڪيورٽي فورسز جا ڇاپا "ڏيکاءُ" آهن، سندن اصل هدف جهادي نه پر ڪُرد آهن. پارٽيءَ جي اهم اڳواڻ صلاح الدين چيو ته "امن عمل شديد بحران جو شڪار آهي ان بحران جو سبب انقره حڪومت طرفان ڪرد ويڙهاڪن خلاف ڪارروائيون آهن. امن عمل جي ناڪامي وڏي غلطي هوندي." هن اهو به چيو "اسان جو فقط هڪڙو ئي ڏوهه آهي ته اسان 13 سيڪڙو ووٽ حاصل ڪيا آهن." اصل ترڪ حڪومت داعش خلاف ڇاپن هوائي حملن جي آڙ تي ڪارروائيون ڪري رهي آهي پر اُنهن جو اصل مقصد ايڇ ڊي پي جي اليڪشن سوين کي ناڪام بنائڻ آهي. ترڪيءَ جي تجزيي نگارن جي هڪڙي راءِ هيءَ به آهي ته جيڪڏهن اردوان چوي ٿو ته DHP (پيپلز ڊيموڪريٽ پارٽي) جا ماڻهو دهشتگرد آهن ته پوءِ اي ڪي پي (Justice and Development Party) جنهن جي سرواڻي اردوان ڪري ٿو)، جيڪا ڪيڏو عرصو داعش جي دهشتگردن جي حمايت ڪندي رهي آهي. اُن جو ڇا ٿيندو؟ اُنهن ماڻهن جي نظر داعش ترڪ حڪومت هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا رهيا آهن.

صاف ظاهر آهي ته آمريڪا اولهه جي ٻين طاقتن، جن هن مهل تائين ڪُردن جي سڏي



اٽسدي حمايت پئي ڪئي، داعش خلاف ويڙهه لاءِ اڏا ملڻ ڪانپوءِ ڪُردن کي وڪٽي ڇڏيو آهي. آمريڪا ڪيتري عرصي کان چاهيو پئي ته ترڪي داعش خلاف ويڙهه ڪري پر ٽُرڪيءَ وري ڪُرد عليحدگي پسندن مان خطري واري ڳالهه ڪندو رهيو. آمريڪا ٽُرڪيءَ تي دٻاءُ وجهندو رهيو ته اُهو پنهنجو سڄو زور داعش خلاف ويڙهه ۾ لڳائي. ٽُرڪيءَ به مهينن تائين آمريڪا کي اجازت نه پئي ڏني ته اُهو شام جي سرحد ويجهو واقع فوجي هوائي اڏي کان پنهنجن جهازن ذريعي حملا ڪري. پر هاڻي آمريڪا کي تُرڪ حڪومت طرفان ائين ڪرڻ جي اجازت ملي وئي آهي. پر اهڙي وقت ۾ ترڪيءَ جي صدر طيب اردوان پنهنجو ڌيان داعش بدران ڪُرد ورڪرز پارٽيءَ کي نيست ۾ نابود ڪرڻ تي ڏئي ڇڏيو آهي. ٽُرڪيءَ جو موجوده حڪمران طبقو داعش ۾ ڪُرد ورڪرز پارٽيءَ کي هڪجهڙو قرار ڏيندو رهيو آهي ۾ اُهي عراقي ۾ شامي ڪُردن جي جنگي ميدانن ۾ ڪاميابين کي پاڻ لاءِ خطري طور ڏسن ٿا جيڪي اُنهن جي ملڪ جي ڪُرد اقليت ۾ عليحدگي پسنداڻا جذبا پڙڪائي سگهن ٿا. جيڪڏهن شام ۾ عراق ۾ ڪُرد ڪاميابي ماڻين ٿا ته پوءِ اُهي ترڪيءَ جي ڪُردن سان گڏجي ويڙهه ڪري سگهن ٿا. ڪُرد ورڪرز پارٽي ويهه سالن کان ٽُرڪيءَ جي فوج خلاف وڙهندي رهي آهي. ان جنگ ۾ ٽُرڪيءَ جا هزارين فوجي مارجي چڪا

جيتريقدر داعش جو تعلق آهي ته ان حوالي سان ترڪي اهڙي چار ۾ ڦاسي پيو آهي جيڪو اُن پاڻ تيار ڪيو هو. ان جو ڪارڻ هي آهي ته ترڪيءَ جي حڪومت گهڻي عرصي تائين شام جي اسد مخالف قوتن جو ساٿ ڏنو. مذهبي انتهاپسند ٽُرڪيءَ مان لنگهي شام ويندا رهيا آهن. ٽُرڪيءَ ”جهته النصره“ گروهه جي حمايت ڪئي. ترڪيءَ جي سرزمين تي شام ۾ وڙهندڙ باغي قوتن جي جنگي تربيت جا مرڪز رهيا آهن، ٽُرڪي اُنهن جي مدد ڪندو رهيو آهي ۾ هاڻي اها بلا خود اُن جي ڳچيءَ ۾ پئجي وئي آهي. ائين ئي جيئن پاڪستان افغانستان ۾ ڪيو ۾ اُن جا نتيجا ڀوڳيندو اچي پيو. تجزيي نگارن جي راءِ هيءَ به آهي ته جيڪڏهن ايڇ ڊي پي کي پارليامامي طريقي سان سياسي عمل جو حصو ٿيڻ کان روڪيو ويو ته پوءِ ترڪي هڪ گهرو جنگ جو شڪار ٿي سگهي ٿو.

شام ۾ ڪُرد آباديءَ جو ڏهه سيڪڙو رهي ٿو. 2011ع ۾ شام ۾ گهرو جنگ شروع ٿيڻ ڪانپوءِ شامي ڪُردن ڪيتريون فوجي سوبيون ماڻيون آهن ۽ اُنهن ٽن خودمختيار پرڳڻ جو بنياد وڌو آهي. شامي ڪُردن منجهه سڀ کان وڌيڪ بااثر سياسي پارٽي ڊيموڪريٽڪ يونين پارٽي (PYD) آهي. ان جو بنياد 2003ع ۾ تُرڪيءَ جي پي ڪي ڪي (ڪردستان ورڪرز پارٽيءَ) جي چوڻ تي پيو جنهن کي شام ۾ هڪ سيڪيولر تنظيم گهرجي پئي. ڊيموڪريٽڪ يونين پارٽي (PYD) جي هڪ هٿياربند ونگ پڻ آهي جنهن کي پيپلز ڊفينس يونٽ يا YPG چئجي ٿو. پيپلز ڊفينس يونٽ جا پي ڪي ڪي سان ويجها لاڳاپا آهن. اُهي اُترئين شام ۾ وڙهن ٿا ۽ اُنهن کي داعش خلاف آمريڪي اتحاد جي اهم پائيوار طور ڏٺو وڃي ٿو. پيپلز ڊفينس يونٽ هاڻي ترڪيءَ جي سرحد ويجهو ڪجھ شامي علائقي کي ڪنٽرول ڪري ٿو. اِنهن ئي شامي شهر ڪوبانيءَ مان، آمريڪي هوائي مدد سان، داعش کي تڙي ڪڍيو.

تُرڪيءَ جي ابتڙ، عراق ۾ ڪُرد هڪ مچيل سياسي قوت آهن جيڪي ملڪ جي اُترئين حصي ۾ جزوي خودمختيار پرڳڻي تي حڪمراني ڪن ٿا. اٽڪل پنجاهه لک ڪُرد ان کي پنهنجو گهر سڏين ٿا. عراقي ڪُردن جا هٿياربند ويڙهاڪ، پيشمرگا (پيشمرگا جنهن جي معنيٰ آهي ”اُهي جيڪي موت سان وڙهن ٿا“) ڪيترن ڏهاڪن کان اڳوٽي آمر صدام حسين جي عراقي فورسز خلاف وڙهندا رهيا. جرمني ۽ ٻيا ملڪ داعش خلاف ويڙهه لاءِ پيشمرگا کي هٿيار مهيا ڪندا رهيا آهن. ڪُرد ويڙهاڪن جا روايتي طور تي پي ڪي ڪي ۽ YPG سان لاڳاپا نيڪ نه رهيا آهن. اهوئي ڪارڻ هو جو پيشمرگا، مسعود بارزني جيڪو اُترئين عراق ۾ خودمختيار ڪردستان جو صدر آهي جي اڳواڻيءَ هيٺ، آمريڪا ۽ تُرڪيءَ سان تعاون ڪندو رهيو آهي جڏهن ته اهي ٻئي ملڪ PKK جي مخالفت ڪن ٿا. اُن جي باوجود اُترين عراقي ڪُرد ڪوبانيءَ لاءِ



لڙائيءَ □ YPG سان گڏجي وڙهيا. عراق جي مرڪزي حڪومت □ اتر جي خودمختيار ڪرد علائقي جي وچ □ خام تيل □ ٻين معدنيات □ علائقائي حدن جي حوالي سان اختلاف آهن.

داعش جي وڌندڙ اثر رسوخ کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ اولهه جي طاقتن عراقي ڪُردن تي هٿ رکيو آهي. جرمني طرفان آءِ ايس آءِ ايس خلاف جدوجهد □ مصروف ڪُردن لاءِ فوجي مدد مهيا ڪرڻ جو باقائدو سلسلو 5 سيپٽمبر کان هلندڙ آهي. جڏهن ته آسٽريليا طرفان فوجي مدد عراقي ڪردستان موڪلڻ جو سلسلو اڳئي هلندڙ آهي. اصل □ داعش خلاف اتحاد جو ٺهڻ جو بظاهر مقصد ته داعش خلاف فوجي ڪارروائي ڪرڻ آهي پر ٻيو اهم مقصد اولهه جي حاڪمن جا هن علائقي □ مفاد آهن. جيتوڻيڪ داعش هڪ دهشتگرد گروهه آهي □ ان ڪيترن مسلمانن کي قتل ڀڻ ڪيو آهي پر اهو حقيقت جو هڪڙو پاسو آهي. حقيقت جو ٻيو پاسو اهو آهي ته آمريڪا پاڻ داعش جهڙي دهشتگرد گروهه کي ڻاهيو آهي ته جيئن دهشتگرديءَ خلاف مهم جو جواز ٺاهي عراق □ شام کي پنهنجي مرضي تحت هلائي سگهي □ اُتان جي وسيلن تي سندس هڪ هٽي قائم ٿي سگهي.

ٽوٽي جو "عرب بهار" وارو بخار گهٽو اڳ لهي ويو پر هي پرڳٽو هن وقت هڪ عبوري ڪيفيت □ آهي، جيڪو وسيلن سان مالامال هجڻ □ آسانيءَ سان استعمال ٿيڻ واري تاريخ ڀڻ رکي ٿو. تنهنڪري هن خطي جو مستقبل دنڌلو آهي، امڪان گهٽا آهن پر گهٽي قدر المناڪ. 91_1990ع □ ٻوءِ وري 2003ع □ 2006ع □ 2011ع □ عراق □ شام □ "جمهوريت" □ "آزادي" جي نالي □ وڏي جنگ لاءِ تجربي گاهه طور استعمال ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ هن خطي □ ايترا فرقيوارانا فرق نه هئا جيترا آمريڪا جي اچڻ کانپوءِ پيدا ٿيا. القائده، جنهن کي 12 سال اڳ ورلي ڪو سڃاڻندو هو، هاڻي سڄي وچ اوڀر جي ملڪن جي مستقبل □ مضبوط ڏر ٻڻجي وئي آهي. اُنهن وري ڪجهه عرصي اندر دنيا جو سڀ کان وڌيڪ پيچيده سياسي منظرنامو جوڙي ورتو، جيڪو واشنگٽن جي "ماهرن" طرفان پيش ڪيو ويو هو. ايتريقدر جو آمريڪا بظاهر پنهنجي فوج واپس گهرائي ڇڏي ان کانپوءِ به عراق پوڳيندو رهيو. ويجهڙ وارن مهينن □ هزارين ماڻهو برباد ٿيا آهن،

آمريڪي پرڏيهي وزير وچ اوير ۾ ”دهشتگرديءَ خلاف جنگ“ ۾ چاليهه ملڪن جي حمايت حاصل هجڻ جي دعوا ڪئي آهي. ڇا واقعي داعش ايترو طاقتور گروهه آهي جو ان جي خاتمي لاءِ چاليهه ملڪن جي اتحاد جي ضرورت پوي؟ يقيناَ ائين ناهي. پر آمريڪا داعش جي بهاني خطي کي هڪ نئين جنگ ۾ ڌڪي پنهنجا مخصوص هدف حاصل ڪرڻ چاهي ٿو جن ۾ شام ۾ اسرائيل دوست حڪومت جو قيام، عراق ۾ شام جي شيعا_سُني جي بنياد تي ورچ ۾ هٿيارن جي وڪري لاءِ نين مارڪيٽن/ بازارن جو قيام نمايان آهن. آمريڪا پنهنجن اهڙن منصوبن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ نه صرف عربن کي ان جنگ ۾ سڌي ريت شامل ٿيڻ تي راضي ڪري چڪو آهي پر ڪوڙا سچا خواب ڏيکاري جنگي خرچن جي مد ۾ وسيلا خرچ ڪرڻ تي به رضامند ڪري چڪو آهي. ان سموري منظرناميءِ ۾ آمريڪا ۾ اولهه جون طاقتون ڪُردن کي پنهنجن مفادن تحت استعمال ڪري رهيون آهن ۾ اُهي ڪُردن کي ”گريٽر ڪردستان“ جا خواب به ڏيکاري رهيون آهن ڇاڪاڻ ته ان حڪمت عمليءَ هيٺ اُهي نه رڳو شام پر عراق، ترڪي ۾ ايران کي به آسانيءَ سان عدم استحڪام جو شڪار ڪري سگهن ٿيون. جڏهن ته پئي پاسي خود عراق، ترڪي، شام ۾ ايران جا حاڪم مستقل طور تي ان دٻ ۾ مبتلا رهندا ته جيڪڏهن ترڪي، عراق ۾ شام ۾ موجود ڪُرد طاقت ماٺيندا رهيا ته پوءِ اڳتي هلي اُهي گڏجي سگهن ٿا. مطلب ته هي هڪ اهڙو منجهيل ۾ پيچيده معاملو آهي جيڪو جلد حل ٿيندي نظر نه ٿو اچي ڇاڪاڻ ته هي صرف تي چار ڪروڙ آباديءَ جو مسئلو ناهي پر چار ملڪن ۾ علائقائي ۾ عالمي طاقتن جي مفادن جي وڏي راند آهي.

26 سال اڳ 1979ع ۾ افغانستان ۾ سوويت فوجون داخل ٿيون جيڪي ان وقت ملڪ اندر ٿيندڙ بغاوت خلاف تڏهوڪي ڪاٻي ڌر جي حڪومت (نجيب الله) جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ آيون هيون. ان ڪاهه ڪانپوءِ آمريڪا ۽ پاڪستان جهڙن ملڪن جي پٺڀرائي سان ٿيل گهرو ويڙهه افغانستان کي برباد ڪري ڇڏيو، اتڪل ڏهه لک افغاني مارجي ويا ۽ لکين دربدر ٿي ويا. جنيوا معاهدي هيٺ فوجن جي نيڪاليءَ جو معاملو طئي ٿيو. 1989ع جي فيبروريءَ ۾ افغانستان مان روسي فوجن جي مڪمل نيڪالي ٿي چڪي هئي. انهن پنهنجي پٺيان صدر نجيب الله جي حڪومت ڇڏي، جنهن جي باري ۾ سياسي پنڊتن جو خيال هو ته ڏينهن ۾ نه سهي پر هفتن ۾ اها حڪومت ضرور ڊير ٿيندي. پر حڪومت نه صرف برقرار رهي پر مجاهدين جي حملن ڪان پنهنجو دفاع به ڪندي رهي، ان ۾ سڀ ڪان وڌيڪ ذڪر جوڳو واقعو جلال آباد واري لڙائي هئي. نجيب الله جي حڪومت کي سوويت يونين جي حمايت حاصل هئي جيڪا ان کي بعد ۾ پڻ فوجي ۽ مالياتي ٻنهي قسم جي مدد مهيا ڪندي رهي.

نومبر 1989ع ۾ برلن پِٽ ڪيرائي وئي، ۽ ڊسمبر 1991ع ۾ عظيم سوشلسٽ بلاڪ سوويت يونين ٽڪرا ٽڪرا ٿيو، ماسڪو ۾ سوويت جانشين روس ڪجهه عرصو ته ڪابل جي سپورٽ جاري رکي پر پوءِ ان کي اهو سلسلو بند ڪرڻو پيو. ائين اپريل 1992ع ۾ نجيب الله جي حڪومت ڊير ٿي پئي. اُن وقت آمريڪا هن علائقي ۾ پنهنجي مهم کي ڇڏي سوويت يونين جي ڊهڻ جو جشن ملهائڻ ۾ مصروف ٿي ويو. ناقابل يقين واقعا ايڏو تيزيءَ سان ٿيندا ويا جن بابت ڪنهن کي به توقع نه هئي. سڄي دنيا جو ڌيان اڳوڻين سوويت رياستن، اوڀر يورپ، وچ ايشيا ۾ ٻين اڳوڻين سوشلسٽ رياستن ڏانهن ٿي ويو. نئين عالمي سياست ۾ افغانستان جي حيثيت هڪ وساريل ياد جهڙي ٿي وئي. عالمي طاقتن هن بدنصيب ملڪ کي سرد جنگ جي آخري اسٽيج طور استعمال ڪري ڇڏي ڏنو. انهن اربين ڊالر، هڪ نه ٻئي بهاني سان، اهڙن ادارن جي جوڙجڪ ۾ خرچ ڪيا جن جو ڪم فقط قتل عام هو. ۽ بعد ۾ مطلب پورو ٿيڻ ڪانپوءِ هن غريب ملڪ ۽ ان جي بدنصيب عوام کي انهن ادارن ۽ تنظيمن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو. مجاهدين ۽ انهن ڪانپوءِ طالبان، عالمي بي ڌياني سبب، ان بليڪ هول جا ڌڻي بڻجي ويا.

سوويت فوج جي واپسيءَ وقت گهڻن ماڻهن ۾ سرهائي هئي ته هاڻي افغاني پاڻ پنهنجن مسئلن کي حل ڪندا ۽ پنهنجي

تقدير جو فيصلو پاڻ ڪندا. هڪ 61 سالن جي افغانيءَ انهن ڏينهن کي ياد ڪندي ٻُڌايو ته ”جڏهن روسي اسان جي ملڪ مان واپس ويا پئي تڏهن اسان ڏاڍا خوش هئاسين. اسان سوچيو ته هاڻي اسان ٻن عيدن وانگر هي ڏينهن به عيد ڪري ملهائينداسين.“ پر ڪابل ۾ پڙهائيندڙ استاد چوي ٿو ته ”اسانجا ماڻهو سمجهي نه سگهيا ته ڪهڙي تباهي اچي پئي. ڇاڪاڻ ته افغان هڪٻئي کي قتل ڪرڻ لڳا، ائين جشن جون ڳالهيون الميي ۾ بدلجي ويون.“

13 سالن ڪانپوءِ ڪاميابي يا ناڪامي؟

نيٽو مشن جي پُڇاڙيءَ باوجود 2015ع کان افغانستان ۾ اٽڪل 12 هزار غيرملڪي فوجي مقرر رهندا، جن جي بظاهر ذميواري فقط عسڪري تربيت ۾ فوجي صلاحڪاري هوندي مطلب ته جنگ اڃان ختم نه ٿي آهي باقي نيٽو فورسز جي واپسيءَ سان سندن هڪ ڏکي جنگ (اصل ۾آمريڪي جنگ) جو هڪڙو مرحلو مڪمل ٿيندو. نيٽو جي افغان مشن جي ڪاميابي ۾ ناڪاميءَ جي باري ۾ متضاد رايا آهن. انتهائي ڳجهي نموني بندوبست ڪيل اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي آمريڪي ڪمانڊر چيو ته ”اسان افغانستان ۾ ڦهليل اونداهه ۾ مايوسيءَ کي ختم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار نڀايو ۾ افغان عوام کي محفوظ ۾ روشن مستقبل جي اميد ڏني آهي.“ ساڳئي وقت طالبان طرفان بيان ۾ چيو ويو ته ”هاڻي افغانستان ۾ پنهنجن مقصدن جي حاصلات ۾ ناڪامي ڪانپوءِ هي پڇي رهيا آهن.“ آمريڪي صدر اوباما مشن جي تڪميل کي هڪ تاريخي سنگ ميل قرار ڏنو. پر پنهنجي لکت واري بيان ۾ فتح جو اعلان نه ڪيائين ۾ اڻ سڌي ريت اهو اعتراف ڪيائين ته هي ملڪ ”خطرناڪ علائقو“ آهي.

ڪيترائي افغان سمجهن ٿا ته انهن 13 سالن دوران سندن ملڪ تمام گهڻو بدلجي چڪو آهي. افغانستان وٽ هاڻي هڪ جمهوري نظام، آئين، فوج، پوليس، پارليامينٽ ۾ آزاد ميڊيا آهن. هاڻي هي ملڪ عورتن کي آزادي مهيا ڪري ٿو جيڪا طالبان راڄ هيٺ ناممڪن هئي.

طالبان حڪومت جي خاتمي ڪانپوءِ دنيا جي چاليهه کان وڌيڪ ملڪن جون فوجون تيرنهن سالن تائين افغانستان ۾ موجود رهيون. 13 سالن ۾ 3400 کان وڌيڪ اتحادي فوجي

مــــارجي ويا ۾ اربين ڊالر خـــرچ ڪيا ويا پر ان بــــاوجود اڄ به افغانستان ۾ بم ڌماڪا، دهشتگردي، بدامني، غربت، بيروزگـاري ۽ پسـماندگيءَ ان آپريشن جي ڪاميـابيءَ تي سـواليه نشـان لڳائي ڇڏيا آهن. تازو گڏيل قومن جي اداري طرفان هلندڙ سال جي آخر ۾ سيڪيورٽيءَ جي حـوالي سـان هڪ جـائزو پيش ڪيو ويو جنهن موجب گذريل سال جي پيٽ ۾ هن سـال 19 سـيڪڙو وڌيڪ جاني نقصان ٿيو. نومبر تائين سويلين موت جو ڪُل تعـداد 3188 ٻُڌايو ويـو. افغانسـتان ۾ آفيم جي پيـداوار اڳ جيـتري ئي ٿئي ٿي. ڇا ان کي ڪاميابي قرار ڏئي سگهجي ٿو؟

ڪاميابيءَ ۾ ناڪاميءَ واري سوال جو جواب معلـوم ڪـرڻ کـان اڳ سرسـري طـور تي 13 سـالن جي تـاريخ جو مختصر جـائزو وٺڻ ضـروري آهي. 1996ع کـان 2001ع تـائين طالبـان افغانسـتان تي حڪـمـراني ڪنـدا رهيـا. 11 سـيپٽمبر 2001ع تي القائده سـان تعلق رکنـدڙ دهشـتگردن مجمـوعي طـور تي چـار مسافر جهاز اغـوا ڪيـا. ٻن جهـازن ذريعي نيويـارڪ ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي حملو ڪيو ويو، هڪ ٽئين جهاز آمريڪي دفـاعي اداري پينٽاگون کي نشانو بڻايو جڏهن ته چوٿـون جهـاز ڪِـري تباهه ٿي ويـو. انهن حملن ۾ ڪُل 3 هـزار مـاڻهو مـارجي ويـا. انهن حملن آمـريڪي حڪـومت کي افغانسـتان تي حملي آور ٿيڻ جو جـواز مهيا ڪـري ڏنو ۽ بُش حڪـومت 7 آڪـٽوبر تي اوسـامه بن لادن جي امڪـاني ٺڪـاڻن تي بمبـاري جي ابتـدا ڪـئي. 13 نومـبر 2001ع تي راڄـــڌاني ڪابل تي قبضو ڪيو ويـــو. طالبـــان پاڪ_افغان سرحدي علائقن ڏانهن پٺتي هٽي ويا.

طالبـان جي زوال کـانپوءِ گـڏيل قـومن جي ڇـتيءَ هيٺ جرمنيءَ جي بـون شـهر جي ويجهو پيـٽرزبرگ ۾ افغانسـتان جي چئن وڏن نسلي گروهن جي اڳواڻن جي ڪانفرنس سڏائي وئي. شـريڪ ٿينـدڙن نمائشي جمهـوريت جي نفـاذ لاءِ پنج ڊسـمبر 2001ع تي صـدر حامد ڪــرزئي جي ســرواٽي هيٺ عبــوري حڪومت جي قيام تي اتفاق ڪيو. انٽرنيشنل سيڪيورٽي فورس (ايساف) کي مقامي حڪومت جي "تعميرـ" ۾ مدد ۽ سيڪيورٽي جي صورتحال کي بهتر بنـائڻ جو ڪم سـونپيو ويـو. 2004ع جي جنوريءَ ۾ افغانستان جي نئين جمهوري آئين جي منظـوري ڏني وئي. 502 ميمـبرن صـدارتي نظـام هيٺ "اسـلامي جمهوريه افغانستان" ۾ چونڊن جي راهه هموار ڪئي. 9 آڪـتـوبر 2004ع تي حامد ڪرزئيءَ فتح جو جشن ملهايو.

18 سـيپٽمبر 2010ع تي افغانسـتان ۾ پارليامـاني چونـڊون

ڪرايون ويون. بين الاقوامي مبصرن مطابق انهن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌلي ڪئي وئي. ڪوبه اميدوار واضح برتري نه ماڻي سگهيو ۽ فيصلو صدر ڪرزئيءَ جي حق ۾ ٿيو. 2 مئي 2011ع تي آمريڪا جي اسپيشل فورسز پاڪستاني شهر ايبٽ آباد ۾ حملو ڪندي اوسامه بن لادن کي ماري ڇڏيو. هزارين آمريڪين بن لادن جي موت جو جشن ملهايو. افغانستان ۾ نيٽو خلاف طالبان جي وسيع حملن آمريڪي اتحادين کي نقصان پهچايو جنهن جي نتيجي ۾ نيٽو جي ميمبر ملڪن جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيا. نيٽ نيٽو جا ميمبر ملڪ 2014ع کانپوءِ افغانستان مان پنهنجي فوج ڪڍڻ جي تاريخ طئي ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا. ڪجهه يورپي ملڪن ته مقرر تاريخ کان اڳ ئي افغانستان مان پنهنجا فوجي ڪڍي ورتا هئا. باقي گهڻا آمريڪي ۽ ٿورا نيٽو جا فوجي رهيل هئا. 18 جُون 2013ع تي صدر حامد ڪرزئي سڄي ملڪ ۾ سيڪيورٽيءَ جون ذميواريون افغان فورسز جي حوالي ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اُن ڏينهن ڪابل ۾ هڪ خودڪش حملو ٿيو، جنهن ان اعلان جي خوشين کي ختم ڪري ڇڏيو. 2014ع جي آخر ۾ افغانستان ۾ نيٽو جي جنگي مشن جي پُڄاڻي ٿي. بين الاقوامي برادري مستقبل ۾ به افغانستان کي اربين ڊالر امداد مهيا ڪندي رهندي. پر افغانستان لاءِ آزادي ۽ خودمختياري ڏانهن ويندڙ اهو رستو ڪنڊن سان پريل آهي.

ڪنڊن سان پريل رستو



اصل ۾ افغانستان ۾ نيٽو جي مشن کي آمريڪا جو مشن چوڻ گهرجي. آمريڪا 13 سالن دوران نيٽو کي يورپ جي محدود مشن مان ڪڍي پنهنجين پاليسين کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ استعمال ڪيو. نيٽو بنيادي طور تي يورپي ڪنڊ لاءِ ٺاهيل فوجي اتحاد آهي پر اُن اتحاد پنهنجي ڪنڊ (يورپ) کان ٻاهر افغانستان (ايشيا) ۾ سيڪيورٽيءَ جو (آمريڪي) ڪم سنڀاليو. بحرحال، افغانستان ۾ آمريڪا ۽ نيٽو جي 13 سالن جي موجودگيءَ کان پوءِ واري صورتحال ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو

ته آمريڪا پنهنجا هدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو.

افغانستان ۾ طالبان حڪومت جي خاتمي کي 13 سال ٿي ويا، ان دوران سياسي ۾ اقتصادي ترقي لاءِ ملڪي ۾ بين الاقوامي سطح تي ڪوششون جاري رهيون پر افغان عوام جي زندگيءَ ۾ بهتريءَ جا آثار اڃان به نمايان نظر نه ٿا اچن. اشرف غنيءَ جي حڪومت کي ٿورا ڏينهن ٿيا آهن پر ڪيس تمام گهڻين للڪارن کي منهن ڏيڻو آهي. ملڪي فوج ۾ حڪومتي ادارن مان ڪرپشن جو خاتمو ڪرڻو اٿس، ٻئي طرف عسڪريت پسنديءَ جو خطرو اٿس. طالبان، بغاوت ۾ انتشار ڪان وڌيڪ اهم معاملو معاشي ترقي جو آهي. ملڪ جي غيريقيني صورتحال سبب سرمائيڪاري سُستيءَ جو شڪار آهي نتيجي طور افغان ڪرنسي جيڪا هلندڙ سال جي شروع ۾ هڪ ڊالر جي پيٽ ۾ 50 افغاني هئي اها سال جي آخر تائين 58 افغاني تي وئي. جنگ سبب تباهه هن ملڪ جي ڏيهاڙيءَ جي خرچن جو گهڻو انحصار ٻاهرين مدد تي آهي. صرف ٻه سال اڳ افغانستان جي مالي صورتحالي ڪافي بهتر هئي، جنهن ۾ واضح گهٽتائي آئي آهي. ان جو 90 سيڪڙو بجيٽ غيرملڪي امداد جي صورت ۾ اچي ٿو. هلندڙ سال دوران آمريڪي امداد ۾ 1.12 ارب ڊالر گهٽتائي ڪئي وئي.

هڪڙي راءِ اها به آهي ته افغان جنگ جي نتيجي ۾ بظاهر ائين محسوس ٿئي ٿو ته شايد طالبان هاڻي ٻيهر افغانستان ۾ حڪومت قائم نه ڪري سگهن پر اُهي ايترا به ڪمزور ناهن جو ڪابل حڪومت کي مشڪل ۾ نه وجهي سگهن. افغانستان جي لوڪل گورنمينٽ ڊائريڪٽوريٽ جي اهلڪار جي مطابق ملڪ جي 367 ضلعن مان 40 جو ڪنٽرول سڌيءَ ريت طالبان وٽ آهي. هن وقت افغان فوج جو تعداد 350،000 آهي. افغانستان ۾ قائم اتحادي حڪومت اڃان تائين عسڪريت پسندن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ڪامياب ٿيندي نظر نه پئي اچي. عراق جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ آمريڪي فوج اُتان نڪري وئي پر بعد ۾ عراق گهرو جنگ ۾ انتشار جو شڪار ٿي ويو. تنهنڪري افغانستان ۾ عراقي گهرو جنگ جهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ جا خدشا پڻ ظاهر ڪيا وڃن پيا. ايندڙ سال افغان فورس لاءِ وڏي آزمائش جو هوندو جيڪڏهن اُها زميني لڙائيءَ ۾ ناڪام ٿئي ٿي ته ان جو مطلب هوندو ته جنگ ويتر خطرناڪ ٿي ويندي.

بنيادي تضادن جي حل بنا؟

تن ڏهاڪن جي جنگين ڪانپوءِ دنيا جي سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ملڪ، سڀ کان وڌيڪ ڪرپٽ نظام، سڀ کان وڌيڪ دربدر ٿيندڙ مهاجر، وڏي مقدار ۾ نشي آور شين جي پيداوار ڪندڙ، دهشتگردي ۾ مذهبي انتهاپسند قوتن جي ڳڙهه افغانستان جو مستقبل سواليه بڻجي چڪو آهي. ٽيهارو سال جنگين جي ورچڙهيل، نسلي ۾ قبائلي سڃاڻپن ۾ ورهايل افغان معاشرو 21 صديءَ ۾ به قبل مسيح جي دور جو ملڪ لڳي ٿو. اهڙي ملڪ ۾ اليڪشن ۾ جمهوري عمل تيستائين مضبوط ۾ سگهارا نه ٿا ٿي سگهن جيستائين ملڪ اندر معاشي ترقي، جديد تعليم، برابري، امن نه ٿو اچي، جيستائين اُتي نسلي ۾ قبائلي فرقن جو خاتمو، مذهبي انتهاپسندي جو انت ۾ ڌاري فوج جي نيڪالي عمل ۾ نه ٿي اچي.

افغانستان سميت عراق، لبيا، مصر جي هاڻوڪي صورتحال مان ثابت ٿئي ٿو ته آمريڪا جتي به ويو اُتي خوشحالي ۾ بهتري بدران انتشار ۾ بدامنيءَ زور ورتو آهي. تنهنڪري آمريڪي فوج جي نيڪالي ته ضروري آهي پر ان سان گڏ افغان معاشري جو پنهنجن پيرن تي بيهڻ پڻ ضروري آهي. معاشي طور تي ڪنگال ملڪ هميشه آمريڪا جهڙين طاقتن جو ڳيجهو رهندو. گهڻي عرصي کان آمريڪا توڙي پيون ڌريون طالبان کي سڀ کان وڏو خطرو سمجهنديون رهيون آهن ۾ انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ فوجي آپريشن ڪنديون رهيون آهن پر افغان سماج جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ ڏانهن ڌيان ئي نه ڏنو ويو آهي. طالبان جهڙا ويڙهاڪ ته انهن بنيادي مسئلن جو ردعمل آهن. مسلسل گهرو ۾ ٻاهرين جنگ سبب تباهه حال ملڪ افغانستان کي سڀ کان وڌيڪ خطرو طالبان مان نه پر غربت، بيروزگاري، بدامني ۾ بدعنوانيءَ مان آهي. جيستائين هن ملڪ ۾ معاشي برابري، خوشحالي، امن ۾ قانون جي حڪمراني قائم ٿي وڃي ته طالبان جي اڳتي وڌڻ جي گنجائش ئي پيدا نه ٿيندي.

دهشتگرديءَ جي باهه ۾ سڙندڙ پاڪستان

افغانستان سان اٽڪل 2،430 ڪلوميٽر پاڪستاني سرحد ملي ٿي، افغانستان اندر جيڪو ڪجهه به ٿئي ٿو/ٿيندو ان جا ثورا يا گهٽا، دير يا سوير اثر پاڪستان جي اندروني ۾ پرڏيهي صورتحال تي پوندا رهيا آهن ۾ ايندڙ وقت ۾ به پوندا رهندا.

هونئن به پاڪستان جي هاڻوڪن بحران (دهشتگردي، مذهبي انتهاپسندي، مدرسا، هٿيار، منشيات، بدامني، مهاجرن جو بار وغيره) جو وڏو ڪارڻ افغانستان رهيو آهي. اهي بحران ايندڙ سال وڌيڪ شديد ٿيندا يا گهٽ ٿيندا ان جو انحصار خود افغانستان جي اندروني صورتحال تي آهي.

پاڪستان □ افغانستان کي الڳ ڪندڙ ڊيوراند لائين، جيڪا هندو ڪش کان پامير جبلن تائين ڦهليل آهي، ان جو نقشو ٺاهڻ جو ڪم برطانوي انڊيا جي اڳوڻي سيڪريٽري سر هينري مارٽمير ڊيوراند سرانجام ڏنو. جڏهن 1947ع □ پاڪستان آزاد ٿيو تڏهن کان وٺي اها سرحدي ورڇ تڪراري رهي آهي جنهن کي افغانين توڙي پختونن ڪڏهن به قبول نه ڪيو آهي. جنهن ڪانپوءِ ڪجھ عرصي تائين پختونستان نالي سان الڳ رياست جي ڳالهه ٿيندي رهي. بحرحال، سوويت فوج طرفان افغانستان □ اچڻ ڪانپوءِ اڳوڻي فوجي آمر، ضياءُ الحق، جي اڳواڻيءَ هيٺ، آمريڪي □ سعودي مدد سان، افغان مجاهدين کي تيار ڪيو ويو. سوويت فوجن جي واپسيءَ ڪانپوءِ 1996ع □ جڏهن طالبان اقتدار تي قبضو ڪيو تڏهن پاڪستان انهن ٽن ملڪن منجهان هڪ هو جنهن ڪابل حڪومت کي تسليم ڪيو هو تڏهن به پاڪستان جو وزيراعظم نواز شريف هو. هاڻوڪي حڪمران جماعت نواز ليگ جا بنياد پرست تنظيمن سان تمام ويجها لاڳاپا رهيا آهن جن 2013ع جي عام چونڊن دوران سندن مدد ڪئي.


جيتريقدر گذريل 13 سالن جي تاريخ جو پاڪستان سان تعلق آهي ته افغان جنگ پاڪستان کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي حملي واري واقعي ڪانپوءِ جڻ ته هر شي بدلجي وئي. بُش انتظاميا طرفان دٻاءَ ڪانپوءِ آمر مشرف جي اهميت وڌي وئي. جيڪا عالمي برادري مشرف کي آمر سڏيندي رهي سا ان سان گڏ ڦوٽو ڪڍائڻ لڳي. ايتريقدر جو پاڪستان کي غيرنيٽو ميمبر ملڪ بڻايو ويو. پاڪستان طالبان جي حمايت واري پنهنجي ڏهاڪو سالن جي پاليسيءَ □ تبديلي آندي، توڙي جو اسلام آباد مڪمل طور تي طالبان سان لاڳاپا ختم نه ڪيا. جنرل مشرف کي عالمي ڏيان □ وسيلن تائين بهتر پهچ ملي. پاڪستان آمريڪا کان اٽڪل 21 ارب ڊالر (معاشي □ فوجي مدد طور) وصول ڪيا. پر انهن 13 سالن جي تاريخ پاڪستان کي هڪ سيڪيورٽي اسٽيٽ بڻائي ڇڏيو. پاڪستاني عملدارن مطابق دهشتگرديءَ خلاف جنگ □ پاڪستان کي 80 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو □ 50 هزار کان وڌيڪ انساني زندگيون ضايع

ٿيون. هن وقت پاڪستان □ اٽڪل 20 لک افغان مهاجر ترسيل آهن. آمريڪا □ نيٽو فورسز ته افغانستان مان نڪري ويون (باقي رهيل به نڪري وينديون) پر پاڪستان دهشتگرديءَ جي باهه □ سڙي پيو.

نظريو ڇا آهي؟

ج. رحمان

نوٽ؛ هي تحقيقي مقالو هالينڊ مان شايع ٿيندڙ تحقيقي مخزن تاريخي "2007ع ۾ ڇپيو. Historical Matrialism" تاريخي ماديت نظريو ۽ نظريي جي سمجهه بابت فڪر سهيوڳي فلسفي جوهڪ اهم موضوع آهي. نظريو، نظرياتي سمجهه، نظرياتي اختلاف، نظرياتي/ غير نظرياتي سياست جهڙا لفظ اسانجي سياسي، سماجي، فڪري حياتيءَ جو هڪ حصو ته آهن پر خود نظريو ڇا ٿيندو آهي ان بابت سمجهه جي کوٽ پنهنجي جڳهه تي موجود آهي. نظريي بابت سنڌيءَ ۾ ورلي ڪو ليک پڙهڻ لاءِ ملندو. هن اهم سياسي، فڪري ۽ فلسفياڻي موضوع جي اهميت کي نظر ۾ رکندي اسين نظريي بابت مارڪسي سمجهه تحت مواد شايع ڪرڻ جي شروعات هن ترجمي وسيلي ڪري رهيا آهيون، اميد ته پڙهندڙن جي لاءِ هي پورهيو ڦلدائڪ ثابت ٿيندو.



نظريي جو مَتو يا آئيڊيالاجي ٿيوريءِ جو تصور 1970ع ڌاري فرانس جي مارڪسي فيلسوف لُوئي التوزر جي مارڪسزم تي نئين سِر تحقيقي ڪم جي نتيجي ۾ پيدا ٿيو. التوزر جو هيءُ تصور نظريي بابت پراڻن تصورن کان بنهه مختلف هو. نظريي بابت پراڻا مَتا بنيادي طور هيٺين ٽِن ڪيٽيگرين ۾ ورهائي سگهجن ٿا.

1، نظريو معاشي مفادن جو فڪري اظهار آهي، هن تصور کي "

Economismيا معيشتيت" چيو وڃي ٿو.

2، نظرياتي تنقيد – هن مَتي مطابق نظريو دُنيا جو ڪُوڙو يا اُبتو شعور False Consciousness شعور" وسيلي" آهي جنهن تي دنيا جي " دُرست " تنقيد ڪري ڪُوڙي شعور جي پٽ وائڪي ڪجي.

3، بورجوازي ۾ سرمائيداراڻي مُروج فڪر کي قبوليت جوڳو ٺائڻ يا اُن کي جائز ٺائڻ وارا مَتا جنهن ۾ نظرين جي اُن سگهه تي ڪم ڪيو ويو جنهن ۾ نظريا سماجي-تڪنيڪي انداز ۾ سماج جي مختلف طبقن کي گڏ ڪري بيهاري سگهن. ٻين لفظن ۾ هي مَتو "ڏاڍ" ۾ اُن جي پاڻ قبولائڻ، خود-جوازيت جي پيداوار آهي.

ميڪس ويبر ڪان ويندي نِڪولس لُوهمين تائين جا مفڪر اُن مَتي جا داعي رهيا آهن.

نظريي جي سمجهه بابت نئين مَتي جي ضرورت انڪري پيدا ٿي جو مٿي بيان ڪيل ٿيئي مَتا بورجوا يا سرمائيدار سماج ۾ ان جي رياست جي پائيداريءَ جي وضاحت ڪرڻ ۾ ڪامياب ثابت نه ٿيا، سماج جي حڪمراني حاصل ڪرڻ ۾ سماج جي سماجوادي تبديلي کي واضع ڪرڻ ته انهن ٽنهي مَتن جي وَس جي ڳالهه ئي نه هئي- نظريي بابت مٿيان مَتا سماج جي بيهڪ، سماج جي ڪاروهنوار جي غير شعوري طريقيڪار ۾ نظريي جي سگهه جو موضوع ٺائيندا هئا. نظريي جي سمجهه بابت سهيوڳي مَتو ""نظريي جي ماديت" کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته، ٻين لفظن ۾ سهيوڳي مَتو يا ٿيوري نظريي کي مختلف فڪري، عبادتي، فرض، فرائض سوچ ۾ عمل جي هيڪڙائي کي ڪُلي انداز ۾ ڳنڍيل هڪ وُجود جي حيثيت ۾ ڏسي ٿو.

آئيڊيالاجي ٿيوري يا نظريي جي سمجهه بابت سهيوڳي مَتي کي ڪا نئين ڪوجنا نه سمجهڻ ڪپي ڇو ته اهو سهيوڳي مَتو مارڪس، اينگلس ۾ انتونيو گرامچي جي فڪر جي نئين سِر سمجهه ۾ نئين سِر ڇنڊڇاڻ جو نتيجو آهي.

سهيوڳي مَتي ۾ مٿي بيان ڪيل ٽن متن جي وچ ۾ فرق قطعي نوعيت جو نه آهي چاڪاڻ جو ٻنهن وٽ سماج جي بيهڪ، نظرين جي مجوتي بابت چوڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه آهي. نظريي

جي سمجهه بابت هي سپيئي مَتا پنهنجي انـدر نظـريي جي تنقيد جو عنصر رکن ٿا پر نظـــريي جي تنقيد جو اهو عنصر مـــڙني ۽ پنهنجي پنهنجي نوع جو آهي.

مٿي بيان ڪيل ٽن رواجي مَتن جو وڌيڪ تفصيل هيٺ ڏجي ٿو؛-

نظريو لفظ 1776ع ۾ "ديس ٽُوٽ دي ٽريسي" ايجـاد ڪيـو. اهو به هڪ بنهه جي طرز تي هڪ Ontologyنئون لفظ هو جيڪو فلسفي جي شاخ آنٽالاجي

تجزياتي سائنس جي حيثيت ۽ نـاهيو ويو ۽ جنهن جو طريقيڪـار فطري سائنس خاص طور فزيـالاجي جي طـرز تي سـمجهيو ٿي ويو. آئيڊيالاجي جو مقصد نظرين کي انهن جي بناوتي جُــزن کي واضع ڪري پيش ڪرڻ هو.

نظر اينـدڙ شـڪل" مـان ورتو ويـو.Eidosآئيـڊيالاجي جو لفظ يونـاني ٻـوليءَ جي آئيـڊيالاجي جو ڪم نظر اينـدڙ شـڪلين جي بُنيادن کي سـمجهڻ هو جن جي ڪـري اُهي شـڪليون ايئن نظر اچي رهيون هيون، ٻين لفظن ۾ نظريي جو ڪم مختلف فڪـرن، ويچارن ۽ جُزن کي سـمجهڻ هو جنهن سـبب اهي نظريا فڪـر ۽ ويچار ايئن نظر اچي رهيا هيا جيئن اُهي هئا. نظريي جي سمجهه بابت هن مَتي John Locke ڪانڊياڪ ،Condillac ڪاباني ۽ جو بنياد جان لاڪ جي فلسـفن تي آڌاريل آهي جنهن ۾ اها ڳالهه بنيادي آهي ته حِسون ياCabanis فڪـر يا سـوچ جو واحد ذريعو آهن. هن مَــتي تي ڊولبـاخ Sense Perception جي تصــور "عمل ڪـرڻ جي سگهه"Spinoza ۽ اسـپينوزا D'Hollbach تي پڻ آڌاريل آهي جنهن جي بنيـــــــــــاد تي مـــــــــــاديت PotentiaAgendi جي دُوئي ختم ڪرڻ جو سوچيو ويو هيو.

دَستودي ٽريسي، اسپينوزا وانگر آزاد ارادي يا Free Will جو به انڪاري هو ان ڪري ويچارن، تصــورن ۽ احساسن جا فطـري ۽ سـماجي محـرڪ هِن مَـتي جو بنيـادي موضـوع هيـا. دسـتو دي ٽريسي معبدالطبعيات جي مخالفت ڪندي لکي ٿو ته آئيـڊيالاجي کي فطري سائنسن وانگر ٿُز ۽ عملي طـور ڪارآمد هجڻ ڪـپي. ٻيون سڀ سائنسون هن سُپر-سائنس جي تـابع آهن ڇاڪـاڻ جو هي نئين سائنس ٻين سپني سائنسن جي هيڪڙائي آهي.

فــرانس جو مشـهور فيلسـوف مِشـال فُوڪو پڻ سـاڳي ڳالهه ڪنـدي لکي ٿو ته هي بنيـادي عنصـر، جيڪو مـروج سـموري

چاڻ جو بنياد به آهي اهو عنصر جيڪو پنهنجي پاڻ کي مُروج بيانيي يا ڊسڪورس ۾ اظهاري ٿو اهو عنصر نظريو آهي. فُوڪو وڏيڪ لکي ٿو ته اهو عنصر گرامر، منطق، تعليم، اخلاق ۾ عظيم ادب جو به بنياد آهي.

Deregler la society سماج جو حڪمران

سماج پنهنجون عقلي دليلون، معنائون اخلاق توڙي عمل جي آڌار تي جوڙي ٿو ۾ جنهن وسيلي بورجوا سماج ۾ موجود اختلافن ۾ طبقاتي جدوجهد کي روشن خيال عيوضي جمهوريت وسيلي لئي مِٽي ڪجي ٿو. مٿئين مَتي مطابق نظريو لڳي ٿو ته ڪا اڻ ڏُري عالمي بنيادي سائنس آهي پر ايگلٽن مطابق نظريو ڪنهن به ريت رياست جي مادي ۾ نظرياتي اوزارن کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. دستو دي ٽريسي نظريي مطابق پنهنجو هيءُ مَتو 1795ع ڌاري انسٽيٽيوٽ ناشونال ۾ بحث مباحثي دوران پيش ڪيو، هي ادارو فرينچ ٿرمائيڊور کان سُتت پوءِ وجود ۾ آيو جنهن ۾ ان دور جا پائي جا ريپبليڪن دانشور گڏ ٿيا ته جيئن فرانس ۾ تعليم جي نئين سِر جوڙجڪ ڪري سگهجي. روشن خيالي کي فرانس ۾ تنهن وقت رياست پاران اداراتي شڪل ڏني وئي جنهن وقت جيڪوبين ازم کي سياسي شڪست ملي. ان وقت ۾ روشن خيالي جي اهڙي اداراتي جوڙجڪ ريپبليڪن عنصرن کي پنهنجا پير پُختا ڪرڻ ۾ هيٺين طبقن کي رياستي ڪاروهنوار مان بيدخل ڪرڻ جو ڪم ڏنو. ڊائريڪٽري واري ننڍڙي دور ۾ روشن خيالي اسٽيٽ فلاسافي يا رياست جي فلسفي جو ڪم ڏنو.

هيءُ مفعولي انقلاب يا پيسوِ ريووليوشن جيڪو سائنس ۾ تعليم ۾ برپا ڪيو ويو سو ناپائيدار ۾ عارضي ثابت ٿيو. شروع شروع ۾ جنرل بوناپارٽ انهن نظريا دانن جي همت افزائي ته ڪئي پر جڏهن نيپولين شهنشاه نيپولين ٿيو ته هن ساڀين ئي نظريا دانن تي الزام هڻندي چيو ته هي جوڏا رياست جي حڪمراني کي ڪمزور ڪري رهيا آهن، پنهنجن عقلي ۾ فطري مفروضن جو استعمال ڪندي ماڻهن کي مذهب ۾ صحتمند دولابن کان دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. نيپولين 1812ع ۾ رُوس کان شڪست کائڻ وقت چيو ته "اسانجي خوبصورت فرانس جا

~~سڀ ڏک ڏولاوَ هن بـــدبخت نظـــريي جي ئي پيـــداوار آهن. هي نظريو حقيقت ۾ هڪ کـــاري ڌُـــوهم پرســـتي آهي جيڪا هڪ غيرفطري انداز ۾ انسان جا سيبئي قانون نئين سِر ٺـاهڻ گهـري ٿي جڏهن ته انسان جا قانون انسان جي دِل جي ويجهو ۾ تاريخ جي سـبقن پٽانـدر هُجڻ کپن." 23 سـالن جي مـارڪس پنهنجي مقـالي (1840ع) ۾ ذري گهٽ نيپـولين جو پـڙاڏو ٿيـنـدي لکي ٿو "اسانجي زنـدگي کي نظـريي ۾ کـوکلن مفروضن جي ضـرورت ناهي انسان سُکي زندگي گزارڻ چاهين ٿا"~~

~~2، تنقيدي-نظرياتي مَتو مارڪس ۾ اينگلس جوڙيو. حقيقت هي آهي ته مارڪس ۾ اينگلس ان تنقيدي نظرياتي مَتي کي مختلف جڳهن تي ۾ مختلف انــداز ۾ اســتعمال ڪيو جنهن ســبب ٿُلهي ليکي سندن تنقيدي نظريـاتي مَـتي کي ٽِن رُخن ۾ ورهايل ڏسي سگهجي ٿو؛~~

~~هڪ؛ تنقيدي ويچار؛ جارج لُوڪاچ ۾ فرينڪفرٽ اســڪول جيڪي نظريي کي دُنيا جو ابتو شعور يا عدم وجـودي لقـائن کي حقيقي بنائيندڙ شعور جي شڪل ۾ ڏسندا هئا. ٻيون ؛ مارڪسزم-لييننزم تي حـــاوي ليـنـني ويچـــار جنهن ۾ نظريو هڪ اڻ ڏُريو يا نيـــوٽرل شـــعور آهي يا نظريو هڪ طبقي جي مفـــادن تي آڌاريل شـــعور آهي.~~

~~ٽيـون؛ گـرامچي کـان وينـدي الٿـوزر ۾ وُولفگانگ فِرٽز هـاگ جي پروجيڪٽ آئيـڊيالاگي ٿيـوري جي مطـابق نظريو انهن فڪـري ۾ عملي اوزارن جو مجموعو آهي جنهن وسـيلي فـردن جا پنهنجي پاڻ ۾ دنيا سان تعلق جُڙن ٿا. اهي ٽيئي رُخ هڪ ٻئي کان قطعي طـــور ڪَٽيل نه آهن کـــتي کـــتي انهن تنهي رُخن ۾ کـــافي هڪجهڙايون به ملن ٿيون.~~

~~مارڪس ۾ اينگلس وٽ نظريي جي وصف دنيا جي ابـتي شـعور طور مختلف صورتن ۾ ملي ٿي خاص کـري مـذهب جي حـوالي کان. مارڪس ۾ اينگلس نظريي (خـاص کـري مـذهب) کي دنيا جو ابتو شعور، بادلن ۾ قـائم هڪ بادشـاهت، ٽُٽل تصـور مـتي پر بيٺل سوچ وغيره جهڙا نالا ڏنـا. سـندن مَـتي مطـابق نظريو هڪ اهڙي دانشور پاران جوڙيو وڃي ٿو جيڪو کُوڙي شعور جي آڌار تي دنيا بـابت سـوچي، پنهنجي سـوچ ۾ فڪـر جي اصـلي مـادي محـرڪن کي نه سـمجهي سـگهي. اينگلس ان ئي حـوالي کـان~~

لکيو آهي ته "جي ايئن نه هجي ته پوءِ نظريي جو عمل ممڪن
ئي ناهي." دنيا جي اهڙي ابتي سمجهه شروعاتي دور جي
ڪئميرا سان پيتي ڏني وئي جنهن ۾ حقيقت جي ابتي تصوير
نهندي هئي. مارڪس ۽ اينگلس مطابق "جيڪڏهن نظريي ۾
ماڻهن کي پنهنجون حالتون ابتيون نظر اچن ٿيون جيئن ڪئميرا
۾ شڪل ابتي نظر ايندي آهي ته ان لقاءَ جي اپرڙ جو سبب
ماڻهن جي تاريخي زندگي ۾ ان جي عملن جي ڪري آهي جيئن
اسانجي طبعي ساخت جي ڪري اسانجي اک جي ريٽينا تي
حقيقت جي تصوير ابتي نهندي آهي." هي ڳالهه ثابت ڪري ٿي
ته مارڪس ۽ اينگلس نظريي کي هڪ کوکلو تصور يا شعور
جي هڪ مخصوص شڪل ٿي سمجهيو جنهن کي پائيداري نصيب
ناهي. هي مَتو تاريخي عملي زندگي، مٿي پر بيهڻ جي حالت
کي سماجي زندگي ۾ موجود جسماني ۽ ذهني پورهيي جي
فرق جو نتيجو سمجي ٿو. مارڪس ۽ اينگلس مطابق نظريو
(ابتو شعور) پنهنجي پاڻ کي تڏهن ئي مبارڪون ڏئي سگهي ٿو
ته اهو حقيقي زندگي جي تضادن جي پيداوار نه پر حقيقت ۾
ڪنهن حقيقي شي جو عڪس آهي. جڏهن ايئن ٿيندو آهي تڏهن
نِج ٿيوري، نِج دينيات، نِج فلسفي ۽ نِج اخلاقيات جهڙن مفروضن
جو جنم ٿيندو آهي جيڪي حقيقي سماجي رشتن کان ڪَٽيل
ڪجهه خاص ماڻهن جو پيشو يا ڌنڌو ٿي پوندا آهن. اهو امر
تڏهن ممڪن ٿئي ٿو جڏهن فڪري يا ذهني عمل سماجي
پيداواري عمل کان ڪٽجي يا آزاد ٿيندي سماجي پيداواري عمل
تي عملداري واري حيثيت اختيار ڪري ٿو. مارڪس ۽ اينگلس
مطابق ذهني ۽ جسماني پورهيو ۽ ان جي ورچ ذاتي ملڪيت
طبقن ۽ رياست جي ڳر ۾ شامل آهي. مارڪس ۽ اينگلس جي
ڪئميرا واري تشبيهه جو مطلب اهو ٿيو ته هڪ طبقاتي رياست
۾ ان جا نظريا تصوارتي مٿ-بناوت يا سپر اسٽرڪچر آهن
جيڪي هن رياست تي حاوي ذهني پورهيو ڪندڙ نظريا دانن جي
ملڪيت آهن. ان ڏس ۾ اهو پڻ چيو ويو ته نظريي تي تنقيد
ڪندڙ مَتو رڳو ڪئميرا جي عڪس يا تصوير کي ئي نه ڏسي پر
ان تصوير کي ٺاهيندڙ مادي حالتن ۽ غير شعوري سماجي بيانيي
کي شعور جو بيانيو ناهي. فُوڪو مطابق شعور جو مادي حالتن
کان ڪٽجڻ جو عمل سماجي حالتن ۾ سماجي جبر جو نتيجو

آهي.
مارڪس 1844ع ۾ پنهنجي لکڻي "سياسي ۽ معاشي مسودو" کان جـڏهن معاشي تعلقن کي سمجهڻ شروع ڪيو تـڏهن مارڪس نظريي تي هڪ نئي انداز ۾ پڻ تنقيد ڪئي جنهن ۾ نظريي کي هڪ پوڄا جو وَکر ڪري ڄاڻايو. پوڄا جو وَکر يا فيٽِش جي تصور جو واهپو مارڪس بورجوا معاشي سوچ کي سمجهڻ دوران ڪيو. ۽ پوءِ اهو تصور "دس ڪيپيٽال" جي پهرين ڀاڱي ۾ پڻ ظاهر ٿيو پر هن وقت فيٽِش پوڄا جو وَکر نه پر هڪ وَکر يا ڪموڊِٽي جي مترادف هڪ تصور ٿي سامهون آيو. پورچوگيز عيسائي مبلغن پاران اوائلي آفريڪي مذهبن جي لاءِ فيٽيش يا پوڄا جي وَکر جو لفظ سڀ کان اڳ ۾ استعمال ڪيو ويو جنهنجي اصلي معنيٰ پڻ اها هئي ته ڪا اهڙي شيءَ جيڪا انسان پاران ٺهيل هجي پر اها انسان تي ئي حڪمراني ڪندي هجي. مارڪس ان تصور کان متاثر ٿي سرمائيداري اندر جنس جي هڪ فيٽِش يا پوڄا جي وَکر جي حيثيت اختيار ڪرڻ واري لقاءَ کي واضع ڪندي لکيو ته سماجي پيداواري عمل ۾ اهو لقاءَ تڏهن اڀرندو آهي جڏهن سماجي پيداوار بنيادي طور جنس جي ڏي وٺ ئي هجي ۾ اهو قانون سماج جي پُٺ پويان هڪ اهڙي "پرڏيهي" يا تصوارتي- پر- حقيقي قوت ٿي اڀري ٿو جيئن ڪششِ ثقل جو قانون هڪ ماٺهوءَ جي مٿان سندس گهر جي ڇَت ڪرڻ وقت پنهنجو پاڻ کي اظهاريندو آهي، "سماج اندر انسان جي چرپر هاڻي انسان پاران ٺهيل وَکرن جي چرپر جي تي پوندي آهي ۽ ان چرپر جا قانون انسان جي هٿ وَس نه پر انسان پاڻ انهن وَکرن جي چرپر جي قانون جي هٿ وَس ٿي پوندو آهي.

جيئن سياسي معاشيات جي تنقيد جنس کان ٿيندي پئسي تائين، جنسن کان ٿيندي پورهيي جي طاقت، اُجرت، سرمائي، پاڙي تائين اپري تيئن فيٽِش يا جنسن جي وَکر جو تصور پڻ هڪ اهم تصور طور مارڪس جي لکڻين جو حصو رهيو. سياسي معاشيات جي تنقيد جي نتيجي ۾ سرمائيداري جي تصوارتي-پر-حقيقي، ڏند ڪٿائي پيداواري طريقيڪار کي سرمائي، زمين ۽ پورهيي جي ٽه مورتي وسيلي سمجهايو ويو. سرمائيداريءَ جي تصوراتي-پر-حقيقي، ابتي دنيا جو هڪ "روزمره جو مذهب" آهي

جنهن ۾ جناب سرمايو ۽ مادام زمين جيڪي صرف وَکر آهن پر اصلي زندگيءَ ۾ وڏا سماجي ڪردارتي اپريا آهن. مارڪس پاران فيٽش يا پوڄا جي وَکر کي سمجهائيندي تصوراتي-پر-حقيقي ۾ ڏند ڪٿائي جهڙا تصور استعمال ڪرڻ جو مطلب آهي ته مارڪس پوڄا جي وَکر جي تصور کي مختلف لقائن جي پنهنجو پاڻ ۾ تعلق جي بنيادن تي سمجهايو. جهڙوڪ،

1. ڏاڍ جي جديد شڪل جنهن ۾ سرمائيداري مارڪيٽ هڪ تصوراتي-پر-حقيقي لقاءَ جي حيثيت هوندي به هڪ اعليٰ ترين طاقت يا قوت آهي جيڪا سرمائيدارن واهپو ڪندڙن ۾ پورهيتن تي حاوي آهي، سماج جا مڙئي حصا ان قوت جي رحم و ڪرم تي آهن ۾ ان قوت جو هڪ قانون (طلب ۾ رسد) دنيا جي چوڌاري لامارا ڏئي پيو ۾ اوائلي ڏند ڪٿائي ديوتائن وانگر ماڻهن جي قسمت ۾ بدقسمتي جو فيصلو ڪري ٿو ، سلطنتون جوڙي ٿو ۾ توڙي ٿو، قومن کي اَڏي ۾ برباد ڪري ٿو.

2. ان سڀني تصوراتي-پر-حقيقي ڏند ڪٿائي لقاءَ جو " فطري " ٿي پوڻ ۾ جبر ۾ ڏاڍ جو سماجي ضرورت ٿي اپرڻ، شين جي چرپر سماج جي فطري، عام رواجي زندگي جي صورت وٺڻ.

3. ان سڀني لقاءَ بابت فردن جو خودرو راضپي جو پيدا ٿيڻ جنهن ۾ پورهيت يا وَکر ٺاهيندڙ ان سڀني ويڇاٽو ڪندڙ ۾ پاڳلٽا سماجي لقاءَ ۾ ڪابه اچرج جوڳي ڳالهه نه ڏسي سگهن ۾ پنهنجو پاڻ کي سُکيو سمجهن.

مارڪس پاران نظريي کي انهن مختلف معنائن ۾ استعمال ڪرڻ جهڙوڪ تصوراتي پر حقيقي ڪُوڙن تصورن جو حقيقت جي جڳهه وٺڻ، زيردستي يا غلامي جي لاءِ خودرو راضپي جو جنم وٺڻ جهڙا معاملا هڪ ٻئي سان نه صرف ڳنڍيل آهن پر سرمائيداري ڏاڍ ۾ ان جي مادي حالتن سان مڪمل سلهاڙيل آهن تنهنجي ڪري اهي هوائي تصور (نظريو) "سماجي طور تي قابل قبول ۾ تنهنڪري سوچ جي هڪ اهڙي معروضي شڪل تي پيو آهي جيڪا خودرو انداز ۾ پيدا ٿئي ٿي ۾ جنهن کي مروج يا سوچ جي رواجي شڪل پڻ قرار ڏنو وڃي ٿو.

آبُ آبُ ڪَنڌين مُئين
محبوب شاهه




ٻوليءَ باري ۾ ٻه پُراڻيون ڳالهيون

لينن ازم جا مسئلا

جوزف اسٽالن / امين قريشي

(هيءُ مضمون ڪامريڊ اسٽالن جي ڪتاب Problems of Leninism منجهان چونڊ حصي جو ترجمو آهي – ادارو)


LITTLE LENIN LIBRARY
VOLUME 19
PROBLEMS OF LENINISM
By JOSEPH STALIN
INTERNATIONAL PUBLISHERS
381 FOURTH AVENUE · NEW YORK

اپريل 1924 ۾ سورِڊلف "Severdlov" يونيورسٽي ۾ ڏنل ليڪچر.

(هي مضمون انهن ڪامريڊن جي نالي ڪجي ٿو جن کي لينن پارٽي ۾ آندو.)

لينن ازم جا بڻ بنياد تمام وڏو موضوع آهي. جنهن کي سمجهائڻ لاءِ هڪ نه پر ڪيئي ڪتاب گهرجن. ان ڪري هي منهنجو ليڪچر صرف Synopsis (اختصار) ئي ٿي سگهي ٿو. ۾ انهيءَ اختصار تحت منهنجي ڪوشش هوندي ته لينن ازم کي چڱيءَ ريت سمجهڻ لاءِ اهم ڳالهيون اڳيان رکان.

لينن ازم جي بڻ بنياد جي تشريح ڪرڻ مان هرگز اها معنيٰ ڪونهي ته لينن جي دنياوي نقطئه نظر جي تشريح ڪجي. لينن ازم جا بڻ بنياد ۾ لينن جو دنيا بابت نقطئه نظر "World out look" هڪ ئي شيءِ نه آهن. لينن هڪ مارڪسسٽ هيو انهيءَ ڪري هن جو دنيا بابت نقطئه نظر مارڪسي هيو. پر انهيءَ جو مقصد هرگز اهو ناهي ته لينن ازم جي تشريح، مارڪسزم جي

بنيادن جي تشريح کان شروع ڪئي وڃي. لينن ازم مان صرف اِها مراد آهي ته لينن جو اهو مخصوص نئون ڪم جنهن مارڪس ازم جي خزاني ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو ۽ يقينن اهو ڪم سندس نالي سان ئي منصوب آهي. هاڻي آئون صرف انهيءَ پس منظر ۾ پنهنجي ڳالهه رکندس. لينن ازم آخر آهي ڇا؟

ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته لينن ازم، مارڪس ازم جو اهو مخصوص طريقه عمل آهي جيڪو روس جي مخصوص حالتن ۾ لاڳو ڪيو ويو. جيتوڻيڪ اها ڳالهه ڪنهن حد تائين سچ به آهي. پر ڪُلي طور ائين ناهي. لينن، واقعي به مارڪس ازم کي روس جي حالتن تي انتهائي مهارت سان لاڳو ڪيو. پر جيڪڏهن لينن ازم، صرف روس جي مخصوص حالتن تي مارڪس ازم جي لاڳو ٿيڻ جو نالو هجي ها، ته اهو صرف ۽ صرف قومي، صرف ۽ صرف روسي مظهر Phenomenion جو نالو هجي ها. جيڪو اسين ڄاڻو ٿا ته لينن ازم هڪ روسي مظهر نه بلڪ هڪ بين الاقوامي، عالمي مظهر آهي، جيڪو عالمي طور تي ٿيندڙ اوسر ۾ پيوست آهي. انهيءَ ڪري آئون چوندو آهيان ته مٿين وصف هڪ طرفي آهي.

ٻين جو چوڻ آهي ته لينن ازم، 19هين صدي جي چاليهه واري ڏهاڪي جي مارڪس ازم جي انقلابي اساس کي ٻيهر اجاگر ڪرڻ جو نالو آهي، ڇاڪاڻ ته هنن جي بقول ته چاليهن واري ڏهاڪي کان پوءِ مارڪس ازم وچٿرو ۽ غير انقلابي ٿي ويو هو.

هاڻي جيڪڏهن اسان مارڪس جي ٻن حصن واري "انقلابي ۽ وچٿري" وصف کي، جيڪا هلڪڙائپ ۽ ڇسائپ تي مبني آهي، کي نظرانداز به ڪريون ته به اسان کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته لينن ازم جي اهڙي وضاحت غير تسلي بخش ۽ اڻ پوري آهي، جيڪا سچ جو هڪ جز ته ٿي سگهي ٿي پر اهو سمورو سچ ناهي، سچ جو جز ائين آهي ته لينن سچ پچ ته مارڪس جي انقلابي جوهر کي جياريو، اهو جوهر جيڪو ٻي انٽرنيشنل جي موقعي پرستن محدود ڪري ڇڏيو هو. مڪمل سچ اهو آهي ته لينن نه صرف مارڪس ازم کي پنهنجي اصل حالت ۾ بيهاريو، پر هڪ قدم اڳتي به وڌايو. يعني ان وقت جي سرمائيداري جي اختيار ڪيل نئين روپ ۾ مزدورن جي طبقاتي جدوجهد جي نئين

گهرج، تحت مارڪس ازم جي اوسر ۾ اضافو ڪيو. اهـڙيءَ ريت آخري تجزئي ۾ لينن ازم آهي ڇا؟ لينن ازم پورهيت آمـريت جي عملي صـورت جو نـالو آهي. اڃا به ائين چئجي لينن ازم عـام طور تي، پورهيت انقلاب لاءِ خـاص طـور تي پرولتاريه آمـريت لاءِ نظريي ۽ عمل جو نالو آهي.

مـارڪس ۽ اينگلز جي سـرگرمين جا دؤر انقلابن کـان اڳ وارا دؤر ڳڻجن ٿا (هـــتي اســـان کي ذهن ۾ proletariate Revolution مـزدور انقلاب رکڻ گهـرجي) سـندن دؤر ۾ اڃا اسريل سامراجيت وجـود نـتي رکيـو. هي اهو ئي دؤر هو جـڏهن اڃا مزدورن انقلابن جي لاءِ تياري پئي ورتي. هن دؤر ۾ مزدورن جو انقلاب عملي طـور تي اڃا تائين نه ٿيو هيـو، جـڏهن ته لينن، مارڪس ۽ اينگلز جي پوئيـواري ڪنـدي پنهنجين سـرگرمين کي اسري آيل سـامراجي دؤر ۾ اظهـاري. مـزدورن جي انقلابن جي شروع ٿيندڙ دؤر ۾ اظهاريو، ان وقت جڏهن مـزدورن جو انقلاب هڪ ملڪ ۾ ڪاميابي ماڻي چڪو، جيڪو بورجـوا جمهـوريت جي ڌاويڙهه ڪري چڪـو، جنهن سـوويت نظـام تحت مـزدورن جي جمهـــوريت متعـــارف ڪـــرائي. انهيءَ ڪـــري لينن ازم کي، مارڪسز، جي اوسر سڏجي ٿو. ۽ جـڏهن اهو اشـارو ڪيو وڃي ٿو ته لينن ازم، خاص قسم جو ”هٿياربند“ (Militant) ۽ انقلابي ڪردار آهي ته اهو ٻڻ هڪ لحاظ کان صـحيح آهي ۽ اهو صـحيح ٻن سـببن ڪـري آهي. هڪ اها حقيقت ته لينن ازم پرولتاريه انقلاب مان ابريو، جنهن جا اڻ مٽ نقش ظـاهر ٿيڻا هئـا. ٻيو اهو ته لينن ازم پنهنجو پاڻ کي، ٻي ٻي انٽرنيشنل جي موقع پرستيءَ سـان وڙهنـدي جهيڙينـدي، مضـبوط ڪيـو. سـرمائيداريءَ سـان وڙهڻ کـان پهـرين هنن سـان جهـيڙو ڪـرڻ ان وقت جي لازمي شـرط هـئي. هـتي اسـان کي اهو هرگز نه وسـارڻ گهـرجي ته مـــارڪس ۽ اينگلز هڪ پاسي ۽ لينن پـــئي پاسي ۽ انهن ٻنهي پاسن جي وچ ۾ جيــترو به وقت رهيو آهي. اهو ســمورو عرصو ٻي انٽرنيشنل جي نه ختم ٿيندڙ موقع پرستي جو دؤر هـو. انهيءَ جي خلاف بي رحم ويڙهه لينن ازم جو اهم مقصد رهيو.

لينن ازم جو تاريخي پس منظر:

لينن ازم، سـامراجي حـالتن هيٺ نسـريو ۽ روپ ورتـو، ان

وقت جڏهن سرمائيداريءَ جا تضاد پنهنجي حدن جي انتها تي پهچي چُڪا هئا. جڏهن پرولتاريه انقلاب، اولين عملي سوال بنجي چڪو هو. جڏهن پورهيت طبقي جي انقلاب جي تياري لاءِ اختيار ڪيل پراڻي دؤر وارو ”طرز عمل“ نئين دؤر جي تقاضائن ضم تي وجي ٿو اهو نئون دؤر آهي سرمائيداريءَ تي سڌي ريت حملي جو. لينن، سامراجيت کي ”ڳرندڙ، سڙندڙ سرمائيداري“ سڏيو آهي. چاڪاڻ ته سامراجيت پاڻ سان گڏ سرمائيداريءَ جا آخري حدن کي ڇهندڙ تضاد ڪٺي ايندي آهي. هڪ اهڙي حد جتان کان اڳتي انقلاب جو رستو شروع ٿئي ٿو. انهن تضادن مان ٽي تضاد تمام اهم آهن.

پهريون تضاد سرمائيدار مزدور وچ آهي.

سامراجيت، صنعتي ملڪن ، ٽرسٽ، سينڊيڪيٽ جي هڪ هٿي، بينڪن مالياتي ادارن جي هڪ هٿي جي ڪري سڀ کان وڏيڪ قوت ماڻي، ”شڪتيوان“ صورت اختيار ڪري ٿي. هاڻي انهيءَ شڪتيوان (Omnipotent) خلاف وڙهڻ لاءِ روايتي پورهيت طبقي (Working class) جا طريقا ٽريڊ يونين، ڪو آپريٽو تنظيمون، پارليامينٽري پارٽيون توڙي پارليامينٽري جدوجهد، ناڪافي آهن.

هاڻي يا ته پنهنجو پاڻ کي سرمائيداري جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏيو ذلتن جي اوڙاهه ڪرندا وڃو، يا ته وري ان جو نعم البدل هٿيار اختيار ڪيو. اهو ئي هٿيار آهي جيڪو سامراجيت، پورهيت طبقي جي اڪثريت اڳيان نعم البدل طور پيش ڪيو آهي. سامراجيت، پورهيت طبقي کي انقلاب طرف آڻي بيهاريو آهي.

ٻيو تضاد، ڪچي مال جي منڊين لاءِ، مختلف ٻاهرين علائقن جي وسيلن جي ڦرلٽ مالياتي ڌڙن (Finencial groups) سامراجي قوتن منجهه هلندڙ مقابلي بازي آهي.

سامراجيت، سرمايي جو، ڪچي مال وارين منڊين طرف برآمد (Export) ڪرڻ جو نالو آهي. وسيلن تي قبضه گيري لاءِ، انهن تي هڪ هٽي قائم ڪرڻ لاءِ، جنوني ويڙهه جو نالو آهي. هڪ اهڙي ويڙهه جيڪا اڳ ورهايل دنيا کي ٻيهر ورهائي ٿي.

هي اها ويڙهه آهي جيڪا دوکي دولاب سان، نئون ايرندڙ مالياتي ڌڙو، يا قوت، ان ساڳي سچ جي هيٺان ان پراڻي من

مـوجي ۾ شـڪتيوان ڌڙي ڪي، جيڪو وسـيلن جي قبضي ڪيل مـال غـنيمت ڪي چنـبڙي پيو آهي، خلاف وڙهي وينـدي آهي. مختلف جنـوني قـوتن ۾ هلنـدڙ اها ڪشـمڪش هڪ نـئين اڻ ٽر حالت کي جنم ڏيندي آهي. جيڪا باقي دنيا جي قبضي گـيري لاءِ وڙهي ويندي آهي.

سامراج جون اهي ٻه طرفيـون ڪمزوريـون، عـام طـور تي پرولتاريه انقلاب جي آمد کي تـيز ڪنـديون آهن ته ٻـئي طـرف خاص طور تي عملي طرح انقلاب کي اڻ ٽر بنائينديون آهن.

ٽيـون تضـاد، آگـرين تي ٻَڌل جيـترن نـام نهـاد تهـذيب يافته قـومن جي حڪمـران ٽـولي ۾ پٺتيـتن ۾ پٺتيـتي ملڪن جي ڪـروڙين عـوام جي وچ ۾ آهي. سـامراج پٺتيـتي تـوڙي نيم پٺتيـتي ملڪن جو نه صـرف ننگو استحصـال ڪن ٿا پر سـاڳي وقت انهن ڪروڙها عوام کي ظلم ۾ جبر جو شـڪار بڻـائين ٿا ۾ انهيءَ ٻني عذاب جو مقصد صـرف ۾ صـرف Super profit اڻ ميو منافعو ڪمائڻو آهي ۾ ساڳي وقت سـامراج انهيءَ قـرلت ۾ استحصال جي مد ۾ مجبور ٿئي ٿو ته هو روڊ رسـتا، فيڪـٽريون، ملون، ريل وغيره وغيره ٺاهي. ته جيئن صنعتي ۾ واپـاري مرڪز جوڙي سگهجن. انهيءَ جي نتيجي ۾ صـنعتي مـزدورن جو ابـرڻ، مقـامي ذاهن (Intellegnsia) جو تيـار ٿيڻ، قـومي شـعور جو اجاگر ٿيڻ ۾ چوتڪاري جون تحريڪون، لازم ٿيو پون.

انهن پٺتيـــتي ۾ نيم پٺتيـــتي ملڪن ۾ ابرنـــدڙ انقلابي تحريڪون ان ڳالهه جي سچائي جي تصديق ڪن ٿيون.

اهي حـالتون ان ڪـري اهم آهن جو ان سـان سـرمائيداري بنيادي طور تي ڪمزور ٿئي ٿي، چاڪاڻ جو سرمائيداري جي لاءِ ڪم ڪندڙ پورهيت عـوام پـورهيت انقلاب جي فـوج ۾ منتقل ٿي ويئي آهي.

هي سـامراجيت جا اهي بنيـادي تضـاد آهن جنهن بـرائي پرورش حاصل ڪري سرمائيداري کي سڙيل ڳريل سرمائيداري ۾ تبـديل ڪـري ڇـڏيو آهي. هي سـامراجي جنـگ، جي اهميت، جيڪا ڏهه سـال اڳ شــروع ٿي هــئي، اها آهي ته هنن سـيني تضـادن کي هڪ لـڙهيءَ ۾ سـموئي سـاموندي مخلـوق حـوالي ڪري ڇڏيو، ۾ سـمجهيائون ته معـاملا سڀ حل ٿي ويـا. نـتيجتن پورهيتن جي انقلابي ويڙهه تيز ٿي وئي.

ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته سامراجي جنگ نه صرف انقلاب کي لازم ڪيو آهي پر انهن تاريخي طور تي اهو موقعو به فراهم ڪيو آهي ته سرمائيداريءَ جي مقدس ڳئون تي حملو ڪجي.

اهي ئي بين الاقوامي حالتون هيون جن لينن ازم کي جنم ڏنو. ڪجهه ماڻهو چئي سگهن ٿا ته اهو ته سڀ ٺيڪ آ، پر ان جو روس سان ڪهڙو تعلق آهي، جيڪو سامراجي ڪلاسيڪل ملڪ نه هو. نه ئي تي پئي سگهيو. انهيءَ جو لينن سان ڪهڙو واسطو، جنهن بنيادي طور تي روس ۾ ۽ روس لاءِ ڪم ڪيو؟! آخر سموري دنيا جي ملڪن لاءِ روس ئي لينن ازم جو گهر ڇو ٿيو، پورهيت انقلاب لاءِ نظريي ۽ عمل جي لاءِ مثال ڇو بڻيو.

انهيءَ ڪري جو روس خود انهن سامراجي تضادن جي واضح نمائندگي ڪري رهيو هو. انهيءَ ڪري جو روس خود انقلاب لاءِ ڳيجي چڪو هو. صرف هن کي ۾ خود هن کي ئي پنهنجن تضادن کان آجپي جا رستا ڳولڻا هئا.

زار جي روس ڪان ٿا شروعات ڪريون، جيڪو سرمائيداراڻي، بيئڪيتي، رياستي ۽ فوجي جبر جو گهر رهيو آهي. اهو جبر انتهائي غير انساني ۽ وحشي روپ ۾ رهيو آهي. ڪير نٿو ڄاڻي ته سرمائيداريءَ جو يوٽ ۾ زار جي آمريت هميشه پاڻ ۾ ٻت رهيا.

روسي قوم پرستي جي جارحيت، زار جو غير روسين ڏانهن حاڪماڻو طرز عمل، سموري خطي جو استحصال، خاص ڪري ترڪي، پرشيا ۽ چائنا تي جنگين جي فتح جي نعرن سان زار جي قبضه گيري.

لينن بلڪل سهي هو جڏهن هن زار ازم کي هٿيارٻند جاگيردارانه سامراجيت ڪوٺيو تي. زار شاهي، سامراجيت جي خراب ترين روپ جي پاڳي پائيوار هئي، جيڪا ٻي وڏي قوت تي چڪي هئي، اڳتي ٿا وڌون، زار شاهي وارو روس اولهه جي سامراجيت جي لاءِ هڪ اهم وڏو رسد گاهه بڻ رهيو آهي. صرف ان ڪري نه ته روس ۾ ٻاهرين سرمايي جي آزاد آمد جاري هئي، جن روس جي بنيادي معاشي يونٽن کي هلايو ٿي جهڙوڪ تيل، گيس ۽ ذاتن جي صنعت، پر ان لاءِ ته روس اولهه جي سامراجن کي لکين، ڪروڙين فوجي تي مهيا ڪيا. ياد رهي ته روس جي 12 ملين واري مضبوط فوج، پنهنجو رت ان ڪري

تي وهايو ته جيئن برطانيه ۽ فرانس جا سرمائيدار، لوڙن جي ور چڙهيل منـــافعي کي تحفظ ڏين. زار شـــاهي اوير يــــورپ ۾ سامراجيت جي نه صرف چوڪيدار رهي آهي. پر هي اهو ايجنٽ رهيو آهي، جيڪو پنهنجي عوام کي نپوڙي لنڊن، بروسلز، پيرس، برلن جو وياج پري ٿو.

آخر ۾ وري ترڪي، پرشـيا، چائنا جي ونڊ ورڇ ڪـرڻ لاءِ زار شاهي، اولهه يورپ جي وفادار اتحادي آهي. هنن ملڪن کي خبر نـــاهي ته زار شـــاهي ته ونگـــار ئي ســـامراجيت جي وهي ٿي، حقيقت به اها ئي آهي ته سـموري جنگ ۾ روس بنيـادي اهميت وارو ملڪ رهيو.

ان ڪري سامراج ۾ روس جا مفـــاد هڪ رهيا آهن. چا اولهه جي ســـامراج لاءِ اهو ممڪن هو ته هو اهـــڙي روس مـــان هٿ ڪڍي، جيڪو کين افرادي قوت ۾ وسيلن سان مـالا مـال ڪنـدو هجي. جـتي انقلاب آيل هجي، جـتي هو بورجـوازي سـان گڏ زار شاهي کي بچائڻ لاءِ زندگي ۽ موت جي جنگ نه وڙهي؟!

اتي هڪ ڳالهه ته واضح آهي ته جنهن به زار شاهي کي ڏک ٿي هـنيو. ان چڙ ته سـامراجيت کي بنجو تي ڏنــو. جنهن به زار شاهي کي ختم ڪرڻ تي چاهيو، ان کي سامراج کان به پاند آجو ڪرائڻو پونــدو. ان ڪـــري زار شـــاهي انقلاب اصل ۾ ســـامراج خلاف انقلاب آهي.

جـيئن ته روس ۾ بهريـــون عـــوامي انقلاب دنيا جي بهـترين انقلابي پورهيت آندو. جنهن جو انقلابي هاري اتحادي هـو. اهـڙي انقلاب کي اڏ رسـتي ۾ روڪڻ ممڪن نه هـو. ان کي ڪاميـابين جي رسـتي لاءِ لازمي طـور تي سـامراج خلاف بغـاوت ڪـرڻي آهي.

اهو ئي سبب آهي جو روس سامراج جي تضـادن جو مرڪز چئجي ٿو. ان ڪري نه ته اهي تضـاد روس ۾ پنهنجو ننگو اظهـار ڪـــــري رهيا آهن ۽ ناقابل برداشت حد تي پهتا آهن. نه ئي ان ڪـري ته روس ايشـيا جي بينڪيتن جي ڪـري اهم حيـثيت ٿو رکي، پر ان ڪري به، ته سوويت روس ئي هـاڻي اهو ملڪ آهي، جتي اها انقلابي قوت وجود رکي ٿي جيڪا سامراجن جي تضادن کي حل ڪري سگهي ٿي.

ان لاءِ اسـان چئـون ٿا ته روس جو انقلاب صـرف پـورهيت

مـزدور جو انقلاب ٿي نـاهي رهڻو پر اهو پنهنجي شـروعات کـان ئي بين الاقـــوامي خاصـــيت رکي ٿـــو. جنهن کي ئي دنيا جي سامراجيت جا بنياد لوڏڻا آهن. اهڙين حالتن ۾ چا اهو ٺيک رهندو ته روسي انقلابي کي صرف قومي انقلاب جي تنگ دائرن تـائين محدود ڪجي. هرگز نه.

بلکه ان جي ابتڙ سموريون حالتون، گهريلو انقلابي حـالتون ۽ ٻـاهريون جنگي حـالتون، کين پابند بنـائن ٿيـون ته اهي پنهنجي طـئي ڪيل دائـرن کـان ٻـاهر نکــرڻ ۾ انهيءَ جدوجهد کي بين الاقوامي سـطح تي ڪـٽي وڃن، سـامراج جي ناسـور کي اديـڙي اهو ثابت ڪن ته سرمائيداريءَ جو بت ڀوڻ اڻ ٽر آهي، شائونزم جو خـــاتمو لازمي آهي ۾ آخـــري نـــتيجن ۾ پنهنجي ملک ۾ سرمائيداري جو ڳت لاهي ڦٽو ڪرڻ، ۾ مزدورن جو هٿيـار يعـني نظريو ۾ عمل جيڪو پـورهيت انقلابي آڻي ٿـو، کي وڌيک ڦهلائڻ ته جـيئن پـورهيت انقلاب کي ملک لاءِ لازمي بنـائجي. ۾ روسي ڪميونسٽ ڪنهن ٻئي طريقي سان معاملو حل ڪري به نه پئي سگهيا ۾ هنن ان مـوقعي تي اهو ممکن بنـايو ته بين الاقـوامي بنيــادن تي اهو ڪجهه ڪجي ته جــيئن روس ۾ بورجــوازي جي حـاڪميت ٻيهر بحـال نه ٿي سـگهي. اهو ئي سـبب آهي جو لينن ازم لاءِ روس گهر ثـابت ٿيو ۾ لينن، روسي ڪميونسٽ ســورمو ان جو باني ٿيو.

اهو ائين آهي جيئن جرمني مارڪس ۾ اينگلز سان منسـوب ٿيل آهي. گذريل صدي (اوڻيهه صـدي) جي چاليهه واري ڏهـاڪي ۾ حالتون ڏاڍيون انقلابي هيون، يعني جرمـني بورجـوا انقلاب لاءِ ”ڳڀجي“ (Pergnant) چڪو هـو. مـارڪس ان وقت ڪميونسٽ ميني فيسٽو ۾ لکيو.

”ڪميونسٽن کي هاڻي وڏي پيماني تي ڌيان جرمـني طـرف ڏيڻ گهـرجي. جرمـني بورجـوا انقلاب جي ڪـنڌي تي بيهتل آهي. اهو انقلاب جيڪو جديد يورپي تهذيبي حــالتن تحت، جديد انقلابي پــورهيت طرفــان اينــدو، ان انقلاب جي ڀيٽ ۾ جيڪو انگلينڊ ۾ سـترهين صـدي ۾ فـرانس ۾ ارڙهين صـدي ۾ آنـدو ويـو. ڇو جو جرمــنيءَ جو هي بورجـــوا انقلاب، جلد ئي پـــورهيت طبقي جي انقلاب جو پيش خيمو ثابت ٿيندو.

بين لفظن ۾ ائين چئجي ته ان وقت انقلابي تحـــريکن جو

مرڪز جرمني منتقل ٿي رهيو هو. هاڻي شايد ئي ڪنهن کي شڪ ٿيندو ته اِهي ئي اُهي حالتون هيون (جن جو ذڪر مارڪس ڪيو) جن سائنسي سوشلزم کي جنم ڏنو، جرمن پورهيتن جي هيروز ”مارڪس ۽ اينگلز“ جو ان جي ٻانين ۾ شمار ٿيڻ لڳو. ساڳيو پر ڪجهه قدر تيز عمل روس ۾ ويهين صدي جي پئي ڏهاڪي ۾ ٿي رهيو هو. روس ان وقت بورجوا انقلاب جي ڪنڌيءَ تي پهتل هو. هن کي اهو انقلاب ان وقت پورو ڪرڻو هو. جنهن وقت يورپ ۾ حالتون گهڻيون ترقي يافته هيون. جتي جرمنيءَ کان به وڌيڪ مزدور، فرانس ۾ انگلينڊ ۾ اسري آيو هو ۾ حقيقت ته اها آهي ته آيل بورجوازي انقلابن ٻڻ اهي انديشا پئي ظاهر ڪيا ته جاڻ مزدورن جو انقلاب برپا ٿيو.

اسان ان کي هڪ حادثو ڪري ته نه پيش ڪنداسين ته ان وقت 1902ع ڌاري، جڏهن روسي انقلاب اڃا ابتدائي اوسر جي مرحلن “Embryonic state” ۾ هو ته لينن ”نيٺ ڇا ڪجي“ واري پمفليٽ ۾ اڳڪٿي ڪئي هئي.

”تاريخ اسان کي انتهائي اهم موڙ تي آڻي بيهاريو آهي، جتي اسان کي دنيا جي سمورن ملڪن جي پيٽ ۾ انقلابي فريضو Task سونپيو ويو آهي. انهيءَ فريضي جي تڪميل لاءِ يورپ توڙي ايشيا جي سڀ کان طاقتور Bulwark آماجگاهه کي شڪست ڏيڻ لاءِ، روسي پورهيت ئي، بين الاقوامي پورهيت انقلاب جو هر اول دستو ثابت ٿيندو. (لينن چوند لکڻيون جلد 2 صفحو 50). ٻين لفظن ۾ روس کي انقلابي تحريڪ جو مرڪز بڻجڻو ئي هو.

اسان ڏسون ٿا ته روس لينن جي ان اڳڪٿي مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو آهي.

ڇا اڃا به اها حيرت جوڳي آهي ته هڪ ملڪ جنهن پورهيت انقلاب آندو، ان کي انقلابي نظريي ۽ عمل جو بنياد وجهندڙ جو هئڻ گهرجي؟! ڇا اهو اڃا به حيرت جوڳو سوال آهي ته لينن مزدورن جي اڳواٽي ڪندڙ نظريي ۽ عمل جو بنياد وجهندڙ ۽ بين الاقوامي پرولتاريه جو رهنما ڇو آهي!؟

طريقه ڪار:

آئون اها ڳالهه اڳ ۾ ئي چئي چڪو آهيان ته مارڪس

اينگلز، ۽ لينن جي وچ ۾ هڪ وسيع دؤر آهي. جنهن دؤر ۾ اسان ٻي انٽرنيشنل تي موقعي پرستي جو قبضو ڏسون ٿا ۽ اهو قبضو ڪو عام رواجي، لفاظيءَ تي مبني، نه پر حقيقت تي مبني هو. رسمي ۽ ظاهري طور تي ٻي انٽرنيشنل "وفادار" مارڪسسٽ ۽ لڪير جي فقير ڪائوتسڪي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هلي رهي هئي. جڏهن ته حقيقت ۾ اها هڪ ئي موقع پرستي واري لائين تي عمل پيرا هئي. هڪڙا ته موقع پرست اهي هئا، جيڪي پنهنجي فطرت ۾ پيٽي بورجوازي هئڻ ڪري، بورجوازي وارا رويا اختيا ڪرڻ لڳا، جڏهن ته لڪير جا فقير پنهنجي واري مهل، پارٽي اندر ٻڌي، اتفاق ۽ امن رکڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي موقع پرستن سان گڏجي ٿي بيٺا. نتيجتن موقع پرستي کي غالب ٿي وئي. بورجوازي جي پاليسي ۽ عقيده پرستيءَ جي پاليسيءَ ۾ هڪ تعلق جڙيو رهيو. هي اهو دؤر هو، جيڪو سرمائيداري جي اوسر لاءِ نسبتن پرامن دؤر هو. جنگ کان پهرين وارو عرصو جڏهن اجا سامراجيت جا تضاد کلي سامهون نه آيا هئا. جڏهن اجا مزدورن جون معاشي هڙتالون، ۽ ٽريڊ يونين رواجي روپ ۾ پروان چڙهي رهيون هيون. پارلياماني چونڊن جي ڪاميابي جي قانوني دائرن هيٺ ويڙهه واري طرز عمل جي تعريف آسمانن جي بلندين تائين ڪيئي پئي وئي. جڏهن اهو سمجهيو پئي ويو ته جلد ئي سرمائيداري کي قانوني ۽ جائز طريقن سان شڪست ملندي. مختصرن ائين چئجي ته اهو وقت هو جڏهن ٻي انٽرنيشنل ۾ پارٽين جي ته واڌ ويجهه ٿي رهي هئي، پر منجهن انقلاب، پورهيت طبقي جي آمريت ۽ عوام کي انقلابي تعليم سان هٿياربند ڪرڻ جهڙن سوالن طرف ڪوبه رجحان نه هو.

انقلابي نظريي جي اڻٽ، اهڙين، الڳ ٿلڳ ڳالهين جو پرچار ڪيو ويو، جيڪي انقلابي عوامي جدوجهد کان بلڪل، ڪٽيل، لاتعلق هيون، جيڪي پراڻن ڪٽر نظرين تي ٻيٺل هيون. ظاهري طور تي مارڪس ازم جو نالو ورتو ويندو هو، صرف ان لاءِ ته جيئن ان جو اصل انقلابي روح ماريو وڃي.

انقلابي پاليسي بدران سياسي سوداگري، پارلياماني ڊپلوميسي ۽ پارلياماني طرزعمل رائج هيون. ظاهري طور تي ته وڏا وڏا انقلابي نعرا هنيا پئي ويا، وڏيون وڏيون قراردادون

پاس تي رهيون هيون پر صرف ڏيکاءُ لاءِ، ڪجهه به نه ڪرڻ لاءِ. پارٽي جي سڪيا ڪرڻ بجاءِ غلطين مان سکڻ بجاءِ، اصلي سوالن کان گوٺنات ڪرڻ، ڳالهين کي چلڪائي چمڪائي پيش ڪرڻ ۾ پوءِ وري رومال ۾ ويڙهي ڇڏڻ، ظاهري طور تي هو سوالن کان ڪن لاٽار نه پيا ڪري سگهن پر صرف ان حد تائين پيا ڳالهائين، ته جيئن جلد کان جلد ڪا لچڪيدار قرارداد پاس ڪرائي، سوال مان جند ڇڏايون.

ٻي ٻي انٽرنيشنل جا اهي ئي خدوخال آهن. اهي سندن طريقه ۾ طريقه واردات هوندا هئا.

جڏهن ته مثان وري سامراجي جنگين ۾ پورهيتن جي انقلابن جو دؤر اچي رهيو هو. مالياتي سرمائي لاءِ هاٺي ويڙهه جا پراڻا طريقا ناڪافي ثابت ٿي رهيا هئا. انهيءَ لاءِ لازم هو ته ٻي انٽرنيشنل جي سنهري سرگرمي کي جانچجي. انهيءَ جي طرزعمل ان جي سموري مردانگي، تنگ نظري، بغاوت، سماجي شائونزم، سماجي امن پسندي کي جانچجي. ان سموري بين الاقوامي بارود کي پرکڻ جي ضرورت هئي. جتان ڳريل، سڙيل ۾ ختم ٿيل هٿيارن کي پاهر ڦٽو ڪرڻو هو ۾ نون هٿيارن کي اڳتي آڻڻو هو. انهيءَ بنيادي ڪم کان سواءِ، سرمائيداري خلاف جنگ ۾ وڃڻ بي معنيٰ هو. انهيءَ ڪم کان سواءِ پورهيتن پاڻ کي، ايندڙ جنگ لاءِ هيٺو ۾ بي هٿيار ٿي محسوس ڪيو.

انهيءَ جي خاتمي ۾ صفائي جو اعزاز لينن کي مليو هو. هي هيون اهي حالتون جن مان لينن ازم جي طريقيڪار کي جنمڻو هو ۾ جنهن کي باقي شين کي ٺيک ڪرڻو هو پر نيٺ ان طريقيڪار جون گهرجون ڪهڙيون هيون.

سڀ کان پهرين ٻي انٽرنيشنل جي نظريي عقيدن جي پرک، جيڪا انقلابي عوامي جدوجهد وقت ٿيڻي هئي، جيڪا عمل جي ميدان ۾ ٿيڻي هئي. اجا به ڪٽي ائين ڇئجي ته عمل ۾ نظريي وچ ۾ جيڪا نااتفاقي هئي، اها بحال ٿيڻي هئي. ٻنهي جي وچ ۾ جيڪو فساد هو، اهو ختم ٿيڻو هو. انهيءَ حالتن مان ئي سهي معنيٰ ۾ پورهيت هٿياربند انقلابي پارٽي جو جنم ممڪن ٿيو.

ٻيو اهم نقطو هي هو ته ٻي انٽرنيشنل جي نعرن ۾ قراردادن کي هڪ طرف ڪندي (جن تي هرگز اعتبار نٿو ڪري

سگهجي) انهن جي عملي ڪرتوتن ۽ افعالن تي نظر رکڻ سان ئي، پورهيت طبقي جو اعتماد حاصل ٿيڻ ممڪن هو.

تيون اهو ته پارٽي کي بيهر منظم ڪجي، ان جا بنياد انقلابيت تي رکجن، عوام کي انقلاب لاءِ سگهيا ۽ تربيت ڏجي، انهيءَ ريت عوام، پورهيت طبقو انقلاب لاءِ تيار ٿيندو.

چوٿون پورهيت طبقي جي پارٽي پنهنجو ”خود تنقيدي“ وارو عمل جاري رکي، پنهنجيءِ غلطين مان سبق سکندي انهن کي ٺيڪ ڪيو وڃي انهيءَ طريقي سان اسان نچ ڪيڊر جي سکيا ڪري سگهون ٿا.

اهو ئي لينن ازم جوMethod طريقيڪار آهي.

هاڻي اهو طريقيڪار عمل هيٺ ڪيئن آڻجي؟

ٻي انٽرنيشنل جي موقع پرستن لاءِ ته نظرياتي عقيده جام هوندا هئا، جن سان هو رجوع ڪري ڪم جي شروعات ڪندا هئا.

مثال طور: پهريون عقيدو خاص ڪري، مزدور طبقي جي طاقت يعني (رياست) تي قبضي بابت آهي.

موقعي پرست چوندا هئا ته مزدور ان وقت تائين رياست تي قبضو نٿو ڪري سگهي جيستائين هو انهيءَ ملڪ اندر اڪثريت ۾ نٿو اچي. انهيءَ لاءِ هنن وٽ ڪي به ثبوت ۽ دليل نه هوندا هئا ته هو پنهنجي ڪِل جوڳي ڳالهه کي ثابت ڪري سگهن. ڪٿي هڪ لمحي لاءِ اهو سمجهجي ته اهي سهي ٿا چون پر لينن ٻي انٽرنيشنل وارن کي مخاطب ٿيندي چئي ٿو ته فرض ڪريو ته هڪ تاريخي صورتحال پيدا ٿئي ٿي جهڙوڪ جنگ، زرعي بحران وغيره وغيره، جتي پرولتاريه هڪ اقليتي قوت سان ئي موجود آهي. پر جيڪڏهن وٽس اها قوت آهي جو هڪ وڏي محنت ڪش عوام کي پاڻ سان گڏ بيهاري ٿي، ته پوءِ اها رياست تي قبضو ڇو نه ڪري. جيڪڏهن پرولتاريه کي قومي ۽ بين الاقوامي طور تي اهو موقعو فراهم ٿئي ٿو ته اهي سرمائيداري جي مدمقابل تي ڪري بنيادي مسئلن کي ڇو نه اپارين.

ڇا مارڪس، گذريل صديءَ جي پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ نه چيو هو ته، جرمني ۾ پورهيت انقلاب اچي پئي سگهيو جيڪڏهن ان جي ٺيڪ نموني رهنمائي ٿئي ها. ڇا اها حقيقت واضح ناهي

ته ان وقت جرمـــني ۾ مـــزدور طبقي جو تعـــداد، روس واري انقلاب وقت مزدورن جي تعداد کان به گهٽ هو. ساڳي وقت ڇا اها ڳالهه عـالم آشـڪار نه هـئي ته بي انٽرنيشـنل وارا، انقلابي لفاظي ڪري رهيا آهن، جيڪا ڪـٽر پـٽي تي مبـني هـئي. ڇا اهو ڪـافي نـاهي ته انهيءَ ڪٽريـٽي واري مـدي خـارج سـمجهه کي روس جي پورهيت انقلاب ذريعي رد ڪري ڇڏيو هيو.

ٻيو ڪـــــٽر نظريو اهو آهي ته پرولتاريه هرگز به رياست تي قبضو برقـــرار رکي نه ســگهندي، جيڪـــڏهن ان وٽ تعليمي ۽ انتظامي لحاظ کان منظم ڪيڊر نه آهي. ان آرگنـائيزڊ ڪيـڊر لاءِ لازم آهي ته اهو سرمائيدارانه حالتن، اندر ڀهرين تيـار ٿيل هجي. ان کان پوءِ ئي طاقت حاصل ڪري سگهجي ٿي. پلي ائين هجي به، پر لينن چـئي ٿو ته ان کي هن طـريقي سـان چو نه مـوڙجي سڀ کان ڀهرين اختيارن تي قبضو ڪجي، ان کـان پـوءِ پرولتاريه جي ترقي لاءِ حـالتون سـازگار ڪجن، انهن جي گهڻ رخي اوسر ڪجي ۽ انهن مان ئي انتظامي لحاظ کان پڙ ليـڊر چونـڊجن. ڇا روس جي انقلاب اهو ثـــابت نـــاهي ڪيو ته اهو اڳـــواڻ جيڪي ڪيڊرس مان ايريا، جن کي مـزدورن جي رينڪ مـان پـرتي ڪيو ويو اهي پرولتاريه حڪمراني هيٺ انهن کـان هـزار دفعه بهـتر ۽ تيز ثابت ٿيا، جيڪي سـرمائيدارانه حڪمـراني هيٺ تـربيت يافته هئا. ڇا اها ڳالهه چٽي نه آهي ته عـوام جي انقلابي جدوجهد جي تجربي انهنءَ موقعي پرستن جي نظرياتي ڪٽريٽيءِ کي رد ڪري ڇڏيو.

ٽيون ڪـٽر عقيـدو Dogma ته پـورهيت، سياسي طـور تي، عام هڙتال وارو طريقه ڪار قبول ڪرڻ کان عاري آهي. ڇاڪاڻ جو نظريـاتي لحـاظ کـان پـورهيت غـير صـحت مند آهي. (ڏسو اينگلز جي تنقيد) ۽ عملي طور تي هو خطرناڪ آهي. (اهو ملڪ جي رواجي اقتصادي وهڪري کي ڇاپ ڏيئي سـگهي ٿـو) اهو به ته پـورهيت، پارليامـاني جدوجهد لاءِ، جيڪا طبقـاتي جدوجهد لاءِ بنيـادي قسم جي جدوجهد آهي، ان جي نعم البـدل طـور نـاهي ايريو. ائين چيو ويندو آهي.

سڀ کــــان ڀهـــرين هي ڳالهه آهي ته اينگلز هر قسم جي هڙتال کي تنقيد جو نشانو نـاهي بنـايو. هن مخصـوص قسم جي هڙتـال کي تنقيد جو نشـانو بنـايو آهي. خـاص طـور تي سـگٽي

معاشي مالڪن واري عام هڙتال کي جنهن جي حمايت معيشت پسند پرولتاريه جي سياسي جدوجهد جي نعمل بدل طور ڪندا آهن. انهيءَ ڳالهه جو عام هڙتال جي طريقه ڪار سان، کهڙو سروڪار. ٻيو اهو ته ڪنهن ڪتي اهو ثابت ڪيو آهي ته پارلياماني جدوجهد، پرولتاريه جي جدوجهد جو بنيادي اصول آهي.

ڇا انقلابي تحريڪن جي تاريخ اهو ثابت ناهي ڪيو ته پارلياماني جدوجهد صرف هڪ اهڙو اسڪول آهي جتي پرولتاريه جي جدوجهد، پارلياماني جدوجهد کان اڳتي جي تربيت ڏيندي آهي. ڇاڪاڻ جو سرمائيداري هيٺ پورهيت طبقي جا بنيادي مسئلا قوت ذريعي حل ڪيا ويندا آهن يعني اهي پورهيت عوام جي سڌي جدوجهد بغاوت ذريعي حل ٿيندا آهن.

ٽين اهم ڳالهه اها ته اهو ڪير ٿو چئي ته عام هڙتال وارو سياسي طريقيڪار پارلياماني جدوجهد جي نعم البدل طور استعمال ٿي سگهي ٿو. ڪٿي ڪڏهن عام سياسي هڙتال واري طريقيڪار وارن جي حمايت ڪندڙن اهو ثابت ڪيو آهي ته پارليامينٽ کان مٿاهين جدوجهد کي پارلياماني جدوجهد جي نعم البدل تائين محدود ڪجي.

چوٿين ڳالهه اها ته ڇا روس اهو ثابت ناهي ڪيو ته عام هڙتال وارو سياسي طريقيڪار پورهيت انقلاب لاءِ اعليٰ درسگاهه ثابت ٿيو آهي. انهيءَ تربيتي اداري سرمائيداري جي ٿنڀن کي ڪيرائڻ لاءِ، عوام کي متحرڪ ڪرڻ ڪين منظم ڪرڻ لاءِ هڪ اٽڙ اداري طور ڪم ڪيو. پوءِ پلا اها اچائي واويلا ته عام اقتصادي وهنوار متاثر ٿيندو، ٽريڊ يونين ويهجي ويندديون. ڇا اهو ثابت نه ٿو ٿئي ته انقلابي جدوجهد موقع پرستن جي عقيدن جو به خاتمو آندو آهي.

انهيءَ ڪري لينن چوندو هو ته ”انقلابي نظريو“ ڪو عقيدو Dogma ناهي. انهيءَ کي حتمي بيهڪ ان وقت اختيار ڪرڻي آهي. جڏهن اها حقيقي عوامي حقيقي انقلابي تحريڪ جنم وٺندي (ڪابي ڏر جو ڪميونزم ٻاراڻي بيماري).

نظريي لاءِ لازم آهي ته اها عمل مان گذري نظريي لاءِ لازم آهي ته انهن سوالن جا جواب ڏيئي جيڪي پريڪٽس (عمل) دوران ابرن ٿا. جيڪي به عوام جي دوستي جا دعويدار آهن،

سپ عمل Practice دوران پرکيا آهن.

جيسـتائين بين انٽرنيشـنل جي سياسي نعـرن ۽ سياسي قـراردادن جو تعلق آهي، ان لاءِ ايـترو ئي چـوڻ ڪـافي آهي ته جنگ خلاف جنگ (War against war) واري نعـرن جي تـاريخ کي ياد ڪيو، جيڪا اهو سمجهائڻ لاءِ ڪـافي آهي ته هن سياسي عمل ۾ ڪيـڏا نه ڪربائتـا، بـدبودار ۽ غلط ڪم ڪيا آهن. انقلاب مخالف ڪرتوتن کي لڪائڻ لاءِ هنن ڪيڏا نه شاندار انقلابي نعرا ترتيب ڏنا.

اسـان کي يـاد آهي ته بين انٽرنيشـنل جو بيسل ڪـانگريس وارو اهو شاندار اعلان نامو جنهن ۾ هنن سامراج کي للڪاريو ته خبردار جيڪڏهن جنگ شروع ڪيئي ويـئي ته بغـاوتن جو هڪ اڻ کٽ سسلسـلو شـروع ٿي وينـدو ۽ پـوءِ "جنگ خلاف جنگ آ" جو نعرو ورجايو ويو ۽ پوءِ اهو به ڪنهن نه وسـاريو هونـدو ته ٿـوري وقت اندر ئي، جڏهن جنگ شروع ٿيڻ واري هـئي، بسل قـرارداد کي پاسيرو ڪيو ويو ۽ هڪ ٻئي کي مات ڏيڻ لاءِ، ختم ڪرڻ لاءِ، مـزدورن کي پنهنجن ابن ڏاڏن جي سـرمائيداراڻي بيهڪ واري ڌرتي جي مان ۾ شان وارا نعـره ڏنا ويـا. ڇا اهو واضح نـاهي ته انقلابي نعره ۽ انقلابي قراردادون بلڪل بي معنيٰ آهن جيڪڏهن انهن جي پٺيان عمل جي اڻ هوند آهي ته.

هتي ان فرق کي پرکڻ جي ضرورت آهي جڏهن هڪ طرف لينن چـئي ٿو ته سـامراجي جنگ کي خانه جنگي ۾ تبـديل ٿيڻ گهرجي، جـڏهن ته ٻـئي طـرف انهيءَ سـان غـداري ڪنـدي بين انٽرنيشـنل بيٺل آهي، هڪ طـرف لينن ازم پنهنجي شـان و شـوڪت سـان بيٺل آهي ته ٻـئي طـرف موقع پرسـتن جي جنگ دوران هلڪڙائپ ۽ ڇسائپ ظاهر ظهور بيٺل آهي. هن جڳهه تي آئـون لينن جو حوالو ڏيڻ ڪانسـواءِ رهي نٿو سـگهان جيڪو هن ڪتاب پرولتاريه انقلاب ۽ غـدار ڪائوتسـڪي ۾ لکيو آهي. جنهن ۾ لينن بين انٽرنيشنل جي موقع پرست اڳواڻ ڪائوتسڪيءَ کي تنقيد هيٺ آڻينـدي واضح ڪـري ٿو ته پـارٽين کي سـندن قـول ۽ فعل جي فرق جي بنياد تي پرکيو.

"ڪائوتسـڪي پيـٽي بورجـوازي ۽تنگ نظر پاليسي جي پوئيواري ڪندي، دوکو ۽ دولاب ڏيندي سمجهي ٿو ته هڪ نعـري کي اڳتي ڪـرڻ سـان حـالتن کي به تبـديل ڪـري سـگهجي ٿـو.

بورجوازي جمهوريت پسند هميشه هن وقت تائين به عوام کي دوکي ڏيڻ لاءِ اهڙن قسمن جي نعرن جو سهارو وٺنـدا آهن. اهم ڳالهه اها آهي ته انهن جي سـندن ادا ڪيل لفظن عمل کي پيــٽيو نڳي، دوکي دولاب وارن نعــرن کــان مطمئن ٿيڻ بجــاءِ انهن کي طبقــاتي حقيقتن ســان پيــٽيو وڃي (لينن چوند لکٽيون).

هتي مون کي ضرورت ناهي ته ان خـوف جي ڳالهه کيـان، جيڪو بين انٽرنيشنل کي خود تنقيدي مرحلي مان هوندي هـئي. سندن غلطين کي لڪـائڻ واري عـادت، اهم سـوالن کي لڪـائڻ واري نفسيات، پنهنجي ڪمزورين کي لڪائڻ، انقلابي جـوهر کي لڪائڻ جنهن ذريعي ماڻهو پنهنجين غلطين مان ســکندو آهي. اِها اُها روش آهي جنهن تي لينن گهڻي تنقيد ڪئي آهي.



لينن انهيءَ معـــاملي تي ”ڪابي ڏر جو ڪميـونزم پاراٽي بيماري“ لکي ٿو: هڪ پـــــارٽي جو پنهنجي غلطين ڏانهن اختيـار ڪيل رويو ئي سب کــان اهم اعتمـاد جوڳو طريقو آهي. اهو طـــئي کـــرڻ لاءِ ته پـــارٽي کيـــتري قـــدر ســــنجيده آهي عملي ميدان هو پنهنجي طبقي محنت کش عوام لاءِ پنهنجا فرض سـرانجام ڏينـدي، فراخـدلي سـان پنهنجين غلطين کي تسـليم ڪندي، انهن جي سبن کي معلوم ڪنـدي. جن کين انهن نـتيجن تي پهچـايو. پنهنجو پـاڻ کي درست ڪـرڻ، اهو ئي هڪ سـنجيده پارٽي جو مـابو آهي اهو ئي طريقيڪـار آهي جنهن تحت هنن کي پنهنجا فـرض نيـائڻ گهـرجن. اهو ئي طريقو آهي جنهن تحت هو پنهنجي طبقي عـوام جي درست تـربيت ڪـري سـگهي ٿي.“ (لينن چوند لکٽيون).

ڪجهه ماڻهو چون ٿا ته پـارٽي جو پنهنجي غلطين کي ظـاهر ڪرڻ خود تنقيدي مرحلي مان گذارڻ پارٽي لاءِ خطرناڪ آهي ڇاڪاڻ جو دشمن انهيءَ ڪمزوري کي پرولتاريه خلاف اسعتمال

ڪري سگهي ٿو. لينن اهڙن اعتراضن کي معمولي ۽ مڪمل غلط قرار ڏيندو هو. هتي 1904ع وارو لينن واري پمفليٽ ”هڪ قدم اڳتي ٻه قدم پوئتي“ جو مثال رکون ٿا. هي اهو وقت آهي جڏهن اسان جي پارٽي ننڍي ۽ ڪمزور هئي.

”اهي (مارڪسزم جا مخالف) اسان جي اختلافن مان جو پريور فائدو وٺن ٿا ۽ يقينن هو منهنجي پمفليٽ مان پنهنجي مفادن آهر اهي ٽُڪرا جيڪي اسان جي پارٽي جي ڪمزورين ۽ نقصن بابت آهن، ڪٽي ايندا ۽ پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪندا. روسي مارڪسسٽ اهڙن حربن کان متاثر ٿيڻ وارا نه آهن ۽ انهن جي تنقيد باوجود به هو خود تنقيدي ۾ پنهنجي ڪمزورين جو بيرحماڻو اظهار ڪندا ۽ جيئن جيئن پورهيت طبقي جي تحريڪ وڌندي رهندي، اڻ تر ۽ غير محسوساتي طور تي انهن تي پڻ ضابطو اچي ويندو.“ (لينن چونڊ لکڻيون)

اهي آهن عام طور تي لينن ازم جا طريقيڪار لينن جي طريقيڪار Method ۾ به اهو ئي آهي، جيڪو مارڪس ازم ۾ آهي. مارڪس بقول ته ”جوهر ۾ تنقيدي ۽ انقلابي“ ۾ اهو ئي لينن ازم ۾ شروع کان وٺي آخر تائين رائج آهي. پر اهو غلط تاثر ٿيندو جيڪڏهن اهو چيو وڃي ته لينن ازم، مارڪس ازم جي طريقه ڪار Method جي بيهر بحالي آهي. حقيقت ۾ لينن جو طريقيڪار نه صرف بحالي (Restoration) آهي پر انهيءَ کي حتمي ۽ عملي بنائڻ (Concretization) پڻ آهي. اها مارڪس ازم جي جدلياتي ماديت جي ”تنقيدي ۽ انقلابي“ طريقيڪار جي اڳتي واري اوسر آهي.

(باب ٽيون)

نظريو Theory

نظريي جي لفظ کي آئون ٽن سوالن جي صورت ۾ ڏسان ٿو. هڪ پرولتاريه تحريڪ لاءِ نظريي جي اهميت، ٻيو پاڻهرتو نظريي (Theory of speontaicity) تي تنقيد ۽ ٽيون پرولتاريه

انقلاب جو نظريو.

(1) نظريي جي اهميت:

ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته لينن ازم نظريي جي پيٽ ۾ صرف (عمل) جو نالو آهي. جنهن تحت هڪ هن مارڪس ازم جي نظريي کي عملي روپ ڏنو ۾ ڪجهه ماڻهن جو اهو چوڻ به رهيو آهي ته لينن ازم ته نظريي سان لاتعلقيءَ وارو رشتو جوڙيو ويٺو آهي. اسان چاڻون ٿا ته پليخانوف لينن کي فلسفي ۾ نظريي ڏانهن لاپرواهي “Unconcerned” جو الزام هڻندو رهيو هو. اسان اهو به چاڻون ٿا ته موجوده وقت ۾ لينن ازم جيان ڪيترا ئي عملي ڪارڪن به نظريي کي گهٽي اهميت نٿا ڏين، خاص ڪري موجوده حالتن هيٺ جڏهن هو اڳ ۾ ئي تمام گهٽي عملي ڪم ۾ مصروف آهن.

آئون اها ڳالهه واضح ڪرڻ ٿو چاهيان انهن اجاين مفروضن سان لينن ازم جو ڪوبه واسطو ڪونهي ۾ ساڳي وقت عملي ڪم ڪندڙ ڪارڪنن جو نظريي جي اهميت کي پاسيرو ڪرڻ، لينن ازم جي روح جي نفي آهي ۾ جيڪا خطرناڪ نتيجا ڏيئي سگهي ٿي. جيڪڏهن مثاچرائيءَ سان ڏسجي ته نظريو سمورن ملڪن جي ورڪنگ ڪلاس جي تحريڪ جي تجربي جو نالو آهي. يقينن نظريو بي مقصد آهي. جيڪڏهن اها انقلابي عمل سان جڙيل ناهي ۾ عمل (پريڪٽس) به انڌيري ۾ هٿوراڻيون هڻڻ برابر آهي. جيڪڏهن ان کي انقلابي نظريو جي چٽنگ ميسر ناهي.

اهو نظريو هڪ لازوال قوت بنجي ٿو جڏهن اها پنهنجو رشتو پورهيت طبقي جي تحريڪ سان جوڙي ٿي. اهو جڏهن پاڻ کي اڻ مٽ بنيادن تي ”انقلابي عمليت“ سان جوڙي ٿو ته اِهو اُهو واحد نظريو آهي جيڪا تحريڪ کي اعتماد بخشي ٿي، پنهنجي ارد گرد جي ماحول بابت سمجهه پيدا ڪري ٿو، جيڪا نه صرف اهو ٻڌائي ٿو ته موجوده وقت ۾ تحريڪ کي ڪهڙي طرف ۾ ڪيئن تحرڪ وٺڻ گهرجي پر ساڳي وقت اهو پڻ طئه ڪري ٿو ته ايندڙ وقت ۾ تحريڪ ڪيئن ۾ ڪٿي بيهڻ گهرجي.

اهو ڪو بيو نه پر لينن ئي آهي، جنهن ڪيترائي پيرا اها ڳالهه ورجائي آهي ته ”انقلابي نظريي کان سواءِ انقلابي تحريڪ ٿي ئي نٿي سگهي.“ پرولتاريه جي بين الاقوامي ويڙهه جي لاءِ

هر اول دستي کي نظر ۾ رکندي، قومي توڙي عالمي صورتحال، جنهن ۾ خود لينن بيٺل هو، کي ڏسندي، هڪ پارٽي لاءِ جهڙي اسان جي آهي، نظريي جي اهميت کي لينن کان وڌيڪ بيو ڪير ني سمجهي سگهيو.

1902ع ڌاري ئي، پارٽي جوخاص ڪردار ڏسندي لينن چيو هو.

”هر اول دستي “Vanguard” جو ڪردار پارٽي ادا ڪندي ۽ پارٽي جي رهنمائي سڀ کان وڌيڪ ترقي يافته (advanced) نظريو ڪندو انهيءَ ڳالهه کي ثابتيءَ جي ڪائي به ضرورت ناهي هاٺي. ان وقت جون لينن جون پارٽي جي اد اٿيندڙ ڪردار بابت اڳ ڪثيون وقت سان گڏ سچ ثابت ٿيون آهن. لينن جي انهيءَ ٿيسز کي نياري اهميت حاصل آهي. شايد اهميت جو سڀ کان اعليٰ تاثر جيڪو لينن نظريي سان جوڙيو، اهو بيو ڪجهه به نه پر اها حقيقت آهي ته لينن انهيءَ کي ماديت جي فلسفي سان ڳنڍي ڇڏيو. ساڳي وقت نظريو مارڪس ازم منجهه ماديت مخالف روين خلاف پڻ گهٽي تنقيدي رهي آهي.

اينگلز چوندو هو ته ماديت کي هر ٿيندڙ نئين کوجنا (Discovery) سان گڏ نئون زاويو Aspect متعارف ڪرائڻ گهرجي. ۽ اهو ڪو بيو نه پر لينن ئي هو جنهن اهو ذمو ”مٽيريل ازم ۽ امپريڪو ڪرٽس ازم“ ۾ حاصل ڪري ڏيکاريو ۽ اهو پڻ عالم آشڪار سچ آهي ته پليخانوف جيڪو لينن کي فلسفي ڏانهن غير متوجه ٿيڻ الزام هڻندو آهي. خود انهيءَ ذميواري کي پايه تڪميل تي پهچائڻ جي جرئت ئي نه ڪري سگهيو.

(2) خود ساخته ٿيوري تي تنقيد يا تحريڪ ۾ هر اول (Vanguard) جو ڪردار:

پاٺمرتو نظريو، موقع پرستيءَ جو نظريو آهي. هڪ اهڙو نظريو آهي جيڪو پورهيت تحريڪ جي پاٺمرتائيءَ کي پوڄيندو آهي. اها هڪ اهڙي ٿيوري آهي، جيڪا پورهيت ڪلاس (پورهيت طبقي جي پارٽي) جي اڳواٽي واري ڪردار جي مخالف رهي آهي. خودساختگي جي عبادت ڪندڙ (worshipping) ٿيوري، بنيادي طور تي پورهيت طبقي جي تحريڪ جي انقلابي ڪردار کان ڇاٽي واٽي طئي ڪيل مخالفت جو نالو آهي.

اها سرمائيداري جي بنيادن خلاف ٿيندڙ جدوجهد جي مخالفت جو نالو آهي. هي نظريو ته تحريڪ جي حقيقي گهرجن کي سرمائيداري لاءِ قابل قبول سطح تائين تبديل ڪندو اهي. هي نظريو ثابت ڪندو آهي. پاٽمرتائيءَ جو بيو ڪجهه به ناهي سواءِ ٽريڊ يونين جي آئيڊيالاجي جي.

خودساختگي جي نظريي جي پوئلڳي ڪندڙ خود ساخته تحريڪ کي شعوري نظام جي حوالي ڪرڻ جا مخالف هوندا آهن. اهي پورهيت طبقي جي رهنمائي ڪندڙ پارٽي جا مخالف هوندا آهن. ان پارٽي جا مخالف هوندا آهن، جيڪا عوام جي شعور کي طبقاتي شعورتائين پهچائيندي آهي. جيڪا تحريڪ جي اڳواٽي ڪندي آهي. هي اهي آهن جيڪي چاهيندا آهن ته طبقاتي شعور رکندڙ عنصر انهيءَ خودساخته تحريڪ کي پنهنجي رستي وٺڻ واري عمل ۾ رڪاوٽ نه بنجن. اهي چاهيندا آهن ته خودرو تحريڪن جي بنيان پارٽي کي هلڻ گهرجي. اها اها ٿيوري آهي جيڪا تحريڪ شعوري عنصرن جي ڪردار کي گهٽائي ٿي.

عملي طور تي هي ٿيوري روس ۾ انقلاب کان اڳ ئي ظاهر ٿي چڪي هئي، جنهن جي پوئيواري ڪندڙن يعني معيشت پسندن (Economists) جو چوڻ هو ته پورهيتن جي الڳ پارٽي هئڻ جي ضرورت ئي ناهي، انهن پورهيت طبقي جي انقلاب جي جدوجهد جي مخالفت ڪئي ٿي. هنن زار ازم جوخاتمو نٿي گهريو. هنن صرف ٽريڊ يونين جي تبليغ واري پاليسي اختيار ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ٿي. مختصر چئجي ته هنن پورهيت تحريڪ کي لبرل بورجوازي حوالي ڪرڻ ٿي چاهيو.

پراٽي اسڪرا اخبار جي ويڙهه "Khvstism" تي لاجواب تنقيد، جيڪا لينن جي مشهور پمفليٽ "نيٺ ڇا ڪجي" تحت ڪيئي ويئي نه صرف انهيءَ معيشت پسنديءَ (Ecnomicism) جي نظريي کي پچي پورا ڪيو. پر ساڳي وقت روسي پورهيت طبقي لاءِ نظرياتي بنياد پڻ رکيا.

انهيءَ ويڙهه ڪانسواءِ، روس ۾ پورهيت طبقي جي آزاد پارٽي، جيڪا انقلاب لاءِ اڳواٽي وارو ڪردار ادا ڪري، جو تصور ڪرڻ ئي اجايو آهي. پر اها به حقيقت آهي ته خودساختگي واري ٿيوري مخصوص روسي سچاٽپ نٿي رکي اها مختلف بيهڪ سان يعني ڪنهن تفريق (Exception) جي بين انٽرنيشنل

جي سيني پارٽين ۾ موجود رهي آهي. منهنجو معاشرو هن وقت بين انٽرنيشنل جي اڳواڻن جي هلڪڙائپ تي مبني نام نهاد پيداواري قوتن "Productive Forces" واري ٿيوري آهي. هڪ اهڙي ٿيوري جيڪا هر ڳالهه کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ تيار هئي ۾ هر هڪ سان ناهه ڪرڻ لاءِ تيار هئي. جيڪا حقيقتون به ان وقت واضح ڪري ٿي جڏهن هر هڪ ٿڪجي ۾ بيمار ٿي چڪو هوندو آهي. نه صرف ايترو پر انهن حقيقتن جي عالم آشڪار ٿيڻ کان پوءِ به انهيءَ تي مطمئن رهڻ انهن جو خاصو رهيو آهي.

مارڪس چوندو هو ته مادت پسند نظريي کي دنيا جي وضاحت ڪرڻ تائين محدود نٿو رکي سگهجي، پر ان جو ڪم دنيا کي بدلائڻ آهي. پر ڪائوتسڪي ۾ ان جا همنوا انهيءَ چوٽي سان تعلق ئي نٿا رکن. هنن جو تعلق صرف مارڪس جي انهيءَ چوٽيءَ جي پهرين سيٽ سان آهي. هتي ڪيترن ئي مثالن منجهان هڪ مثال سامهون رکجي ٿو.

"اهو چيو ٿو وڃي ته پهرين عالمي سامراجي جنگ کان پهرين، بي انٽرنيشنل "جنگ خلاف جنگ" جي ڌمڪي ڏني، پر ٿيو ڇا جو عين ان وقت جڏهن جنگ شروع ٿي ته بين انٽرنيشنل جو جنگ خلاف جنگ وارو موقف پنهنجي ابتڙ بڻيو. جيڪو هن "سرمايه دار ڌرتي ماءُ جي بقاءُ لاءِ جنگ"

نتيجتن ڇا ٿيو هڪڙي نعري جي تبديلي سان لکين مزدورن کي موت جي منهن ۾ موڪليو ويو. هي اها وڏي غلطي ٿيندي جيڪڏهن اهو سمجهيو وڃي ته ان جو ذميوار عوام آهي يا اهو چوڻ ته ڪنهن پورهيت طبقي سان غداري ڪيئي يا ڪو ان طبقي سان سچو نه هو. نه هرگز نه. هر ڳالهه ائين ئي ٿي جيئن اها ٿيڻ گهرجي ها. سڀ کان پهرين ڳالهه ته بين الاقواميت ته امن جو اوزار آهي. نه ڪي جنگ جو. بي اهم ڳالهه اها ته "پيداواري قوتن" واري ٿيوري جي پس منظر ۾، پيو ڪجهه ٿي به نه ٿي سگهيو. "پيداواري قوتن جو ئي ڏوهه آهي" اها مستر ڪائوتسڪي جي پيداواري قوتن واري ٿيوري جي بنياد تي مختصر عطا ڪيل وضاحت آهي. مثان وري الميو اهو ته جيڪو به ان ٿيوري کي نٿو مڃي ته اهو مارڪسسٽ ئي ڪونهي. پارٽين جو ڪردار؟ تحريڪ ۾ سندن (پارٽين جو) ڪردار؟ پر

پارٽي به پيداواري قوتن واري سطح (Level of productive forces) جهڙي فيصلي ڪن فيڪٽر خلاف ڇا ٿي ڪري سگهي؟ مارڪس ازم جي بگاڙ جا بيا به ڪيترائي مثال ڏيئي سگهجن ٿا. هتي ان ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ لازمي ناهي ته مارڪسزم جو بگاڙ ان لاءِ ڪيو ويو ته جيئن موقع پرستي جي اگهاڙپ کي لڪائي سگهجي. اها ان ساڳي Khvostism جي يورپين جنس آهي. جنهن خلاف لينن روسي انقلاب کان اڳ ئي وڙهندو رهيو هو.

هتي ان ڳالهه ڪرڻ جي پڻ ضرورت پوي ٿي ته اولهه سهي معنيٰ انقلابي پارٽي جي نه هجڻ لاءِ اهڙي قسم جي "نظرياتي ڪوڙ" کي ختم ڪرڻو پوندو.

ڪُل ۽ جُز
(Whole & part)

بخشل ٿلهو


فريڊرڪ هيگل پرمنائيندس

ڇا هڪ ڪُل جون خاصيتون جُزن جون گڏيل خاصيتون هونديون آهن يا ڪُل ڪجهه اضافي خاصيتن جو مالڪ هوندو آهي.؟ ٻين لفظن ۾ ڇا هڪ ڪُل صرف جزن جي ميڙ هوندو آهي يا ٻيو ڪجهه؟ جُز ۽ ڪُل جو پاڻ ۾ تعلق ڪهڙو آهي؟ ڇا ڪُل هڪ ئي نوع جو ٿئي ٿو يا انهن منجهه به فرق ٿين ٿا ۽ هڪ ٻيو اهم سوال ته آخر جُز ۽ ڪُل جي تصور کي سمجهڻ ڇو ضروري آهي؟ مٿي ڄاڻايل سمورا اُهي سوال آهن جن کي اڄ پاڻ "جُز ۽ ڪُل" جي ڪيٽيگوريءَ هيٺ سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين.نون پڙهندڙن کي اهو به ٻڌائيندا هلون ته پاڻ سماجواد جي ٻوئين ڪڙين ۾ هوند اٿهوند، قطعي نسبتي، سبب نتيجو، جي ڪائناتي تصورن (ڪيٽيگورين) تي ڳالهه ٻولهه رکي آيا آهيون.

اها ڳالهه اسانجي عام شعور جو حصو آهي ته ڪا به خاص شئي، لقاءُ يا حقيقت جزن جو ميڙ يا هيڪڙائي هوندي آهي. موٽر، ٻَرَ ۽ اسٽينڊ ، هڪ ٻٽ واري ٻرقي ٻکي جا حصا هوندا آهن، هڪ ڪتاب صفحن تي آڌاريل هوندو آهي، ڪابه جڳهه يا جاءِ سرن منجهان ۽ زندهه جسم جيو گهرڙن منجهان ٺهيل هوندو آهي، ڌڻ جانورن جو ۽ سماج ماڻهن جو ڪُل هوندو آهي. تنهنڪري اهو سمجهڻ ڪو وڏو مسئلو ڪونهي ته هڪ ڪُل جزن تي آڌاريل هوندو آهي پر جيڪا شئي اسانجي عام شعور جو حصو ڪونهي سا اها ته ڪنهن به ڪُل ۾ موجود جزن جو پاڻ ۾ ۽ سندن ڪُل سان تعلق جي حقيقت ڪهڙي آهي.
عام شعور به جز ۽ ڪل جي تعلقن تي ڳالهه ٻولهه ڪري ٿو پر

صرف ميڪانڪي انداز ۾. جنهن ۾ ”ڪُل“ شين يا جزن جي بي ترتيب ميڙ جو نالو ٿي پوندو آهي. پر ڇا حقيقت ائين آهي؟ (مٿي ڏنل مثالن تي وري غور ڪريو) ڇا پاڻ ڪنهن اهڙي برقي پکي کي پکو چونداسين جنهن ۾ موٽر صفا گهٽ واٽ جو هجي ۾ پر وڏي سائيز جا هجن ۾ جيڪو هوا به نه ڏيندو هجي، ڇا پاڻ ان کي ڪتاب چونداسين جنهنجو هڪ صفحو هڪ ٻوليءَ ۾ ته ٻيو ٻي ۾ ته ٽيون ٽين ٻولي ۾ هجي ۾ صفحن جا انگَ به اڳتي پوئتي ٿيل هجن يا ان جاءِ کي جڳهه چونداسين جنهن ۾ چار بجاءِ ٽي پتيون هجن ۾ ڇت به نه هجي، ڇا اهو ڌڻ چئبو جنهن ۾ رڍ، ٻڪريون، ڪتا، ٻلا سڀ جانور شامل هجن، يا ماڻهن جي اهڙي انبوهه کي سماج چئبو جنهن ۾ صرف ڪجهه سنڌي، آفريڪي،انگريز هڪ هنڌ گڏ ڪيل هجن جيڪي نه هڪٻئي جي ڳالهه سمجهي سگهن ۾ نه وري ڪو پيداواري عمل گڏيل انداز ۾ خير خوبيءَ سان سرانجام ڏئي سگهن؟. انهن سمورن سوالن جو جواب لازمي طور تي ”انڪار“ ۾ ايندو. مٿين سمورين شين کي صرف ميڙ سڏي سگهجي ٿو يا ڪُل جي سادي شڪل. ڇاڪاڻ ته ڪُل جي اُسريل صورت پنهنجو خاصيتي اظهار به ڪندي جيڪو هڪ ”ميڙ“ نه ٿو ڪري سگهي. اهڙي ريت اسانکي جُز ۾ ڪُل جي پنهنجي ڀرپور ڏنل تعريف تي واپس غور ڪرڻو پوندو. جنهن مطابق ”ڪا به خاص شئي، لقاءُ يا حقيقت جزن جو ميڙ يا هيڪڙائي هوندي آهي “ هاڻي اها تعريف ميڙ يا ڪنهن سادي ڪُل جي حوالي سان ته ٺيڪ ثابت ٿي پر ڪنهن اُسريل، پيچيده ۾ عضوياتي ڪُل جي مامري ۾ اها تعريف ڪٿي ٿي جيڪا هڪ اهڙي هيڪڙائي هوندي آهي جنهن ۾ هڪ جُز ٻين جزن ۾ ڪُل سان هڪ خاص رشتي ۾ جڙيل هوندو آهي. پر جيئن ته مابعدالطبعياتي نقطه نظر يا عام شعور (Common sense) جي نظر گهڻ طرفي ۾ گهري ناهي هوندي تنهنڪري اها ڪُل جي هڪڙي (سادي) صورت تي ٻين سمورين (اسريل) صورتن کي قربان ڪري ڇڏي ٿي. ڪُل جي انهن اُسريل صورتن کي صرف جدلياتي نقطه نظر سان سمجهي سگهجي ٿو. جدلي دليل جو مقصد ئي ڪنهن به حقيقت يا تصور يا لقاءُ جي سچ کي لهڻ آهي ۾ بقول جڳ مشهور جرمن فيلسوف هيگل جي ته ”سچ (هڪ) ڪُل آهي.“ (1)ٻين لفظن ۾ ڪنهن به لاڳاپيل

ڪل جي جزن جي باهمي رشتي ڪي ۽ جزن جي ڪُل سان لاڳاپي کي سمجهڻ ئي سچ آهي. اسپرڪن پنهنجي ڪتاب (Dialectical Materialism)۾ ڪل جا ٽي قسم ٻڌائي ٿو جيڪي ڪجهه هن ريت آهن:

سادو ڪُل:

شين جو ميڙ به ڪُل آهي پر اها ڪُل جي هڪ اهڙي سادي شڪل آهي جنهن ۾ جزن جو هڪٻئي سان تعلق داخلي نه پر خارجي، لازمي نه پر اتفاقي هوندو آهي. جنهن ۾ ڪنهن به هڪ جز جي گهٽتائي يا وڌائي ڪل جي خاصيتي معيار منجهه ڪا تبديلي نه ٿي آڻي. سادو ڪُل شين جو هڪ اهڙو ميڙ آهي جنهن ۾ نه هئڻ برابر نظم وظبط يا ترتيب هوندي آهي. جهڙوڪ پٿرن جو ٿهو يا ڪچرو ميڙيندڙ پورهيت جو ڳوٺرو وغيره.

نسبتي پيچيده ڪُل:

هن ڪل جو تعلق فطري لقائن سان گهٽو هجي ٿو. جهڙوڪ پاڻي وغيره. اسان وٽ صوفي روايتن ۾ چيو ويندو آهي ته جڏهن هڪ ڦڙو پنهنجي نفي ڪندي سمنڊ ۾ جذب ٿيندو آهي ته پوءِ اهو پاڻ سمنڊ ٿي ويندو آهي. ان مثال جي سمجهاڻي ذات جي نفي جي نسبت سان ڏني ويندي آهي جنهن ۾ هڪ فرد جڏهن پنهنجي انفرادي يا گروهي شناختن منجهان آزاد ٿيندو آهي ته پوءِ هڪ وڏي ۾ عالمي سچ، حقيقت يا ڪُل جو حصو ٿيندي پاڻ سموري ڪُل جو اظهار ٿي ويندو آهي. پر اهو مثال جُز ۽ ڪُل جي تعلق کي به اظهاري ٿو جيڪو انتهائي گهٽو سادو ۽ ميڪانڪي آهي. جنهن ۾ ڪُل ۽ جُز جي خاصيتن منجهه ڪو گهٽو فرق ناهي هوندو. ڦڙو پنهنجي عنصري خاصيتن ۾ سمنڊ آهي ۽ سمنڊ اڪُت ڦڙن جو ميڙ. پر تنهن هوندي به ڦڙو سمنڊ ۽ سمنڊ ڦڙو ناهي. سمنڊ کي سمجهڻ لاءِ جيڪي قانون مدد ڏيندا اهي ساڳا قانون ڦڙي کي سمجهڻ لاءِ غير ضروري ٿي ويندا. بين لفظن ۾ هن قسم جي ڪل ۾ هڪ ترتيب هوندي آهي ۽ جز هڪٻئي سان ڪنهن قدر جٽادار تعلق ۾ موجود ۽ قانون جي طابع هوندا آهن. تنهنڪري ڪُل پنهنجو خاصيتي اظهار به هڪ حد تائين ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو ٻيو مثال ڏجي ته ٻڙي جي

هوئين ڪا حيثيت ڪونهي پرجـڏهن اها ڪنهن انگ سـان لڳي ٿي ته انجو قدر وڌائي ڇڏي ٿي. اهڙي ريت هڪ اهڙو ڪُل ٿهي بـئي ٿو جنهنجو قــدر جــزن منجهه اڪيلي سر موجــود نه هــو. پر هن قسم جي ڪُل کي ســــماج جي ڪُل ســــان ڀيٽڻ غلطي آهي. چاڪــاڻ ته جــزن جو يــاڻ ۾ هڪ ڳانــداپو ته آهي پر اهو اجا به ســادو ۽ ميڪـانڪي آهي. سـماج ڪُل جي سـموري صـورتن ۾ سڀ ڪان وڌيڪ اسريل ۽ اعلي صورت آهي جنهن کي ڪل جي ٻين سادن مثالن سان سمجهائڻ جي ڪوشش اڻ ڦلدائڪ آهي.

عضوياتي ڪل:

هڪ عضـوياتي ڪُل منجهـان مـراد اهـڙي ڪُل جي هونـدي آهي جنهن جي داخلي تـرتيب تمـام گهـٽي اسـريل هونـدي آهي. جيڪو هڪ جسم جيان عمل پذير هوندو آهي، جنهن جا جزا هڪ انتهائي پيچيده رشتي ۾ هڪبئي سان ۽ ڪُل سـان ڳنـڍيل هونـدا آهن ۽ خـــود افـــزائش جي عمل منجهـــان گزرنـــدا آهن، جيڪي جڏهن ڪُل کـان الڳ ٿينـدا آهن ته نه صـرف پنهنجي ڪجهه اهم خاصـيتن کي وڃائينـدا آهن پر ڪجهه حـالتن ۾ پنهنجو وجـود به برقــرار نــاهن رکي ســگهندا. هٿ اوســيتائين هٿ هونــدو آهي جيسيتائين جسم جو حصو هوندو آهي، جسم کـان ڪٽجڻ کـانپوءِ هٿ، هٿ نــاهي رهنــدو. مارڪســزم جي نظر ۾ســماج به هڪ عضوياتي ڪُل آهي ۽ ماڻهو هڪ سماجي وجـود آهي.سـماج کان ٻاهر هڪ انسان کي انسان طور زنده رهڻ لاءِ ابتدائي سـماجي تربيت ضروري آهي. جنهن ڪانسواءِ ماڻهو صـرف هڪ حياتيـاتي وجود جي صورت ۾ امڪـاني طـور تي زنـده رهي سـگهي ٿو پيو ڪجهه نـــه. هڪ عضـــوياتي ڪُل جو جنم، واڌ ويجهه ۽ مـــوت پنهنجي جُــزن سـميت ٿينـدو آهي. حيـاتي، سـماج، فن، زبـان، سائنس ۽ پارٽي اهڙا ئي ڪُل آهن. جيڪي هڪ پاسي جُزن جي اوسر کي طئي ڪن ٿا ۽ ٻي پاسي جُـزن جي آثار اوسر ڪن ٿـا. فن ۾ موسيقيءَ ۾ به ايئن آهي جنهن ۾ هڪ جُز پنهنجي نســبتي آزادي رکنــدي ڪُل جي اظهــار ۾ اظهــاريو آهي ۽ ان کي امــير ڪنـدو آهي. سـونهن به اهـڙي هڪ تـرتيب جو نـالو آهي جنهن ۾ ڪنهن هڪ عنصر يا جُز جي گهٽتـائي ڪُل جي تعريف کي متــاثر ڪري ٿي.

تنهنڪري اهميت نه جز جي آهي نه ڪل جي پر انهن جي پاڻ ۾ رشتي جي آهي ۽ انهيءَ رشتي جي سمجهه ئي اسانکي ڪنهن حقيقت جي سهي سمجهاڻي ڏئي سگهي ٿي

ڪُل ۽ جُز جي جدليات:


ڪُل ۽ جُز جو پاڻ ۾ تعلق نسبتي آهي. ٻين لفظن ۾ انهن جي اهميت هڪٻئي سان نسبت ۾ ئي هوندي آهي. هر حقيقت هڪ ڪل جي حيثيت ۾ پنهنجي جُزن تي آڌاري ٿي ۽ ساڳي ئي وقت هڪ جز جي حيثيت ۾ پاڻ کان وڏي ۽ اعلي ڪُل تي پاڙي ٿي. ڪنهن به ڪُل کي سمجهڻ لاءِ جُز کي سمجهڻ تهائين ضروري هوندو آهي اچ جي دور جا فطري علم (Natural sciences) اهو ئي طريقو استعمال ڪندا آهن. اهي ڪنهن عضوياتي جسم کي سمجهائڻ لاءِ انجي يونٽ يا جيو گهرڙي کي پڙهندا ۽ پاڙهيندا آهن. اهو طريقو جزن بابت بنيادي ڄاڻ ڏيڻ ۾ ضروري ۽ سهي آهي پر انجون حدون آهن. غلطي تڏهن ٿئي ٿي جڏهن ان طريقيه ڪار منجهان حاصل ٿيل نتيجن کي ڪُل تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ٻين لفظن ۾ ان طريقي منجهه هڪڙو امڪاني مسئلو اهو پيدا ٿي سگهي ٿو ته جُزَ جي تفصيل ۾ ويندي، جزن جي جزن سان تعلق کي سمجهڻ تي زور ڏيندي، جز جي ڪل سان تعلق کي پنهنجي ڇيد منجهان خارج ڪري ڇڏجي ۽ تجربيت جي اوڙاهه ۾ ڦاسي پئجي. اهڙي ريت اسان اُن ساڳي موقف تي وڃي بيهنداسين جنهنجو ذڪر پاڻ مٿي ڪري آهيون ۽ جنهن مطابق ڪُل صرف جُزن جو ميڙ هوندو آهي. پر پاڻ سڀ ڄاڻي ٿا ڪُل جون خاصيتون جُزن جي گڏيل خاصيتن کان واڌو ۽ اضافي هونديون آهن. ڪنهن به مرڪب جون خاصيتون صرف اهي ناهن هونديون جيڪي سندس عنصرن جون هونديون آهن. مثال طور پاڻي (H_2O) هڪ مرڪب آهي جنهن جا عنصر آڪسيجن ۽ هائڊروجن آهن. پر پاڻياٺ واري خاصيت جزوي طور نه آڪسيجن ۾ آهي ۽ نه وري هائڊروجن ۾, جيڪي اڪيلي سر باهه پڙڪائيندڙ عنصر آهن. پاڻياٺ واري خاصيت صرف مرڪب (ڪُل) جي آهي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ڪُل جزن جي صرف هيڪڙائي ڪونهي. اهڙي ريت پارٽي به هڪ ڪُل آهي. لازمي طور تي پارٽي ماڻهن سان ئي ٿهندي آهي

پر سماجي تبديليءَ ۾ جيڪو ڪردار هڪ پارٽي، ماڻهن جي تنظيم ادا ڪري سگهي ٿي سو انفرادي ماڻهو يا شخص نه ٿو ادا ڪري سگهي. يلي پوءِ اهو لينن يا ان کان به وڏي خاصيتن وارو ماڻهو ڇو نه هجي. مٿيان مثال صرف اهو سمجهائڻ لاءِ ڏنا ويا ته ڪُل جون خاصيتون جُزن جي گڏيل خاصيتن کان گهٽيون هونديون آهن. انجو مقصد ڪُل کي جز تي فوقيت ڏيڻ ڪنهن به ريت ڪونهي. هتي هڪ ٻي ڳالهه به سمجهڻ ضروري آهي ته ڪنهن به ڪل جا سمورا جُزَ ڪل سان ساڳي نسبت ناهن رکندا. 1917ع جو روسي انقلاب لينن جهڙي باڪمال ليڊر جي اٿهوند ۾ ائين ممڪن ڪونه هيو. تنهن ڪري ئي چيو ويندو آهي ته هڪ عضوياتي ڪُل جا سمورا جُزَ، ڪُل سان ساڳي رشتي ۾ موجود هجن اهو ضروري ڪونهي. ڪجهه جُزن جو رشتو ايترو ته بنيادي ۽ جوهري هوندو جو انهن جي خاتمي سان ڪُل ئي ختم ٿي ويندو آهي. پر ڪجهه جُز اهڙا هوندا جو انهن جي خاتمي سان ڪُل ته موجود رهندو آهي پر سندس خاصيتي اظهار ساڳو نه رهندو يا ان ۾ فرق پوندو آهي. جسم لاءِ اک به ضروري آهي ته پِتو به. پر اهي وائتل عضووا ناهن سڏبا. انهن جي بغير به انسان زنده رهي سگهي ٿو پر ماڻهو دل، جيري، ڦڦڙ، ۽ ٻُڪي وغيره کانسواءِ نه ٿو جئيرو رهي سگهي. تنهنڪري سوال ڪُل کي جُز تي يا جُز کي ڪُل تي فوقيت ڏيڻ جو نه پر انهن ٻنهي جي پاڻ ۾ (داخلي) رشتي جي سمجهه جو آهي. ڪافي سال اڳ جي ڳالهه جي آهي ته اسان روسي مارڪسسٽ پليخانوف جي ڪتاب (The role of individual in history) جو سنڌي ترجمو "تاريخ ۾ فرد جو ڪردار" ڇپرايو هُيوسين. مُترجم خاڪي جويي هئو. ڪتاب جي موٽ ڏاڍي سٺي ملي. هڪ نئون بحث علمي حلقن ۾ سياسي سرڪِلن اندر شروع ٿيو. ڪتاب ڏاڍو فلسفياڻو هيو ۽ ڪجهه ماڻهن کي جذهن موضوع جي پيچيدگي پَلئهِ نه پئي ته اُنهن مزاقن ايترو به چيو ته ڪتاب پڙهڻ کان پهرين اسان وٽ تاريخ ۾ فرد جي ڪردار بابت هڪ مبهم خاڪو هيو پر ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ اهو به گُم ٿي ويو. ڪتاب جو سادو سبق اهو هيو ته هڪ فرد جي ڪردار جو تعين لازمي طور تي تاريخ يا سماجي حالتون ڪن ٿيون پر ساڳي وقت اهو به سچ آهي ته تاريخ يا سماج پيو ڪجهه ڪونهي فردن جي سرگرمي آهي. اهڙي

صورتحال ۾ ان سوال جو پيدا ٿيڻ اٽڙ هيو ۽ آهي ته فرد (جُز) ۾ سماج (ڪُل) منجهان ڪير ڪنهن کي طئي ٿو ڪري؟ ڪنهن مذهبي ماڻهوءَ جي سموري تبليغ انهيءَ ڳالهه تي بيٺي هوندي آهي ته اهو جُز آهي جيڪو ڪُل کي طئي ٿو ڪري. سندس خيال ۾ جيئن ته سماج ماڻهن جو ميڙ ئي آهي تنهنڪري سندس نصيحت ۾ واعظ صرف اهو هوندو آهي ته نيڪ ٿيو، صالح ٿيو پنهنجي اندر ۾ ويٺل شيطان يا نفس کي ماريو ته پوءِ زمانو سڌري ويندو. سنس خيال ۾ سماج ۾ بيماريون آهن ڇو ته اسان پاڻ بيمار آهيون ڪريٽ آهيون لالچي آهيون، ايمان منجهان نڪتل آهيون گنهگار آهيون وغيره. پر انجي ابتڙ انقلابي پارٽيون صرف تبليغ تي زور ناهن ڏينديون. اهي اسٽڊي سرڪل به هلائينديون آهن ۾ ميگزين به ڇاپينديون آهن پر پنهنجي ڪارڪنن ۾ عوام جي تربيت تي زور ڏيڻ سان گڏوگڏ اهي سياست به ڪنديون آهن جنهنجو آخري مقصد رياست تي قبضو ڪري نين پاليسين ۾ قانونن سان پوري سماج (ڪُل) تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ هوندو آهي ڇاڪاڻ ته اهي سمجهنديون آهن ته ڪُل به جُز کي طئي ڪري ٿو. تاريخ جا سمورا سماجي معاشي نظام (غلام داراڻو، جاگيردارڻو، سرمائيداراڻو) پڻ هڪ اهڙا ڪُل هيا جن ۾ پنهنجي دور جي سمورن جُزن جي صورت گيري تي ڪئي ۾ انهن جزن منجهه آهستگيءَ سان نين اينڊڙ تبديلين جي نتيجي ۾ پاڻ به تبديل ٿيا ۾ لازمي ٿيندا رهندا. اهو ئي تاريخ جي مادي جدلي علم جو سبق آهي.

زبانوں کو بھی جمہوریت چاہیے آمریت نہیں....

شاداب مرتضیٰ



میری مادری زبان اردو ہے. لیکن یہ ایک ایسا اتفاق ہے جس پر میرا کوئی اختیار نہ تھا. اگر میں ایک سندھی ماں کے بطن سے پیدا ہوتا تو اتفاق کے طور پر میری مادری زبان سندھی ہوتی. اگر کسی پنجابی یا بلوچی یا پشتون ماں مجھے جنم دیتی تو اسی کی بولی یا زبان اس کی نسبت سے میری مادری بولی یا زبان ہوتی. تمام دوسرے لوگوں کی طرح اپنی ماں کا انتخاب میرے اختیار میں نہیں تھا اور اسی نسبت سے اپنی مادری بولی یا زبان کے انتخاب کا بھی مجھے اختیار نہیں تھا. اس لئے اردو اتفاقیہ طور پر میری مادری زبان ہوئی.

مجھے اردو اسی قدر پسند ہے جس قدر ہر شخص کو اپنی مادری زبان پسند ہوتی ہے, اچھی لگتی ہے. لیکن اگر مجھے اپنی مادری زبان پسند ہے, اچھی لگتی ہے تو مجھے دوسرے لوگوں کا اپنی مادری زبان کو پسند کرنے, اچھا سمجھنے کا حق بھی تسلیم کرنا ہو گا اور اس کا اسی طرح احترام کرنا ہو گا جس طرح میں اپنی مادری زبان کا احترام کرتا ہوں. تاہم اگر میں اپنی مادری زبان کو دوسری زبانوں سے زیادہ پیاری زبان سمجھتا ہوں اور

دوسری زبانوں کو اس کے مقابلے میں کمتر سمجھتا ہوں تو پھر مجھے دوسری مادری زبانوں کے بولنے والوں کو بھی یہ حق دینا ہوگا کہ وہ میری مادری زبان کو اپنی مادری زبان کے مقابلے میں کمترسمجھیں اور اپنی مادری زبان کی جانب ان کے کمتری کے اظہار کو خندہ پیشانی سے اسی طرح برداشت کرنا ہوگا جس طرح میں یہ خواہش رکھتا ہوں کہ دوسری مادری زبانیں بولنے والے اپنی مادری زبان کے حوالے سے میرے احساس تفاخرکوبرداشت کریں اس پرحرف اعتراض نہ اٹھائیں. ایسا نہ کرنا برابری اور انصاف کی جانب میرے متضاد رویے اور خواہش کو ظاہر کرے گا.

اگر ہم انسانی معاشرے کو ایک گلستان سمجھیں تو اس میں بولی جانے والی تمام زبانوں کی مثال اس گلستان میں موجود رنگ برنگے پھولوں جیسی ہو گی جن میں سے ہر ایک اپنے آپ میں ایک منفرد خوبصورتی لیے ہوئے ہے ہے.گلستان کا حسن اس میں ہے کہ اس کا ہر پھول باقی پھولوں کے ساتھ مل کر اسے حسین بناتا ہے. لیکن انسانی معاشرے کے حسن و خوبصورتی کے دشمن کچھ عاقبت نااندیش, سازشی عناصر اور ان کے بیانیے کے اثر میں گرفتار بعض کند ذہن افراد بھانت بھانت کے حربوں سے کسی ایک یا دوسری زبان کو باقی زبانوں پر فوقیت دینے کی, اس زبان کی اجارہ داری قائم کرنے کی, گلستان کے کسی ایک پھول کو باقی پھولوں پر فوقیت دے کر گلستان کے حسن و خوبصورتی کو زائل کردینے کی فکر میں سازش کے جال بننے میں مصروف رہتے ہیں.

زبان کے حق کے تسلیم و تحفظ کی تاریخ 1815 سے پہلے سے ملتی ہے. 1815 میں ویانا کے معاہدے میں پولینڈ

کے لوگوں کا اپنی زبان پرحق تسلیم کیا گیا. پھر آسٹریا نے 1867 میں اپنے آئین میں تمام لسانی اقلیتوں کے قومی زبان کے حق کو تسلیم کیا. انسانوں کی اجتماعی دانش جب جمہوریت کا سفر طے کرتی ہوئی بیسویں صدی میں داخل ہوئی تو لیگ آف نیشنز اور پھر اقوام متحدہ نے بھی اپنی زبان کے انتخاب پر ہر فرد کا حق, لسانی اقلیتوں کا اپنی زبان پر حق اور ہر قوم کا اپنی زندگی کے جملہ معاملات میں اپنی قومی زبان کو استعمال کرنے کا حق تسلیم کیا. ساتھ ہی مادری زبان میں بچے کی ابتدائی تعلیم کے حق کو تسلیم کرتے ہوئے مادری زبان میں ہی بچے کی ابتدائی تعلیم پر زور بھی دیا گیا. ماہرین تعلیم اس حقیقت پر متفق ہوئے کہ بچے کو ابتدائی تعلیم اوراس کی مادری زبان میں ہی دی جائے تو وہ زیادہ اچھی طرح اور جلدی علم حاصل کرتا ہے.

لیکن ان عاقبت نااندیش افراد کا کیا کیجئے کہ جو اپنی ہوسِ اقتدار کی تسکین کے لئے جملہ جمہوری حقوق و استحقاق بزور جبرو طاقت کچل ڈالنے پر تلے رہتے ہیں اور ان کے حاشیہ بردار اہلِ علم و دانش جمہوری حقوق کی اس آبروریزی پر کبھی مفاہمت کی چادر ڈالنےاور کبھی علمی موشگافیوں کے ذریعے اس کے فوائد و فضائل گنوا کر سادہ لوحوں کو گمراہی پر مائل کرنے کی کوشش کرتے ہیں. سیاسی اقتدار پر بزور طاقت براجمان رہنے کے لئے آمرانہ و غیر جمہوری مقتدر عناصر نے زبان کو بھی استحصال کے ہتھکنڈے کے طور پر استعمال کیا. چھوٹی قوموں, لسانی اکائیوں اور اقلیتوں پر کبھی کوئی اقلیتی اور کبھی کوئی اکثریتی زبان مسلط کرنے کی کوشش کی.

زبان کسی بھی قوم یا قومیت کے افراد کی تاریخ و ثقافت, علوم و فنون اوررسم و رواج کی مخزن ہوتی ہے. کوئی قوم نئی نسل کو اپنی زبان کے وسیلے سے ہی اپنی تاریخ و ثقافت منتقل کرتی ہے. نسل انسانی بحیثیت مجموعی اپنی مختلف زبانوں میں نئی نسل کو اپنی تاریخی ترقی کا خزانہ منتقل کرتی ہے. کسی قوم سے اس کی زبان کو چھین لینے کا نتیجہ اس قوم کے ذہن و دل کو اس کے جسمانی وجود سے جدا کردینے, اس کی اجتماعی یادداشت کو کھرچ کر اسے ایک بالکل نئے اور اجنبی ماضی وحال کو تسلیم کرنے پر مجبور کرنے کے مترادف ہے جس کا مقصد کسی قوم یا مخصوص لوگوں کو جبرا اپنی منشاء کے مطابق مخصوص عقائد ونظریات، ثقافت اورنظام زندگی کا غلام بنانا ہوتا ہے. ہم اسے کسی قوم کو غلام بنانے کے واسطے اس قوم کی برین واشنگ کرنے کے عمل سے مماثلت دے سکتے ہیں

پاکستان بھی ایسے بوالہوس افراد کی دست درازیوں سے نہیں بچ سکا جنہوں نے اپنے غیر جمہوری اور آمرانہ اقتدار کو تقویت دینے کے لئے قومی استحصال کی خاطر ایک مخصوص زبان کو دیگر قومی زبانوں پر مسلط کرنے کے جابرانہ اقدام کو سیاسی حربے کے طورپراستعمال کیا اس کے نتیجے میں ہمارے ملک میں بین القومی ہم آہنگی اور باہمی محبت کے جذبوں کو شدید دھچکہ لگا اور قومی افتراق وانتشار نے اس حد تک تقویت پائی کہ ہمیں اپنے ملک کے اکثریتی حصے سے, مشرقی پاکستان کے ہموطنوں سے جدائی کا ازیت ناک صدمہ برداشت کرنا پڑا. لیکن ہمارے مقتدر حلقوں نے اس سے کوئی سبق نہیں سیکھا اورایک مخصوص زبان, اردو زبان, کو پاکستان

کی تمام قوموں پر مسلط کرنے کی روش اختیار کئے رکھی جس کے نتیجے میں, دیگر سیاسی و معاشی وجوہات کے علاوہ, ملک میں بین القومی ہم آہنگی اور اخوت کے احساسات مزید مجروع ہوئے اورملک کی مختلف قوموں کے لوگوں میں ایک دوسرے کی جانب معاندانہ اورنفرت آمیزرویے پروان چڑھے۔ اس طرح اس ملک کے عوام کو قومی تعصب کے ذریعے تقسیم وتفریق کیا گیا تاکہ وہ اپنے مشترکہ دشمن کے خلاف متحد وصف آراء ہونے کے بجائے ایک دوسرے سے دست و گریباں رہیں۔


غیر جمہوری اور آمرانہ روش اقتدار کے عادی مقتدر حلقوں اور ان کے دانشوران کی جانب سے ملک میں اردو زبان کو "قومی" یا "سرکاری" زبان قرار دئے جانے کے حق میں جو دلیل سب سے زیادہ دہرائی جاتی ہے وہ یہ ہے کہ ایک قومی یا سرکاری زبان سے ملکی ترقی کو فروغ حاصل ہوگا اور قومی ہم آہنگی اور بھائی چارا بڑھے گا. اس ضمن میں مؤدبانہ عرض یہ ہے کہ اول تو پاکستان کوئی ایک قومی ملک نہیں بلکہ اس میں کئی قومیں بستی ہیں مثلا سندھی, بلوچی, پنجابی, پشتون, کشمیری, گلگتی, بلتستانی وغیرہ جن کی اپنی علیحدہ قومی زبانیں، تاریخ و ثقافت ہے. دوئم یہ گزارش ہے کہ ہم آہنگی کا فروغ ایک دوسرے کی انفرادیت و جداگانہ خصوصیات کو دل سے تسلیم کرنے اور اشتراک باہمی سے ایک دوسرے کی ترقی میں حصہ لینے سے مشروط ہے. یہی جمہوریت کا حسن ہے کہ انفرادی خصوصیات کا پاس و احترام کرتے ہوئے مشترکہ قدروں کو اجاگر کیا جائے بجائے یہ کہ کسی ایک انفرادی قوم یا انفرادی زبان

کو جبرا مسلط کر کے اشتراک عمل کی راہ میں رکاوٹ ڈالنے کے عمل کو بے حسی اور ہٹ دھرمی کے ساتھ جاری رکھا جائے تاکہ ملک کے عوام کو قومی اورلسانی بنیادوں پرتقسیم کا شکاررکھا جائے۔ گلستاں کے حسن و خوبصورتی کو برقرار اور اسے دیدہ زیب رکھنے کی خاطر اس کے ہر پھول کی انفرادیت کی حفاظت کرنا ضروری ہے. یکسانیت اس کے حسن کو ماند کردے گی۔ اردوزبان کوملک کی تمام قوموں پرمسلط کرنے کے عمل نے بارہا اس بات کی تصدیق کی ہے اورملک کے عوام میں موجود قومی استحصال کے شکوے، اس کے خلاف غم وغصہ اورعلیحدگی کے بڑھتے جذبات اسی بات پردلالت کرتے ہیں۔ اگر ہم نے حقیقتا قومی ہم آہنگی، اخوت و بھائی چارے کی پالیسی اپنائی ہوتی توآج ہمارے ملک میں موجود مختلف قومیں ان شکایات کا اظہارکرتی دکھائی نہ دیتیں۔

فلسفي جي تاريخ

اليئتڪس

آزاد ماڇي


پرمنائيندس

اوهان سان فلسفي جي ان سلسلوار مضمون ۾ آيونا جي ٽن فيلسوفن ٿيليز، اناڪمينڊر ۽ اناڪسمينز تي ڳالهايوسين. گذريل ڪڙي ۾ پاڻ فيٿا غورث جي تفصيلي ذڪر کان پوءِ اڄ ٽن اليئتڪس اسڪول سان واسطو رکندڙ فلسفين جي زندگي ۽ انهن جي فلسفي تي ڳالهائينداسين. ان اسڪول کي اليئتڪس ان ڪري سڏيو آهي ڇاڪاڻ ته ان سوچ جا به اهم فيلسوف پارمينڊيز ۽ زينو ايليا شهر جا رهاڪو هئا جڏهن ته ٽيون صوفي منش فلسفي زينافينز جو تعلق ايليا سان ته نه هو پر هن پنهنجي زندگي جا آخري ڏينهن ان شهر ۾ گذاريا ۽ پيو هن جي فلسفي جو پاڙون به ساڳيون آهن. نه صرف ايترو پر ڪجهه مؤرخن مطابق ان اسڪول جو بانيڪار به زينافينز کي سڏيو ويو آهي. پر ڪي چون ٿا ته ان فلسفي جو بنياد وجهندڙ پارمينڊيز آهي. ايليا جي هنن فلسفين جي بنيادي سوچ مابعد طبيعاتي آهي. مطلب ته اوهان کي سندس سوچ آيوناجي ماديت پسندي واري فلسفي جي خلاف بيٺل نظر ايندي.

هونءَ به فيٿا غورث جي موت ۽ هن جي ڳُجهي جٿي جي ٽٽڻ کانپوءِ ٿيليز جي اباڻي شهر ماليٽس مٿان ايرانين 494 ق. م. حملو ڪري ان شهر کي به تهس نهس ڪري ڇڏيو هو. نتيجو هي نڪتو ته فلسفي اندر هڪ وڏو خال پيدا ٿي پيو جنهن جو پورائو اليئتڪس وارن ڪيو.

494 ق. م. ۾ لڳل جنگ جنهن ماليٽس شهر کي تباهه ڪيو ان کي جنگ ليڊ (Battle of lade) چوندا آهن. ان جنگ ۾

ايرانين شهر جي مردن کي قتل ڪيو ۽ عورتن ۽ ٻارن کي غلام بڻائي شهر جي اهم مرڪزن کي باهه ڏئي ڇڏي. اڄ به ماليٽس شهر جي تباهي جا آثار ملن ٿا. بهرحال ان شهر جي تباهي کانپوءِ سقراط کان پهرين (Pre-socrates) جي فلاسفرن جو هڪ دور پورو ٿئي ٿو ۽ جڏهن اڄ اسين ايليا جي اسڪول وارن کي پڙهنداسين ته اهو سقراط کان اڳ جي فلسفين جو ٻيو دؤر هوندو جنهن ۾ ايليا وارن سائنس، مذهب ۽فلسفي تي بلڪل نئين قسمن جا بحث اٿاريا. سوچ جي ان نئين وهڪري تي ڳالهائڻ جي شروعات اسان زينافنيز سان ڪنداسين.

زينافنيز Xenophanes

هي فلسفي آيوناجي شهر ڪالفان (Colophon) ۾ 576 ق. م. ۾ ڄائو ۽ 478 ق.م. ۾ فوت ٿيو. هن پنهنجي زندگي جا 20 سال پنهنجي اباڻي شهر ۾ گذاريا. پر جڏهن ايرانين ڪالفان تي قبضو ڪيو ته هن کي پنهنجي ڌرتيءَ تان دربدر ٿيڻو پيو ۽ زندگي جا بقايا سال هن خانه بدوشي واري زندگيءَ ۾ گذاري ڇڏيا.

هي اهو فلاسفر آهي جنهن سک ۽ آرام واري زندگيءَ کي عملي طور ڏڪاريو ۽ ماڻهن کي به سادي زندگي گذارڻ جي تلقين ڪئي. هن جي چمار 92 سال ٻڌائي وڃي ٿي. ايڏي عمر پائيندڙ هي فرد جهر جهنگ جهاڳيندو رهيو ۽ ماڻهن جي عقيدن تي سوال اٿاريندو رهيو. مذهبي شاعري ۽ گيت ڳائڻ هن جو مشغلو هوندو هو. تنهنڪري تاريخدانن جي اڪثريت هن کي فلاسفر گهٽ ۽ مذهبي سڌاريسند (Religious Reformer) طور وڌيڪ ڏسندي آهي. جيئن ته اسان کي هن جي زندگي بابت وڌيڪ مواد نه ٿو ملي تنهنڪري اچو ته هن جي فلسفي ۽ خيالن تي ڳالهايون.

زينافنيز جو فلسفو

هي پهريون فلسفي هو جنهن وڏي حد تائين يونانين جي مذهبن، ديوتائين ۽ خدائن تي تنقيد ڪري مذهب ۽ فلسفي جي وچ ۾ جهيڙو شروع ڪرايو. مذهبي سوچ هوندي به هي خود دنياواد (Freethinker) هوندو هو. هن پنهنجي شاعري ۾ آزاد سوچ جي مدد سان يونانين جي ديوتائن خلاف سوال اٿاريا

ايستائين جو هن هومر ۽ هيسائيڊ جهڙن يوناني شاعرن جي ڪل لاتي جن پنهنجي شاعري ۾ خدائن کي بلڪل اهڙيون خاصيتون ڏئي ڇڏيون آهن جيڪي خالص انساني آهن مسئلاً ديوتائين جو ڪاوڙجڻ انهن جو خوش ٿيڻ، ايستائين جو عشق معشوقي ڪرڻ کان نندين نندين ڳالهين تي وڙهڻ جنگيون ڪرڻ تائين وغيره. زينافينز پنهنجي شاعري ۾ اهڙي سوچ جي مخالف تي بيٺو ۽ چيائين ته خدا اهڙا نه ٿا ٿي سگهن. هن جي شاعري جي انگريزي ترجمي سان اوهان اندازو لڳائي سگهو ٿا.

Homer and Hesoid laid upon the gods all things that are gaults and flaws with men stealing and adultery and cheating one another.

ترجمو: هومر ۽ هسائيڊ چوري، زنا ۽ ٺوڳي جهڙيون خاصيتون ديوتائن سان جوڙي ڇڏيون آهن جيڪي اصل ۾ ديوتائن جا نه بلڪ انسانن جا ڪم آهن.

زينافينز اڳتي لکيو آهي ته جيڪڏهن خدا ڦڪي رنگ جي ماکي پيدا نه ڪري ها ته ماڻهو چون ها ته انجير سيني شين کان مٺو ميوو آهي ۽ چوي ٿو ته خدائن بابت مان ڇا به چوان پر هڪ ڳالهه واضح آهي اسان مان ڪير به خدائن بابت يقين سان ڪجهه نه ٿو چئي سگهي. هو اڳتي لکي ٿو ته انسان سمجهن ٿا ته ديوتا هنن وانگر ڄاوا آهن ۽ هنن وانگر ڪپڙا پائن ٿا. جيڪڏهن ڪير ايٿوپيا جا رهاڪو آهن. اهي سمجهندا ته هن جي ديوتا جو رنگ ڪارو ۽ نڪ نندڙو آهي پر جيڪڏهن ڪو انسان تريشن (Thracian) آهي ته سمجهندو ته هن جي ديوتا جون اکيون نيريون ۽ وارن جو رنگ ڳاڙهو آهي ساڳي طرح جڏهن گهوڙن، ڏاندن ۽ شينهن وٽ هٿ هجن ۽ انسانن وانگر هي جانور تصوير ناهي سگهن ته گهوڙو پنهنجي ديوتا جي تصوير پاڻ جهڙي ناهيندو ۽ ڏاندن جو خدا به انهن جهڙو ٺهندو ته شينهن به پنهنجو ديوتا پاڻ جهڙو ناهي ڏيکاريندو.

هي پڙهڻ کانپوءِ توهان اندازو لڳايو هوندو ته زينافينز ڪهڙي نموني مذهب ۽ فلسفي جي وچ جهيڙو ڪرايو هوندو. خدا کي انسان جهڙو پيش ڪندڙ جي ڪل لاهڻ کان پوءِ هُن چيو ته خدا صرف هڪ ئي آهي ۽ اهو خدا نه جسماني طور انسانن جهڙو آهي نه ئي سوچ ۽ سمجهه ۾ انسانن وانگي آهي. هو سڀ

ڪجهه ڏسندڙ، ٻڌندڙ سپ ڪجهه سوچيندڙ آهي. هي اهو خدا آهي جيڪو پنهنجو پاڻ کي تڪليف وجهڻ بغير ان ڪائنات جو وهنوار هلائي ٿو. پر اهم ڳالهه ته خدا ڪائنات جي ٻاهران ويهي ان کي نه ٿو هلائي پر خدا ڪائنات جي ذري ذري موجود آهي. هو وڏيڪ خدا جي ذات لاءِ چوي ٿو ته اها تبديل ٿيندڙ يا الڳ ٿيندڙ نه آهي. اها دائم قائم رهندڙ آهي.

توهان اندازو لڳايو ان دؤر جڏهن ماڻهو هزارن ديوتائن کي خدا ڪري مڃيندا پوڄيندا هئا ان دؤر هي سيني خدائن کان انڪاري ٿيڻ جي واحد خدا جي هڪ هجڻ جي ڳالهه ڪئي. نه صرف ايترو بلڪ هن اهو به چيو ته سپ ڪجهه هڪ آهي. (All is one) ائين چئي هو ڪثرت کي به وحدت شامل ڪري ڇڏي ٿو.

اسانجي سماج اڪثريت ان راءِ جي آهي ته خدا جي واحد هجڻ جو خيال چوڏنهن صديون پراڻو آهي. ان کان پهرين جا سماج ڪوڙ سارن خدائن ديوتائن کي مڃيندا هئا. پر زيناففنيز حضرت عيسيٰ کان به پنج صديون پهريون جو فلاسفر آهي هن وٽ خدا جي هڪ هجڻ جو خيال هو. ان کان علاوه هي سج چنڊ کي پاٿي جا ٻرندڙ گولا چوندو هو. سج جي باري هن چيو ته اهو زمين جي چوڌاري ناهي ڦرندو بلڪه ڪائنات جي ڪنهن ٻري واري ڪنڊ غائب ٿي ويندو آهي صبح جو هڪ ٻيو نئون سج ٿيڻ جي ظاهر ٿيندو آهي. ان دؤر سج چنڊ بابت ائين ڳالهائڻ سولو نه هو ڇاڪاڻ ته سج چنڊ خود ماڻهن جا ديوتا هوندا هئا پر هي درويش نه مڙندو هو.

ان کان علاوه زينفنيز ان دؤر بغير ڪنهن اوزار جي مدد سان هڪ حيرت وجهندڙ دعويٰ ڪئي هئي. هن چيو ته زمين تان اهو وقت به گذري چڪو آهي جڏهن زمين جي مٿان رڳو پاٿي هوندو هو خشڪي نه هوندي هئي. هن اها دعويٰ ڪهڙي بنياد تي ڪئي؟ ان جو جواب سندس تجربي مشاهدي منجهه آهي. مون پهرين توهان کي ٻڌايو ته زينافنيز خانه بدوشي واري زندگي گذاري، هو جهنگن، ميدانن جبلن مٿان هلندو هو مختلف جانورن، مڇين سپين جا ڍانچا گڏ ڪري پاڻ وٽ رکندو هو. هن ڪافي آبي بوٽا به گڏ ڪيا. هن محسوس ڪيو ته ڪوڙ سارين آبي شيون جيڪي زمين جي هيٺين سطح تي مليون آهن اهي ساڳيون

شيون جبلن جي چوٽين تي به موجود آهن. هن سوچيو ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته هي بي جان شيون پاڻ ئي هيٺان ڪان مٿي پهچي ويون؟ پوءِ هن ڪي ڳالهه سمجهه ۾ آئي ۽ چيائين ته هن ڌرتي جي مٿان ڪنهن دؤر ۾ رڳو پاڻي ئي پاڻي هو. ايستائين جو هن اهو به نظريو ڏنو ته زمين پاڻيءَ مان نڪتي آهي ۽ هڪ ڏينهن وري پاڻي جي اندر هلي ويندي ۽ وري وقت ايندو ته اها پاڻيءَ ۾ نڪري ايندي ۽ وري جانور ۽ ٻوٽا پيدا ٿيندا.

بهرحال زينافنيز پنهنجون ڳالهيون شاعراڻي انداز ۾ ڪيون جنهن جا ڪجهه حصا اڄ به ملن ٿا. پر جنهن سبب زينافنيز کي فلسفين جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي اها هن جي شاعري نه بلڪه هن جو هي تصور آهي جنهن ۾ هن چيو ته سڀ ڪجهه هڪ آهي (All is one) ۽ فلسفي اندر اها دعويٰ ڪندڙ هي پهريون شخص هو.

اڄ وحدت ۾ هيڪڙائي ته ڪجهه مذهبي حلقن جي اجاراداري آهي پر حقيقت هي آهي ته فيثا غورث، زينافنيز، سقراط ۽ ٻيا ڪوڙ سارا فيلسوف هئا جن حضرت عيسيٰ کان اڳ ۾ وحدت جي ڳالهه ڪئي. تاريخ ۾ فلسفي جي ڪتابن ۾ ان ڳالهه جا ثبوت موجود آهن. بقول والٽير جي ته سقراط جي خلاف ايٿنز جا ماڻهو ٽوڪن واري انداز ۾ چوندا هئا ڏسو سقراط ڪهڙو نه ڪافر آهي جيڪو صرف هڪ خدا کي مڃي ٿو. يعني هن دنيا مٿان اهڙو دؤر گذري چڪو آهي جنهن ۾ گهڻن خدائن کي مڃڻ وارا حق ۽ سچ تي هوندا هئا ۽ جيڪو هڪ خدا جي ڳالهه ڪندو هو ان کي ڪفر تصور ڪيو ويندو هو.

خير اهو ته هو زينافنيز جنهن سڀ ڪجهه هڪ آهي“ چئي فلاسفي جي تاريخ ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي ورتي هاڻي اسان ايليا جي اسڪول جي ٻئي فلاسفر ڏانهن هلون ٿا.

پارمينڊيز Parmenides

پارمينڊيز جي جمڻ جي صحيح تاريخ نه ٿي ملي پر اندازو هي آهي ته هو 515 ق. م. ۾ اٽلي جي شهر ايليا ۾ ڄائو ۽ تقريباً 450 ق. م. ۾ وفات ڪري ويو. زينو آف ايليا ۽ ماليسز آف سموس (Melissus of samos) هن جا بهترين شاگرد هئا جن هن جي فلسفي کي اڳتي وڌايو. هن ڪجهه عرصو زينافنيز جي

صحبت ۾ گذاريو ۽ پنهنجي دؤر جي هڪ بئي وڏي فلاسفر هيراڪليٽس جو هم عصر به رهيو. پارمينڊيز جي لاءِ اهو به چيو ويندو آهي ته هو فيثاغورث مان به متاثر هو ۽ سقراط جڏهن نوجوان هو ته هن سان مليو هو ۽ هن کي پنهنجو استاد سڏيو هئائين. افلاطون پنهنجي ڪتاب ۾ پارمينڊيز ۽ سقراط جي ملاقات جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ هن ٻنهي کي هڪ ٻئي سان بحث ڪندي ڏيکاريو آهي. جيئن ته اسان کي پارمينڊيز جي زندگي بابت گهٽو مواد نه ٿو ملي ان ڪري اسان سندس فلسفي ڏانهن هلون ٿا.

پارمينڊيز جو فلسفو

اسان کي پارمينڊيز جو فلسفو هن جي شاعريءَ مان ملي ٿو جن کي هن ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. هڪ جو نالو سچ جو رستو (way of truth) ۽ ٻئي جو نالو راءِ جو رستو (way of opinion) آهي. پارميڊيز جو فلسفو هن جي هم عصر فلسفي هيراڪليٽس جي بلڪل متضاد آهي ڇاڪاڻ هيرا ڪليٽس چوندو هو ته هر شيءِ تبديل ٿيندي آهي. اسان سماجواد جي اينڊڙ ڪڙي ۾ هيرالڪيٽس جي فلسفي تي ڳالهائينداسين جنهن ۾ هي چوندو هو ته ڪابه شيءِ دائم نه رهندي. هر تخليق ٿيل شيءِ تبديلي مان گذرندي آهي. هر شيءِ وهڪري ۾ آهي (Everything flows) هن جي سمجهه هئي ته جيڪڏهن توهان ٻيو دفعو ساڳي نديءَ ۾ گهڙندا آهيو ته نه ندي ساڳي رهندي آهي نه توهان پاڻ ساڳيا رهندا ڇاڪاڻ ٻئي دفعي ندي ۾ گهڙڻ تائين گهڻو ڪجهه تبديل ٿي چڪو هوندو آهي.

هڪ ته هيراڪليٽس جو اهو دليل ۽ ٻيو آيونا جي جڙواد فلسفين جو اهو نظريو ته ڪائنات جي هر شيءِ ڪنهن هڪ مادي عنصر مان ٺهي آهي. ٿيلز ان کي پاڻي، اناڪمنڊر لامحدود مادو، اناڪسمينز ان کي هوا ۽ فيثا غورث عدد چوندو هو. پارمينڊيز وٽ ان سلسلي ۾ هڪ منجهائيندڙ سوال هي هو ته آخر پاڻي، لامحدود مادو، هوا ۽ عدد سان ٻيون شيون ڪيئن تبديل ٿي ٺهن ٿيون؟ مطلب ته پاڻي مان هوا ڪيئن تبديل ٿي هوا ٻڻجي يا هوا ۾ اها تبديلي ڪيئن آئي جو ان مان جبل جُڙي يا اها تبديلي ڪيئن ممڪن ٿي جو هوا مان باهه ٺهي يا پاڻي مان

هاڻي ٿهي پيو؟

انهن عنصرن ۾ تبديلي ڪيئن اچي ٿي؟ هي اهو سوال هو جنهن تي پارمينڊيز تمام گهڻو سوچيو ۽ ان منجهائيندڙ سوال جو جواب اهو ڏنو ته تبديلي نالي ڪا شيءِ آهي ئي ڪونه! هن دعويٰ ڪئي ته تبديلي جو عمل جيڪو اسان کي نظر ايندو آهي، اهو دراصل اسان جي حواسن جو فريب آهي. تبديلي غير حقيقي شيءِ جو نالو آهي. اهو ڪيئن؟ ان لاءِ اسان کي هن جي "سچ جي رستي" (way of truth) کي سمجهڻو پوندو ۽ ان کي سمجهڻ ڪانپوءِ هن جو راءِ جو رستو سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي.

سچ جو رستو way of truth

پارمينڊيز تبديليءَ جي سوال تي ڀرپور حملو هي سوال پڇي ڪري ڪري ٿو ته اهو ڪيئن ممڪن آهي ته توهان ان فطرت جي باري ۾ ڪا حتمي راءِ ڏئي سگهو جيڪا هر گهڙي وهندڙ ۽ تبديل ٿيندڙ آهي؟ تبديل ٿيندڙ فطرت تي توهان جي ڳالهه ڪا دائمي سچ نه هوندي ڇاڪاڻ هر گهڙي تبديل ٿيندڙ شيءِ جي باري ۾ جيڪو ڪجهه توهان اڄ چئو ٿا اهو سڀاڻي تائين ڪجهه ٻيو بڻجي ويندو. تنهن جي ڪري هي ڪوشش ڪري ٿو ته ان وهندڙ ۽ تبديل ٿيندڙ فطرت جي وچ ۾ ڪو سچ ضرور هوندو، هي اهو سچ ڳولي ٿو ۽ اسان کي ٻڌائي ٿو ته "هجڻ" Being ئي اها شيءِ آهي جيڪا سچي ۽ حقيقي آهي. ان سان گڏ هو اسان کي "نه هجڻ" Not being جي باري ۾ به ٻڌائي ٿو ته "عدم وجود" (Not being) جو ڪو وجود ئي نه آهي. عدم وجود ڪوڙو ۽ غير حقيقي آهي. اصل حقيقت ته وجود (Being) جي آهي جنهن کي نه ڪنهن پيدا ڪيو نه ئي ڪنهن مان چائو آهي. اهو اول کان آهي ۽ آخر تائين اهو ئي رهندو. ان ۾ ڪابه تبديلي يا چرپر نه ايندي آهي.

پلا پارمينڊيز جنهن "هجڻ يا وجود" (Being) جي ڳالهه ڪري ٿو اُهو آخر ڇا آهي؟ ان کي ڪيئن سمجهجي؟ هن ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته اها ڪهڙي شيءِ هئي جنهن جي بنياد تي پارمينڊيز "وجود" جو تصور آندو؟ ان ڳالهه جو بنياد ان سوال تي آهي ته ڪائنات ڇا مان تخليق ٿي؟ "هجڻ"

being مان يا نه هجڻ not being مان؟ جيڪڏهن ڪائنات ”عدم وجود“ مان ٿهي آهي ته هي مونجهارو پيدا ٿئي ٿو ته ”ڪجهه به نه مــان“ ته ڪجهه به نه اينــدو. مطلب هي دنيا ڪنهن شــيء (Something) مـان ٺهي آهي ۽ اهو Something پارمينـڊيز وارو ”هجڻ“ آهي. شايد توهـان مـان گهڻن کي اها ڳالهه سـمجهه ۾ نه آئي هجي ته مان ان ڳالهه کي اجا وڌيڪ سادو ڪـري اوهـان جي اڳيان پيش ڪيان ٿو. ڏسو اسان جي سماج ۾ هي ڳالهه عام آهي ته ڪائنات ٺهڻ کان اڳ دنيا ۾ خدا جي ذات کـان علاوه ٻيو ڪجهه به نه هو يا توهان اڪثر دوستن کان ان سوچ سان ٺهڪنـدڙ غـالب جو هي شعر ضرور پڙهو هوندو ته

نہ تھا کچھ تو خدا تھا، نہ ہوتا کچھ تو خدا ہوتا!

هاڻي جڏهن اها ڳالهه توهان پارمينڊيز جي اڳيان ڪيون ها ته چوي ها ته ابا تڪڙ نه ڪر بهرين مـون کي اها ڳالهه سـمجهاءِ ته جيڪڏهن دنيا ٺهڻ کان اڳ خدا هو ته پوءِ ”ڪجهه به نه هو“ واري ڳالهه ٺهي ته ڪونه پـئي. جيڪـڏهن خـدا هو ته ڪجهه به نه هـو“ ڪيئن هو؟ ان سوال جي بنيـاد تي پارمينـڊيز ”عـدم وجـود“ کـان انڪاري ٿيو ۽ چيائين ته ڪائنـات ۾ هميشه ڪجهه نه ڪجهه رهيو آهي. ”ڪجهه به نه“ وجود ئي نه ٿو رکي ۽ چيائين ڪائـانت هوند يا وجود something مان پيـدا ٿي آهي اٿهوند يا عـدم nothing مان نه!!

وجود ۽ عدم کانپوءِ پارمينڊيز ”ٿيڻ“ Becoming جي عمل (Process) تي ڳالهائي ٿو ۽ اسان کي سمجهائي ٿو ته جـيئن ته شـين جي پيـدا ٿيڻ ۽ ان کـانپوءِ وڌڻ جي عمل مـان ائين لڳنـدو آهي ته شيون عدم وجود (Nothingness) مان اچن ٿيون. مثال توهـان پـاڻ وٽ ڏنو آهي. اهو ٻڻ وڏو وڻ ٿيڻ کـان پهـرين ڪـٿي هـو؟ اسـان چـئي سگهنداسـين ته اهو ٻج جي هڪ ننـڍي داڻي ۾ پوشيده هو. جڏهن ٻج زمين ۾ وجهنداسين ته ان ۾ ڦٽڻ جو عمل شروع ٿيندو جنهن کي هي ”ٿيڻ“ Becoming سڏي ٿـو. ان ٿيڻ واري عمل کي ڏسـندي انسـان سـمجهندوآهي ته شـيون عــدم وجود مان نڪـري عـدم وجـود ۾ هليـون وينـديون آهن. پر بقـول پارمينـڊيز جي اهو سڀ غـير حقيقي آهن. اهو سچ جو رسـتو نه آهي. جيڪڏهن مان توهان کان پڇان ته اڄ کان به صديون پهرين توهـان ڪـٿي هئـا؟ اوهـان جي ذهن ۾ ”نـه“ جو تصـور ايرنـدو

مطلب توهان چوندا ته توهان ۾ صديون ڀريون وجـود نه رکنـدا هئـا. اهـڙي طـرح اوهـان جي ذهن ۾ ”نه هجڻ“ جو تصـور پيـدا ٿيندو پر پارمينڊيز اسان کي سمجهائي ٿو ته چريا نه ٿيو ۽ جلدي نتيجا به نه کڍو جيڪـڏهن توهـان جو جمڻ کـان وجـود نه هو ته پـوءِ دنيا ۾ کـيئن اچي ويـا؟ يعـني توهـان کـٿي نه کـٿي وجـود ضرور رکندا هوندا، پوءِ جهڙي دنيا نهڻ جو بنيادي عنصر ٿيليز لاءِ پاڻي ۽ فيثا غورث لاءِ عدد بڻيو ته پارمينڊيز ان بنيـادي عنصر کي ”هجڻ“ being سڏيو جنهن مان کل ڪائنات تخليق ٿيل آهي.

جـڏهن کـن مـاڻهن پارمينـڊيز کـان پڇيو ته پلا ان ”وجــود“ being کي وڌيڪ واضح کــري ته هن جــواب ڏنو ته انســان ان شــيءِ کي ســمجهي يا ســمجهائي ســگهي ٿو جنهن جــون کي خاصيتون هونديون آهن. جيڪڏهن ان مـان اهي خاصـيتون کـڍي ڇـڏيون ته اها شــيءِ توهــان کي نه ســڃاڻپ ۾ اينــدي ۽ نه ئي سمجهه ۾ اينـدي. مثـال توهـان اڇو کبـوتر يا اڇي ڳئـون، کـارو کبوتر يا کاري ڳئون ڏٺي هوندي پر جيکـڏهن مـان توهـان کـان پڇا ته ”اڇاڻ“ Whitness ۽ کاراڻ ڇا آهي ته توهان مون کي سمجهائي نه سگهندا. جهڙي طرح اسـان اڇـاڻ ۽ کـاراڻ کي نه سـمجهندا آهيـون بلکل اهـڙي ريت هڪ ”وجـود“ آهي جنهن جي کا خاصيت نه آهي. اهو حـرکت کـان به پـاڪ آهي. اهو هميشه کان جيئن آهي ائين رهندو پيو اچي. ان کي اسان ”هجڻ“ سڏيندا آهيـــون. جنهن کي ســـمجهڻ لاءِ حواسن جي نه بلکه عقل جي ضرورت پوندي آهي. حواس اسان کي صرف تبـديل ٿينـدڙ شـين بـــابت ٻڌائينـــدا سچ هميشه عقل ٻڌائينـــدو آهي. دنيا ۾ ”ٿيڻ“ becoming يا عدم وجود nothing اسانکي ان کري سچ لڳنـدا آهن جو اسان جا حواس انهن کي ڏسندا ۽ محسـوس کنـدا آهن پر عقل استعمال کرڻ کانپوءِ خـبر پونـدي آهي ته انهن ٻنهي جو کو وجود ئي نه آهي.

راءِ جو رستو way of opinion


پارمينڊيز جي شـاعري جي ٻـئي حصي ۾ راءِ جي رسـتي جو ذکـر ٿيل آهي. جيکــڏهن اوهــان ”سچ واري رســتي“ جو نظريو سمجهي ويا آهيو ته راءِ جو رستو سـمجهڻ به سـولو ٿيـنـدو، ان راءِ واري رستي جو تعلق حواسن واري زندگيءَ سان آهي جــيئن

حواسن جي مدد سان اسان شين جو تبديل ٿيڻ، انهن جو پيدا ٿيڻ ۽ پوءِ واري نابيد ٿيڻ وارن مرحلن جو تجربو ڪيون ٿا ان ڪري حواسن جي بنياد تي اسان شين بابت جيڪو سچ ڳالهائينداسين اهو سچ جو رستو نه بلڪ راءِ جو رستو هوندو. هي حواسن جي علم کي ڪوڙو ۽ باطل سمجهي ٿو ۽ بڌائي ٿو ته ماڻهو جيڪي دنيا بابت پنهنجي حواسن مطابق جيڪا ڄاڻ رکن ٿا اها باطل ڄاڻ آهي. هُن حواسن جي دنيا ۾ بن تضادن جي ڳالهه ڪئي هڪ گرم ۽ ٻيو ان جو ضد ٿڌو ۽ روشني ۽ ان جو ضد اونداهي. پوءِ هي گرم کي روشني سان جوڙيندو هو ۽ ٿڌ کي اندهيري سان نسبط ڏيندو هو. دنيا ۾ جيتري گرمائش هوندي اوتري روشني ۽ زندگي هوندي. دنيا ۾ جيتري ٿڌ هوندي اوتري اونداهي ۽ موت هوندو. پارمينڊيز جو ان ڳالهه سان مقصد ڇا هو مختلف ماڻهو مختلف سمجهاڻي ڏئي سگهن ٿا.

بحرحال پارمينڊيز اهو پهريون فلاسفر هو جنهن انساني حواسن ۽ انساني عقل کي الڳ الڳ ڪري پيش ڪيو آهي. اڄ ڏينهن تائين مختلف ڏاها ۽ ذهين ماڻهو ان ورڇ تي پنهنجي ڄاڻ ۽ علم جي بنياد تي چندڄاڻ ڪندا پيا اچن جنهن ۾ ڊيڪاوٽ، ڪانٽ، هيگل، شوپنهار، مارڪس، لينن ۽ سين سنيئر وغيره شامل آهن.

پارمينڊيز بابت ڪن فلاسفرن جو خيال آهي ته هو خياليت پسندي جو ابو آهي ته ڪي وري هن کي ماديت پسندي جو ابو قرار ڏين ٿا. خياليت پسندي جو اڳواڻ ان ڪري جو هن ”هجڻ“ Being کي عقلي طور (Rational way) سمجهي سگهڻ جي ڳالهه ڪئي. اها خياليت پسندي نظريي جو بنيادي ڏاڪو آهي. جيڪي هن کي ماديت پسند سمجهن ٿا اهي چون ٿا ته هن جنهن ”وجود جي ڳالهه ڪئي اهو خلا ۾ موجود آهي ۽ جڳهه به والاري ٿو. تنهنڪري اهي هن کي جڙواد فلسفي به سڏين ٿا. اگتي هلي ڊيموڪريٽس هن جي ”هجڻ“ کي مادي سمجهي ائتم جو نظريو ڏنو جڏهن ته افلاطون هن جي خياليت پسندي مان حواس جي دنيا world of senses ۽ تصورن جي دنيا (word of ideas) کڻي هن جي خيالت پسندي کي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو. هاڻي اچو ته اسان ايليا جي اسڪول جي آخري فيلوسوف تي ڳالهايون.

زينو Zeno



ايليا جي فلاسفرن جي زندگي بابت گهڻو تفصيلي مواد تاريخ مان نه مليو آهي سقراط کان پهرين وارن فلسفين سان تقريباً ائين آهي جو اسان هنن جي زندگي بابت گهڻو معلوم نه ڪري سگهندا آهيون. بحرحال زينو ايليا جي شهر تقريباً 490 ق. م. جائو 430 ق. م وفات ڪري ويو. هي پارمينڊيز جي صحبت گهڻو رهيو ڪن تاريخدانن مطابق پنهي جو روحاني توڙي جسماني عشق به هوندو هو. ارسطو هن کي جدلياتي جو جنميندڙ سڏيو آهي بين فلسفين لاءِ هي اهڙو فرد هو جيڪو متضاد (Paradoxes) جملا دليل ڏيندو هو. هن جا دليل اڄ به مشهور آهن. جنهن ايڪليز ڪڇون وارو مثال وڌيڪ مشهور آهي. ان کان علاوه تير جو مثال به ان زمري اچي ٿو. چاڪاڻ ته هن جي ذاتي زندگي جي وڌيڪ خبر نه آهي ان ڪري هاڻي اسان هن جي ايليا اسڪول جي فلسفي کي وڌائڻ واري ڪردار بابت ڳالهائينداسين.

زينو جو فلسفو

جيڪڏهن مان لکان ته زينو کوبه فلسفي نه آهي ته يقيناً اوهان پريشان ٿيندا ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي جو هن کي فلسفي جاءِ ڏني وئي آهي؟ واقعي اهو صحيح به آهي ته هن جو پنهنجو فلسفو نه آهي. هي پنهنجي محبوب استاد پارمينڊيز جي ڏنل فلسفي کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي ٿو. هن صرف ايترو ڪيو آهي جو پنهنجي استاد جي فلسفي کي ثابت ڪرڻ لاءِ بهترين دليل ڏنا آهن دنيا جا ڏاها ذهن هن جي ڏنل انهن دليل تي اجا تائين پيا مغز ماري ڪن. هن جا اهي دليل، خدا، وقت، ڪثرت حرڪت بابت آهن.

جيئن ته اسان ان ڳالهه تي بحث ڪيو ته پارمينڊيز حواس جي دنيا کي ڪوڙو غير حقيقي سمجهي ٿو. هو تبديلي

ڪثرت وجود ڪي به نه مڃيندو هو ڇاڪاڻ ته بقول هن جي سڀ ڪجهه هڪ آهي ۽ ان ڪي هي هجڻ (being) سان به متعارف ڪرائي ٿو جنهن ۾ نه گهٽائي آهي ۽ نه ئي حرڪت آهي.

زينو پنهنجي استاد جي ان ڳالهه ڪي ڪنيو ۽ پنهنجي سمجهه مطابق اهڙا دليل ڏاهيا جن ۾ ڪثرت ۽ حرڪت جي وجود جي نفي ڪري ڇڏي. هي چوي ٿو ته ڪثرت ۽ حرڪت ۽ متضاد شيون آهن ۽ جيڪي به شيون هڪ ٻئي جي ضد ۾ بيٺل هجن اهي صحيح نه هونديون آهن.

زينو جو ڪثرت خلاف دليل

زينو چوي ٿو ته جيڪڏهن ڪثرت وجود رکي ٿي ته ان جو مطلب اهو آهي ته اها لامحدود حد تائين ننڍڙي (Infinitely small) يا لامحدود حد تائين وڏي Infintely large هوندي. مثال ڪثرت لاءِ ضروري آهي ته ان جي جسامت (Magnitude) هجي ۽ اسان جڏهن شين جي گهٽائي جسامتن ۾ ڏسندا آهيون ته پوءِ اهي ڪثريت ۾ نظر ايندي آهن. مثال طور اسان ڪوڙ سارا بال هڪ ڪمري ۾ گڏ ڪيون ته انهن ۾ گهٽائي نظر ايندي يا توهان هيئن سمجهو ته ڪائنات ۾ ڪوڙ سارا وڏي جسمن ورا سيارا آهن. جنهن ڪي لامحدود حد تائين وڏي ڪثرت چونداسين. وري اهڙي طرح جڏهن اسان ڪنهن جسم (Magnitude) ڪي يونٽن ۾ ڪَٽي ڪَٽي ننڍڙو ڪنداسين ايستائين جو اهي لامحدود حد تائين ننڍڙا ٿي وڃن مطلب اسان انهن ڪي وڌيڪ ٽوڙي نه سگهون ۽ انهن جو ڪو يونٽ نه بچي ته پوءِ اهي ڇا هوندا؟ لامحدود حد تائين ننڍڙا يونٽ. هاڻي توهان ٻڌايو ڪثرت لامحدود حد تائين وڏي هوندي آهي يا لامحدود حد تائين ننڍڙي هوندي آهي؟ توهان ڪو چوندو ته ڪثرت لامحدود حد تائين وڏي آهي ته زينو چوندو ته نه مان ثابت ڪري سگهان ٿو ته ڪثرت لامحدود حد تائين ننڍڙي ٿيندي آهي. هاڻي توهان جي ۽ زينو جي ڳالهه ۾ تضاد اچي ويو. تنهنڪري هو توهان ڪي هاڻي صلاح ڏيندو ڏس! مون ٻهرين چيو هو ته جيڪڏهن به شيون هڪ ٻئي جي خلاف ٿي بيهن ته اهي ٻئي غلط هونديون آهن. حقيقت هي آهي ته حواسن جي دنيا ۾ ڪثرت نظر اچي ٿي پر عقل جي دنيا ۾ ڪثرت نالي ڪابه شيءِ نه آهي ۾ مون

وارو استاد پارمينڊيز بلڪل صحيح ڳالهه ڪري ويو آهي ته سڀ ڪجهه ”هڪ“ آهي. ڪثرت جو وجود حقيقي دنيا ۾ ڪونه آهي.

زينو جو حرڪت خلاف دليل

زينو حرڪت لاءِ ايڪليز ۾ ڪمي وارو مثال ڏئي ٿو. فرض ڪيو ايڪليز (A) واري نقطي تي بيٺل آهي ۾ ڪچون (B) واري نقطي تي آهي جيڪو (A) نقطي جي ڪافي اڳيان هوندو آهي. پوءِ (C)، (D)، (E) ۾ (F) جا نقطا (Points) آهن جن کي انهن کي پار ڪرڻو آهي. مقابلو شروع ٿيندو آهي. جڏهن ڪچون (C) واري نقطي تي پجندو ته ايڪليز (B) وٽ پهچندو. اهڙي طرح جڏهن ڪچون (D) واري نقطي تي پهچندو آهي ته ايڪليز (C) واري تي ۾ اهڙي طرح پلي اهي پنهنجي منزل تي پهچي وڃن پر وري به مفاصلو هوندو جيڪي اهي پار ڪري نه سگهندا. مان هن جي دليل کي اچا سادي انداز ۾ بڌايان ٿو. فرض ڪيو توهان مارڪيٽ کان سفر شروع ڪيو ۾ اوهان جي منزل چامشورو ڦاٽڪ هجي. مارڪيٽ کان توهان سٽي گيٽ وٽ پهتا پر مفاصلو اچا رهيل آهي. پوءِ توهان سٽيزن ڪالوني پهتا پر مفاصلو اچا به رهيل آهي پوءِ توهان المنظر پڳا پر فاصلو اچا رهجي پيو ۾ آخرڪار توهان چامشورو ڦاٽڪ پنهنجي منزل تي پجي ويا. پر زينو اتي ئي سوال اٿاري ٿو ته منزل يا آخري نقطو چامشورو ڦاٽڪ ٿوري آهي. فاصلو ته ان کانپوءِ به آهي. يعني ته منزل جي شروعات مارڪيٽ آهي نه ئي ان جي پڄاڻي چامشورو ڦاٽڪ آهي. انساني زندگيءَ ۾ مفاصلو يا منزل آخري هوندي ڪانه آهي تنهنڪري توهان جي حواسن کي جيڪا اها حرڪت (motion) محسوس ٿئي ٿو اهو حواسن جو ڌوڪو آهي. اصل حقيقت هي آهي ته مون وارو استاد پارمينڊيز بلڪل صحيح ڳالهه ڪري ويو آهي ته حرڪت جو ڪو وجود ئي نه آهي. خبر نه آهي توهان کي ايڏي سادي ڳالهه سمجهه ۾ چو ڪونه ٿي اچي؟ مان توهان کي ٻڌايو آهي ته توهان ڪيترو به سفر ڪيو پر سدائين مفاصلو بچيل رهندو آهي جنهن کي اسان پار ڪري نه سگهندا آهيون. يعني ڪنهن جسم لاءِ ناممڪن آهي ته هڪ منزل کان ٻئي منزل تائين حرڪت ڪري. هاڻي زينو چوندو مون به متضاد ڳالهيون توهان کي ٻڌايون. ماڻهو پنهنجي منزل تائين حرڪت ڪندو آهي يا نه

ڪندو آهي؟ توهان هن ڪي جواب ڏيندا بلڪل اسان هڪ منزل ڪان ٻئي منزل تائين حرڪت ڪيون ٿا. اتي زينو توهان ڪان سوال ڪندو ته ڏسو توهان پلي هڪ منزل ڪان ٻئي منزل تائين پهچو پر وري به ڪو مفاصلو هوندو آهي جيڪو توهان پار نه ڪري سگهندا آيو. جيڪو توهان جي پهتل منزل ڪان اڳيان شروع ٿيندو آهي. ظاهر آهي توهان زينو جي ان دليل جو عقلي انڪار نه ٿا ڪري سگهو. پوءِ هو توهان کي سمجهائيندو ڏس توهان صحيح آهيو پر غلط مان به نه آهيان، پر پنهنجون ڳالهيون هڪ ٻئي جي متضاد بيهن ٿيون. نتيجي ٻئي غلط آهيون. حقيقت حرڪت جو وجود ئي نه آهي. حرڪت جي رد لاءِ هن جو تير وارو مثال به مشهور آهي جنهن هو چوي ٿو ته تير هڪ نقطي کان نڪرڻ وقت پنهنجي نشاني واري نقطي تائين پهچڻ تائين سکون (Rest) هوندو آهي. ان جي لاءِ هي دليل ڏئي ٿو ته ڪابه شيءِ هڪ وقت ٻن جاين تي موجود نه هوندي آهي. تير يا (A) واري نقطي تي هوندو يا (B) واري نقطي تي وچ اهو حرڪت ڪري مفاصلو طئي ناهي ڪندو. اهڙي نموني هو خلا وقت جي تصورن مثان انهن دليل جي پرمار ڪري ٿو. زينو جو خيال هو ته هر شيءِ خلا (Space) وجود رکندي آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو خلا وري ڪنهن ٻئي خلا پنهنجو وجود رکندي هوندي جڏهن انهن کي ضرب ڪبو ته اجا تعداد وڌي ويندو اسان حواس سان خدا کي ماپي ڪانه سگهنداسين. اها ساڳي ڳالهه ڪائنات به ڪئي آهي ته اهو اسان جو دماغ آهي جيڪو شين (Objects) تي خلا وقت جو تصور مڙهي ٿو. شيون اسان جي دماغ تي خلا وقت جو تصور نه ٿيون چاڀي سگهن پوءِ ڪانٽ به مڃي ٿو ته خلا وقت شين سان ڳنڍيل نه آهن بس اسان کي ائين لڳندو ته اهي ڳنڍيل آهن جيڪا حقيقت نه آهي. زينو به اها ئي ڳالهه ڪري ٿو ته انسان پنهنجن حواسن سان پوري حقيقت ڪڏهن به سمجهي نه ٿو سگهي. تنهنڪري جيڪو عقل پڌائيندو اهو سچ هوندو.

بحرحال شين جو حواس کي نظر اچڻ شين جو پنهنجي جوهر ڪجهه پيو هجڻ هڪ وڏو بحث آهي جنهن کي سمجهائڻ لاءِ فلسفي وڏو سفر ڪيو. هيگل ان مونجهاري کي شين جي ڏيک (appearance) جوهر (essence) جي جدليات حل

ڪــرڻ جي ڪوشش ڪــئي ته مــارڪس ان تضــادن کي مــادي طورحل ڪيو آهي، خير ان سان گڏ اسان جو ايليا جي فلسفي تي پنهنجو مضمون پورو ٿيو. پر آخر ۾ ان جو ٿورو تنقيدي جـائزو وٺڻ ضــروري ســمجهان ٿـو. توهــان شــايد ســمجهي رهيا هجو ته جهڙي طريقي سان ايليا وارا ڪثرت ۽ حرڪت کي رد ڪري رهيا آهن ان جو مطلب ٿيو ته حـــرڪت واقعي نه آهي. جيڪـــذهن حرڪت واقعي نه آهي ته پــوءِ هي جيڪو اوهــان مضــمون پــڙهي رهيا آهيو پنهنجي بســتري يا ڪرسي تي چرپر ڪــري رهيا آهيو يا ٿوري دير ڪانپوءِ اٿي توهان ماني کائيندا يا پـاٽي پيئنـدا ان ۾ جيڪا چرپر هوندي اهو دراصل چرپر نه هوندي. ائين ڪــيئن ٿي ســگهي ٿو؟ ته ان جو جواب آهي ته ايليا جا فيلسوف چرپر يا ڪثرت جي وجود کان انڪار ڪونه ٿا ڪن. ڪوبه هوش حواس وارو ماڻهو ان جو انڪــار نه ڪنــدو. اهي صــرف هي ڳالهه ڪن ٿا ته ادا توهــان جيڪا دنيا ۾ حـــرڪت يا ڪـــثرت ڏسو ٿا اهو بلڪل ائين آهي. پر اهي توهــان جي حواسن تي ســوال اٿــارن ٿا ته اهي توهــان کي صــحيح ۽ مڪمل معلومــات نه ٿا ڏئي ســگهن. حــواس جي مــدد سـان دنيا کي ســمجهڻ پنهنجو پــاڻ کي ڌوڪـو ڏيڻ آهي. زينو دنيا جي وجود کان انڪار نه ٿو ڪري اهو ان سچ جو انڪار ڪــري پيو جيڪو دنيا بابت اوهان حواسن جي بنياد تي ڳالهائيندا آهيو. هن لاءِ اصل حقيقت بئي ۽ هي دنيا هن لاءِ ڌوڪو Illusion آهي.

بحرحــال دنيا کي فــريب ســمجهندڙن لاءِ ڊبليو ٽي اسـٽيڪ (W.T.Stace) ڏادي پلي ڳالهه آهي. هن چيو:

“To call the world an illusion is not to explan it”

ترجمو: دنيا کي فريب سڏڻ ان کي سمجهائڻ نه آهي.

مطلب جيڪي ماڻهو دنيا کي فريب ســمجهي سچ جــاڻڻ جي جستجو نه ڪندا آهن اهي دراصل پنهنجو پاڻ کي ئي فــريب ڏئي رهيا هوندا آهن.

دنيا مايا آهي ڪوڙ آهي. هي ڳالهه اسان کي هندســتان جي پراڻي فلسفي ۽ مذهبي تصوف ۾ به ملنــدي آهي، پر اصل ڳالهه هي آهي ته جيڪــذهن دنيا فــريب آهي ته فلســفي جو ڪم آهي بــڌائڻ ته اهو فــريب آخر پيــدا ڇو ٿيــو؟ اهو ڌوڪو ڪنهن هــتي ڪنهن ســان ڪيو آهي. جيڪــذهن دنيا سچ آهي ته اهو به بــڌائڻ گهرجي ته اهو سچ ڇو پيــدا ٿيــو؟ دنيا کي ڌوڪو ســڏڻ يا ان کي ڪوڙو چوڻ جڻ ته ان کي بيا نــالا ڏيڻ آهي ان کي ســمجهائي نه

ٿو چئي سگهجي. تنهن جي ڪري هر فرد جو اهو فرض بڻجي ٿو ته اهو جنهن دنيا ۾ رهي رهيو آهي ان کي سـمجهي. نه صـرف ايترو بلڪه پنهنجي ۽ ڪائنات جي وجـود تي سـوال اٿـاري ۽ هن دنيا کي بهتر بڻائي ۽ ان کي هر ذي شعور مخلوق جي رهڻ لائق بڻـائي. ان سـان گڏ هي مضـمون ختم ڪيـون ٿا ۽ اسـان اينـڊڙ شماري ۾ هيراڪليٽس جي باري ۾ پڙهنداسين جنهن جي دعـويٰ هئي ته صرف تبديلي ئي دائم شيءِ آهي.

سائنس

زلزلو ڪيئن ٿو اچي؟

اسد ناريجو



زمين تي موجود انيڪ فطرتي عملن ۾ زلزلو به هڪ آهي جيڪو زمين جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي ٿيندو پيو اچي. سماجي ارتقا جي شروعاتي دؤر کان وٺي فطري لقائن جي سائنسي سمجهه نه هئڻ ڪري انسان طرفان زلزلو ۽ ان سان لاڳاپيل ڪيئي عمل (جوالا مکي، پوڏون، طوفان) مافوق الفطرت قوت جي طرفان ناراضگي يا ان جي ڪنهن اعليٰ قوتي عمل ڪرڻ جي نتيجي طور پيش ڪيا ويا آهن. پوءِ اهو يونان جو پوسِدان (posidon) هجي جيڪو خراب موڊ ۾ پنهنجو تراءِ دان زور سان زمين ڪي هٽي يا وري جاپاني ڏندڪٿا جي مطابق گوشت کور مڇي (Cat fish) جي لڏڻ جي ڪري، يا زمين ڪنهن ڍڳيءَ جي سڱ تي موجود هئڻ جي نتيجي ۾ زلزلو اچڻ جهون ڏند ڪٿائون هجن. اهي ڏند ڪٿائون اڄ جي دؤر تائين ڪنهن نه ڪنهن بگڙيل شڪل ۾ اسان جي سماج ۾ به موجود آهن.

اڄ جي اسريل سائنسي ڄاڻ ان ڳالهه کي ثابت ڪري ٿي ته انسان جي وجود ۾ اچڻ کان ڪروڙين سال اڳ زمين جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي اڄ تائين زلزلو ۽ اهڙا ٻيا فطري عمل ٿيندا رهيا آهن ۽ مستقبل ۾ به ٿيندا رهندا. انهن فطري عملن جو انسان جي اخلاق يا ڪنهن ٻاهرين قوت سان تعلق جوڙڻ بدران سائنس انهن عملن جو سبب زمين جي اندر ان جي بناوت ۾ ان ۾ ٿيندڙ لڳاتار تبديلين ۾ ڳولهي لڌو آهي.

زلزلو زمين اندر اوچتو پيدا ٿيندڙ توانائي جي نتيجي ۾ زمين جي مٿاچري جي چرپر جو نالو آهي. ان توانائي جي پيدا ٿيڻ ۽ ان جو زلزلي جي صورت اختيار ڪرڻ جي عمل کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهريان اسان کي زمين جي بناوت کي سمجهڻو پوندو. اچو ته ٿوري نظر زمين جي اندرين بناوت تي وجهون.

زمين جي اندرين بناوت (Internal Structure of Earth):

جيئن صوف کي ٻن برابر حصن ۾ ڪٽڻ کان پوءِ صوف جو اندريون حصو ۽ ان ۾ موجود مختلف تَهَه (Layers) ظاهر ٿي پون ٿا. جهڙوڪ: ٻاهرين سنهي ۽ سخت کَلَ ۽ ان کانپوءِ نرم حصو ۽ آخر ۾ ان جي وچ ۾ ٻج وارو سخت حصو. تيئن ئي زمين کي جيڪڏهن ٻن اڌ گول حصن ۾ ڪَٽي ان جي اندر ڏسبو ته زمين ۾ به موجود مختلف تَهَه نظر ايندا، جيڪي ترتيب وار هيٺ بيان ڪن ٿا:

(1) ڪِرَسٽ (Crust):

هي زمين جو بلڪل ٻاهريون تهه (Layer) آهي جنهن جي مٿان اسان سڀ رهون ٿا ۽ ان جي مٿان جبل، سمنڊ وغيره موجود آهن. هي تهه پوري زمين جي سائيز جي پيٽ ۾ تمام ٿوري موٽائي (Thickness) (جيئن صوف جي ٻاهرين سخت کَلَ) رکي ٿي، جنهن جي سراسري گهرائي (موٽائي) 30-40km آهي. هي تهه سمنڊ جي تري ۾ وڌيڪ سنهو آهي. (جنهن کي O ceanic crust به چيو ويندو آهي. جتي هن جي سراسري گهرائي 5-10km آهي. ڪِرَسٽ سخت پٿرن (Rock) جي تهيل آهي.

(2) مانٽل (Mantle):

ڪِرَسٽ کان پوءِ مانٽل جو تهه شروع ٿيندو آهي، جنهن جي سراسري گهرائي 40km کان وٺي 2900km آهي. هن تهه جو مٿيون حصو سخت پٿرن جو ۽ ان کان هيٺيون حصو (وڌيڪ گرمي پد جي ڪري) تمام نرم جيليءَ جهڙو (Jelly like) ذات يا پٿر جو تهيل آهي جنهن کي ايسٿِنو اِسفيئر (Asthensphere)

به چيو ويندو آهي. پوري مانٽل ۾ تمام گهٽي گرمي هئڻ جي ڪري پٿر گهٽي ياڳي سخت حالت جي بجاءِ گهاٽي پاٽياٽي (Denser liquid) حالت ۾ موجود هوندا آهن.

(3) ڪور (Core):

مانٽل جي تهه کان پوءِ ڪور مطلب زمين جو وچ (Centre) شروع ٿئي ٿو، جيڪو مڪمل طور لوهه ۽ نڪِل (Iron and Nickel) ذات جو ٺهيل آهي. جتي گرمي پد وڃي 6000ºc تائين پهچي ٿي. ڪور کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ ٻاهريون ڪور (Outer core) جيڪو پاٽياٽي (Liquid) صورت ۾ آهي ۽ ٻيو اندريون ڪور (Internal core) جيڪو سخت ذات جو ٺهيل آهي. ڪور جي سراسري گهرائي 2900km کان وٺي 6370km آهي. مطلب ته هي گهرائي (6370km) زمين جو بلڪل وچ آهي جنهن کي زمين جو ريڊيس (Radius) به چئي سگهجي ٿو.

اها ڳالهه ياد رهي ته مٿي بيان ڪيل زمين جا تهه اسان جيوسائنس(Geo-science)۔ جي هڪ شاخ جيو فزڪس جي مدد سان ڳولهي لڌا آهن، جنهن جي مدد سان زمين ۾ موجود پيٽروليم به ڳولهي سگهيو آهي.

لِٿواسفيئرڪ پليٽس (Lithospheric plates):

ڪرسٽ ۽ مانٽل جو مٿيون حصو جيڪو سخت پٿرن جو ٺهيل آهي، تنهن کي مِلائي لِٿواسفيئر سڏيو ويندو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي زمين جو سخت يا پٿريلو حصو. مانٽل ۾ موجود گرمي ۽ ڳريل پٿر (Magma) جي زور جي ڪري لِٿواسفيئر ۾ ڏار (Fracture) پيدا ٿي پون ٿا. جنهن جي نتيجي ۾ لِٿواسفيئر ننڍن وڏن ٽُڪرن (حصن) ۾ ٽٽي پوي ٿو. لِٿواسفيئر جي ٽِن ٽٽل حصن کي لِٿواسفيئرڪ پليٽس (Lithospharic plates) سڏيو ويندو آهي. اهي پليٽس مانٽل جي ڳريل پٿرن (جنهن کي Magma چئبو آهي) جي ڪَنوينشل ڪَرنٽس (Conventional currents) سبب (Asthenosphere) جي مٿان لڳاتار هڪ خاص رُخ ۾ چرپر ڪن ٿيون. جيڪي هڪ سال ۾ تقريباً 2cm کان 16cm تائين مفاصلو طئه ڪن ٿيون. (تڏهن ئي اسان کي انهن جي چرپر جي خبر نٿي پوي). انهن پليٽس جي مختلف رخن (Dir157ctions) ۾ چرپر هئڻ ۾ انهن جو هڪ

بـئي سـان مختلف طـريقن سـان جڙيل هئڻ جي نـتيجي ۾ انهن جي چرير (Movement) کي ٽن حصن ۾ ورهـــــــايو ويو آهي جيکي هيٺ ڏجن ٿا.

(1) ڊائــورجنٽ پليٽ بائونــڊري (Divergent plate Boundary):

هن قسم ۾ به پليٽس (Plates) هڪ ٻئي کان ڌار ۾ مخـالف رُخَ ۾ هڪبئي کان پري چرير ڪن ٿيون جنهن سبب انهن جي وچ ۾ هڪ خالي جڳهه پيدا ٿي پوي ٿي، جنهن (خالي جڳهه) ۾ مانٽل جي Magma اچي جمع ٿئي ٿي جنهن جي نـتيجي ۾ نـوان جبل نهن ٿـا. اها بائونـڊري گهـٽي يـاڱي سـمنڊ جي هيٺـان موجـود ساموندي پليٽس (Oceanic plates) جيکي Oceanic crust جون نهيل هونديون آهن جي وچ ۾ ٿيندي آهي ۽ نون ٺهنڊڙ جبلن کي مِڊ اوشـنڪ رِج (Mid oceanic ridge) جو نـالو ڏنو ويو آهي.

(2) ڪنـورجنٽ پليٽ بائونــڊري (Convergent plate Boundary):

جڏهن به پليٽس هڪ ٻئي جي طـرف مفاصـلو طئه ڪنـديون آهن ۽ ان جي نـتيجي ۾ ٻنهي وچ ۾ ٽڪـراءُ (Collision) اٿـتر ٿي پونـدو آهي، جنهن سـبب هڪ پليٽ (گهـٽي گهاٽـائي هئڻ ڪـري) هيٺ مانٽل جي طرف ڪِري (Subduct) پوندي آهي ته ٻي پليٽ (گهٽ گهاٽائي هئڻ ڪري) سندس مٿـان اچي وينـدي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ تمام وڏيون جابلو قطارون (Mountain Ranges) نهن ٿيون. يورپ جا ايلپس ۽ پاڪستان ۽ انديا جا هماليا بائونڊري به انهيءَ ڪـري ئي نهيا آهن، ۽ اج به انهن جي اونچـائي وڌنـدي رهي ٿي.

(3) ٽرانســفارم پليٽ بائونــڊري (Transform plate Boundary):

هن قسم ۾ به پليٽس مخـالف طـرفن ۾ ۾ هڪ بـئي سـان ويجهيون ٿيون گذرن، جنهن ڪري انهن جي وچ ۾ رگڙ ٿي ٿئي ۽

گاڏ (Friction) پيدا ٿو ٿئي، ۽ نتيجي ۾ انهن پليٽس جي پٿرن ۾ تمام گهڻي توانائي جمع ٿيندي رهي ٿي.

مٿي ٻڌايل لِٿواسفيئرڪ پليٽس ۾ انهن جي چُرپر جي نتيجي ۾ اسان ڏٺوسين ته ڪيئن مختلف پليٽ بائونڊريز وجود ۾ اچن ٿيون ۽ انهن جي وچ ۾ ٽڪراءُ هڪ لازمي عمل بڻجي ٿو پوي. جڏهن اهي پليٽون ٽڪراءُ (Convergent plate Boundary) ۾ يا هڪ ٻئي سان رڳڙ (Transform plate Boundary) ۾ هجن ٿيون ته پٿرن (ياد رهي ته اهي سخت پٿرن جون ٺهيل آهن) تي زور لڳڻ ڪري توانائي جمع ٿيندي رهي ٿي. جيئن هڪ سنهي ڪاٺي کي اسان ٻنهي هٿن سان زور لڳايون ته اهي مڙي ويندي ۽ اهو زور ڪاٺي ڪنهن هڪ حد تائين برداشت ڪرڻ ڪانپوءِ ٽٽي پوندي آهي، تيئن ئي پٿر به زور کي روڪڻ ۾ توانائي جمع ڪرڻ جي هڪ حد تائين صلاحيت رکن ٿا، پر جڏهن اها صلاحيت وڌيڪ زور جي نتيجي ۾ کُٽي پوي ٿي ته اهي پٿرن جا وڏا حصا ٽٽي پون ٿا (جنهن کي FAULTS چيو ويندو آهي) ۽ انهن ۾ جمع ٿيل توانائي ٻاهر نڪرڻ سبب اها لهرن (Waves) جي صورت ۾ زمين جي هر طرف پکيڙڻ شروع ٿي ويندي آهي. (جيئن ٽيبل تي زور سان مُڪَ هڻڻ سان ان ۾ لرزش Vibration پيدا ٿي پوندي آهي) ۽ جڏهن اهي لهرون جنهن ۾ توانائي هوندي آهي) زمين جي ڪِرَسٽ جي مٿاڇري ۾ اچي پهچن ٿيون ته ان ۾ لرزش (Vibration) پيدا ٿي پوي ٿي جنهن کي اسان زلزلي جو نالو ڏيندا آهيون. اها جڳهه جتان اها توانائي (پٿر ٽٽڻ ڪري) پيدا ٿئي ٿي ته ان کي زلزلي جو مرڪز چيو ويندو آهي. زلزلي جي شدت مرڪز جي گهرائيءَ تي پاڙي ٿي. جيتري مرڪز جي گهرائيءَ گهٽ هوندي ته زلزلي جي شدت اوتري ئي وڌيڪ هوندي.

پاڪستان ٽن لِٿواسفيئرڪ پليٽس انڊين پليٽ، يوروشين پليٽ ۽ عربين پليٽ، جيڪا Ocean plate آهي، جي ڪنورجنٽ بائونڊري تي موجود آهي. تنهنڪري پاڪستان (جاپان جيان) دنيا جي انهن خطرناڪ ملڪن مان هڪ آهي جتي شديد زلزلا اچڻ جا تمام گهڻا امڪان موجود آهن. حال ئي ۾ اينڊڙ زلزلو (جنهن جي مرڪز جي گهرائي 212km ۽ شدت 7.5 R.S هئي)، 2005ع جو ڪشمير وارو زلزلو (جنهن جو مرڪز 32km، ۽ شدت 7.6 R.S هئي) ۽ 1945ع ۾ مَڪران (بلوچستان) ۾ اينڊڙ زلزلو ۾

سونامي ان ڳالهه جو ثبوت آهن. هتي هڪ ڳالهه غور جوڳي آهي ته جاپان ۾ 8.1 ريڪٽر اسڪيل جو زلزلو اچي ٿو ۾ هڪ ماڻهو فوت ٿو ٿئي ۽ پاڪستان ۾ 7.6 ريڪٽر اسڪيل (ڪشمير زلزلو 2005ع) جي زلزلي جي نتيجي ۾ هزارين ماڻهو زندگي وڃائي ويهن ٿا ۾ لکين ماڻهو بي گهر ٿيو پون! آخر ايترو فرق ڇو آهي؟ غور ڪجي ته اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته اهو زلزلو ناهي جيڪو تباهي آڻي ٿو پر زمين تي ٺهيل اڏاوتون آهن جيڪا تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿيون.

پاڪستان ۾ موجود حڪومتي نااهليءَ ۾ لاپرواهيءَ ڪري هتي بلڊنگ ڪوڊس مطابق گهر يا فليٽ نه هئڻ سبب هتي تباهيءَ جا امڪان وڌيڪ آهن. زلزلا تاريخ ۾ ايندا رهيا آهن، اڄ پيا ۾ مستقبل ۾ به ايندا رهندا. اسان زلزلن کي روڪي نٿا سگهون پر ان مان ٿيندڙ تباهيءَ جي اثرن کي گهٽ ضرور ڪري سگهون ٿا.

ادب

مختصر ڪهاڻيون

علي رضا قاضي

ڪپڙا پيا پليت ٿين!

مسافر بس بيهاري چڙهڻ ڪانپوءِ هن مسافرن کي ڪنڌ هيٺ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. نائين ايم ايم پسٽل سان ڪجهه ماڻهن کي ئي مٿي ۾ گوليون هڻي رکجي ويو!!

چهري تي اضطراب جي ڪيفيت ڇائنجي ويس!

”مجاهد، ڇا ٿيو، ڇو رکجي وئين...!؟“ـ پويان همراهه هڪل ڪري پڇيس.

”ڪجهه نه بس ڪافرن جي رت سان ڪپڙا پيا پليت ٿين!“ هن بيهر فائر ڪندي قدري سڪون سان جواب ڏنو.

ڪمائي جي سيزن...!!

”ظهور پٽ! آرام جا ڏينهن ختم... هاٽي تيار ڪري.

جُمن ٽيڪسي واري کي به ٻڌاءِ، لائوڊ اسپيڪر به ڪار ۾ سيٽ ڪرڻا آهن...

...ـ ۽ ها تون به ڪارا مرچ ڪائي نڙي کي تکو ڪر... يڪو اعلان ڪرڻا اٿئي...

ها، پيو ٻڌ! غريبن ۽ مسڪينن جي مدد بابت قرآن جون ڪجهه آيتون، ڪجهه حديثون ۽ شاهه جا بيت به ياد ڪري وٺ... ماڻهو وڏا حرامي ٿي ويا آهن، غريبن جي مدد نه ٿا ڪرڻ چاهين...

پيو هن پيري سامان ڪان وڏيڪ روڪ ڏوڪڙن جي اپيل ڪجان...

...ـ ۽ ها وسري نه وڃئي، سون چاندي ڪنهن ڪان به ناهي وٺڻو... اڳئين پيري به پورا به تولا سون ڪوڙو لڳي ويو هو...!

پوڙون روز روز ته ناهن اينديون... سيزن آ سيزن ڪمائي وٺون...!!“

ڪريم داد! هڪ ساهي ۾ پٽ ظهور کي مڪمل هدايتون ڏئي ويو.

سول سوسائٽي

منهنجو وڏو ياءُ سول سوسائٽي جو سرگرم ميمبر آهي. خاص ڪري ملڪ ۾ جڏهن به قتلام ٿئي ته سنگت طرفان مقتولن جي ياد ۾ ’ميڻ بتيون روشن پروگرام‘ جو بندوبست هن جي حوالي هوندو آهي!

ڪراچي ۾ ٽيل ڪوس تي به هو چپ نه رهيو، مونکي پئسا ڏيندي چيائين ته بازار مان ميڻ بتيون وٺي اچان، ان ڪان اڳ چپن ۾ ڪجهه پڙڪندي، آڱرين تي ڳڻپ ڪانبوءِ ڳالهيائين ”پوريون پنجاهه نه گهٽ نه وڌ...“ مان سمجهي ويس ته پنجاهه ماٺهو مري ويا آهن ان ڪري اوتري تعداد ۾ ميڻ بتيون گهرائي پيو.

اهو اتفاق چئجي يا پيو ڪجهه، مان يل ۾ هڪ سو ميڻ بتيون وٺي آيس! وڏيڪ ڏسي ڀهريائين ته ڪاوڙيو پوءِ مسڪرائيندي باقي وڌيل 50 ميڻ بتيون مون ڏانهن وڌائيندي چيائين،

”هي وٺ هتيڪيون ڪر، جلدئي ڪم ايندئون!!...

مائٽ ممو

مائٽ ممو ڪي الائي ڇا ٿي ويو جو هن اوچتو پنڻ شروع ڪيو!!؟؟ مموءَ جي پنڻ ڪري بچاءَ بند جي پنهي پاسن ۾ آباد اسان جي برادريءَ ۾ ڪاوڙ ۾ حيرت هئي!!

پلا چو نه هجي، اسان ڪچي پڪي جا بادشاهه هئاسين. وڏا وڏا ڏاميچ به اسان جي تر ۾ ڏوهه ڪرڻ ڪان اڳ اسان جي آڱڪي پريندا هئا، ڪنهن بي برادري واري ڪي مجال هئي جو اڪ ڪٽي اسان ڏانهن ڏسي! پرواري شهر ۾ وڃي اتي ڏاد مڙسي ڏيکاري ۾ پوءِ فقط اهو بڌائڻ ته ’اسان فلاڻا آهيون‘ ئي ڪافي هو. انهيءَ ئي شهر ۾ ممو پنڻ شروع ڪيو جنهن جي ڪري اسان جي برادريءَ تي حيف اچي رهيو هو. مون سميت برادريءَ جي ڪافي ماڻهن مائٽ ڪي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو پنڻ بند ڪري پر مائٽ هو جو مڙڻ جو نالو ئي نه پيو وٺي!

ممو، منهنجو مائٽ ۾ پاڙيسري به هو، مونکي هن بابت ڄاڻ هئي ته وقت جو پلوڙ رازو هو پر پيريءَ جي ڪري ڪير به هن

کي ڪم نه ڏيندو هو. ماڻهن جو خيال هو ته هاڻ هن جي ڪم ۾ ڦڙتي نه رهي آهي. 5 ڏيئرن ۾ نندي پٽ جي پيٽ جي دوزخ پرڻ لاءِ هن گهٽائي جتن ڪيا هئا.

مائٽ ممو جي پنڻ جو مامرو برادري ۾ سنجيده رخ اختيار ڪري رهيو هو. آخر فيصلو ڪري سچي مرشد ڏانهن نياپو ڪيوسين ته هو اچي مائٽ کي سمجهائي ته پنڻ بند ڪري.

مرشد سائين، جنهن کي هونءَ به ساليانو ڏن وٺڻ لاءِ اچڻو هو سو نياپي جي ملڻ کانپوءِ ترت پهچي ويو. شام ڌاري برادري جا معزز وڏيري ڳامڻ جي اوطاق تي گڏ ٿيڻ شروع ٿيا، جتي مرشد جي ديدار، ڏن پرڻ سان گڏ مائٽ ممو جو معاملو به نبيرڻو هو. مرشد، ممو ڏي نهاري هن کي چوڻ لڳو ”ممن بابا، چو ٿو پنين، چو پيو برادري وارن جو منهن ڪارو ڪرائين...!!؟؟

مائٽ ممو جيڪو اچڻ کانپوءِ خاموش ئي ويٺو هو، مرشد جي سوال تي هن جون اکيون ڪروڌ ۾ پرجي آيون، پنهنجي مخصوص لهجي ۾ چوڻ لڳو:

”مرشد سائين! پنو ته توهان به ٿا، مان ڪڏهن توهان کي چيو! هر سال مسڪين ماڻهن کان ڏن وٺڻ نه پلا ته يلا چا آهي...؟؟

مائٽ ممو جو جواب ٻڌي، ڪچهري ۾ ڪجهه دير لاءِ سانت ڇانئجي وئي، مرشد جون اکيون ڳاڙهيون تي ويون پر هو چپ ئي رهيو. وڏيرو ڳامڻ اتي ويٺو هڪل ڪري چيائين: بي پيرا، مروان، ڪميڻا، بيغيرت توکي شرم نه آيو مرشد کي اهڙا لفظ ڳالهائيندي، اٿ نڪر، منهنجي اوطاق مان، نه ته مٿي ۾ ڌوڙ وجهندوسانءِ!

انهيءَ ڏينهن گهڙي کانپوءِ ڪنهن به مائٽ ممو کي نه ڏٺو. برادريءَ وارن جو خيال آهي ته ممو مرشد جي توهين ڪئي هئي انهيءَ ڪري هن کي سائينءَ جا جنَ، ڪوه قاف ڏانهن کڻي ويا. برادريءَ وارا اهو به سمجهندا آهن ته مان انهن سيني کان وڌيڪ پڙهيل آهيان، منهنجو به اهو ساڳيو خيال آهي ته مائٽ ممو کي سچي مرشد جا پالتو جنَ کڻي ويا هوندا!!!

واپار!

قادن: ادا علي مراد، مان 90 هزار کان وڌيڪ هڪ ٽڪو نه

ڏيندس...
علي مراد: ادا شابس اٿئي جو قدر تو ڪرين... نه ايئن نه ٿيندو!
شاهن: چاچا علي مراد، 90 هزار به لک جا پائر آهن لک گهٽ ته ناهي...؟؟
سومر: چاچا قادن ادا شاهن، منهنجي پيڻ ڳوٺ جو نڪ آهي، اصل لاٽ آهي لاٽ... توهان صفا گهٽ پئسا پيا ٻڌايو...!
”بابا، پلا پنج هزار وڌيڪ ڏيون...“ شاهن قادن جي ڪن پٽڪيو.
”نه هڪ روپيو به نه چوڪري منهنجي ڏنل آهي، 50 هزار به نه لهي، بس تنهنجي ضد ڪري 90 هزار چيا آهن...“ قادن، شاهن کي جهٽڪ ڏيندي ڳالهايو، جيڪو بين به ٻڌو.
”قادن! ولوءَ وارن لک 20 هزار چيا هئا، رڳو تنهنجي سر جي ڪري لک چيم، نه ٿا ڏئي سگهو ته انڪار سمجهو...!!“ علي مراد، فيصلو ٻڌايو.
”اڙي ادا، وڙهو نه... نه لک نه 90 هزار بس 95 هزار... بس پائر تي وڃو...“ وچ آيل دادن، ٻنهي ڌرين کي ٿاهي ڇڏيو.
”مبارڪون... مبارڪون...... مبارڪون.“
قادن، علي مراد کي پتاشو کارائيندي چيو. ’مبارڪون‘ چوڻ ويٺلن هن جو ساٿ ڏنو.

....

پت جي اوٽ بيٺل، نوريءَ ٻنهجي وارن تان هٿ هيٺ منهن تي آندو، اهو يقين ڪرڻ لاءِ ته هوءَ جانور آهي يا انسان...!؟ ان وچ هن جي ڳلن تان به ڪوسا ڳوڙها، رئي کي ڇهندي هيٺ ڌرتيءَ جي ڌوڙ گم ٿي ويا...

سچ، زمين تي
ماستر الهچائي جي زندگيءَ نندڙيون قيامتون تڏهن ڪان ئي شروع ٿي ويون هيون جڏهن رٽائر ٿي گهر ويٺو هو. پنج جوان نياڻيون نندڙو پٽ، هاٽي گذر ڪيئن ٿيندو؟ اهو سوچي هن کي سچ ڪجهه ڪانا هيٺ لهندي محسوس ٿيندو هو.
پينشن جا ڪاغذ نهرائڻ اڪائونٽس آفيس ويو ته ڪلارڪ جي جملي ”چاچا، تون ته سرڪاري ڪاغذن مئل آهين...!؟“

پيرن هيٺيان زمين ڪـدي ڇـڏيس، هن ڪوبه جـواب نه ڏنـو، بس چپن ۾ پڙڪيو ”ها مـان مـري ويو آهيـان!“ اهو سـوچي مـذهبي حڪم ڪي رد ڪيـائين ته ”بچڻ جي تڪليف ڪـان دوزخ جي اذيت وڏيڪ نه هوندي، مان رشوت ڏئي ڪم ڪرائيندس!“

حقيقي قيامت تڏهن بريا ٿي جڏهن پاڙيسـريءَ در کڙڪـائي ٻڌايس ته سندس ڌيءُ شگفته، رڪشا ڊرائيور سـان رنگ رليـون ملهائيندي پڪڙجي ٿاڻي تي وڃي آهي.

شگفته، سـندس وڏي نيـاڻي، جنهن کي اهو سـوچي خـانگي اسـڪول ۾ نـوڪري جي اجـازت ڏني هئـائين ته ڇلهه جي ٻاهه ٻارڻ ۾ پيٽ جي اجهائڻ ۾ مدد ملندي!!

استاد الهه بچايو، نندڙي پٽ محسن سان ٿـاڻي تي پهتـو. ان ڏينهن ٿـاڻو، ٿيـٽر جو ڏيک ڏئي رهيو هـو. هو ڳـرن قـدمن سـان صـوبيدار جي آفيس ۾ داخل ٿيـو. ان ڪمـري ۾ ئي شـگفته ڪنڌ جهڪايو ويـٺي هـئي. ڌيءُ کي ڏسي هن جو ڪنڌ به جهڪي ويـو. اکين مـان ڳوڙها لارون ڪــري وهڻ لڳس. صـوبيدار کي هن تي رحم اچي ويـو. جـيئن ٻگهڙ کي رڍ تي ڪهل اچي وڃي. هن جي پرسان آيو. ”بابـا، رو نه پنهنجي ڌيءُ کي وٺي وڃ... پر ڪنهن به ريت صحافين کي روڪ ته خبر نه هلي نه ته منهنجي لاءِ مسـئلو ٿي ويندو!“ صوبيدار هن جي ڪلهي تي هٿ رکي ڳالهايو.

پيرسن اسـتاد، نـراس اکين سـان اتي ئي موجـود صـحافين جي اڳواڻ ڏي ڏٺو، جيڪو شگفته جون تصويرون ڪـدي رهيو هو. هن ٿڪل انـداز ۾ وک کنـئي. صـحافي هن کي پـاڻ ڏانهن اينـدي ڏسي اتي هن جي پرسان آيو. ”چاچا، صوبيدار توهـان کي ڇـڏي ٿو ته اسـان به ظـالم نـاهيو..... بس في اخبـار هڪ هـزار روپيا ڏيو... ۽ شهر ۾ چاليهه نمائندا آهن....

ڳالهه ٻڌي هن تيز روشني محسوس ڪئي هن جـون اکيـون بند ٿي ويـون. ايئن لڳس ته سڄ ڪجهه ڪانا نه پر پـاڻ زمين تي لهي آيو هو.

۽ دوسوءَ ڪان نچڻ وسري ويو!!

دوسوءَ جي ڳوٺ ۾ ٻهريون حملو اسڪول تي ٿيـو، بم هـٽي عمـارت کي اڏائي بـاقي حصو مسـمار ڪيو ويـو. حملو ڪنــڙ سامهو نه آيا، هنن ڳوٺ مان ئي ونگاري هٿ ڪيا هئا، جن سـاڻ

دهلاري به هو. اسڪول جي هر ڪِرنڊڙ سِرَ تي ڏوئنڪو لڳو تال تي دوسو....!!

پيو حملو ڳوٺ جي اسپتال تي ٿيو، هن پيري به پنهنجن ئي ڪم تمام ڪيو. دهل وڄائيندڙ مگٽهار به ڳوٺ جو ئي هو. جنهن جي وڄت تي دوسو ڪي ضرور نچڻو هو.

تعليم صحت جا ادارا تباهه ڪرڻ ڪانپوءِ دشمن جا حوصلا بلند ٿي ويا.

هاڻي هنن ڏائنڻيون ڪرائي تي هٿ ڪيون جيڪي ڳوٺ معصوم ٻارن کي اغوا ڪري هنن جون دليون سيني مان ڪڍي کائڻ لڳيون. منصوبو هيءُ هو ته ڳوٺ وارن جي نسل کي تباهه ڪجي واردات جو طريقو به ساڳيو.... مطلب جي ڏهن به واردات ڪبي ته پاڻ سان دهلاري ضرور ڪٽبو. جنهن جي دهل تي دوسو ان جهڙا نچندا رهن، مامرن کان بي خبر رهن.

ڏائنڻن هڪ هڪ ڪري برباد ڳوٺ کي برباد ڏانهن ڏڪڻ شروع ڪيو آخر دوسوءَ جي گهر جو وارو به اچي ويو.

هن جي معصوم پائرن کي سندس سامهون چيري ڦاڙي ماري ويو. ساڳي وقت دهل به وڄندو رهيو. دوسو پنهنجي عادت مطابق نچڻ لاءِ پير کنيا پر هن کي پنهنجا قدم ڳرا محسوس ٿيا. هن ڪوشش ڪئي، اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويا.... هو سڏڪا پري روئڻ لڳو، اها حالت ڏسي دهلاري واجي واڏارو ڪري ڇڏيو، دوسوءَ جو سڄو جسم ٻگهر شل ٿي ويو. هن پنهنجي طرفان نچڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي، پر دير ٿي وئي هئي، هن کان نچڻ وسري ويو هو. هن شڪسته ٿي اکيون پوري ڇڏيون...!!

دوسوءَ سان گڏ منهنجون اکيون به بند ٿي ويون عثمان هاروني جو شعر ذهن جي پردي تي تري آيو.

ئو آن قاتل ڪ از بر تماشا خون من ريزی

من آن بسمل ڪ زير خنجر خونخوار می رقصم

(تون اهو قاتل آهين جيڪو صرف تماشي لاءِ منهنجو خون وهائين ٿو مان اهو ڪٺل آهيان جيڪو خونخوار خنجر جي هيٺان نچندو رهان ٿو)

نيٺ مولويءَ ڳالهايو!


پشاور سانحي کي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. مولوي صاحب نه جمعي جي خطبي ۾، ان تي ڳالهايو نه ڪڏهن پنهنجي خانگي ڪچهري ۾ ان وحشتناڪ واقعي تي مذمت جا به لفظ چيا...!! جڏهن به معصوم ٻارن جي دردناڪ قتل جي ڳالهه نڪتي ته مولوي صاحب موضوع بدلائي ڇڏيو!

اڄ صبح گهٽي ۾ مليو، همراه جي چهري تي تبسم هو. محسوس ٿيو ته خوش آهي. مونکي ٻيهاري چيائين،

”ماستر ٻڌو آ ته جن همراهن پشاور ۾ ٻارن کي ماريو هو انهن جا طوهر ٿيل نه هئا!!“

حسن مجتبیٰ کی کتاب "کوئل شہر کی کتھا" پر لکھا گیا ایک تبصرہ

بشیر شاہ



میں جس شخص کی بات کر رہا ہوں، کرنا چاہ رہا ہوں، پتہ نہیں وہ پاگل تھا کہ آوارہ، باغی تھا یا فراری، پر وہ کافر اپنے کفر پہ بڑا نازاں تھا۔

وہ جس کے ساتھ تعلق، گزرے دنوں کی یاد یا ملنا جلنا ایک اعزاز سمجھ کر بیان کیا جارہا ہے۔ کیا یہ سب لوگ جانتے ہیں کہ یہ اعزاز ایک تعزیر ہے۔

کیونکہ یہ دیس، تہمتوں، ملامتوں، لعنتوں اور تعزیروں کا دیس بن گیا ہے۔ لیکن انسانی تاریخ میں تو تعزیریں ہی معتبر ٹھہریں، سو اس گندے، خطرناک بندے سے نسبت جوڑنے والوں کو سب تعزیریں مبارک! پر عجب یہ کہ اس دیس میں تو وہ کب کا تاریک راہوں میں مارا گیا تھا جب اس نے اپنے اور ہم سب کے یار درس حسن کی ایمان کو خطرے میں ڈالنے والی نظم کو اپنے وجود، اپنے جسم کے رقص سے پیش کرنے کا اعلان کیا!

میں تیرا وہی ابھچند!
تہمتوں کے دیس میں
دھندلی شام کے اس شہر میں
تیری عریانی کے کتب خانے کے سامنے

درد کے بھرے پیالے
خود میں انڈیلتا، گھولتا ہوں
خود ہی خود کو ٹوکتا ہوں!

وہ ابھچند تو تھا ہی پر وہی تو سرمد بھی تھا، دھڑنگ سرمد جس کے قدموں میں فیثا غورث اور سقراط کا ہمنوا ابوالکلام آزاد سویا ہوا ہے۔

سو اس نے جسم کی شاعری کی، رقص کیا اب وہ رقص، رقصِ درویشاں تھا کہ رقصِ بسمل رائیگاں! اس سے کسی کو کوئی مطلب نہیں ہونا چاہیے کیونکہ وہ تو بس پھر تاریک راہوں میں مارا گیا، درد کے دار کی خشک ٹہنی پہ دارا گیا۔ میرے عہد کی داستاں میں جب اس نے ظلمتوں کے نصاب کو پڑھ لیا سمجھ لیا تو اس نے خود پہ آگہی کا عذاب ڈھالیا۔

آکے سجادے نشیں قیس ہوا میرے بعد
نہ رہی دشت میں خالی کوئی جا میرے بعد

اس نے دشت جنوں کو کہا کہ ر برخار کو تیز رکھے کیوں کہ اسے آس تھی کہ "شاید آجائے کوئی آبلہ پا میرے بعد"

فیض نے کہا "میرے درد کو جو زباں ملے، مجھے اپنا نام و نشاں ملے" سو یہ اپنا نام و نشاں ڈھونڈنے جوگی بن گیا کیوں کہ فیض نے اسے یہ بھی تو نوید دی کہ "جس کی خاموشی کو زبان ملی، بیاں ملا، اسے کائنات کی سروری اور دولت دوجہاں ملے گا" پھر یہ اس گورکھ دھندے میں پڑگیا شاید تب ہی تو تاریک راہوں میں مارا گیا، پر اس کی روح، معصوم، پاکیزہ اور خطرناک باغی روح زندہ رہی، پائندہ رہی اور اس کی آنکھیں نہ صرف زندہ، کھلی ہوئی، تیز

بہت تیز، پہلے سے دور بہت دور، گھور اندھیروں میں بھی دیکھنے کی اہل بن گئیں، تبھی تو اس کی روح اور آنکھوں کی باغی اور ملامتی آوازیں ہرسو سنائی دینے لگیں تب اس روح اور آنکھوں نے چھوٹے بچے کا پیکر پہن لیا اور ایک زمانے کے بعد جب وہ ایونیو ففتھ پر چلتے ہجوم میں کھوگیا تو پھر ایلن گنسبرگ کے ہمشکل بوڑھے کے روپ میں ظاہر ہوا اور اسے اپنے خیال کی انگلی پکڑائے دور سیہون کی گلیوں میں لے آیا، وہ بھی سربازر می رقصم!

"ایک شاعر کا وطن
اس کی آنکھیں"

اب ایونیو ففتھ بھی اس کا تو سیہون کی گلیاں بھی اس کی اب اس نے سندھو کے کنارے لکھے ہوئے رگویدوں کے سارے شبدوں کو بھی خود میں اتارا اور قرآن کی ساری آیتوں کو بھی اس نے اپنالیا ہے۔ سوثناخواں تقدیس مشرق کو مبارکباد تو دوہے پر یہ کیا کہ وہ چاغی کا باغی اور پوکھران کا منکر بھی بن گیا ہے۔ بلکہ سرعام اورنگ زیب کی ساری خدائی کا بھی منکر ہوچکا! کوئی تو اٹھے حضرت جنید بعدادی!" اس نے تو "بعداد" کردی ہے پر یہ کیا وہ تو وطن کی جدائی کا گیت گاتے خود میں لوٹ آنے کی دہائی بھی دے رہا ہے۔ جب اسے ویلفیئر دفتر کے باہر پین ہینڈلر "مدد فکرز" کہتا ہے تو اسے جلاوطنی گالی سی لگتی ہے، خودکشی کی سوتیلی بہن لگتی ہے جس کے ساتھ یہ چند دھائیوں سے مسلسل سویا ہوا ہے حالانکہ یہ یوسف نام کا لڑکا تو نہیں؟ یہ جلاوطنی ہے جو شاعر کی محبوبہ بھی ہے۔ اب یہ محبوبہ ہو

یا محبوب کیا فرق پڑتا ہے ویسے بھی یہ خودکشی کو اپنے دیس کا قومی ترانہ بنتے دیکھ رہا ہے تو بتاؤ باقی کیا دیکھنا بچا ہے کہ سیلفی کا اردو ترجمہ خود کی لینا ہے!

"تم جو کچھ ہو اس ہونے کا شور میرے کانوں میں اس قدر زیادہ ہے کہ تم جو کچھ کہتے ہو مجھے سنائی نہیں دیتا" اب ایمرسن کوکون سمجھائے کہ اس روح اور آنکھوں کے پیکر کے ساتھ ایسا کچھ بھی نہ ہوا بلکہ وہ تو عشق بن کر ہر چشم تر میں رہنے لگا ہے اور یہ واقعتاً عجیب مخلوق ہے جو سارے درد کے سارے آنسوؤں کے پانی کے گھر کا مکین بن چکا ہے۔ یہ جب بھی لکھتا ہے اور اس میں جو کہتا ہے وہ تاریخ کی لمبی چیخ سی سنائی دیتی ہے یا وہ چیخ جو بجرنگی بھائی جان کی محبت کی شدت سے اس معصوم گونگی لڑکی کی زبان سے نکلنے والے پہلے شبد کی ایسی چیخ جو طوفان بن کے سرحدوں کو زرد پتوں کی طرح اڑادیتی ہے یہ سب اس لئے کہ یہ آنکھیں اور روح نامی شخص اپنے دور، ہر دور کی زبان بن گیا ہے۔

ایک اور پاگل گمشدہ بچے وسعت اللہ خان کے دیس کا شاعر کہتا ہے

"میڈے اگوں سندھ پیا وھندی،
میڈے، میڈے پیو دا محسن،
ساری دھرتی دا لجپال،
ساری دھرتی میرے اندر
میڈے قد میں سندھ دا پاٹی
سر تے پیر فرید دا سایا میں دھرتی دا پتر

پر اس دیوانے نے تو سندھو سے فریاد کردی لیکن

اس کے خداؤں سے امر نام کی گواہی دیتے اور عشق سے اونچے ہمالے کو اپنے ہاتھوں میں سندھو کا چہرہ لیے چاہت سے چومتے دیکھا ہے اس نے اس کے باغی روح کی ہمت تو دیکھو، اب سیلاب میں تباہی کی وجہ صرف سندھو کی موج مستی اور قدیم ہستی تو نہ تھی پر یہ سب جانتے ہوئے بھی اس دھرتی دے لجپال کو "رہے تو دریا دیوتا" کہتا ہے سوچیے تو یہ کس کو بخشے گا یہ جو محبت کو قسمت کا کھیل بنا چکا ہے تو اسے اب کیوں لگ رہا ہے کہ وہ شہر جاناں، شہر یاراں، شہر دریا، وہ شہر دادو، وہ شہر جادو جس شہر میں پھر آگ لگی گھر گھر مندر مسجد آگ لگی دل دل اور جل تھل آگ لگی وہ شہر اسے رلاتا ہے اور بلاتا ہے پر اسے بتا ہے کہ کھیل ننانوے بے آکر پھر ایک سے شروع ہوتا ہے یہ جان گیا ہے کہ اب قبراں، قبراں وچوں بول، یار، یار دے گل دا ہار، قول قرار، چھاواں، ہیر، رانجھے، تخت ہزار، دیہری، شاماں، دن، راتاں، نندراں، سوہنی، مہیوال، گور پیا کوئی ہور، بکل دے وچ چور، تخت لہور، کی جاٹاں میں کون، ایش ٹرے توں سانجھے سگریٹ دے ٹوٹے، ساحر، وہ خوشبو، اس کی ساریاں ہوکاں، کوئل دیاں کوکاں، اس کا ٹرنا، اس کی اج، اخیر اور اس کا ہر اک دیس پیا وکدا! پر وہ حیران نہیں ہے بس وہ تو سبھی کو حیران کر رہا ہے پریشان کر رہا ہے!!!

پهرين: مُغلن ويلي گُجرات لڳ كنجاهه ۾ كي وڏا عالِم هُئا مولوي غَنيمت. فارسي شاعرِ هُئا فارسي كِتاب لِكِيائون. نانءُ كَمايائون. فارسي بَحَر ايڏو كُلي وَيُن جو عام ڳالهه به فارسيءَ ۾ كَرَڻ لڳا. مَجال آ جو كَڏهن پُلجي به كو ديسي ٻول واتَئون كڍي ويهَن. ماٺهن سوُ وَس كَيا پر مولوي جَن نه ٿِڙِكيا. هِڪ ڏينهن چا ٿيو مولوي سڳورن پنهنجي مُنهن ويٺي فارسي شعر پَڙهيا ته هِڪ ڏينپوُ گوڏ ۾ وَڃي گهِڙِيَن. ڏينپوءَ ڏنگيو ته مولوي جَن اوتارجي وَيا گوڏ تي ڏَڪُ هٽي دانهن كَيائون "اڙي ٽُنهنجيءَ ماءُ كي" (جيكي بُزرگ گارگند كان پاسو كَندا هِن اُهي چِوَن ٿا مولوي سڳورن "هَئي ڙي اَمان" چَيو هُو) مولوي جَن جو بِه چَيو اُهو فارسي نَه هُئو.سو شاگرد پَجندا وَيا ۽ ڳوٺ وارن كي وَڃي ٻُڌايائون. چَيءِ مولويءَ جَن نيٺ ڳالهايو آ اَڄُ۾

ٻِي: مُغلن ويلي هڪ ڳوٺاڻو ڳِيرو شاهي لشكر ۾ ڀرتي ٿيو.هِڪ ويڙهه ۾ فَتجي پيو. اُڃ كان مَرٽهاركو ٿي پَيو.پنهنجو ڳوٺ ويجهو هُئس. گهوڙو پَڃائيندو اُتي پُڳو ۽ فارسيءَ ۾ اَچي پاڻي گهُريائين. چَئي آب! آب!! ماٺهن گَهٽئي ڏُكا هَنيا. وري پُڇيو اَٽن پُٽَ چا گهُرجَئي. هُو رُڳو آب آب كندو وَيو ۾ پُورو ٿي وَيو. پويَئون كنهن مولوي غَنيمت ڳوٺاڻن كي ڏسيو اَڙي آبُ پاڻيءَ كي چَوندا هِن. جي توهان فارسي پَڙهيَل هُجو هان ته اَڄ توهان جو لَشكري پُٽ اُڃيو نه مَري ها. هاٽي هڪ ته پُٽ وِڃايَوَ بيو تيار ٿي وَڃو بادشاهه كي پُڇا كَرِڻي آهي تَه منهنجي لشكريءَ كي پاڻي چو نَه ڏِنَوَ. ڳالهه اِئين به پُوري ٿي سگهندي هُئي ته ڳوٺاڻن جَهتِ مولوي غَنيمت كان فارسي سِكي وَرتي. بادشاهه به كين كٽي معاف كَيو ۽ اَڳِيئون ڳوٺ جو كوئي لَشكري پُٽُ اُڃيو به نَه مُئو. پر ڳالهه پُوري اِئِن ٿي تَه لَشكريءَ جي ماءُ كي جَڏهن آب جي مَطلَب جو پَتو پيو ته هُن پِٽيو. چَئي

جي مان ڄاڻان مَڱِين پاڻي پَري تان پيالا پيارِيا

آب آب كَندي مُئين بَچڙا فارسِيُن گهرَ ڳارِيا

ڳالهيون چَوِٽيون چِتَر هونديون هِن. سَدا اَڌُوريون. پنهنجي اَندرَئون نِتُ پَيون پورَ ڏيكاريندِيون هِن. ۾ پورَ هُوندا هِن پُڇائون. پهرين ڳالهه پُڇي ٿي: جي مولوي غَنيمت جَن ديسي ٻولُ بِه واتَئون نَه كَڍِندا هئا تَه هو كَميُن كان كم كيئن وٺندا هُئا.

گهرواريءَ سان ڳالهه ڪيئن ڪندا هئا. اوڙي پاڙي ۾ اُٿي ويٺي ڪيئن رَکَندا هئا. ٻي ڳالهه پُڇي ٿي: جي سپاهي پُٽ اُڄَ ڪان پئي مُئو ته هو پاڻ ڪنهن ڪوهه واهه تي چونه وجي ڪِريو. ڳوٺاڻن ۾ بيٺو آب آب چو ڪندو رهيو. وَرَنديون ڪيئي ٿي سَگهن ٿيون. جيئن هيءَ: گهرواريءَ کي ته مولوي جن اِشاري سان ئي سَمجهائي وٺندا هئا. باقي ماڻهن سان هُو ڳالهه ڪندا هئا شاگِردن راهين. شاگِرد سَمجهو پَڙهي لِکي مولوي جن جا وِچُوئا ٿي ويا هئا. جيئن پاڻ مولوي سڀورا پڙهي لِکي مُغلن جا وِچُوئا ٿِيا هئا. ٻي ڳالِهه جي وَرَنديِ به هِڪ هيءَ ٿي سگهي ٿي ته سپاهي چوڪري جي ڳوٺ ۾ کُوهُ واهُ ته هُئو ئي ڪونَه. ڪَئِني ڪوهَن تان مايُون جِهرِڻي جو پاڻي پَري آڻِينديون هُيون. جي ڳوٺَ ۾ کُوهَ هُجَن ها يا ويجهو واهَ درياهَ لَنگهن ها ته ڳوٺ جا چوڪرا لَشڪَرن ۾ پَرتي چاڪَئون ٿِيَن ها. پر پهرين ڳالهه جو هِڪ جَوابُ اِهو به آهي ته مولوي غَنيمت جن ڪُنجاهه جي عامِيُن لوڪَن سان رَلَڻ مِلَڻ نه هئا چاهيندا. اُنهن ڪان پَرانهان ٿِيَڻ چاهيندا هئا. تاريخ وارا ڏَسِن ٿا ته غَنيمت جي پيءُ جي ڪنجاهه ۾ فَتويٰ هَلندي هئي. ۾ غَنيمت سڀورا پاڻ لاهور جي مُغل گورنر مُڪرم خان جي پَرِ ۾ ويهَڻ وارَن مَنجَهئون هئا. فارسي انهن ڏينهَنِ ۾ لوڪَ ڪان اُوچو نِيارو هُئَڻ جو نِشان هُئي. مولوي جَن جُڙَڻ چاهيندا هُئا مُغل حاڪِم سان ۾ فارسي تَڏهن مُغل حاڪِم سان جُڙَت جو اُهُڃاڻ هُئي. سو هِڪ فارسي فقري ۾ مولوي جَن کي ٻيٽو نَشو چَڙهندو هُئو. لوڪ ڪان پَرانهَپ جو ۾ حاڪم جي ويجِهڙائِپ جو. سپاهي نينگر به اِنهيءَ ٻِٽي نشي جو هيراڪ هو. پاڻي ته ڪيس گُهربو ئي نه هو. هُو ته آيو هُئو پنهنجي جهوڪَ جي عامي لوڪ کي ڏَسِڻ ته ڏِسو مان توهان نِماڻن ڪان ڪيڏو ڏُورانهون هان ۾ پوشاڪُن وارن سائيُن کي ڪيڏو اوڏِڙو. اِها آهي منهنجي نَئين ڪَمايل هَستي. مون لاءَ پاڻي آب ٿي وَيو آ. مان اُن کي وَري پاڻي چَئي پنهنجي نَئين ڪَمايل هَستي ڪِيئن وِڃائي ڇَڏيان. (آب فارسيءَ ۾ عزت کي بِه چَوندا آهِن).

آڪاٽيون چَوِٽيون جُڙنديون روزَ جي وَهي واپريءَ مَنجَهئون ئي هِن پَر جُڙنديون تَڏهن هِن جَڏهن روز واپريءَ ۾ ڪو سَنهو ٹُلهو واڌو گهاٽو ٿي وَڃي. پهرين ڳالهه جُڙي آ واڌي سان. ڏينيوءَ جو واڌو. تُرڪن مُغلن ويلي شهرن ڳوٺن منجهه ننڍا وَڏا مولوي

غنيمت عام هُئا. دَرس پڙهائيندا هُئا ۽ بادشاهه جي نالي جو خُطبو پڙهندا هُئا. تَندِن کي وَظيفا مِلٽا. وڏن وَٽ جاگيرون به جُڙي پَوٽيُون. ماٹهن سَندن اُتَمپِٽي تي چِڙٽو به گهبرائِٽون بـه. ڳَڏ خدمت چاڪري به چگي ڪَرٽي جي هَلو مَٿِيَن سان ڳالهه ڪَرڻ جوڳو اُنهن جِي سَمجهڻ جوڳو وَسيلو ته ساڻ آهي. اِهو ته روز ئي ٿيندو هوندو ته مولوي جن آيا هِن. دَرس پڙهايو اٿن. شاگردن سان فارسي ڳالهائي اَٿن. ڪو پاڻ جهڙو آيو آ ته اُن سان فارسي شعر جي ڏي وَٽ ڪَئي ٿَن. ڪنهن هيٺي نِماٽي ڪا ڪم جي ڳالهه پنهنجي ٻوليءَ ۾ چَئي به چڏي آ ته وَرَندي فارسيءَ ۾ ئي آئي آ. پر اَڄ اِن روز وَرتڻيءَ ۾ ڏينيوءَ جو واڌو ٿي پَيو آ. ڏينيوءَ مولوي سَڳورن کان فارسي چَڏرائي آ ته ڳالهه جُڙي پَئي آ.

الائي اِها ماٺهن جي چِڙ ئي آ جيڪا ڏينيو ٻَڄي مولوي سڳورن جي ڳوڏ ۾ وَجي ڳِهڙي آ. پَر تَه چِڙ ڪاوَڙ جا ڏينيو ايڏا سياڻا سُڃاڻ ناهِن هوندا. هي ڏينيو لوڪ سُرت جو سيڪاريل ٿو ڄاڀي.

ٻي ڳالهه ٻَٽي آ گهاٽي سان. وِڃُوئي جو گهاٽو.

اِهو ته روز ئي ٿيندو هوندو ته لشڪري فارسيءَ ۾ دَڙڪو دَهمان ڪَندا ڳوٺ ۾ اَچي ڳِهڙيا آهن. ڏُنَل ٻُوناٽا وائڙا لڳا بيٺا هن. ڪو مولوي غنيمت جَهڙ اڳتي اَچي ڪِين ڏَسي ٿو ته هي بادشاهي لشڪري هِن فلاٽي فلاٽي شي پَيا گُهرن تُرت حاضر ڪَريو. پر اَڄُ هوڏانهن سِپاهي پُٽ آب آب ڪندو ڳوٺ ۾ گهڙيو آ. هيڏانهن ماٹهن فارسي سمجهائڻ وارو وِڃُوئو وِڃُون ڪٽي چڏيو آ. اَلائجي هُنن پنهنجي مولوي غنيمت جي ڳوڏ ۾ ڏينيو وِجهي چڏيو آ. سپاهيءَ جي ڳالهه جو ترجمو ٿي نه سگهيو ته هو اُجيو ئي مَري وَيو. لوڪ سُرت روز وَرتڻي ۾ واڌو گهاٽو ڪَري اُن جي ڪيڏ ٻَٽائي چڏيندي آهي. اِها ڪيڏ لوڪ ڪَلا آ. لوڪ سُرت اِن ڪيڏ کي ڄَٽيندي به آهي ته اِن جي ڄائي به آهي. انهيءَ راهين نِسرندي مُوربي آهي. اِنهيءَ راهين پنهنجي پاڻ کي سُڄاڻيندي پَروڙيندي آ. مُند قديم کان حاڪمن حاڪمي ڪرڻ لاءِ لوڪ کان نِويڪلو نِيارو ٿِيَڻ ضروري سَمجهيو. حاڪم لوڪَ کي ڏَسِيندا هُئا ته اَسين ٻِي جُوڻ آهيون توهان ٻي جُوڻ، توهان مِٽي مان ٻَٽيل آهيو اَسان چِندَ سج جي اولاد آهيون. رَب جا پاچا آهيون. اَسان کي حق آهي توهان جي ڪَمائي ڪَسي وَٺُون. اَجا توهان جو فَرض آ ته جو

ڪُجهه اُپايو ٻڌايو اُن مان پنهنجي تَڳڻ جوڳو ٿورڙو رَکي پاڇي اَسان وَٽ جَمع ڪَرايو. اِهو قدرت جو وَرتارو آ. لوڪ جي ڪَمائي پِهرين تَه ڏاڍائي ڪري ڪَسي وَئي. پوءِ اِن ڏاڍ کي دِڳائون مَڃائڻ لاءَ قدرت جو وَرتارو چَئي لاڳو ڪيو وَيو. حاڪمن پنهنجو رَهڻ وَرتڻ ويس مُهاندو سَڀ خاص ڪَري لوڪ کان ڌار رَکيو. اِها ڌاريائِپ شان بَڻي. دَٻدَٻو. قدرت جي ڏات. جيترو عام مخلوق کان حاڪم پَري ٿيو اوترو ان جو شان وَڌيو. جَڏهن لوڪَن اِن ڌاريائِپ اِن شان کي وَڏائِي مَڃي وَرتو ڳُڻ سَمجهيو ته هُو اُن اڳيان جُهڪڻ کي اِن کي پوڄڻ کي به ڳُڻُ ۽ وَڏائي سَمجَهڻ لڳا. ڪَتِي ڪَمائي ته اَڳي ئي شان وارن کي ڏَئي ويٺا هُئا هاڻي دِين ايمان به هُنَن جي نانءِ ڪرڻ تي راضي ٿي وَيا. هوريان هوريان وِساري ويٺا ته اِهو شان، اَسان جي ۽ حاڪم جي رَهڻيءَ ۾ اِهو وِيڇو، اَسان جي محنت صَدقي ئي آهي. هُو شان کي حاڪم جو جَماندرو حُسُن مَڃڻ لڳا. اِنهيءَ کي ماڻِهپي جي چوٽِي سَمجَهڻ لڳا. هُنَن دِليُن ۾ اِن حُسُن جي تانگهه ڌُڪائي ۽ ان جي وِچوڙي جو ڏُکُ پاليو. حاڪم شان جي نالي تي پنهنجو ڏاڍُ مَڃرايو ۽ پُوڄرايو.

پنهنجي گُهُرج کان وَڌيڪ اَناج ۽ وَٽَ وَست اُپائڻ لاءِ خَلقت کي ڪَم تي لائڻ پوءِ خَلقت جي اِن پورهئي جي واڌُو ڪَمائي کي پُوري دَعوىٰ سان کَسي کَڻَڻ ۾ پنهنجي سُکَ لاءِ وَرتَڻ هيڪڙائيءَ هوندي نَتو ٿي سگهي. جي شِڪاريءَ جي شِڪار سان پائِپي هُجي تَه هُو شِڪار ڪيئن ماري. مارڻ واري کي پنهنجي شِڪار کي دِلئون دُور ڪَرڻو پوندو آ. وارُ ڪرڻ کان پهرين دِل مان ماڻِهپي واري نَرمي ۽ نَهنائي ڪَڍڻي پَوندي آ. حاڪمن مالڪن لاءِ ضروري آ ته هو ڪَميُن پورهيتَن کي پاڻ جهڙو ماڻهو نَه سَمجهن. جيتري دُوري هوندي اوترو ڪَمُ ڪَڍڻ سولو ٿيندو. اِنهيءَ دُوريءَ جو نانءُ شان آ. يا چئجي شان پَهرَنُ آ اِن دُوريءَ جو. چو جو اِها اُگهاڙي نَٿي بيهي سَگهي. ڪڏهن ڏُکيي ويلي اِن کي پائِپي ۽ هيڪڙائيءَ جو ويس به پَهرائڻو پَئجي ويندو آهي.پر شان اِن جو قدرتي ويس آهي.اِهو ويس دُوريءَ کي دُوري ئي ٻڌائي ڏيکاريندو آ. شان جي ويس ۾ سينگاريل دُوري حاڪمن جو هَٿيار نَٿي جاپي دَٻيلَن جي گهرج گَتِي ٻَڄيو پَوي سندن رِيس. حاڪِم مالِڪ ڪَمِي ڪَسبيءَ کي چَوندو آهي ڏِس مان ڪيڏو اُچو جهڙو

ڪيڏو نَويڪلو اُچيرو هان ڪو جوڙ آهي مُنهنجي حُسُن ڳُڻ ۽ وَڏائيءَ جو. مون ڪي پُوڄ. پوڄڻ دُوريءَ ڪي ماٽِڻ آ. دُوري ماٽي تون منهنجي ويجهو ٿي سَگهين ٿو. منهنجي صِفتُن جي تَجَلي پَسي سگهين ٿو. تنهنجي منهنجي نِيارپ ئي آسان بنهي جي هُوندَ آهي. مان پُوڄِڻ جوڳو هان ۽ تون پُوڄِڻ وارو. اِهو آسان جو قُدرتي سانگُ آ. اِها ئي رَب جي رَضا آ. قُدرت جو وَهنوار آ.

حاڪِم جو اُتَڻ ويهَڻ ڪائِڻ ڪيڏَڻ وِندُر وِرُونهن سَڀ شان جو ڏيکاءُ آ. هُن جا ڪَپڙا اُس پاري ڪان بَچاءَ لاءَ ناهِن سَندس دَرجي جو نِشان هِن. هُن جي ٻولِي ٻولِي ناهي هُن جا لَفظ لَفظ ناهن هوڪو هِن هُن جي رُتبي جو. اُهي خَلقت ڪان سَندن دُوري ڪَچي ڏيکارِن ٿا. انهن لفظن ۾ معنىٰ ڪانهي. اِهي لفظ اُهي مَنتر هِن جيڪي حاڪِم کي حاڪِميءَ ۾ دَبِيَل کي دَبِيَل هُجَڻ جي پَڪَ ڪَرائين ٿا. اِنهَن راهين حاڪِم پَنهنجي پُوڄا جوڳ هُجَڻ کي ۽ دَبِيَل پنهنجي پُوڄاري هُجَڻ کي مَڃي ماٽي ٿو.

تُرڪَن مُغلن ڪان پهرين هِتي جي حاڪِمن کي لوڪ ٻوليءَ ڪان ڌارَ رَهَڻ لاءِ سِيڙجي هِڪ درٻاري ٻولي گهڙائِڻي پَئي هُئي. تُرڪَن مُغلَن کي اِها سِيڙَپ نَه ڪَرڻي پَئي هُو جِتان آيا هُئا اُتي فارسي بادشاهي ٻولي هُئي. هُتَن هِتي اُها هَلائي ڇَڏي. فارسي هَلي ته سَوين وَرهيه لوڪ ٻوليءَ ڪان لوڪ رَهڻيءَ ڪان ڌار ٿيڻ جو مَنتر بَڻيل رَهي.

بادشاهي وَرتاري سان لاڳاپو فارسي پَڙهي ڳالهائي ئي پَڌرو ٿِيڻو. سو لَشڪريُن لانِترِيَن لاڳيُن ٿَلُ لائي فارسيءَ کي مُنهن هَڻيو. فارسي لفظ پُوڄِڻ جوڳا ٿي وَيا. فارسي لِکِڻيون سُونهَن سوڀيا جون ڪاڻيون بَڻجي وَيون. جنهن چاهِڻو اِنهَن ڪاڻيُن ۾ هَٿ وِجهِڻو ۽ اَميرُ ٿي وَيڻو. گهوڙا جوڙا مَحل ماڙيون ته مَهانگيون هُيون فارسي نُورُ سَستو هُئو. جنهن کي ديسي رَهِڻي ڪَهِڻيءَ جي مِٽي پانءِ نَه پَوِڻي اُنَ جَهتِ فارسي نُور ۾ وِهِنجي نُوري ٿي وَڃِڻو . عالِمن جي عالِمائي ۾ شاعِرن جي شاعِري لوڪ ٻوليءَ ڪان دُوريءَ جي گَزَ سان ماپِڄڻ لڳي. جيڏي ڪنهن عالِم شاعِر جي لِکِڻي خَلقت جي پهچ ڪان پَرانهين هُجِڻي اوتري اُن جي آدَرَ ٿِيڻي. جيڏو ڪنهن لوڪ ٻوليءَ کي نِندِڻو رَدِڻو اوڏو ئي اُنَ سُگهڙ مَلُوڪ ۽ سِياڻو سَڏرائِڻو. اِنهيءَ ڪري خَلقَت ۾ بِه پَنهنجي پاڻَ کي نِندڻ رَدِڻ جو پَنهنجي پاڻ کي ڪَچو ڪوجهو سَمجَهڻ جو

رَواج پَيو. ماٺهو پاڻ پَنهنجي اَندر حاڪم جو وِچُوئو بَڻجي ويهڻ لڳو. پنهنجي پاڻ کي شاهِي جُتيءَ هيٺ رَکڻ لڳو. پاڻ پنهنجي اَندر ۽ غيرُ بڻجي ويٺو. پنهنجي هُجَڻ کان پاڻ اِنڪاري ٿي وَيو. هُو اَڻ ڏِٺَل پَرديسَن کي دِلَئون ديسُ مَڃِڻ لڳو ۽ ديسَ واسو هُن کي ميهڻو ٿي وَيو. اِهو آپُ وِڇوڙو آپُ ويرُ تان ئي پُورو ٿي سگهيو پَئي جي پنهنجي اَصُل جو ٻِج ئي ڇِتي ڇَڏيو وَيو. پنهنجي پَرياسي پنهنجي پوئِياڙيءَ مان سَهيڙيل هَر رَنگ لاهي حاڪم جي رَهِڻيءَ جو رَنگُ چاڙِهيو وَيو. اِهو ٿي ويندو هُئو پَر اَڌوگابِرو. پُورو نه هُئو ٿيندو. ڪنهن مَهَل ڪو ڏينيو گوڏ ۽ گِهڙي وَيڻو ته نَهيَل نُڪيَل ناهُ ڦِٽي وَيِڻو.

سو لوڪ وِڇوڙي ۽ لوڪ ويرَ جَڏهن ماٺهوءَ جي اَندر گهر ڪَيو ته اِهو آپُ وِڇوڙو ۽ آپُ وير بَڻيو. حاڪِمن جي ٻولي سِکِي واپِرائي لوڪ ٻوليءَ کي تِياڳي ماٺهوءَ آپُ وِڇوڙو پاليو. پنهنجي پوئِياڙيءَ پنهنجي پَرياسي سان هيڪڙائيءَ جو ٻِجُ پنهنجي اَندَر چِيپاٽِيو. پنهنجي ماڻِهپي جو وِٽُ سُڪايو. پنهنجي سَتَ کي نِسِرڻ کان روڪي هُن آپُ گهاتَ جو ساءُ وَرتو. پر اِهو ساءُ به ڪَسارو هو. اِن سان ماٺهو اَندرَئون سَدا اُڃيو اُڪَنڊِيو رَهٽو. پر اِن اُڃَ جو نَشو اهڙو هُئو جو ماٺهو اُڃيو مَري وَڃِڻو پر پاٽيءَ کي آب چَوَڻ کان نَه مُڙِڻو.

ماٺهوءَ جو آپو آهي ڇا؟ وَڻ جو آپو مِٽي پاٽي واءَ ۽ اُس جي جُڙَت آهي. ايئن به ناهي ته هِڪ ڀيري ئي اِهو سَڱُ جُڙيو ۽ وَڻ بَڻجي وَيو. پَل پَل اِهو سَڱ نَئين سِر جُڙندو آ. تان وَڻَ جي هَستي رَهندي آ. ماٺهوءَ جو آپو به هُن جي اوسي پاسي وَسَندڙن جي گَڏيَل هَڏِ وَرتيءَ جو هِڪ رَنگُ آ. ماٺهو نانءُ آ اَڻَ ڳِڻَت سُٻَنڌَن جو هِڪ اُٽِ ۽ اُڀَجَڻ جو. اِها اُٽَت پَئي ٿِي اُڀَجي. هَر پَل هَر ساهِ. ڪو هِڪ ماٺهو اِن اُٽاوَت جو ڪاٿو نَٿو ڪَري سَگهي. چو جو اُن اَندر ڌَرتي آڪاس جي جَمَڻ کان بِه اَڳُوِڻي آدجُڳاد کان هاٽي تائين جي پُوري وارَ بِه پَئي ٿي اُڀجي تَه اَچَڻ وارن جُڳَن جا نَقشا بِه پِيا ٿا اُڀجَن.

اِن ڪَري سِياڻن چَيو آ ته جَنهن پَنهنجي آپي پَنهنجي پاڻَ کي ڄاتو اُن رَب کي سُڃاتو. ڪو ڄاٽي نَٿو سَگهي پَر ڄاڻَڻَ جو جَتَن اُپاءُ ئي جِيئَڻ آ. اَندر وَسندڙ سُٻَنڌَن کي چِتِ چيتي ۽ ڄاڳائِڻُ ۽ رَهِڻي ڪَرِڻيءَ ۽ نِپائِڻُ ئي جِياپو آ. رُڳو ڄاڻِڻُ ئي نَه ماڻِڻُ. ڄاڻي

کو سَگهي ٿو يا نه ماٺي هَر ڪوئي سَگهي ٿو. اِهو ماٺِڙُ پِريت آ، جَڳ جو مُورُ آ.

ماٺهوءَ جي اَنـدر وَسَـندڙ اَڻَ ڳَڻِيا سُـبَنڌ سـانگا ٻـوليءَ راهين هُن جي اَنـدر پهتا آهِن. ٻـولي اِنهَن جي ڄَٽِي جـائِي آ □ اِهي وَري ٻـــوليءَ جي هَنجَ □ پَليَل نِپِيَل آهن. ٻـــولي چَـــڙي لَفظ اَکر نـــاهي هُوندي. ٻوليءَ جو تَتُ آهي سَئِن، سَچ، ساڃاهه. اِشـارو، نِشـاني، اُهڃاڻ. هَر ڏيکارِي سَئِن آهي. سو ٻــوليءَ جي ڦَهلاءَ جو ڪـو ڇيهه نــاهي. لَفظ اَکر اُن ڪـــري پَـــرڌان هِن جو اُهي سَــئِن کي اُتــاري ســانيي سَــمجَهڻ وَرجــائِڻ جوڳو ڪَن ٿــا. اُن کي نِت پَســرجَندڙ سَــگهه ڏِيَن ٿــا. لفظ ڪنهن هِڪ مَطلب مَعــنىٰ ســان ٻَــڌَل نــاهِن رَهندا. ماٺهوءَ جي اَنــدر وَســندَڙ سُــبَنڌ ســانگا لَفظن □ نِت نَيــون سَئنُون سَجُون پيا پَرينداآهن. ايران جي ڪنهن واهَڻَ □ آب چَــئي ماٺهو پــاڻي ئي گهُرنــدو آهي. پر مُغل لَشــڪر جو ديسي سِــپاهي پنهنجي ڳــوٺ □ آب چَــئي پــاڻي نَه پِيو گهُــري. هُو پَنهنجي ميــلَ پنهنجي پانِت پائِپيءَ مان نِڪري حاڪِم ميلَ سان مِلَڻ ٿو چــاهي. حاڪِم ميل جو ڄِياپو ڄِيئَڻ لاءِ خَلقت مان مَري نِڪرڻ ٿو چاهي.

تُــرڪ مُغل بادشــاهيءَ جي لاڳِيــدارَن ڪــامورَن ڪارِنــدن لَشــڪرِيُن لاءِ سَــردارَن □ وَڏيــرن لاءِ بادشــاهي ٻــولي دَٻــدَٻِي جو نِشان هُئي. لــوڪ ڪــان ڪَميُن پــورهيتَن ڪــان ڌارَ ٿِيَڻ جو وَســيلو هُــئي. لــوڪ □ بادشــاهي ٻــوليءَ جي مَڃتا اِن ڌاريَــائِپ جي مَڃتا هُئي. ڪَمِي ميلَ جا لوڪَ جڏهن بادشاهي ٻــوليءَ جي لَفظن کي پَنهنجو ڪَنــدا هُئا ته سَــمجهو اُهي بادشــاهي دَٻــدٻِي کي سَلامي تيندا هُئا. ماٺِهپي جي دَرجي کان لَهَڻ کي پَليڪار ڪنــدا هُئـا. پـاڻ جهڙن کان، پنهنجي پاڻ کان دُوري قَبوليندا هُئا. جڏهن لوڪُ ٻــولَ واهِــپي وَرتَڻ مــان نِڪــري وَيا □ بادشــاهي لَفظن اُنهن جي جــاءِ والاري ته ماٺهن لاءِ پنهنجي اَنــدَر وَســندَڙ سُــبنڌَن کي سُــڃاڻڻ □ مــاٺِڙ ڏُکيو ٿي وَيــو. هُنن جي هِڪ ٻــئي ســان پَنهنجي پــاڻ ســان جُڙَت ڍَري ٿي وَئي. سندن هوندَ هَســتي سَــڪِٽي ســوڙهي ٿينــدي وَئي. ڪين دَٻَ □ بي ويســـاهيءَ جا پـــاڇولا ڇِمـــبڙي وَيا جَن کي پَجائِڻ لاءِ هَر دَم لوپ جي دُونهين دُکائٽي پَئي. پَر لـــوپَ ته دَٻَ □ بي ويســـاهيءَ کي گهَٽائينـــدي نـــاهي ويتَر وَڌائينـــدي آ. حـــاڪِمن مالِڪَن لوڪَ کي پنهنجي دَٻدَٻِي اَڳيان جُهڪنـدي ڏِسـي سُـکَ جو ساهه کَٽِيو □ ڦُنـدِڙيو. اِهو نَه سـوچِٽو ته جيڪي اَڄُ اَسـان آڏو نِمَن

نِوڙَن تا اُهي سُپاٽي ڪنهن بئي آڏو به ايڏي سولائيءَ سان نِمي نِوڙي سَگهن ٿا. جيڪي پَنهنجي اَندَر وَسندَڙ سُپَنڌَن کي سُڄاڻِ ڪان رَهِجي وَيا، هِڪ ٻِئي سان هيڪڙائِي ۾ پَنهنجائِپ ماڻِڻ ڪان رَهجي وَيا، اُنهَن وَتِ پِريت جوڳو ڪُجهه ناهي رَهيو. ڪوئي سَڱُ سانگو مَنجَهن اهڙو نَتو ٻولي جنهن کي چَڏِڻ اوکو هُجي. جنهن تان سِر گهورِڻ سوکو هُجي. پَر سَڀ نِمَندا به ناهِن، يا چَئجي سَچا سارا ناهِن نِمِندا. سو ڪَئي نِمَندي بِه اَصلئون ناهِن نِمِندا. سو جِتي خَلق بادشاهي دَٻِدَٻي کي پُوڄِيو اُتي خَلق مَنجهان ئي بادشاهي دَٻدَٻي سان مُهاڏو اَٽڪائڻ جي رِيت به هَلي. جڏهن لوڪ جا پَنهنجا ڄَڻيا پاليا پَڙهي لِکي مولوي غنيمت ٿي وَيا يا لَشڪرن ۾ پَرتي ٿي آب آب ڪَرڻ لَڳا تڏهن گوڏِن ۾ گِهڙَڻ لاءِ ڏينهُن جي سِڪيا ٿي ۾ پُٽَن کي ٻُڌائڻ لاءِ مائرُن پَهاڪا چَوِڻيون گهَڙِيون. ٺَنولِيون توڪُون نَهِيون. ڳالِهيون آکاڻِيون ٺَٽيون ۾ پِيڙهِيو پِيڙهي هَليون. لوڪُ شاعريءَ خَلقت کي سَنياليو ۾ خَلقت لوڪُ شاعريءَ کي.

فَريدا خاڪِ نَه نِندِجي خاڪُوءَ جيڏُ نَه ڪوءِ
جِيئَندي پيرَن تَري مُئي مَٿُون هوءِ

”خاڪ“ بادشاهي ٻوليءَ ۾ مِٽي هُئي. بادشاهي سوچ ۾ مِٽي نَه هُجَڻ جو نِشان آ. مِٽِيءَ ڪان پَري هُجَڻ ئِي هُجَڻ آ. جيترو ڪو مِٽِيءَ ڪان مَٿانهُون آ اوترو ئي اُهو آهي۾ جيتري ڪنهن جي اُتٽي ويهٽي اُونچِي اُتانهِين آ اوتري ئي هُن جي هَستي آ۾ مَٿانهُون ٿِيَڻ لاءِ مالِڪ حاڪِم سِڄَ چَنڊ جو اولاد سَڏائيندا هُئا۾ هاٿِيُن گهوڙَن تي سُواري ڪَندا هُئا.اُونچَن ڪوٽَن قِلعن ۾ رَهندا هُئا۾ مِٽِيءَ ڪان پَرانهَپ اَصُل ۾ مِٽي هاڻَن ڪان پَرانهَپ هُئي۾ جيڪي مِٽِيءَ مان اَنُ اُپائيندا وَٽ وَست گهَڙِيندا ۾ اُسارَ اُسارِيندا هُئا۾ جن جي ڪَرٽِيءَ سِرِ مالِڪِيون بادِشاهيون بِيَنَل هُيون۾ فَريد مِٽِيءَ هاڻَن پارَئون ڳالهايو آ۾ يا چَئجي فَريد مان مِتيءَ هاڻَن ڳالهايو آ ۾ مِٽِيءَ جي سُڃاڻپ ڪَرائي آ ته مِٽِي ئي هُوندَ هَستي آ۾ اِها هيٺ آ تان پير بيٺا آهِن اِنهيءَ مَنجَهئون اِنهيءَ جي آسِري تي جِيوَت جُوڻ جَمي اُپِجي ٿي ۾ وَري مَري اِنهيءَ هيٺ اِنهيءَ اَندَر موٽي ٿي۾ حاڪِم مالِڪ لاءِ پيرَن هيٺ هُئَڻ گهٽتائي جو نِشان آ۾ فَريد ”پيرن هيٺ“ جي بادشاهي مَطلب کي اُونڌو تو ڪَري۾ مِٽِي جيوت کي سَهاري ٿي موت کي ڍَڪي مُئَن کي وَري جِياري ٿِي۾

مِٽِي مَرَڻ جِيئَڻ جو گهر آ۔ مِٽِي ئي جِيئَڻ جو گيڙو پَئي گيڙي ۔ پاڻ مَنجَهس پَئي گِڙي۔ مِٽِيءَ جيڏو ته ڪو آهي ئي نَه۔ سو مِٽِيءَ کان پَري ٿِيَڻ مِٽِيءَ کي نِندِڻ شانُ نَه گُمانُ آ۔ بادشاهي ٻوليءَ ۾ خاڪِ نَه هُجَڻ هُئي۔ جيڪي هَستيءَ وارَن ليکي اَڻَ ٿِيا هُئا اُهي ”خاڪِ“ هُئا۔ فَريد لوڪ ٻوليءَ جي مِٽِيءَ سان گَڏائي ”خاڪِ“ جي اَٽهُوند کي هُوندَ ٻَڌائي ڇَڏيو۔ خاڪِ کي لوڪُ ٻوليءَ سان گَڏِيائين خاڪُو ڪوٺيو۔ ”آ“ ”و“ يا ”ي“ ڪنهن لَفظ آڏو جوڙيا ويندا آهن اُنَ کي جيئري جاڳندي هَستي ٻَڌائڻ لاءِ ۾ اُن سان پَنهنجائِپ ڏيکارِڻ لاءِ۔ فَريد خاڪِ کي پَنڌ ڪَرايو آ بادشاهي ٻوليءَ کان لوڪُ ٻوليءَ تائين ۾ اِن پَنڌ خاڪِ کي خاڪُو ڪَري اُن جو آپو مَٽائي ڇَڏيو آ۔ هاڻي اِها نِرِجِيءُ ناهي رَهِي جيئَري جاڳَندِي ٿي پَئي آ۔ هيٺِ به هُوندي آ ۾ مَٿان به ٿي وِهَندي آ۔

لوڪُ شاعرن لوڪُ ٻوليءَ جو ٻَچاءُ ڪَرڻ لاءِ بادشاهي ٻوليءَ جا هَٿيار ڪَسِيا ۾ اُنهَن سان ئي بادشاهي ٻوليءَ جون ڪاهُون روڪِيون۔

فَريدا بِرها بِرها آکِيي بِرها تون سُلطان
جِتِ تَن بِرها نَه اُپجي سو تَنُ جاڻِ مُساڻ

فَريد ويلي دَهليءَ جا بادشاهه سُلطان سَڏائِيندا هُئا۔ ڏوهيڙي ٻاهران ”سُلطان“ جي بادِشاهي جي رِعيت لاءِ اِهو ناڻءُ ئي حُڪُم آ۔ اِن نانءَ سان وَهنوار وَهي تو۔ اِن جو سِڪو هَلي تو۔ اِهو نانءُ مَسيتُن چؤنڪَن ۾ ٻُري تو۔ هَر دَم خَلقت جي سِر تي سُوار رَهي تو۔ خَلقت اِن نانءَ تي دَهلجي به ٿي ۾ اِن جي دُهائي بِه ٿي ڏئي۔ ڏوهيڙي جي اَندر فَريد سُلطان جو تَختو اونڌو ڪري ڇَڏيو آ۔ سُلطان جو نالو ڊاهي هُن بِرهَ کي چيتاريو آ۔ لَفظ سُلطان کي تَختَئون لاٿو آ بِرها جي وَرجاءَ بِرها جي دُهائيءَ ۾ ”تُون“ جي سَڏَ۔ تُون چَوڻ سان بِرهُ جيئَري جاڳَندي حاضُر هَستي ٿي پِيئو آ۔ هُن سُلطان جو رعب ڇَندي ڇاڻي ڇَڏيو آ۔ رَهندو ڪَم ڪيو آ ”مُساڻ“۔ هِڪ پاسي بِرها سُلطان جو هَنڌُ والاري ويهي رَهيو آ ته ٻِئي پاسي ڏوهيڙي جي سِٽاءُ سَهجي ”سُلطان“ کي ڏِکي مُساڻَ آڏو ڪَري بيهاريو آ۔ ڏِکي به ڇا جو سُلطان ۾ مُساڻ جي جوڙِي اِيئن ڏِهڪي آ جَڻُ قُدرَت ٻَڌائي هُجي۔ اِهو سِٽاءُ سِٽَڻ ۾ لَفظ ”جاڻَ“ وِچَ وَسيلو بَڻيو آ۔ بِرهُ تانگهه آ۔ ٻِئي سان مِلَڻ جي پَنهنجائِپ ڪَرڻ جي سِڪَ۔

اَندرِيَن پاهرِيَن سُپنڌَن جي سارَ، سَنجوڳُ ماڻڻ جي اُڪَنڊَ اُڪيرَ سُلطان زَر زورَ تي جنهن سان چاهي ميلاپ ڪَري سَگهي ٿو پَر اِهو ميلاپ مِلَڻ ناهي هُوندو مَلِڻُ هُوندو آ مَلِڻَ سان تانگهه مَري ويندي آ مَلِڻَ وارو به پُورو ٿي وِيندو آ هُن جو تَنُ مُسانڻ بَڻجي ويندو آ يا چَئجي تانگهه مَري لوپَ جي جُوڙِ مَٿائي اِيندي آ سَدائين پَيو پانواٽِيون ڪائِيندو آ فَريد جي تانگهه تَڏهن جِيئَندي آ جي مَلَ ڪان بَچي پَر سُلطان جي سُلطانيءَ رَهَندي مَلَ ڪان ڪيئن ڪو بَچي سَگهندو سُلطاني ته آهي ئي مَلَ وَرتارو سو فَريد جي تانگهه جِيئَدِي آ جي سُلطانَن جي سُلطاني ڊاهي پاڻ سُلطان ٿي وَڃي مَلَ وَرتاري جي هَندِ تانگهه وَرتارو هَلي هَر تَن بِرهُه نِتُ جَمي نِتُ نِسِري فَريد جو بِرهُه سَدا وِچوڙو آ سَدا ميلُ بِه

هِڪَ وِيچارَ پَٽاندَڙ پهرين سِٽَ هِيئَن آ:

بِرها بَرها آکِيي بِرها تون سُلطان

بَرها جو بَه مَعنائون هِن (ٻيون به هُونديون) هِڪَ وَرِها يا واڍِ ڪُوهَ مان پاڻي ڪَڍَڻ واري بِي ڪَڙِيو ڪُوهه مان پاڻي اَڌُن نالِيُن تائين پهچائِڻ وارو بِنهي معنائن پويان اَلائي "بار" يا "وار" ئي آهي، پاڻيءَ لاءِ پُراڻو لَفظ جيڪو "وَرهَڻ" آ "وَرڪا" آ جيڪو "سَروَر" وَهندَڙ پاڻي ٿي وَيو، دَرتيءَ پيهي ڪُوهَن آيو جِتان وَرها راهين نِڪِري ڌوهيڙي اَچي وَيو ٿي سگهي ٿو هِتي ٻوليءَ جا عالِمَ اَسان کي جَهلِڻ جي ڪَن هَلو کين اِنَ لَفظ جي مُندَ تي ويهاري "بَرها" راهين ڌوهيڙي لَهون ٿا واڍِ يا رَسي رُڳو ڪُوهه مان پاڻي ناهي ڪَڍَندي، اُپَجَ جي پُوري ڦيري اَن جي ڳهرج آهي وَڏيَل پوک جي سانيَ لاءِ بِه تَه وَهنَّ جي سانيَ لاءِ بِه فَصُل جي وَندَ لاءِ بِه ٻَني ٻاري جي ماپ لاءِ بِه ڏَل لَڳائَڻَ جي ڪاٽي لاءِ بِه سو بِرها رَسو هُجي يا ڪَسِي ڪَڙِيو وَسُونءَ جي مُنڍائِتي رَمزَ آهي وَسُونءَ پاڻي ڏِيَڻ جوڙڻ ٻَڌڻ ڪان هَلي ٿي ماپڻ وَندِڻَ تي پُوري ٿي ٿِئي "بَرها" وَسُونءَ جي ڪَمَن ڪاريُن جي اِن ڦيري جي رَمزَ بَڻجي "سُلطان" سان ٿَڪرِيو آ چو جو سُلطاني به اِنهيءَ ڦيري سِر ئي بيٺَل آهي فَريد بِرها کي بَرها سَڏي ٿو رُڳو پاڻ ئِتو سَڏي " آکيي" راهين پُوري سَنگت سان گَڏِجي سَڏي ٿو سو بِرها ئي پاڻي ڏِيندو آ بِرها ئي جوڙِيندو سانپيندو آ بِرها ئي اُپائيندو آ بِرها ئي وَندِيندو

وَرتيندو آ۔ بِرها ڪانسواءِ وَسُونءَ جو گـيڙو نَٿو گِـڙي سَـگهي۔ پَر بِرهه جي ڪَرِڙي سُلطانيءَ جي نوڙَ ۔ بَڌجي مَلَ ٿي ويندي آ بِـرهَ جو اُبَتَڙ اُنَ جي ويرِڙ۔ سو فَريد جي سَنگَت ڏوهـيڙي ۔ سُـلطان ڪان تَخت تاجُ چَڏِرائي وَسُونءَ جي مُهـارَ بِـرهه جي هَٿِ ڏِئي ٿي۔ جَنهن جي هَٿِ ڪـارُ تَنهين هَٿِ مُهـارَ۔ پر اِهو ڪَم ٿِيو وَڏي اَٽِڪَل سان آ پاڻَمُرادو ناهي ٿِيو۔ بي سِٽَ ۔ ”اُپجي“ سَهَج سَپاءِ ئي آيَل ڄاپي ٿو۔ پر ڏوهيڙي جو رَمزَ سِٽاءُ اِنهيءَ لفظ هَٿِ آهي۔ رَمزُن جو گيڙو بِٽو آهي۔ پهرين گيڙي ۔ سُلطانيءَ جو جوڙ مَخلوق جي اُپَج پورهِـيي سـان جُـڙي تـو۔ سُـلطانيءَ جو اَصُـل بُڻيـاد اِهو اُپَج پورهيو آ۔ پر اِن اُپَج پورهيي جو پَنهنجو بُڻياد ڪَهـڙو آ۔ اِهو نِبـيرو ٻِئي گيڙي مَنجهه ٿِيو آ۔ اُپَج پورهيو بِرهه سِر آ۔ هُوندُ مُنـدَئُون آهي ئِي بِرها (بِرها بِرها آکـيي)۔ بِرها اُپَج جو تَتُ آ۔ بِرها اُپَج پورهـيي جو ڄـائو به آ ته ڄَڻيـندڙ بِـه۔ بَنـدي جو تَنُ هُن جو وِٽُ هُن جي هَسـتي اُپَج پورهـيي جي گَهڙِيَل آ سو بِرهه جي گَهڙِيَل آ۔ جَنهن کي بِرهَ گَهڙيو آ اُن کي هَلِٽو به بِـرهه جي حُـڪُم سِـر ئي آ۔ بِـرهه ئي آ جيڪـو اَنڌَنِ اَچيت ڪُـوهن ۔ لِڪيَل تَتَ سَـٽَ کي وَري پـوکُن وَهڻَن ماٽهُن ۔ اُپجائي ٿو۔ جي وَسُونءَ جي ڪِرِت ڪارَ جي مُهارَ بِرهه هَٿ نَه هُجي، مَـلَ هَٿِ هُجي ته وَسُـونءَ جو گـيڙو مَٿَئُون ته گِڙِندو ڄاپَندو آ پَـرَ اَنـدَرئُون ٻينَل هُونـدو آ۔ جَـڏَهن ڪيتَ ۔ اُپِجيَل اُپَتِ بِـرهه ڪـان ڇِـڄِي مـاٽهوءَ جي وِتَ جي نِـڙِي نِپُوڙينـدي آ ته ماٽهوءَ جي تَنَ جي ڪيتِي به مُسانُ بَڻجي ويندي آ۔

لوڪُ ٻوليءَ جي سَنيال بَندُ هئي بادشاهي ٻوليءَ اَڳيان۔ رُڳو بادِشاهي ٻولي اَڳيان نه شانَ گُمانَ جي اُن پَرمارُو وَهنوار اَڳيـان بِه جيڪو بادشاهي ٻوليءَ راهِين لـوڪُ چِٽُ ۔ پـرم پَرينـدو هُئـو۔ لـوڪَ جي تَنَ ۔ بِـرهه جو ٻِجُ چِپيـاتي مَلِڻَ قَٻـائِڻ جي هَٻَچ هـول مَچائِيندو هو۔ اُن کي مُسانُ بَڻائيندو هُئو۔

نانڪ چَيو۔

جِن سِڪداري تَنهِين خُواري چاڪر ڪيهو ڏَرِڙو

جان سڪداريءَ پَوي زَنجيري چاڪَر هَٿئون مَرِٽو

شِـق سُـلطان جي سُـلطنت جي هِڪَ وَنڊ هُـئي، بَندوبَست اِنتظام لاءِ، اوڳاڙيءَ لاءِ۔ شِق جو حاڪِم شِقدار سَـڏائيندو هُئـو۔ لــوڪُ ٻــوليءَ ۔ اِهو لفظ سِــڪدار رَهجي وَيــو۔ لــوڪُ ٻــولي بادشـــاهي ٻـــوليءَ جي لَفظن کي پَچي گَهـــڙي اُنهَن جو رعب

ڪَسِــينڌي آ۔ (بَرَواسي مَئجِســتريٽ ڪي مَچِــريٽ ۽ آنِريــري مَئجِستريٽ ڪي هَنيري (آنڌاري) مَچِريٽُ ڪونِيندا هُئا)۔ اهـڙي يَجَ گَهڙَ ٽِيندي ته سَهَج سَياء ئي آهي اَنَّ ڄاڻائيءَ ۔۔ پَرَ ان ۽ رُتِبي جي دُوريءَ ڪي زوريءَ اورانگهڻ جي سَـــــڏَ لِڪيَل هُونـــــدي آ۔ ڄَتِڪي اَبوجهائِيءِ جو هَٽُ هَٽِي جو رُتِبي جو رعب ڪَسِڻ جي سَـڏَ۔ پر شِـقدار سِـڪدار ٿي به حـاڪِم ئي آ۔ اُن جو اَصُـل رعب هُن جي حاڪِميءَ پارَئون آ۔ سو نانِڪ حاڪِميءَ جي ڪـوٽَ ڪي ڪاٽُ هَٽي اُنَ جي پيِڙهه پَٽي لوڪَ جو دَپُ تو لاهي۔ سِڪِداريءَ ۽ چـاڪِريءَ جو ڏُرَئـون جو سَـگُ آ۔ جي چـاڪَرُ سِـڪِداري جي ڏاڍَ سـان يَڪِ سُــر آ ته هو سِــڪِدار جو ڍِيَئــون تابعــدار آ۔ جي نَه تَه هُن جي تابعداري اِئين پَڙدو آ هُنَ جي دَپَ جو۔ نـانڪ چـاڪَر ڪي هُن جي پَنهنجيءِ دَپَ جي سـامهون ڪَيو آ۔ چـاڪِري سِـڪِداري جي سَـگَ مَٿان هيجَ پَنهنجاِئِپ مَچِتا ۽ مهربانيءَ جا سِپ پَڙدا لهَي وَيا آهن۔ اَڳِيَئون ڄاپي تو نـانڪ جي ٻـولَن ۽ چـاڪَر پـاڻ ٻوليو آ۔ چَـئي تو مـان چو ٻُڄـان مـون وَٽ چا هي جيڪو ڪَسِـجي وينـدو۔ ٻُڄي ته اُهو جيڪو چوتِ چَڙهيو آ۔ چاڪَرن ڪي ته روزُ زَنجير پَونـدا هُئـا۔ روز ته چاڪَرَ ئي سِڪِدارن هَٿَئـون مَرنـدا هُئا پر هِـتي سِـڪِدارن جي بَڌِجَڻ ۽ چاڪَرن هَٿَئون مارِجَڻ ڪي اَٽَرِ قُدرتي وَهنوار ڏَسيو وَيو آ۔ هِنن ٻــولَن ۽ چَــوِڻُن پَهــاڪَن واري پَڪَ آهي۔ جــيئن ڪو جُڳين پُراڻو لوڪَ جو هِينـئين هَنـدايَل سَچُ هُجي۔ اِن پَڪَ پـارَئون سِڪِداري ۽ خُواريءَ جو جوڙ قُدرتي ۽ لازمي ٿي پيو آ۔ چاڪِري ۽ تابعداري جو جوڙ قُدرتي ۽ لازمي ناهي رَهيو۔

دَپُ ۽ خُواري نِماڻَن جو ڀاڳُ ڀاڳو هُئا۔ نانڪ جي ڪَلا اُنهن ڪي ڏاڍَن جي ليکي لِکي چَـڏيو آ۔ چـاڪَر ڪَنَڌ جُهڪيل حُڪُم جا ٻنــدا ناهِن رَهيـا۔ هِمَت پَريا سُـجاڳُ جِيءَ ٻَڄي بيٺا آهن۔ ڄـاڻي ويا هِن ته سَندَن ڪَمُ سِڪداريءَ ڪي ٽيڪ ڏِيَڻ نـاهي۔ اُن ڪي پـاڙئُون پَٽِڻ آ۔

ويلي سِر لـوڪُ ٻـوليءَ خَلقت جي سَـنيال ڪَـئي اُن جو آڌار ٻَــٽي۔ لــوڪ شــاعري خَلقت جو ڏَڍُ ٻــٽي. خَلقت وَري لــوڪ شاعريءَ ڪي سانِپيو۔ چيتي ۽ پَچائي اَڳلِيُن پِيڙهيُن تائين پُڄايو۔

تُرڪ سُلطانن ۽ مُغل شَهنشاهَن جي ويلي شَـهرَن ڳـوٺَن ۽ هَنڌ هَنڌ مَدرسا کُليا۔ مَدرسَن جي پَڙهائي بادشـاهي ٻـوليءَ جي آڌَرِ لوڪ جي دِل ۽ وِهارَڻ جو وسيلو ٻَٽي۔ اُن لوڪ ڪي ڏَسِيو ته

عِلم اُهو آ جيڪو بادشاهِي ٻوليءَ راهين ليَي۾ اُهو ئي عِلم توهان کي بادشاهِي دَرجَن رُتبَن جي لَڙهيءَ ۾ پوئي سَگهي ٿو۽ جيڪو عِلِم توهان کي پَنهنجي ڪَمَ ڪِرِت مان مِلي ٿو اُهو سَڪِٽو آ۽ اُن عِلِم جي سِرِ توهان جيڪو اُپايو ٻٽايو تا اُهو اَصُلَئون اَڏَنگو ۽ سَهانگو آ۽ اِنهيءَ لاءِ سَرڪار اُهو مُفُت اوڳاڙي ڪَٽي ٿي۽ بادشاهي ٻوليءَ واري سِکِيا جو عِلِم باريڪ آ۽ اِهو اُپائِڻ ناهِڻ وارو ڪُهُرو ڪَم ناهي ڪَندو۽ اُهو جوڙِڻ اُپائِڻ جي پورهيي کان ڇُتڪارو ڪَرائي ٿو. جوڙِڻ اُپائِڻ وارَن جِنَنِ کي قابُو ڪَري ساري جَڳَ جون نعمتون اَڪِ ڇِنيَ ۾ حاضر ڪَرائي سَگهي ٿو. بادشاهي ٻولي سِکَڻ لاءِ جيترو ڪَشالو ڪَرَڻو پَئِٽو اوترو ئي سِکَڻ واري جي دِلِ ۾ بادشاهي ٻوليءَ جو اَدَب وَڌِٽو. جيترو هُن صرف و نَحو جي پيچَن ۾ ڦاسِٽو اوترو ئي ڪيس سَهَج سَپائِين سِڪيَل لوڪُ ٻولي ڦِڪِي ۽ اَڻَ گهڙيَل ڄاپِٽي. بادِشاهي ٻوليءَ جا ڪِتاب جادُو نَگِريون ٻَڄي وَڃِٽا ۽ جادُو نَگريُنِ ۾ لَهَندي سارِ ئي هِيڻَن جي ”مان“ کي بادِشاهي شانَ گُمانَ جا پَرَ لَڳِي وَڃِٽا. هُنَن جي اَندَر وارو اَٽَجاڻ ئي بادِشاهي وَهَنوار وَتِ گِروِي ٿي وَڃِٽو.

فَريدا جي تون عَقل لَطيف ڪارا لِڪُ نَه ليڪَ
پنهنجي گريبان ۾ ڏِسُ سِرُ نِمائي ڏيکَ

عَقل لَطيف اُنهَنِ جو ليکيو ويندو آ جيکي بادشاهي ٻوليءَ راهين بادشاهي عِلِم ۽ وَرتاري جي جادُو نَگريءَ ۾ گهڙي عامَئون خاصِ ٿي وَڃَن۽ خاصَن جي خاصِيَت سَندن لِکَٽُن ۾ آهي۽ لِکَٽُن راهين عامَنِ مَٿئون وَسَندي آ. لِکَت ئي عِلِم آ. لِکَت ئي حُڪُم قانون آ. لِکيَل اَکَر ليکَ آهن. عامَن جي قِسمَت هِن. دَربار جو لِکيَل فَرمان ڪَٽي ڪو اَچي لَهَندو آ ۽ هزارَن عامَن جي ڏِينهن راتِ جي پورهئي مان اَڌُ چوٿو اوڳاڙي وَني ويندو آ. لِکَت ڏُرَئُون لِکِيَل ليکُ آ جنهن کي ڪو تاري نَٿو سگهي. لِکَڻ وارا اِنهيءَ جادُوءَ جي سِرَ تي بادشاهي نوڪريُن تي چَڙهيا هِن. مَدرسَن وارا ۽ گاديُن وارا چوراسِي ڳوٺَن جو ڏَنُ پيا اوڳاڙي ڪائِين. خَلقت اِنهنِ کان لِکَت سِکَڻ اَچي ٿي. اِنهن جو لِکِيو مَٿِهي ڳِچِيءَ ۾ پائي ٿِي. ڏُرَئون لِکِيو بِه اُنهَن جو ئي آ سو اُنهَن جو لِکِيو ئي ڏُرِ ليکَن کي تاري بہ سَگهي ٿو. جادُوءَ کي جادُو ئي ڪَٽي سَگهي ٿو. پر هي اهڙو جادُو هُيو جيڪو جادُوگَرن سان بِه وَڙهي پَيو. عالِمَن حاڪِمَن جي چالاڪي هُنَن کي اِهو نَٽي

سَمجَهڻ ڏِئي ته لوڪ ڪان پَرانهون ٿِيَڻ پَنهنجي پاڻ ڪان پَرانهُون ٿِيَڻ آهي. حاڪِمي عالِمائيءَ جا ڪارا ليڪَ لِکَڻ واري جا پَنهنجا ليڪَ ڪارا ٿي ويندا آهن. هُن کي پَنهنجي پاڻَ ڪان وِڇوڙي ڇَڏِيندا هِن. پَنهنجي آپي ڪان ٻاهر ڪَري ڇَڏِيندا هِن. عالِمَن حاڪِمَن جي سَمجهه تِکِي بارِيڪ □ مَلُوڪ ڪوٺائيندي آ. بادشاهي ٻوليءَ □ ”عَقل لَطيف“. فَريد عَقل لَطيف جي پَرم گُمان وارَن کي عَقل لَطيف سَڏي هِڪ جَتڪِي توڪَ ڪَئي آهي □ ڪِل پوڳَ □ سَندَن پَرمُ پَڳو آ. بادشاهي ٻوليءَ جي ڪَلَف لَڳَل اِصطِلاح سان چَرچو ڪَري اُن جو جادُو ٽوڙِيو آ □ جادُوءَ □ قاٿَلَن کي ڇوٽِڪاري جي راهه ڏيکارِي آ. جي سَچَ □ توهان پَرُوڙ وارا آهيو ته پَنهنجي آپي □ اَچو. پَنهنجي ڪُوڙَ جي اُسارِيَل ”مان“ جي اَندَر جهاتِي پايو. مَتان توهان کي پَنهنجو اَصُل آپو اُنهَن جهڙو ئي ڏِسِجي جِن کي ڪارَنَ ليکَن راهين نِنِدي رَدي دَٻائِيندا آهيو. ”گريبان“ اُنهيءَ نِويکِلي مَٿاهِين ”مان“ جو آ جيڪا گهٽي چاهه سان سِبائي ڳِل پاتِي آ. شانَ گُمانَ جو نِشان هاٽي پَچتاءَ جو دَرُ آ. جو ڪُجهُ ٻِيَن کي ڀُلائِڻ لاءِ سَهيڙيو هُئو هاٽي پَنهنجي آپي جي پَڙتال جو وَسِيلو آ. جي ڪو ڪَري ته□ فَريد ٻاهران بيهي واعِظ نَٿو ٻُڌائي. وِچايَلَن □ وِچائِجي پَنهنجي پاڻَ سان ڳالِهه ٿو ڪَري. فَريد اُنهَن مَنجَهئون آ جيڪي بادشاهي ٻولي سِکِي ڪارَن ليکَن جي لِکَت جا ڄاڻُو ٿي وَري لوڪ ٻوليءَ ڏي موٽِيا. بادشاهي رَهٽيءَ جي جادُوءَ جي جهامَ جَهلي پنهنجي آپي □ آيا. ويرِيُن جا هَٿِيار جاچي پِڙَ □ لَٿا. غَنِيمت جي چاهي ها ته غَنِيمت نه رَهي ها فَريد ٿي وَڃي ها.

هِڪڙا لَفظ اُهي هُئا جن کي لوڪَ پاڻ بادشاهي ٻوليءَ ڪان ڪَسي لوڪ وَرتاري جي ديڳِ □ وِجهي رَڌيو. اُنهَن جي ڏيکاءَ وارِي رَڌِي ماري. اُنهَن کي شانَ جي نِشان مان موٽائي وَري لَفظ بَڻايو. ٻِيا اُهي هُئا جيڪي ڪارَن ليکَن راهين، لَشِڪرِيُن جي آب آب راهين لوڪُ ٻوليءَ □ لَٿا. اِهي لَفظ نه هُئا شانَ جو نِشان ئي هُئا. پَر اُهي ٻُٺون ٻَڌي پنهنجو اَصُل لِڪائي لوڪَ ٻوليءَ □ آيا □ وَسَندڙ وَڏَندڙ لوڪُ ٻولَن جي نِڙي نِپُوڙي ڪين اَڌَمُئو ڪَري وَرتَڻ واهِپي مان ٻاهر ڪَري اُنهن جي جاءِ والاري ويهي رَهيا. ٻولِيُن جا لَفظَ ڇَڙا ڇاندَ ناهِن هُوندا. پاڙَ پَروار وارا آڳي پيڇي وارا هُوندا هِن. اُنهَن جي سَڱن سِياڪَن جا ڪيئي سِٽاءَ □ وَهنوار هُوندا آهِن. جيڪي لوڪُ سُرتِ مَنجَهئون ڄَمَندا هِن. اَڳِتي لوڪُ

سُرتِ جي گُهرج جوڳا لَفظ جَڙِڻَ نِپائِڻ جي اِنهَن ۾ اَڻَ ڪُتِ سَــگهَ هُونــدي آ. جــيئن مــاڻهو اَڻڪُت سُــبَندَن جي گهــاتِي اُڻَتِ آ تِئَين ئي لَفظَ هِن. جِيئندَڙ وَسندَڙ وَڌَندڙ وِيجهَنــدَڙ. پر بادِشــاهي ٻــولِيءَ جا لَفظَ هِتي بادِشاهي شانَ جو نِشانُ بَڻجي لوڪُ ٻوليءَ ۾ لَٿا. لَفظ هُجَڻ جو مَڪَرِ ڪَري اُهي لوڪُ ٻوليءَ تي ٻي پاڙِي بَڻجي چَــڙهي وَيا. اِهي لَفظَ لــوڪُ ٻــوليءَ جي وَهنــوار ســان جُــڙَڻ نَه هُئا آيــا. ڪنهن جيئَنــدَڙ سَــگاوَتيءَ ۾ وَسَــڻ نَه هُئا آيــا. سو نِــويڪِلا رَهيــا. اَجُــڙَت، اَلَــڳِ. پر جِن لــوڪُ ٻــولَنَ مَٿــان اِهي اَچِي ڪِرِيا اُنهَن جو ساهُ ٻُوساٽجي وَيو.سو اَڳِي جَنهن سَــگاوَت ۾ اُهي ٽِڙَنــدا ٻولِينــدا هُئا اُها به مــاٺِي ٿي وَئي. بادشــاهي ٻــوليءَ جي اِن ڪــاهَ ڪــارَڻ لوڪُ ٻولَ وَرتَڻ واهِپي مان نِڪرندا وَيا. لوڪُ ٻــوليءَ جي اَنــدرِين گهــاتِي سُــبَندَ اُڻَت چِڄَنــدي وَئي. ٻــوليءَ جي ڪَئِني وَهنــوارَن جو واهِپو بيهي رَهيــو. اُنَ جي وَسُــونءَ اُجِــڙڻ لَڳي. لــوڪُ سُــرتِ نِستي ٿي وَئي. مــاڻهُن جي ســوچِڻ سَــمجَهڻ واري سَــگهَ اَپــاهَج اَدَمُئي ٿي وَئي. ”رَڪَڻ“ ”دَرِڻُ“ به هُوندو آ تَه ”سانِپڻ“ ”ساندِڻ“ به. رَڪَ، رَڪَتِ، راڪو، رَڪَٽهار، راڪِي، رَڪٽي، رَڪيا، رَڪيَــل. اِهو ٻــول پَروارُ ٻوليءَ جي وَهنوار جوڙيو آهي. اِهو پَروار سَدا وَڌَٽهــار آ چِو ته ٻوليءَ جا وَهنوار پاڻ سَدا وَڌٽهــار هِن. ســانِپڻ لاءِ عَــربي لفظ ”حفاظت“ بادشاهي ٻوليءَ ۾ وَرتِيندا هُئا. عربِيءَ ۾ اِن لَفظَ جي پُوري آڪَهِ آ جيڪا عَربي ٻوليءَ جي وَهنــوارَن اُســاري آ. پر هِــتي اِهو چَڙو لَٿــو. نَه لــوڪُ سُــرت عَــربي وَهنــوار پَنهنجو ڪــري پــئي سَــگهي نَه ”حفــاظت“ پَنهنجي پــوئين پَــروار ســان جُــڙي پــئي سَــگهي. اِن جي پَــروار جا ٻِيا لَفظ به لــوڪُ ٻــوليءَ ۾ لَٿا پَر چَــڙا چانــدَ ئِي. هِڪَ ٻِــئي ڪــان ٻِنَهِ اوپِــرا. حافِــظ، حِفــظ، محفــوظ، مُحافــظ. اِنهَن جي اَصُــلي جُــڙَت ته هُــئي عَــربي وَهنــوار مَنجهه جيڪي پوئِتي رَهجي وَيــا. هِـــتي اُنهَن جو سَـــگ اِهو آ ته اِهي بادشاهي ٻوليءَ جا لَشڪري هِن. بادشاهي شانَ جي وَرِدي پــائي بادشاهي رعب جا هَٿِيار ٻَــڌي لــوڪُ وَسُــونءَ ۾ لَٿَل آهِن ۾ لــوڪ ٻولَن جي هَزارين سالَن جي جُڙيَل سانگَن ڪي پِيا چِيپــاٽِين. لــوڪ ٻوليءَ جي وَهنوارَن جو ساهُ پَيا ٻُوساٽِين. پاڻَ اِهي زِنده رُوح هِن پر لوڪُ ٻوليءَ جي جِيئَرن جِــيئَڙَن ڪي پَنهنجي وَرديءَ ۾ هَٿيــارن جي دابَ هيٺ دَٻائي ٿا مــارين. اِنهَن جي پــاڻ ۾ رُڳِي ڏاڍَ ڌَهڪــاءَ واري هِڪَ جَهِڙائي آهي.

بوليءَ جا وَهنوار گهٽا پڪا هُوندا هِن پَر بِنَهه ڪَچِڙا پِڻ. جِيئن وَڻُ. پاڙَ، ٿُڙَ پَروار جي جُڙَت ڪيڏي پَڪِي آ. اُيَجَ جي ڪيڏي سَگهه آ اُن ۾. پَر پاڙَ ڪوٺي ڇَڏيو ته پَروار سُڪيو وَڃي. پَروار ڇانگهي ڇَڏيو ته پاڙَ جو سَتُ نِڪِريو وَڃي. بول جي هَستي هِڪَ سَپَنڊ جي هَستي هُوندي آ. ڪَڏَهن ڪو بول وِسِري ميسارِجي ويندو آ ته بوليءَ جي جُسي ۾ ڦِرنڊَڙ رَتَ آڏو رَنڊَڪ اَچي وِيندي آ. لَفظَن جي جُڙڻ اُپِجَڻ وارو هِڪَ بِئي سان رَلي رُوپ مَٽائِڻ وارو وِٽُ سُڪِي ويندو آ. بادِشاهي بوليءَ مان لَٿَل لَشڪري لَفظَن جي ڏورِ دَربارِي لانِڙيَن جي هَٿِ هُوندي آ يا مولِوي غَنيمتَن جي هَٿِ. جَڏَهن اِنهن لَشڪريُن جي سُنبَن هيٺان لَتاڙِجي لوڪُ بوليءَ جي وَهنوارَن کي سوڪهَڙو لَڳي ويندو آ ته هِيٺو لوڪُ ويتَر ويچارِڙو ٿي پَوندو آ. هَر نَئين لوڙَ گُهرج لاءِ دَرباري لانِڙيَن ۾ عالِمَن ڏي ڏِسڻ لَڳندو آ. جيڪي اَڳِيئون بِيا لَشڪري سَنواري مَٿَس بَڇيو ڇَڏين ۾ لوڪُ بوليءَ جي وَهنوار ۾ بائيتال ويتَر وَڌيو وَڃي. لوڪُ سُرتِ بولَ جَڻَڻ اُپائِڻ جي سَگهه راهين نِسِرَندي ڦُولاربي آ. ماڻهو پنهنجي پاڻ سان ۾ جَڳَ سان بولَن راهِين مِلَندو آ. جي بولَ جوڙِڻ جي سَگهه نه هُجي ته ماڻهوءَ وَٽَ پَنهنجي پاڻ سان ۾ جَڳَ سان مِلَڻ جي ڪُلَ ناهي رَهندي. جي هُنَ جو آپُ ميلُ ۾ جَڳَ ميلُ بادِشاهي لَشڪريُن جي ٽِپاڪِڙيءَ راهين ٽِيٽُوُ آ ته سَمجهو نَه هُو پاڻ سان مِليو نه جَڳَ سان. هُن کي اَندر باهِر هَر دَم بادِشاه جو رعب ئي مِليو. هُو بادِشاهي مَرضِيءَ جو پاڇولو بَڻجي وَيو. پاڻَ هُو جَڻ ٽِيو ئي نَه.

اَنگريز راڄُ آيو ته فارسيءَ جي هَنڌِ اَنگريزي ۾ اُڙدو بادِشاهي بوليون ٿي وَيون. جنهن ميلَ جو جيترو اَنگريز راڄَ سان لاڳاپو وَڌِيو اوتري اُن کي اَنگريزي اُڙدو سِکِڻي وَرتِڻي پَئي. مُغل ۾ ديسي بادشاهيءَ جو اُساريَل وَڏُ ميلُ بِه اَنگريز راڄ سان رَلي مِلي وَيو. کُجُهه تَکِڙو کُجُهه سَهَجي. اَنگريز پاڻ به کُجُهه ڏُريُن کي ٿَپي ڦَڙڪائي اُنَ ميل ۾ کَٽي بيهارِيو. رَستَن ريلُن کُلَڻ سان ڏيساوري واپار وَڌَڻ سان واپاري ميلَ کي نَئين جاڳَ لَڳي. نَيون نوڪِريون نِڪِتيون نَوان ڪَسَب هَليا نَوان عِلِم آيا. بادِشاهي بوليُون سِکَڻ جي مَجبوري بِه وَڌي ۾ سَوادُ بِه. اَنگريزي سِکَڻ وَرِتَڻَ جو سَواد ته اَهڙو ئي هُئو جهڙو اَڳي فارسيءَ جو هُوندو هُئو. لوڪَ کان دُوريءَ جو ۾ راڄَ وارَن سان ويجِهڙائيءَ جو.

هيٺَن ڪـان پَلَؤ ڇَـڏائِڻ جو ۾ وَسَ وارن جي حُضُـوري مـاڻِڻ جـو. فارسي اِيران ۽ ترڪِستان جي خُوشبوءِ سان مَستُ ڪَنـدي هُـئي. انگريــزيءَ ســان اِنگلينڊ ۾ يُــورَپ جا جُهوتا اَچَڻ لَڳـا. اُرْدوءَ جو سَواد ٽِيٽو هُئو. هِڪُ ته اُنَ جي سِڪَڻ وَرتَڻ ۾ ايڏو ڪَشـالو نه هُئو ڪَرَڻو پَوندو. ٻوري ڪـوشِش سـان ئي لـوڪَ ڪـان پَـرانهَپ ۾ راڄَ جي ويڄِهـڙائيءَ جو جُهوٽو اَچَڻ لَڳَنـدو هـو. ٻيو ته اِها انگريز جي آنـدَل نَـئين بادِشـاهي ٻـولي به هُـئي ۾ مُغل جي ڇَـڏيَل پُـراڻي بادِشاهي ٻولي بِه. دَهلي لَکنؤ جي دَربارِن جي پوئِلَڳ اَشِرافن اِنَ کي پـاليو نِپـايو هـو. اِن ۾ فارسي لَفـاظي به هُـئي ته دَهلي لَکنؤ جي اُوچي رَهڻيءَ ۾ وَرتِيا وِيندڙ مُحاورا بِه. سو اُرْدوءَ ۾ نَـئين وَڏَ ماڻهپائي جي رَسُ به هُئي ۾ پُراڻيءَ جو چَسُ بِـه. دَهلي لَکنؤ جي اَشِرافن جو انگريزَن سان لاڳُ پُراڻو ۾ پَڪـو هُيو. نَوان لاڳيدار ڇو پَنهنجي ٻوليءَ سان چِمبِڙي نَوَن مـالِڪَن ڪـان اوپِـرا رَهَن. ڇو نَه جَهتِ پَٽِ ٻـولي مَٿـائي پُـراڻَن مَڃيَل پَروانِيَل لاڳيـدارن وانگُر ٿي وَڃَن. هِتَئون جو نَئُون پَڙهيَل دَهلي لَکنؤ وارَن جو پَلَؤ به جَهلِينــدو هُئو پَر اُنهن کان سَڙندو بِه هُئو. دَهلي لَکنـؤَ وارا نَـئين لاڳيءَ کي پَنهنجو پوئِلڳ ڏِسِي سَرها به ٿِيندا هُئا پر پويان خـارُون به ڪائينـدا هُئا. اِهو سوچي پاڻ کي دِلاسو به ڏِيَٽو ته نَقُل اَصُل جهڙو نَتو ٿِي سَــگهي پَر ســاڻُ ئي ســوڙها بِه ٿِيَٽا مَتــان نَقُل اَصُــل جو اَڳهُ نه ڪيرائي ڇَڏي. سو هوُ نَئين لاڳيـدار جي پُـٺي به ٺَپِينـدا هُئا پر هُنَ تي کِلائُون ٺَٺولِيون بِه ڪَندا هُئا. انگريز راڄَ جي پَڇاڙڪَن پَنجهـاهَ وَرهيَن ۾ لاڳِي مَٿِيَن ميلَن کي سَمجَهه لَڳي ته ٻيلِي اَنگريزَ اَســان جو مالِڪ ئِي نَه پَهاڄُ به آ. جي اِهو نِڪِري وَڃي ته اَســان اِن جي هَندِ لوڪَ مَٿَئون حاڪِم ٿِينداسين. پر لَوڪُ به سُـجاڳ ٿِيڻ لَڳو هو هاڻي. هـاڻِي ته مَٿَس حـاڪِمي اُنَ ڪَـرِڻي آ جيـڪو اِنَ جو اَڳـواڻ بَڻجي. اَسان نَوان اَشِراف آهيون پُراڻَن اَشِـرافن جا وارِث. لـوڪَ جي اَڳواڻي اَسانجو قُدرِتي حَقُ آ. اِئين لوڪَ کان نِيـاري نِـويڪِلي ٿِيَڻ جي نَئِين راهه لوڪُ اَڳـواڻي بَڻجي وَئي. پُـراڻي حـاڪِميءَ جي وِڇوڙي ۾ نَئين حـاڪِميءَ جي آسَ جـاڳي. وِڇايَل مُغل شـانَ جو پِٽِڪو ايندڙ نَئين شانَ جي جَهلڪَن سـان هِڪُ ٿي وَيـو. غَـزَل جي رَمــزُن جو مَطلَب مَٽِجَڻ لَڳي وَيــو. هــاڻِيُن تي جُهــولَڻ جا سَــپنا جُلُوسَن ۾ لوڪَ جي ڪُلهَن تي چَڙِهي جُهولَڻ سان پُـورا ٿي وَيـا. دَرٻــارن ۾ ويهَڻ جي نَشي جي ٻــاڙَ لوڪاچــاري جَلسَــن جي

اِسٽيجُن تي ويهي لَٿي. لوڪ ڪان نِويڪِلو رَهَڻ جو سانءُ هاڻي لوڪَ جي پَرِي پِيڙَ مَنجهِ بِيهي اَچَڻ لَڳو. بادشاهي ٻوليءَ جي تَقريرُن ۽ نَعرن جي گَجِگوڙ مَنجَهئونِ لوڪَ جي ماٺِيٽي مَچِتا جو سُرُور اَچَڻ لَڳو.

بادِشاهي ٻولي اَڳواٽيءَ جي ٻولي تي وَئي ته اُن جي سِڪَڻ جو سَواد ٽِيٽئونِ چوٽو تي وَيو. اِن چَوٽي سَوادَ صَدقي ئي اُرِدو اَخبارُن جو زور وَڌِيو. چار دَرجا پَڙهيَلَ هِيٺا نِماٺا به پئسو آئُو خَرچ ڪَري گهر ويٺي حاڪِميءَ جي خُوشبوِ وَنڻ جوڳا تي وَيا. اِنهيءَ چوٽي سَواد صَدقي ئي اُرِدو اَدَب جي ڪِيَت وَڌِي. ”اَدب“ جو لفظ اُرِدو لِکَتُن جو ئي سَرنامون بَڻيو. لوڪَ ۽ اِن جو مطلب بِه وَڏَن آڏو نِوِڙَڻُ هُئو. وَڏا عُمِر ۾ هُجَن يَلي دَرجي ۾. پِيا مَطلب اِن جا ڏاهَپ ۽ سُگهِڙائِپ به هُئا. اُرِدو شاعري ڪهاڻي مَضمون پَهريون ته ڏاهَپَ سُگهڙائِپ ۾ دَرجي سُجاڻَ جو نِشانُ بَڻيا پَرَ وِيهِين صَدي چَڙهندي لوڪُ راج ۾ سَماج سُڌاري جو جَهندو بِه هِنَ نِشانَ وارَن جي هَٿِ چَڙهي وَيو. مَٿَئون مَٿَئون لِکَڻ پَڙهَڻ وارَن اَنگريز راجَ سان ويرُ پَرچارِڻُو. سَرمائيدارِي جاگِيرداريءَ کي نِندِڻو. غَريب جو ڏُکُ پِٽِڻُو. لوڪُ نابِريءَ جو نَعرو هَڻڻُو. پَر اَندرَئونِ اَچيت سُچيت بادِشاهي ٻوليءَ جي نَوَن سَوادَن جو چَسُ پَئي وَٺِڻو. سو پنجاب ۾ بادشاهي ٻوليءَ جي لِکَت، ظاهِري دَعوىٰ اُنَ جي يَلي ڇا به هُجي، اَصُل ۾ ڍُونگ هُئي خَلقت کان نِويڪِلو نِيارو رَهَڻ جو. اِها وَسِيلو هُئي پُراڻي اَشراف آسَڻَ تي ويهي نَئين لوڪاچاري اَڳواٽيءَ جُون واڳُون هَٿِيڪِيُونِ ڪَرِڻ جو. هَٿِيارُ هُئي نَئين لوڪُ سُرتِ کي زَرَ زَمين وارن نوڪَرن ۽ ڪَسبِيُن جي نَئين پائِيواريءَ جي لاپَ سِر موڙِڻ جو. بادِشاهي ٻوليءَ جي لِکَتُن خَلقت تي جا ڇاپَ چَڏِي هُئي سا چَڏي.اَصُل ته اُنهَن حاڪِميءَ جي نَوَن جُڙي اُپِرَندَڙ دَعويدارَن کي پَنهنجي حَقَ وارثِيءَ جي پَڪَ ڪَرائِي.

جِتي مَلَ پَرڏانِ هُجي اُتي هَر نَئون جَمَندَڙ جِيءُ دَرِجي بَنديءَ ۾ آپي ٿاقِيءَ جي ڪَچَ ۾ پَلندو آهي. سو سارِي جَمارَ تَهُ چَڏُو ئي رَهَندو آ. سَندَس ڪُتي ٽُٽي هَستي سارِي عُمِر پَنهنجي اَڻَ ڏِٺي ڪاڻِ ڏَکِڻَ لاءِ دَرجي بَنديءَ ۾ آپي ٿاقِيءَ جي اوٽَ پَئي ڳولِيندي آ. هُو تَڏَهن جِيئَندو آ جي لوڪَ کان نِٽُ نِويڪِلو ٿِئي. نِٽُ خَلقت کان پَنهنجو پاڻُ پُوجِرائي. هُو مَحَل ڳولِيندو جِيئَندو آ ۽ مُقبرا ڳوليندو مَرَندو آ. پَنجاب ۾ بادِشاهي ٻوليءَ جي لِکَت به مَحَلَن

مُقبِرن جي اَڳتي ڳولا آهي.

انگريز راڄ ۾ نوان پرچار وسيلا نِڪِتا. ڇاپو، اِسٽيج (ڪٿڙهن ٿِيئٽر ڪٿڙهن جَلسي جي) فِلم، ريڊيو. دَربارِي مُشاعِرن ۾ لَهرائِيندڙ آوازُ اِسٽيجن تي چڙهي گُونجڻ لڳو، ريڊيو فلِم ۾ گِهڙي هُليو پُريو. سونَهري رَنگَ سان سِينگاريَل ڪِتابَن ۾ سَجايَل ڪارا ليکَ ڇاپي چڙِهي خَلقت مَٿان سُوار ٿي وَيا. نَوَن پَرچارَ وَسيلن جي مُوهه راڄَ ٻولي سِڪَڻ وَرتَڻ جي نَئون سَواد کي نَئون پُرُکو ڏِنو.

انگريز وَيا ته اَشراف جيڪي لوڪُ اڳواڻ هُئا لوڪ حاڪِم بَڻجي وَيا. جَلسن جُلُوسَن مان ماٺهُن جي ڪُلهَن تي چڙهي سُوارِيون هَلِيون ۾ گوَرنمينٽ هائُوسَن ۾ وَڃِي لَٿيون. بادِشاهي لوڪُ راڄُ بَڻجي ويئي ۾ بادِشاهي ٻوليُون لوڪُ راڄَ جون ٻوليُون ٿي وَيون. جَڏِهن بادِشاهي آزاد اِسلامي حاڪِمي جي پَڙدي پويان ٿي ويئي ته بادِشاهي ٻوليءَ جا سارا سَوادَ آزاد اِسلامي مُلڪ جي قومي زبان جي سَرنامي پويان لِڪي وَيا. نَيون نوڪِريون نِڪتيون. ڏَندا واپارَ کُليا. گهرَن زَمينُن جي لُٽَ پَئي. حاڪِمَن جي رَهٽيءَ جي خُوشبو جيڪا اڳي نَصيبَن وارَن لاءِ هُوندي هُئي سا عامَن کي اَچڻ لَڳي. هَر ڪو پَنهنجو ڪاٽيارو پيچو ڏوئِڻ لاءِ حاڪِم رَهٽيءَ جي وَهَندڙ گنگا ۾ ٽُٻي ڏِيَڻ لاءِ اُتاوِلو ٿي پَيو. ٻارَ پُراڻي هَندِيَل دَٻِيَل آپي جا ٻارَ نه رَهيا. نَئين حاڪِم آپي جا ٻارَ ٿِي وَيا.

اُنهَن کي راڄ ٻولي ٻولرائي آسان پَنهنجي مَندي دَٻيل پيچي کي ٽُرٽُ طَلاقِيو ۾ چِمِڪَندڙ اڳي کي پَنهنجو ڪَيو. لوڪ ٻولي ڇَڏرائي آسان ٻارَن کي عامَن جي ڏَيِيرِي پِيه مَنجهان ڪَڍي وَرتو ۾ راڄ مَحَل جي ڏاڪِڻيُن چَڙهڻ واري وِهِتَل سِهِتَل لائِن ۾ لَڳائي ڇَڏيو. نِويڪِلو اڳو پَنهنجو ڪَرڻ لاءِ نِويڪِلو پيچو پَنهنجو ڪَرٽو پَوندو آهي. ٻولي مَٽائڻ وارَن سَستي پاوَ پيچو مَٽائي ڇَڏِيو. چيتو مَٽائي ڇَڏيو. پَئِنٽون شَلوارون پائي مولِوي غَنيمت ڏينيُن جي پهچ کان ٻاهِر ٿي وَيا. آب آب ڪَندَڙ سِپاهي پُٽِڙن کي ڳُوٺاڻَن ڪوڪا ڪولا ڪولي ڏِنيون.

ٻولي تَٽُ بِه آ تَه اوڏَنُ بِه، سَٽُ بِه تَه اُهجاڻ بِه. سو بادِشاهي ٻولي بادِشاهي وَهَنوار جو هَٿيار بِه آ ته اِشتِهار بِه. اِها نِماڻَن کي نِسَتو ڪري گُڏُدام بَٽائي ڏاڍَن اڳيان نِمائِيندي آ ۾ مَٿَئون هَٿُ بِه ڦيرِيندي آ. اُنهن کي پَرَم ۾ وِجهندي آ ته تَوهان سُگهَڙپ ڏاهَپ وارا ٿي وَيا آهيو. لوڪُ ٻولي به تان ئي لوڪُ

ٻولي آ جي اُها حاڪِم ميلَ جي وَهَنوار جو پُورو ثـوُتُ ٻَڌجي. جي اُها لـوڪَ کي اُنَ جو تَتُ سَـتُ موتـائي ڏِئي، جي اُها خَلقت کي پاڻَ ۾ جوڙي ۾ حاڪِم ميلَ کان اَلَگِ ڪَري، حاڪِم ميلَ جي رِيت پَرتِيت کان اُن جي لاڳِ جي جادُوءَ کان ماڻهُن کي ڇَڏائي. حاڪِم ميـلَ ته هَر حيلي وَسـيلي پَنهنجو لاڳُ پـالِڻو هُونـدو آ. پَنهنجو وَهَنوارجِمائي رَکِڻو هُوندو آ. جي گُهرجَ پَـوي ته اُهو لـوڪُ ٻـوليءَ جي نانءَ جي اوٽَ وَٺي بادِشاهي ٻوليءَ جو سَوادُ ماٽي سَـگهندو آ. نـانءُ لـوڪُ ٻـوليءَ جو رَهي ۾ گهـٽي تَـٽي لَفظـالي بادِشـاهي ٻـوليءَ جي رَهي. يا لَفـاظي لـوڪُ ٻـوليءَ جي هُجي ۾ پَرچـارُ حاڪِم ميلَ جي رِيت پَرتِيت جـو. نَعـرو لـوڪُ ٻـوليءَ جو هُجي ۾ لاڳاپو حاڪِم ميل جو. لوڪُ ٻوليءَ جو اَهڙو وَرتاءُ لـوڪُ تَتَ کـان ڌار تي رُڳو نِشان ٻَڌجي وِيندو آ حاڪِمن جي لـوڪَ کي ڀُلائِڻ جي نِيَّت جـو. اُهو لـوڪُ ٻـوليءَ جو وَرتـاءُ رَهَنـدو ئي نـاهي. جِـيئن بادِشاهي ٻوليءَ ۾ لوڪُ تَتُ پَرچاريو وَڃي ته اُهو لوڪُ تَتُ رَهَندو ئي ناهي.

مُغلَن ويلي حاڪِم پَٽَ بَخمَل پـائي ئي حـاڪِم سَـڏائيندا هُئـا. اَنگريـزَن ويلي آڪِڙيَل کـالَر ۾ هيٺِ سُـوٽَ حـاڪِميءَ جو ويسُ ٿِيو. جَڏَهن لوڪُ اَڳواٽي ڪَـرڻ لاءِ مُغل اَشِـرافن جو وارِث ٻَڌجي ڏيکارِڻو پَيو ته هيٺُن سُوٽَن جي هَندِ شيروانِيون ۾ قُراقليون سَجِي وَيون (هُونئن شـيرواني اَنگريـزي ٽيل ڪـوٽَ جهـڙي به هُـئي). اَڄُ حـاڪِم ميل لاءِ ضَـروري آ ته پَنهنجي پـاڻَ کي اَصُـلئون لـوڪَ مَنجَهئون ڏَسي. لوڪُ رَهـٽيءَ جو چـاوَلُ پالِيَل ٻَڌجي ڏيکـاري. سو شيروانِيون لَهي وَيون ۾ عَوامي سُـوٽَ پـائِجي وَيـا. (سُـتَّڻ چـولي کي حاڪِمي ڪَـرائڻ لاءِ "سـوٽ" ته ڇَوِڙُو ئي پَيـو). وَرِي عَـوامي سُـوٽَ تي شَـرافَتَ جي فَتُـوهِي چَـڙِهي. حـاڪِم جو پَهَـرِڻ پَهَـرِڻ نـاهي هُونـدو سَـندَس نِيَّت جو ڏَڪُ هُونـدو آ. (يا هُن جي نِيَت جي اوگهڙ ڇَئِجي. ڏَڪِڻُ اُگهـاڙِڻُ ئي آهي). جي حـاڪِم اُگهـاڙَن تي حاڪِمي ڪَرَڻ لاءِ اُگهاڙو بِه ٿِي بيهي ته هُنَ جِي ظـاهِر اوگهڙ هُنَ جي اَصُل اوگهڙ جو اوڏَڻ ئي هُوندي. حاڪِم ميلَ جو پَهَرِڻ ڪوئي به هُجي هُن جي نِيـارَپ ڏاريـائِپَ تَه هُن جي حـاڪِم هُجَڻ ۾ ۾ خَلقَت جي کَٽِي ڪَمـائِي پَنهنجي پيٽ وِجهڻ پـارَئُون آ. اَڳي اِن نِيارَپ تي نِيارَپ جو ئي سِينگارُ هُونـدو هُئـو. ڇو تَه اَڳي حـاڪِمي حَـقُ هُئو رَب جي اوتـارَن جـو. هـاڻِي خَلقَت حـاڪِميءَ تي پَنهنجو


حَقُ جَتايو آ ته نِيارَپ کي هِڪَ جَهِـڙائيءَ جي ڏَڪَ سان ڏَڪڻُو تو
پَوي۔

اصولي ۽ ترميم پسند سياست

جاويد راڄپر

”انقلاب، ترت دردناڪ ۽ ڪل جهڙن ڪارنامن جي حاصلات سان نه پر هڪ طاقتور جوابي_انقلاب سان ترقي ڪري ٿو. متحد مخالف (دشمن) سان ويڙهه ۾ ئي حقيقي انقلابي پارٽي پچي راس ٿئي ٿي.“(1) ڪارل مارڪس

پوڙهيون پارٽيون



ڪنهن به سياسي تنظيم لاءِ 30، 40 يا 50 سال ڪافي وڏو عرصو آهي، پنهنجو ابتدائي وڏو هدف ماڻي سگهڻ لاءِ. دنيا جي تاريخ اهڙن انيڪ مثالن سان پري پئي آهي جتي فقط ٻن، ٽن ۽ چئن ڏهاڪن اندر ابتدائي وڏي فتح حاصل ڪئي وئي. مثال طور سڪندر اعظم پنهنجي پيءُ فلپ طرفان قائم ڪيل ننڍڙي مقدونيا سلطنت جون واڳون سنڀالڻ ڪانپوءِ فقط 10 سالن اندر ٽن کنڊن جي وڏي ايراضيءَ تي سلطنت اڏي پنهنجي پهرين ابتدائي منزل ماڻي ورتي. عربن جي ريگستان ۾ جنم ورتل حضرت محمد (صلعم) 40 سالن جي ڄمار ۾ نبوت جو اعلان ڪيو ۽ فقط ٻن ڏهاڪن اندر مڪي کي فتح ڪري ورتو. چندر گپت موريا ۽ ڪوتليا چانڪيه ٻن ڏهاڪن اندر، نندا بادشاهن کي شڪست ڏني ۽ سڪندر اعظم جي جانشينن کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو ۽ پهريون ڀيرو انڊيا جي ننڍي کنڊ کي متحد ڪندي پنهنجي پهرين وڏي منزل ماڻي ورتي. نيپولين جوانيءَ ۾ فرانسيسي فوج ۾ ڀرتي ٿيو. فرينچ انقلاب ڪانپوءِ 1799ع ۾ هن فرانس جي حڪومت جو تختو اندو ڪري پاڻ کي پهريون ڪائونسل مقرر ڪندي پنهنجي ابتدائي هدف کي ماڻي ورتو.

اهي ته آهن پراڻا مثال تنهنڪري اچو ٿورو ماضي قريب

جي ڪجهه مثالن جو جائزو وٺي ڏسون. 1947ع ۾ هندستان کي انگريز سامراج کان آزادي ڏياريندڙ اهم جماعت انڊين نيشنل ڪانگريس 1885ع ۾ ٺاهي وئي جنهن ساڍن ڇهن ڏهاڪن جي سفر ڪانپوءِ پنهنجو ابتدائي وڏو مقصد ماڻي ورتو. 16 ڊسمبر 1971ع تي آزاد بنگلاديش جو بنياد وجهندڙ عوامي ليگ 1949ع ۾ ٺاهي وئي هئي يعني اُن فقط ٻن ڏهاڪن اندر پنهنجو پهريون وڏو هدف حاصل ڪري ورتو. ٽن ڏهاڪن جي جدوجهد ڪانپوءِ آيت الله خمينيءَ ايراني آمر رضا شاهه پهلويءَ جو تختو اونڌو ڪري ايران ۾ مذهبي انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽيءَ جو بنياد 1998ع ۾ پيو ۾ بعد ۾ انهيءَ منجهان جنم ورتل بالشوڪ پارٽيءَ 1917ع ڌاري روس ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو (فقط ٻن ڏهاڪن اندر). جديد چين جو پايو وجهندڙ سن يات سين 1894ع ۾ Revive China Society ۾ 1914ع ۾ چيني انقلابي پارٽيءَ جو بنياد وڌو ۾ نيٺ سندس فوت ٿيڻ ڪانپوءِ چيانگ ڪائي شيڪ جي سرواڻيءَ هيٺ ريپبلڪ آف چائينا جو بنياد وڌو ويو (فقط چار ڏهاڪن اندر). اُنهيءَ چين ۾ 1921ع ڌاري چيني ڪميونسٽ پارٽي ٺاهي وئي جنهن 1949ع ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو (فقط ٽن ڏهاڪن اندر). ساڳئي ريت ويٽنام ۾ هوچي منهه 1925ع ڌاري ويٽنامي انقلابي نوجوان ليگ جو بنياد پيو ۾ 1945ع ۾ ”آگسٽ انقلاب“ آندو ويو (فقط ٻن ڏهاڪن اندر). ماضي بعيد جي مٿين مثالن ۾ سڀ کان ڊگهي ويڙهه وڙهندڙن مان هڪ آفريقين نيشنل ڪانگريس رهي آهي جنهن جو بنياد ته 1912ع ۾ پيو، پر وري 1927ع ڌاري غيرسرگرم ٿي وئي، بعد ۾ 50 واري ڏهاڪي ۾ عوامي تحريڪ هلائي ۾ نيٺ 1994ع ۾ گهڻ نسلي چونڊن ۾ حصو وٺي، پهريون ڀيرو هڪ ڪاري چمڙيءَ واري، نيلسن منڊيلا کي، صدر بڻائي ابتدائي مقصد ماڻي ورتو.

اڌ صدي گذرڻ ڪانپوءِ پارٽي جيڪڏهن ڪو ٻوٿو نه ٻاري سگهي، يعني ابتدائي وڏو هدف (initial or minimum goal) نه ماڻي سگهي ته سمجهڻ گهرجي ته هاڻي اُن منجهه اُها صلاحيت نه رهي آهي ۾ پوڙهي ٿي چڪي آهي. ٽوڙي جو مٿي ڏنل مثالن مان هر هڪ جون حالتون هڪٻئي کان تمام گهڻيون مختلف رهيون آهن ۾ اُنهن مان هر هڪ جو مقصد به مختلف

رهيو، ڪجهه ماٺيل ڪاميابيون ته سُتت ئي پنهنجي ابتڙ ۾ بدلجي ويون، پر اِنهن ۾ هڪڙي شي ساڳي آهي ته اُنهن پنهنجن طئي ڪيل مقصد تائين پهچڻ لاءِ ابتدائي وڏي سوپ ماڻي ورتي ۽ اُها به ٽن، چار، پنجن يا وڌ ۾ وڌ ڇهن ڏهاڪن ۾.

جڏهن ته اُن جي ابتڙ، ڪوڙ ساريون پارٽيون اهڙيون به رهيون آهن جن سچ پچ قومي، عوامي، انقلابي جدوجهدون ڪيون پر چار، پنج ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود اُهي پنهنجي ابتدائي وڏي منزل نه ٿي سگهيون پر اُن جو هرگز اهو مطلب نه آهي ته سندن جدوجهد اجائي ٿي. بلڪل نه. ڪامياب توڙي ناڪام جدوجهدن جي پيٽ ڪرڻ مان اِهو ظاهر ٿئي ٿو ته جيڪڏهن ڪا ڊر چار، پنج ڏهاڪا جدوجهد ڪرڻ باوجود گهربل يا گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي وڏو هدف نه ماڻي سگهي ته سمجهڻ گهرجي ته اُها ڊر هاڻي پوڙهي ٿي چڪي آهي. توڙي جو ايڏو وڏو عرصو ويڙهه ڪرڻ ڪانپوءِ به اها ميدان ۾ رهي ٿي پر هاڻي منجهس توقع نه ڪرڻ گهرجي ته اها ڪو وڏو معرڪو سرانجام ڏئي سگهندي، ڇاڪاڻ ته فطرت جي هين شين ۾ لقائن وانگر جيئن هڪ انسان جنم وٺي ٿو، جوان ٿئي ٿو، پوءِ پوڙهو ٿي، پاڻ منجهان هين شين جنم ڏئي، نيٺ فوت ٿي وڃي ٿو، تيئن سماجي ادارا، تنظيمون ۽ سياسي پارٽيون به جنم وٺن ٿيون، وڏيون ٿي جوان ٿين ٿيون ۽ پوڙهيون ٿي، پاڻ منجهان هين ڪي جنم ڏئي يا پنهنجي حصي جو (خاص ڪري جوانيءَ وارو، ڇاڪاڻ ته نئون نسل پيدا ڪرڻ جي صلاحيت پوڙهائپ ۾ باقي نه بچندي آهي) پورهيو ڪري، فوت ٿي وڃن ٿيون.

تئي چا ٿو ته چار، پنج ڏهاڪن جي ڊگهي عرصي دوران پارٽيون انيڪ معروضي ۽ موضوعي دٻائن جو شڪار ٿينديون رهن ٿيون، جيڪڏهن اُهي اُنهن بحرانن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ گهربل اپاءَ نه ٿيون وٺن ته اِيڏو ڊگهو عرصو گذرڻ باوجود اُهي بظاهر پلي ساڳيون نظر اچن پر اندران ئي اندران اُهي پنهنجي ابتڙ ۾ بدلجي چڪيون هونديون آهن. نج قومپرست، جمهوريت پسند، ترقي پسند ۽ ايتريقدر جو مذهبي جماعت به ايڏو عرصو گذرڻ ڪانپوءِ آهستي آهستي لُوٽ (يعني سماجي نظام) ۾ رهندي لوٽ ٿي ويندي آهي.

ان حوالي سان ڏسبو ته اسان جون اڪثر روايتي

وڏيرڪيون، نسل پرست، مذهبي، نج قومپرست تـوڙي ترقي پسند جماعتون، جن جي ڄمار 30، 40 يا 50 سال تي چڪي آهي، بظاهر موجود به آهن، پر اصل ۾ اُهي پوڙهيون ٿي چڪيون آهن، منجهن جوانيءَ وارو جوش، چستي ۽ سگهه نه رهي آهي. ائين ناهي ته اِن ڊگهي عرصي وچ ۾ اُنهن پارٽين اندر ڪا نـواڻ نه پيدا ٿي هوندي آهي، (اِن عرصي دوران) پارٽين منجهه قيادت ۾ انيڪ ڪارڪن نوان اچي چڪا هوندا آهن، (ڪجهه جماعتن ڪانسواءِ) سندن نالا پڻ بدلجي چڪا هوندا آهن پر اها نـواڻ منجهن اُها صلاحيت پيدا نه ڪري سگهندي آهي جيڪا اُن پارٽيءَ جي جوانيءَ وقت هئي. جيئن ڄمڻ ڪان مرڻ تائين جي سفر دوران هڪ ماڻهوءَ ۾ ڏيهاڙي ڪاڌ خوراڪ جي نتيجي ۾ نئون رت پيدا ٿيندو رهندو آهي پر ان باوجود پوڙهو ٿيڻ ڪري سندس طبعي خاصيتن ۾ وڏو فرق اچي چڪو هوندو آهي. تنهنڪري اِنهن پوڙهين تنظيمن منجهان وڏيون توقع رکڻ اجايو آهي.

هڪ تنظيم جي جوانيءَ مان مراد اُن جي اصولي سياست (principled politics) ۾ لچڪداريت (flexibility) ۾ توازن قائم رکڻ لاءِ ڀرپور صلاحيت، عوام منجهه سرگرميءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ ڀرپور توانائي، دشمن کي للڪارڻ لاءِ ڀرپور مزاحمتي قوت آهي. اُنهن تنظيمن پنهنجي جنم ڪان جوانيءَ تائين اصولي سياست (ان سوال کي پاسيرو رکندي ته سندن اصول غلط هئا/آهن يا صحيح) ڪئي جنهنڪري کين سماج ۾ وڏي موٽ ملي، جوانيءَ وقت سندن قيادت توڙي ڪارڪنن کي اهو يقين هو ته پاڻ جلدئي منزل تي پهچڻ وارا آهيون، جنهنڪري اُهي ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار هئا، ايتريقدر جو چاليهه، پنجاهه سال اڳ ڪيل انهيءَ اصولي، آدرشي ۾ سرگرم محنت جو نتيجو هوندو آهي جو اُن سماج ۾ پڙهيل لکيل ۾ تجربيڪار سياسي ڪارڪنن جي وڏي کيپ تيار ٿيندي آهي، سياسي سوچ رکندڙ ليکڪ، ڪالم نويس ۾ ميڊيا پرسن جو نسل پيدا ٿيندو آهي، عوام منجهه پنهنجن مسئلن خلاف احتجاج ڪرڻ جي روايتن سميت انيڪ هاڪاري خاصيتون سندن جوانيءَ جي اصولي سياست جي پوک جو نتيجو هونديون آهن، جيڪي تنظيمن جي پوڙهائپ باوجود سماج کي مجموعي طور تي هاڪاري فائدا ڏينديون آهن. پر ان وچ ۾ تنظيمون پوڙهائپ جي

ڪري پٺتي پير ڪرڻ شروع ڪنديون آهن ۽ آهستي آهستي سندن مخالف قوتون چڙيل خال والارڻ شروع ڪنديون آهن.

بيماريءَ جي پاڙ؛ نظرياتي ابهام

هڪ تنظيم جي پوڙهائپ يا پنهنجي ابتڙ ۾ بدلجي وڃڻ جي ڪيئن خبر پوي؟ مثال طور هڪ (وطن دوست، يا پورهيت دوست، يا سيڪيولر، يا جمهوري، يا ترقي پسند ۽ انقلابي) تنظيم جيڪا پنهنجي وطن، عوام، طبقي ۽ قوم جي تقدير بدلائڻ جي دعوا ڪري ٿي، (۽ اهڙي دعوا ڪرڻ جو اُن کي پورو پورو حق حاصل آهي)، اُن پنهنجي چار /پنج ڏهاڪن جي تاريخ دوران (1) نظرياتي ميدان ۾ ڪتابن، مضمونن، بيانن، اخبارن، رسالن، ليڪچرن، ڪچهرين، تقريرن چاڪنگ، بينرن، پوسٽرن ۽ بين لکت ۽ زباني صورتن ۾ ڪوڙ سارو فڪري پورهيو ڪيو هجي، پنهنجي وطن ۽ عوام کي حقيقتن کان آگاهه ڪيو هجي، کين شعور ۽ سمجهه ڏني هجي، (2) عوام کي منظم ڪرڻ لاءِ تنظيمي چار وڇايا هجن، (3) سياسي ميدان ۾ انيڪ پرامن جدوجهدون (بُک هڙتالون، مظاهرا، لانگ مارچون، جلسا جلوس، ريليون، جيلن، قيد ۽ قٽڪن، شهادتن سميت قربانيون) توڙي پرتشدد جدوجهدون ڪيون هجن، پر جيڪڏهن ڏهاڪن جي جدوجهد کانپوءِ اُها ساڳي تنظيم پنهنجو ترجمان هڪڙو معياري ۽ سنجيده سياسي ۽ فڪري رسالو به نه ڪڍي سگهي، اُن جي قيادت موجوده دور جو ڳوڙهو ۽ نظرياتي اپٽار به نه ڪري سگهي، ايتريقدر جو (ڪجهه سال اڳ واري) پنهنجي نرالي سياسي سچاٽپ ۾ لائين تان به ڦري وڃي ۽ جن ڌرين کي ڪالهه تائين وطن جو ويري ۽ عوام جي ڳچيءَ ۾ نانگ سڏيو هجيس، اُڄ اُنهن سان مفاهمت ۽ مصلحت ڪرڻ کي عيب نه سمجهي، پرامن حالتن ۾ ٽيندڙ مفاهمت کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ جنگي حالتن جا مثال ڏيڻ لڳي، هر اختلاف، تنقيد، سوال ۽ اعتراض ڪندڙ کي موت ۽ ”دشمن“، ”غدار“ ۽ ”جاسوس“ قرار ڏيڻ لڳي، مذهبي جماعتن وانگر سڀني مسئلن جي حل جي دعويداري ڪرڻ لڳي، جتي ادارن بدران شخصيتن جا فيصلا حاوي ٿيڻ لڳن، جتي قانون ۽ آئين بدران فردن کي وڌيڪ اهميت ملڻ لڳي، جتي پارٽي، ڪارڪنن ۽ عوام بدران فقط

هڪڙي شخصيت جا نعرا لڳايا وڃن، ماضيءَ جي ساڳئي اصولي موقف تي قائم رهڻ بدران تڪڙا ۽ مختصر مدي وارا عارضي فائدا ماڻڻ لاءِ موقعي پرستي ڪرڻ ڪان نه ڪيٻائجي، حال جي سوالن ۾ اعتراض جي موت ۾ پنهنجي ماضيءَ جي قلمي ۽ عملي پورهيو ڳڻائجي، ماضيءَ جي مخصوص ڪارنامن جو ذڪر ورجائي ورجائي ڪجي، ڌهاڪن جي مسلسل فڪري ۽ عملي محنت ۽ جاکوڙ باوجود اُن تنظيم وٽ اڄ جيڪڏهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن چند ماڻهن ڪانسواءِ ڪارڪنن جي وڏي اڪثريت کي اُن جي نظريي جي بنيادي اصولن جي ڄاڻ به نه هجي (جيڪڏهن اُنهن مان ڪنهن کان پڇجي ته پنهنجو نظريو ڪهڙو آهي؟ ۾ موت ۾ جواب ملي ”....... ازم“ پر جيڪڏهن ڪائنس پڇا ڪجي ته ”...... ازم ڇا آهي؟ هن مهل تائين ان جي تاريخ ڇا آهي؟ هن وقت ۾ موجوده حالتن ۾ ان کي عمل ۾ ڪيئن آڻبو؟ خاص ڪري پاڪستان ۾ سنڌ جي مخصوص حالتن ۾ ڪيئن لاڳو ڪبو؟“ ۾ موت ۾ جواب اهڙو ئي ملي جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي اها ته خبر هجي ته اسانجو ڏاڏو آدم هو پر اها خبر نه هجيس ته اهو انسان هو يا ملائڪ؟ قد جو بندرو هو يا ڊگهو؟ رنگ جو اڇو هو يا ڪارو؟ ٻانهون ۾ ڄنگهيون ڪيتريون هيس؟ وغيره) ته اهي سموريون ننڍيون وڏيون علامتون اُن تنظيم جي پوڙهائپ/ پنهنجي ابتڙ ۾ تبديل ٿيڻ کي ظاهر ڪن ٿيون.

اِن ڊگهي عرصي دوران اهڙي تنظيم کي ڪوڙ ساريون بيماريون لڳنديون رهنديون آهن جيڪي ڪيس اندران ئي اندران ڪمزور ڪنديون رهنديون آهن. پر اُنهن مان ڪجهه بيماريون بنيادي ۽ ڪجهه ثانوي هونديون آهن. مٿيون علامتون ڪهڙي بيماريءَ کي اظهارين ٿيون؟

اهي سموريون ننڍيون وڏيون علامتون هڪڙي وڏي بيماريءَ کي اظهارين ٿيون جنهن کي سياسي لغت ۾ مبهم، اٽڪل ۽ ترميم پرست نظرياتي لائين سڏبو آهي جنهنڪري ڪنهن به پارٽيءَ کي (ڀلي پوءِ اُن جو ماضي ڪيڏو به شاندار ڇو نه رهيو هجي) مٿئين قسم جون بيماريون وڪوڙي سگهن ٿيون. مٿي ڄاڻايل علامتون اصل ۾ ظاهري لقاءَ آهن جيڪي اصل جوهر جو مظهر آهن. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته فقط ظاهري علامتن ۾ تبديلي ناهي ٿي پر اصل جوهر ئي بدلجي چڪو آهي. ائين ٿي

سگھي ٿو ته اهڙي تنظيم بظاهر صحتمند نظر اچي پر اندران ئي اندران اُن جو جوهر، ڳُر ۾ اصل پنهنجي ابتڙ ۾ بدلجي چڪو هوندو آهي.

ظاهري لقاءَ ۾ اصل جوهر جي معاملي کي بهتر نموني سمجهڻ لاءِ فلسفي جي اصول جوهر ۽ مظهر (Essence & Phenomena) کي پروڙڻ پوندو ۽ اِن معاملي ۾ لازم ۽ اتفاق (Necessity & Chance) پڻ مددگار ٿيندو. عام يا ٿورو گھٽو سمجهُو ماڻهو ٻاهرين دنيا (معروض) توڙي پاڻ بابت ظاهري لقائن، مظهرن ۽ صورتن کي ڏسي اُنهن مان نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جڏهن ته ماهر ۽ چاڳو ماڻهو ظاهري صورتن منجهان اندرئين جوهر کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيئن هڪ ڊاڪٽر جسم جون ظاهري علامتون ڏسي مريض ۾ موجود اصل مرض جي سڃاڻپ ڪري سگھندو آهي. تيئن سماجي سائنس ظاهري لقائن ۽ مظهرن بدران اصل جوهر کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ڇاڪاڻ ته (1) جوهر ۽ ڳُر کي سمجهڻ ڪانپوءِ ظاهري لقائن کي پروڙڻ آسان ٿي پوندو آهي. (2) ماضي ۽ حال جي مظهرن ۽ لقائن کي ڏسي مستقبل جو اندازو لڳائي سگھبو آهي ۽ (3) اصل جوهر سان ٺهڪندڙ لچڪدار پارٽي پاليسيون، هفتيوار، ڏيهاڙي، ماهوار ۽ ڇهه ماهي ڪمن جو تعين ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي آهي.

توهان جو اصل، جوهر ۽ ڳُر ڇا آهي؟ اهو پلي دشمن کي نه ٻُڌايو ڇاڪاڻ ته خود دشمن به پنهنجا اصل مقصد اوهان آڏو ظاهر نه ٿو ڪري، پر دشمن هزار چالاڪيون ۽ اٽڪلون ڪرڻ باوجود اُن جو اصل ۽ جوهر اُن جي ظاهري سرگرمين، مظهرن ۽ لقائن مان نروار ٿي پوندو آهي. آمر جنرل ضياءَ الحق، جنرل مشرف توڙي اقتداري ڪوڙا جمهوري حڪمران ظاهري طور تي عوام دوستي، جمهوريت، آزادي ۽ خوشحالي جا بيان ۽ تقريرون ڪندا رهيا آهن پر سندن عمل سندن اصل نيت (ارادي، مقصد) کي ظاهر ڪري ڇڏيو. تيئن اسين پلي پنهنجي پر ۾ انقلابي هجڻ جي دعوا ڪندا رهون پر اسان جو روز مرهه جو عمل، پاليسيون، بيان ۽ پيون صورتون اسان جي اصل ۽ جوهر (مقصد) کي اظهارڻ جو ڪم ڪنديون آهن.

اوڌهيءَ جو ڪم ڪندڙ: ترميم پسندي

ترميم پسنديءَ جو مطلب آهي ته اڳوڻي نظريي جي ڪجهه عنصرن کي ڪٽي ڪنهن نظريي ۾ بنيادي تبديلي آڻي ان جي جاءِ تي نئون نظريو ڏيڻ. جيتوڻيڪ، هر نظريو بدلجندڙ حالتن سان گڏ تبديل ٿيندو رهندو آهي پر ان نظريي جي بنيادن کي بدلائڻ جو مطلب ان کان انڪار ڪرڻ يا ان جي ابتڙ ۾ تبديل ٿيڻ هوندو. سياسي پارٽين جي تاريخ ثابت ڪري ٿي ته جديد سياسي نظرين کي نه صرف عقيدي پرستيءَ جي صورت ۾ بگاڙيو ويو آهي پر ساڳئي طرح سائنسيت ۾ معروضيت جي نالي ۾ پڻ ان جي ڳر ۾ جوهر کي بگاڙيو ويندو رهيو آهي. عقيدي پرستيءَ تي اعتراض ڪرڻ ۾ ان جي نشاندهي ڪرڻ آسان آهي پر وڏو ۾ اهم مسئلو "سائنسيت" جي آڙ ۾ ٿيندڙ بگاڙ کي سمجهڻ آهي.

اسان وٽ دنياداريءَ (خاص ڪري سماجي مرتبي، ڪاروبار ۽ سياست) جي معاملي ۾ هڪڙو رويو عام جام ملندو جنهن جو اظهار هنن سٽن مان ٿئي ٿو: "بدليل حالتن مطابق پاڻ کي بدلائڻ"، "جيڪڏهن پاڻ کي نه ٿا بدلايو ته پوءِ توهان ختم ٿي ويندا...!" يا "توهان کي ڪير ڪنگهندو به ڪونه...!" يا "ماضيءَ جو قصو بڻجي ويندا...!" وغيره. اهي ڳالهه ائين پيش ڪئي ويندي آهي ڄڻ ته آخري ۽ حتمي سچ هجي ۽ ايترا پيرا ورجائي وڃي ٿي جو ٻُڌندڙ (بنا ڪنهن تجربي جي) اُن کي سچ سمجهي پين کي صلاحون ڏيڻ شروع ڪندا آهن. مثال طور اسان وٽ سماج ۾ مان مرتبو، دولت ۽ شهرت ماڻڻ لاءِ ڪوڙ، لالچ، بدعنواني ۽ منافعي خوريءَ کي "ڪاميابيءَ جا راز" سمجهڻ عام ڳالهه آهي. اهو ساڳيو معاملو سياست تي به لاڳو ٿئي ٿو. جيڪڏهن حڪمران طبقن جي سياست مفاهمت، مصلحت ۽ موقعي پرستيءَ تي ٻڌل هوندي ته پيون تنظيمون (بظاهر پلي انقلابي، قومي ۽ ترقي پسند ڇو نه هجن) آهستي آهستي انهيءَ بيماريءَ جو شڪار ٿينديون ۽ ايتريقدر جو ڏسڻا واسڻا ۽ سڄاڻ حلقا ڪين صبح شام (ڪيترن ڏهاڪن کان جدوجهد ڪرڻ باوجود گهربل ڪاميابي نه ماڻي سگهڻ جا طعنا مهڻا ڏئي) مفاهمت ۽ موقعي پرستيءَ جا گس ڏيکارڻ شروع ڪندا آهن. ائين حڪمران طبقن جي ايجنڊا کي عمومي هالو چالو اصول بڻائي ڇڏيندا آهن ۽

اصولي سياست جڻ ته گـار بڻجي وينـدي آهي، جيڪـڏهن ڪا ٽر اصولي سياست ڪرڻ چاهيندي تـڏهن به مٿس چـٽرون، ٽٺولـون ٽيڻ لڳنديون، سندن نظرياتي بيهڪ کي يوٽوپيـائي ۾ ناقابل عمل قـرار ڏئي رد ڪيو وينــدو ۾ ائين اصــولن تي عمل ڪنــدڙن کي چريو سمجهڻ عام رويو بڻجي ويندو آهي.

بهرحــال، سياسي نظريو جــيئن ته عقيــدو نه هونـــدو آهي تنهنڪـــري اُهو بدلجنـــدڙ حـــالتن مطـــابق هر وقت تبـــديليءَ جو گهرجائو هوندو آهي پر جيڪڏهن اُها تبـديلي نظـريي جي بنيـادي اصــولن کي بــدلائي ڇـڏي ته پــوءِ فقط نــالي ۾ نظريو انقلابي، وطن دوست ۾ جمهوري رهجي ويندو آهي باقي اصل ۾ بنيــادي تــرميمن بعد ظـــاهري لبــاس ته انقلابي ڏيک ڏيڻ لڳنــدو آهي پر موقعي پرسـتي اُن جي جسـماني ڍانچي کي انـدران ئي انـدران ڳاري چـڪي هوندي آهي، جنهن جو اظهار مٿي ڄاڻايل صــورتن ۾ ٿيڻ لڳندوآهي. مثال طــور هڪ انســان جيڪــڏهن ڪنهن حــادثي، بيماري يا ڪنهن جهيڙي ۾ پانهن پڄائي وجهي، سندس ڪن ٻُـڏڻ ڇــڏي ڏين يا ســندس دمــاغ خــراب ٿي وڃي ته پــوءِ اُن ســاڳئي انسان (جو احترام ڪندي) جي سڃاڻپ آڏو هڪڙي نـئين صــفتي سڃاڻپ ڏيڻ شروع ڪندا آهيون، يعني منڊو، لولـو، ٻُـوڙو ۾ چريو انسان. تيئن نظريو بظاهر پلي قــومي، انقلابي يا جمهــوري هجي پر اُن جي آڏو لڪبو منـــڊو انقلابي، گونگو پـــوڙو انقلابي ۾ چريو انقلابي نظريــو. ســرمائيدار انقلابي نظريو ۾ جمهــوري وڏيرڪو انقلابي نظريو ۾ ايتريقـــدر جو خانـــداني انقلابي نظـــريي جي صورت به وٺي سگهي ٿو.

ٿورو پنٺي، ٿورو پنٺي...!

تــرميم پرســتيءَ لاءِ هر پنجن ڏهن ســالن کــانپوءِ دليل ڏنو وينــدو رهيو آهي ته (1)ــ "دور ۾ حـــالتون بــدلجي ويــون آهن. تنهنڪري ٿورو پنٺي هٽڻ جي ضرورت آهي." پنٺي هٽندي هٽنــدي صـورتحال وڃي اُتي پهـتي آهي جو جيڪـو خـال تـرقي پسـند، نج قومپرست، ۾ لبرل جمهوري قوتون ڇڏينديون رهيون اُهو ڇــڏيل خـال روايـتي ۾ رجعـتي مـذهبي سياسي ڌرين پــرڻ شــروع ڪيو آهي. (2) "اســين جنهن ملڪ ۾ رهــون ٿا ان جــون حــالتون بنهه مختلف آهن" (3)ـ "هر شي تبديل ٿينـدي رهنـدي آهي تنهنڪـري

نظريو به تبديل ٿيڻ گهرجي“ (4)۔ ”سياسي نظريو کو مقدس ڪتاب ناهي جنهن ۾ ڦيرڦار نه ٿي سگهي“. انهن دليلن کي بنياد بڻائي نظريي جي بنيادي اصولن جو نئين سر جائزو ورتو ويندو رهيو آهي.

مثال طور نج قومپرست قوتون چونديون ته ”اڳ ۾ قومي آزاديءَ لاءِ پاڻ جهڙين مظلوم قومن يا قومن جي آزاديءَ جي حمايت ڪندڙ عالمي طاقتن کان مدد ورتي ويندي هئي، پر هاڻي حالتون بدلجي چڪيون آهن. تنهنڪري آمريڪي سامراج (قومن جي آزاديءَ جي دشمن) سان به اتحاد ڪري سگهجي ٿو.“ ”اڳ ۾ پرامن طريقي سان جدوجهد توڙ تائين پهچائي سگهجي پئي پر هاڻي واحد رستو پرتشدد ويڙهه ئي بچيو آهي.“ ”قومي آزاديءَ لاءِ ڪنهن نسل پرست دهشتگرد سان به ويهي سگهجي ٿو.“ جڏهن ته انڌيون منڊيون عوامي جمهوري قوتون جيڪي ڪالهه تائين پاڻ کي سوشلسٽ بلاڪ جو اتحادي سمجهنديون هيون، غيرجانبدار تحريڪ جو حصو ٿيڻ چاهينديون هيون، ڪوڙو سچو سوشلزم کي قبولينديون هيون، سي هاڻي ڪنهن قسم جي مفاهمت ۽ مصلحت لاءِ هر وقت تيار ويٺيون آهن، پلي پوءِ ڪنهن سامراجي، نسلي، دهشتگرد ۽ عوام جي ويري قوت سان اتحاد چو نه ڪرڻو پوي پر اقتدار کي بچائڻ لاءِ هر ڪم ڪري سگهجي ٿو يعني ”معاهدا ڪي قرآني آيتون ناهن.“ (هاڻي صورتحال اتي وڃي پهتي آهي جو نج ساڄي ڌر سان واسطو رکندڙ ڌريون (قادري ۽ خان وغيره) پورهيت طبقي، جمهوريت، احتساب ۽ ايتريقدرجو مسلم ليگ ٽائپ تنظيمون قومن جي حقن، سويلين اختيارن جي معاملن ۾ اڳيريون نظر اچن ٿيون.)

جڏهن ته ترقي پسند قوتن طرفان چيو ويندو رهيو آهي؛ ”جيڪي نيون ڳالهيون ۽ نوان ڪم لينن ڪيا انهن بابت مارڪس ذڪر نه ڪيو هو. مارڪس چيو هو ته ”هڪ ئي وقت ۾ يا ٻن کان وڌيڪ سرمائيدار ملڪن ۾ انقلاب ايندو تڏهن ئي جٽادار ثابت ٿيندو پر لينن هڪ ملڪ ۾ انقلاب آندو ۽ بالشوڪ پارٽيءَ جهڙي انقلابي تنظيم ناهي. ساڳئي ريت، جيڪي ڳالهيون ۽ ڪم مائوزيتنگ ڪيا تن جو ذڪر لينن نه ڪيو هو. مثال طور ڊگهي عوامي جنگ ۽ انقلاب جي لاڳاپي ۾ ٻهراڙين ۾ خاص ڪري هارين ۾ ڪم ڪرڻ واري لائين وغيره.“ انهن دليلن ذريعي اهو

ثابت ڪيو ويندو رهيو آهي ته ”اسين جيڪو ڪجهه به ڪندا رهيا آهيون ۾ ڪريون پيا سو بلڪل مارڪسي لائين سان ٺهڪندڙ آهي!“ پر اهو ٻڌايو وڃي ته اهو عام مثال آهي جيڪو بلڪل درست آهي پر اهو هن وقت ۾ هنن حالتن ۾ نوس نموني عمل ۾ ڪيئن ايندو؟ مثال طور جيڪڏهن مارڪس جي دور ۾ شخصي نعري بازي نه لڳندي هئي ۾ ٽيهه سال اڳ يا هاٽي شخصي نعرا لڳايا وڃن ٿا ته اُهي درست ڪيئن آهن؟ مارڪس اليڪشن ۾ پارليامانی طريقي سان انقلاب آڻ جي ڳالهه نه ڪئي ته اُهو طريقو اڄوڪي حالت ۾ درست ڪيئن آهي؟ جيڪڏهن مارڪس پرتشدد انقلابن جي ڳالهه (ماسواءِ آمريڪا جهڙن ملڪن جي) ڪئي ته اڄ پرامن جدوجهد ذريعي انقلاب آڻ ڪيئن درست آهي؟ مارڪس جي دور ۾ گلوبلائيزيشن نه هئي ۾ اڄ جيڪڏهن آهي ته ان گلوبلائيزڊ سامراجيت جي دور ۾ عالمي پورهيت انقلابي تحريڪ ۾ علائقائي تحريڪن جو هڪٻئي سان لاڳاپو ڪهڙو هوندو؟ مارڪس جي ڏينهن ۾ هاٽوڪي مذهبي جنونيت نه هئي ته هاٽوڪي مذهبي جنونيت جي هوندي جدوجهد جي ڪهڙي صورت هوندي؟ مارڪس کانپوءِ ڏيڍ سو سالن جو پورهيت انقلابي تحريڪ جو تجربو آهي جنهن ۾ ڪيتريون ڪاميابيون ۾ ناڪاميون مليون آهن انهن جي هوندي ٿُرت ۾ مستقبل جي ڪهڙي واٽ هوندي؟

اهي به عام سوال آهن تنهنڪري ٿوس سوالن تي اچون ٿا. نه رڳو ايترو پر اڄوڪين حالتن ۾ تنظيمي ڍانچا، سطحون ۾ دائرا ڪهڙن بنيادي اصولن تي آڌاريل آهن؟ جيڪڏهن جواب آهي ته جمهوري مرڪزيت تي. ته پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي ته جمهوريت ۾ مرڪزيت تحت اختيارن جي ورڇ ۾ توازن ڪيئن برقرار رهندو؟ ڪهڙو ادارو بااختيار هوندو؟ ۾ جيڪڏهن اهڙو ادارو هجي پر ان جي ڪا واضع ۾ چٽي شڪل به نه هجي. اهو لقاءُ ثابت ڪري ٿو ته اصل ۾ اسان جي نظرياتي لائين ئي مبهم آهي جنهن جو عڪس تنظيمي ڍانچن ۾ اختيارن جي ورڇ جي صورت ۾ اظهارجي ٿو. ان جي انتهائي شڪل ادارن بدران فقط هڪ يا ٻن فردن ڏانهن اختيارن جي منتقليءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

هر شي تبديل ٿيندڙ آهي ڪابه شي ۾ لقاءُ حتمي ۾ قطعي نه ٿيندو آهي اهو ته ڪائنات گير قانون آهي جيڪو هر ذري ۾

لهر ۾ روان دوان آهي. ان اصول جي صداقت تي ڪنهن کي به شڪ ناهي ۽ اهو هڪ عام قانون آهي. پر لينن چيو هو ته ٺوس حالتن جو ٺوس تجزيو ڪرڻ گهرجي. سائنسي سوچ رکندڙ ماڻهوءَ لاءِ ائين عام ڳالهه ڪري ڇڏڻ ڪنهن به صورت ۾ ڪافي ناهي.

جيڪڏهن ڪا ڌر اها دعوى ڪري ٿي ته ”مارڪسزم هڪ سائنس آهي ۽ سائنس مسلسل تبديل ٿيندي رهندي آهي تنهنڪري ڪابه نظرياتي لائين، واٽ ۽ طريقو اڳواٽ طئي ۽ متعين (Fixed & determined) نه ڪرڻ گهرجي پر بدلجندڙ حالتن مطابق هلڻ گهرجي.“ ”جيڪڏهن اڳواٽ طئي ڪري ڇڏبو ته پوءِ اڪرن جو قيدي ٿي وڃبو“ ”سماجي سائنس ۾ اڳواٽ ضمانت ڏيڻ واري ڳالهه ئي غيرسائنسي آهي ۽ عقيدي پرستي آهي“ ”مارڪسزم سائنس آهي عقيدو ته ناهي!“ تنهنڪري، هر وقت بدلجندڙ حالتن مطابق پاڻ کي به بدلائڻو پوندو سياست به ائين آهي جيئن ڊرائيونگ. ٿورڙو به هيڏي هوڏي ٿيڻ سان حادثو ٿي پوندو! بلڪل درست خيال آهن پر اهو سمجهڻ گهرجي ته سائنس اتفاق جي آسري تي نه هلندي آهي.

اتفاق کان وڌيڪ لازم تي زور ڏيڻ گهرجي

سائنس جو ڪم آهي ته ماضيءَ جي تجربن جي بنياد تي ان مان مستقبل ۾ ٿيندڙ واقعن جي اڳڪٿي ڪري سگهي. توڻي جو دنيا جي ڪابه سائنس مستقبل جي ڪنهن وڏي يا ننڍي اتفاق ۽ حادثي جو اڳواٽ اندازو نٿي لڳائي سگهي. پر دنيا جو ڪاروهنوار اتفاق (Chance) جي آسري تي نه هلندو آهي. مثال طور هر انسان کي پڪ هوندي آهي ته هُو ڪيڏي مهل به مري سگهي ٿو پر ان باوجود اهوئي انسان، جنهن کي ٻئي لمحي جي به پڪ ناهي هوندي، سو وري 40 يا 50 سال تائين قائم رهندڙ عمارت (گهر) تعمير ڪرائيندو آهي، سال ٻن لاءِ 8 يا 10 ڪپڙن جا جوڙا تيار ڪرائي رکندو آهي، مهيني يا سال جي ڪاڌي پيتي جو بندوبست ڪندو آهي. ساڳئي طرح، هر مسافر ۽ ڊرائيوار کي هروقت خاطري هوندي آهي ته هُو ڪيڏي مهل به حادثي جو شڪار ٿي سگهي ٿو پر گاڏيءَ ۾ پيٽرول به وجهرائيندو، موبل آئل به وجهرائيندو، ٽائر، بريڪ، ٽيوننگ، بتين ۽ هارن وغيره جو

اڳواٽ بندوبست ڪندو آهي. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي ايندڙ لمحي جي به پڪ نه هجي ته ڇا ٿيندو؟ اصل ۾، ماڻهوءَ کي پلي پنهنجي حياتيءَ بابت ڪا خاطري نه هجي پر هُو پنهنجي زندگيءَ جي مختصر تجربي ۽ ان کان اڳ جي سوين سالن جي علم ۽ مشاهدي جي بنياد اهو سمجهي وٺندو آهي ته سندس ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهن جي عمر 40، 50 يا 80 سال ٿيندي آهي (تنهنڪري تي سگهي ٿو ته هي به ايتري ڄمار ماڻي) يا سندس ملڪ ۾ هلندڙ لکين ڪروڙين گاڏين جا حادثا نه به ٿيندا آهن. مطلب ته مستقبل بابت رٿابندي اتفاق جي آسري ۾ هر وقت ۾ تيزيءَ سان بدلجندڙ واقعن جي آڌار تي نه پر انهن اتفاقن، تبديلن جي پٺيان ڪارفرما لازمي (essential) ۽ فطري سماجي قانونن (Natural & Social Laws) جي بنياد تي ڪئي ويندي آهي. جهڙي ريت، انشورنس ادارا ڪندا آهن جن کي هر هڪ ماڻهوءَ جي مرڻ يا حادثي جو شڪار ٿيڻ جي خبر نه هوندي آهي پر انهن کي مهينن يا سالن جي انگن اکرن مان يقيني اندازو لڳي ويندو آهي ته ايندڙ مهيني، ڇهن مهينن يا سال دوران ڪيترا فرد موت يا حادثي جو شڪار ٿي سگهن ٿا نه ته ٻي صورت ۾ هُو اربين روپين جي سيڙپ ئي نه ڪن. جيتوڻيڪ، سياست جو روزمرهه جو ڪم ڊرائيونگ وانگر هوندو آهي پر ڊرائيونگ کان اڳ گاڏيءَ ۾ پيٽرول، موبل، بريڪ، ٽائرن سميت سڀ ڊرائيور جهڙن لازم عنصرن جي اڳواٽ پڪ ڪبي آهي ۽ پوءِ منزل ۽ انهن ڏانهن ويندڙ رستي جي چٽي نشاندهي ڪبي آهي ۽ پوءِ ان رستي تي هلندي جيڪي رڪاوٽون، ڪڏا، جهاڪا، ڏڪ لڳن اهي اتفاق جي زمري ۾ اچن ٿا ۽ انهن کان بچڻ جو دارومدار سياست جي فن تي آهي. مطلب ته بنيادي مقصدن جي لازمي عنصرن بابت اڳواٽ پڪ ڪرڻ ڪانسواءِ ته توهانجو سفر ئي بيڪار هوندو.

تنهنڪري، گذريل انساني تاريخ، خاص ڪري سوشلزم جي هڪ صديءَ جي عملي تاريخ مان، مستقبل جي سوشلزم جي ڏانهن وٺي ويندڙ واٽ، اقتصادي ۽ سياسي پاليسي ۾ ڊگهي مدي واري حڪمت عمليءَ جي باري ۾ تلهي ليڪي هڪ حد تائين ڪجهه معاملا طئي ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن اها دعوى ڪئي وڃي ته نه معاملا (40 سال) اڳ ۾ ئي طئي ٿيل آهن ته به انهن

کي 2015 مطابق نون ثابتين ۾ دليلن سان وڌيڪ يقيني بنائڻ جي ضرورت آهي نه ته اهائي سائنس عقيدي جي صورت وٺي ويندي. جيڪڏهن ڪا ڌر اعتراض ڪري ته پلا ٻڌايو ته ڪهڙي وات وٺون؟ ۾ ماضيءَ جا ناڪام تجربا ڳڻائي اهڙي ڪنهن وات تي هلڻ کي رد ڪري يا ان بنياد تي مستقبل جي يقيني وات جو تعين ڪرڻ کان انڪار ڪري ته پوءِ؟ اهو سمجهڻ گهرجي ته مارڪس ۾ ان ڪانپوءِ واري سموري تاريخ ثابت ڪيو آهي ته اهو ضروري شرط ناهي ته ڪو بهترين سوشلسٽ ماڊل موجود هجي ته پوءِ جدوجهد ڪجي نه ته نه ڪجي. چاڪاڻ ته خود ڪارل مارڪس ۾ لينن جي اڳيان پڻ ڪوبه ڪامياب نمونو موجود نه هو پر ان باوجود مارڪس سوشلزم کي سائنسي سوشلزم سڏيو ۾ لينن ان کي عمل ۾ آڻي ڏيکاريو.

اهو ئي سبب آهي جو ڪا واضع ۾ چٽي ڏگهي مدي واري نظرياتي لائين نه هجڻ ۾ ننڍي مدي واري مبهم پروگرام جي ڪري ڪيتري عرصي کان فقط اشوز جي سياست ٿيندي رهي آهي. جيتوڻيڪ، اشوز جي سياست جي اهميت گهٽ ناهي پر اهم سوال هي آهي ته اهڙيون ننڍيون ۾ هزارين سوين وڏيون جدوجهدون ڪهڙي منزل طرف وٺي وڃن پيون؟ يا وٺي وينديون؟ ۾ ڇا اهي اسانجي بنيادي نظرياتي لائين سان ٺهڪندڙ آهن يا نه؟ انهن جدوجهدن ۾ اسانجي ڊگهي پروگرام ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟

منزل نه پر تحريڪ ئي سڀ ڪجهه آهي...!؟

ترميم پرستيءَ جو پراڻو نعرو رهيو آهي ته ”آخري منزل ڪجهه به ناهي پر تحريڪ ئي سڀ ڪجهه آهي“ ان قسم جي اعتراض جو جواب اهو ڏنو ويندو ته ڇا هيءَ سموري اشوز جي جدوجهد ۾ اسانجي محنت بيڪار آهي؟ اسين گذريل چار ڏهاڪن کان قربانيون ڏيندا، احتجاج ڪندا پيا اچون اهو سڀ فضول آ؟ جواب آهي ته بلڪل نه. پر ڪنهن مقصد ۾ منزل ڪانسواءِ اشوز جي ٿيندڙ سياسي جدوجهد ائين آهي جيئن موت جي کوهه جو کيل. جنهن ۾ ڊرائيور وڏو جوکم کڻي اسڪوٽر هلائيندو آهي جيڪو پڻ حيرت انگيز ڪم هوندو آهي پر اسڪوٽر جو سمورو سفر فقط مخصوص دائري اندر ورجاءُ وانگر هوندو آهي.

ترميم پرستيءَ جي حق ۾ پيو اهم دليل ”معروضي حالتن“ جو ڏنو ويندو آهي. توڙي جو، معروضي حالتن کان انڪار ڪرڻ مارڪسزم کان انڪار برابر آهي. پر ڇا موضوعي حالتن جو ڪوبه ڪردار نه هوندو آهي. هي ته ائين ٿيو ته پنهنجي مرضيءَ سان ڪو سفر نه ڪجي پر جيڏانهن جي هوا لڳي اهو رخ ڪجي.

اپني مرضي سي ڪهان اپني سفر ڪئي هين
رخ هوائون ڪا جدهر ڪا هي ادهر ڪي هين

جيتريقدر، تبديليءَ واري ڪائنات گير قانون جو تعلق آهي ته گذريل لکين سالن کان انساني سماج ۾ فڪر ۾ ته تبديليون ٿينديون رهيون آهن پر ساڳئي ڊگهي عرصي دوران انساني جسم ۾ ڪي واضع صفتي تبديليون ڪونه ٿيون آهن، جيڪڏهن اهڙي ڪا به صفتي جسماني تبديلي ٿيندي ته انسان جي وصف ڪي ورائي ڏسڻو پوندو. لاتعداد تبديلين جي باوجود ڌرتي چار ارب 60 ڪروڙ سالن کان پنهنجي ڪُلي حيثيت ۾ موجود آهي. ڪروڙين سالن کان ڏينهن رات جو ڦيرو مسلسل هلندو رهي ٿو ان ۾ ڪا خاص صفتي تبديلي نه آئي آهي. هر سال جون موسمون لکين سالن کان ٿوري گهڻي فرق سان هلنديون پيون اچن. هزارين سالن کان ذاتي ملڪيت ۾ طبقاتي نظام جو وجود برقرار آهي توڙي جو ان ۾ هزارين قسم جون ننڍيون وڏيون تبديليون ٿينديون رهيون آهن. هزارين سالن کان مذهبي عقيدا هلندا پيا اچن جن جون ڪيتريون ئي صورتون بدلجنديون به رهيون آهن. انهن دليلن ڏيڻ جو مطلب هي آهي ته تبديلي ته هر وقت ۾ هر هنڌ ٿيندي رهي ٿي پر ڪي تبديليون لمحن جي لکين حصي ۾، ته ڪي منٽن ۾ ڪلاڪن ۾ ته ڪي ڏينهن، مهينن ۾ سالن ۾ ته ڪي تبديليون لکن سالن ۾ رونما ٿينديون آهن. تنهنڪري، جيڪي تبديليون لکين ڪروڙين سالن ڪانپوءِ عمل ۾ اچن ٿيون انهن ڪي پائيدار، جٽادار، مستقل ۾ عمل سمجهيو وڃي ٿو. تبديليون ته هر وقت ۾ هر هنڌ ٿينديون رهن ٿيون تنهنڪري ان جو مطلب اهو نه ٿيو ته ڪي يقيني، مستقل، لازم عمل نه ٿيندا آهن. مثال طور، مادو ۾ توانائي، زمان ۾ مڪان، حرڪت، تضاد ۾ اتحاد، مقدار ۾ معيار وغيره پنهنجي پنهنجي مخصوص ۾ نوس حالتن ۾ نسبتي، عارضي ۾ تبديل ٿيندڙ هجن ٿا پر اهي پنهنجي ڪُليت ۾ ڪائنات گير شين ۾ لقائن، قانون ۾ درجي

بنـدين پـاڻ کي اظهـارين ٿـا. انهن سـمورن دليلن جو حاصل مطلب هي آهي ته هر شي تبديل (ترميم) ٿيندي رهنـــدي آهي ته ان جي هرگز اها معـــنى نـــاهي ته ڪابه شي لقـــاءُ يقيـــني مستقل ناهي هوندو.

ان معاملي کي سمجهڻ لاءِ هڪڙو سادو مثال پيش ڪريـون ٿا. ڪو فرد آهي جنهن جو نالو احمدي نجـاد آهي هـاڻي جـيئن ته ان جي جسم دل مسلسل ڌڙڪي ٿي، رت جي ڦـــير جـــاري آهي، عضـــــون جي چرپر جيـــــوگهرڙن جي پيچ ڊاهه به آهي تنهنڪري چئبو "جيئن ته اهو مسلسل بدلجندو رهي ٿو خبر ناهي ته ڪـير آهي. ۽ منت اڳ احمـدي نجـاد هو هـاڻي خـبر نـاهي!" جيئن هـزارين تبـديلين بـاوجود هڪ انسـان جي صـفتي سـڃاڻپ برقـــرار رهي ٿي سـاڳئي ريت هڪـــڙو واضع چٽو منشـــور پروگـرام هونـدو ان سـان ٺهڪنـدڙ آئيـني ڍانچو هونـدو پـوءِ روزمرهه جون لاتعـداد تبـديليون به ٿينـديون رهنـديون جيڪي ان وڏي پروگرام تي ڪو خاص اثرانداز نه ٿينديون.

ترميم پرستيءَ جو وڏو نقصان اهو به ٿيندو آهي ته ڪارڪن جيئرا لاش ٿي ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته ان قسم جي مبهم اڻچٽي نظريـاتي لائين هئڻ سـبب نظـريي جي صـداقت تي ويسـاهه ڪمزور ٿي ويندو آهي، ڪارڪنن منجهه هن قسم جي سوچ گهر ڪرڻ لڳنـدي آهي؛ "جيڪي خيـال اسـين درست سـمجهون اهي عمل ايندا به الائجي نه!" نظريي ويسـاهه جي کـوٽ سـبب ڪـارڪنن جي نفسـيات شڪ غيريقيـنيت جو شـڪار ٿي وڃي ٿي. نتيجي طـور، جـذباتي سـرگرميءَ بـدران مـڙئي خانه پـوري ڪرڻ، مضبوط قوت ارادي بدران ڍڍتر اڻ تڻ جو شڪار رهڻ، بغـاوت بـدران مصـلحت يا مفـاهمت جو رجحـان وڌي وڃي ٿـو. نظـريي مـدلل ايمـان جي اهميت کي سـمجهڻ لاءِ مـذهبي جماعتن کي ڏسي سگهجي ٿو جيڪي پوئلڳن کي مرڻ مـارڻ لاءِ تيار ڪري ڇڏينديون آهن. پر انهن ٻنهي بنيـادي فـرق هي آهي ته مذهبي ايمـان انـڌي عقيـدي تي آڌاريل هونـدو آهي جـڏهن ته ترقي پسند سياسي جمـاعت جو ويسـاهه شـعور سـائنس تي ٻڌل هوندو آهي.

بنيادي اصول لچڪداريت ڳانڍاپو

ڏٺو ويو آهي ته جڏهن ڪو فرد تــوڙي ادارو پنهنجي ڏگهي عرصي جي فڪــري ۾ عملي جدوجهد ۾ جــاڪوڙ ڪــانپوءِ (طــئي ڪيل) ڪا وڏي سوپ مــاڻ ۾ ڪاميــاب نه ٿي سگهندو آهي ته ڪيس پنهنجن بنيادي اصــولن ۾ آدرشن تي شڪ ٿيڻ لڳنــدو آهي. سنڌيءَ جي چــوڻيءَ ”هلڻ پڇي پــيرن ڪــان نــه، لڪ لعنت گــوڏن تي“ مثل، اسين جڏهن ڪا ٺــوس سياسي فتح مــاڻ ۾ ڪاميــاب نه ٿي سگهندا آهيون ته اُن جا سبب ڳولڻ لاءِ هيــڏي هــوڏي لوٽا هڻڻ بــدران ســڌي ريت پنهنجي نظريــاتي اصــولن ۾ ڳڙٻڙ ڳــولڻ شــروع ڪنــدا آهيــون. ائين نــاهي ته بنيــادي نظريــاتي اصــولن (fundamental theoretical principles) ۾ خرابي نه ٿي ٿي سگهي پر ڏٺو وڃي ته اِن جا امڪان گهٽ هوندا آهن. چاڪاڻ ته بنيــادي نظريــاتي اصــول انســاني تــاريخ جي هــزارين ســالن جي تجربي، مشاهدي ۾ فڪري غور ويچار جو نچوڙ هونــدا آهن. ائين ئي جيئن ســائنس جي ميــدان ۾ ارتقا جو اصــول، ڪشش ثقل ۾ انرشيا جو قانون، عمل ۾ ردعمل جو اصول، جوڙ ۾ ڪٽ، مــادي ۾ توانائيءَ جي وچ ۾ لاڳاپو وغيره. جنهنڪــري، بنيــادي نظريــاتي اصــولن ۾ ڪنهن وڏي خــرابيءَ جا امڪــان بنهه گهٽ هونــدا آهن جڏهن ته اُنهن (عام اصولن، General Principles) کي درست نمــوني لاڳو ڪــرڻ (Concrete Application)ــ نه ڪــرڻ جا امڪــان وڌيڪ هوندا آهن؛ يعني معروضي ۾ موضوعي حــالتن جو ٺــوس تجزيــو، اُن مطــابق واٽ، جدوجهد جي طــريقي ڪــار، حڪمت عملي ۾ تدبيرن، پاليسين ۾ اتحادن وغيره جي سوالن ۾ ڪُٺي پوندا آهيون. مثال طــور ســوويت يــونين جي ناڪــاميءَ جي ڪوڙ سارن ســببن ســان گڏ هڪــڙو وڏو ڪــارڻ وڏيــون ۾ ڳريــون شيون (big & heavy industry) ناهڻ تي زور ڏيڻ ٻُڌايو وڃي ٿو. اها ڳالهه اڻپورو سچ آهي، پورو سچ هي آهي ته اُنهن ننڍين ۾ هلڪين شــين ٺــاهڻ تي زور گهٽ ڏنــو، مطلب ته ضــرورت ٻنهي جي وچ ۾ تــوازن قــائم ڪــرڻ جي آهي. هــاڻوڪي جديد دور ۾ هزارين سال پراڻن نظرين هيٺ هن وقت به ڪــوڙ ســارن ملڪن ۾ مختلف نظام قائم آهن. مثال طور سعودي عرب سميت اڪثر عرب ملڪن ۾ بادشاهي نظام آهن، ايران ۾ مذهبي نظــام آهي، آفريقا جي ڪيترن علائقن ۾ قبائلي نظام آهي، پاڪســتان، مصر ۾ ٿائيلينڊ جهــڙن ملڪن ۾ (ســرمائيداريءَ ســان گڏ جــاگيرداري،

قبائليت سان گڏ) فوجي آمريتون رهيون آهن. بادشاهت، قبائليت، فوجي آمريت ۽ مذهبي نظام تاريخي طور تي مدي خارج ٿي چڪا آهن پر اڄ سوڏو مثين ملڪن سميت ڪوڙ سارن پين علائقن ۾ گهريون ۽ طاقتور پاڙون رکن ٿا. جڏهن ته سوشلزم، جيڪا جدلياتي ۽ تاريخي ماديت جي بنياد تي سائنسي هجڻ جي دعويدار آهي، اُن جي تجرباتي تاريخ ڪي ڏيڍ سئو سال مس ٿيا آهن ۽ اجان تائين ڪيترن علائقن ۾ مختلف صورتن ۾ مقدارن ۾ وجود پڻ رکي ٿي.

آخري ڳالهه؛ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ترقي يافته دنيا سان گڏ ماضيءَ جي پورهئي سان گڏ پنهنجي علائقي جي تاريخي تجربي کي پاڻ ۾ سمائيندي نئين ابتدا ڪجي، جيڪا اصولي (principled) هجڻ سان گڏ لچڪداريت (flexibility) واري به هجي، اُها پلي ڪمزور هجي ۽ تعداد ۾ تورڙي ئي چو نه هجي. توڙي جو ان جي ڪاميابيءَ جا پري پري تائين ڪي امڪان نظر نه ايندا هجن، تڏهن به اهڙي ابتدا ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ ته (مثي مضمون جي ابتدا ۾ ڄاڻايل) جن جماعتن پنهنجو سياسي سفر 40 کان 50 سال اڳ شروع ڪيو هو، تڏهن به اُنهن کي پري پري تائين ڪاميابيءَ جي ڪا پک نه هئي، سندن ابتدائي دور ۾ ٻُڌندڙ ۽ ڏسندڙ ماڻهو سندن خيالن ۽ آدرشن تي ٺٺول ڪندا هئا. پر سندن اهائي اصولي سياست هئي جنهن نه صرف سندن علائقن پر علائقائي ۽ بين الاقوامي سطح تي اثر ڇڏيا. اصولي سياست ۾ بدليل حالتن مطابق اُن کي لاڳو ڪرڻ جي صلاحيت ئي هاٺوڪي مايوسيءَ واري ۽ بحراني حالتن ۾ عوام لاءِ مثالي ڪردار ادا ڪرڻ جو ڪم ڪندي، جيڪڏهن ڪا ڌُر عوام لاءِ مثالي نه ٿي بڻجي ته پوءِ عوام اُن سان گڏ ڪڏهن به نه هلندو.

حوالو

(1) Class Struggle in France, by Karl Marx (1858) (Karl Marx: Selected Writings, Oxford University Press, 1977) p, 313

مها انقلابيت: کاٻي ڌر جي پراڻي بيماري

بخشل ٿلهو

مها انقلابيت ۾ ترميم پسنديءَ جي هيڪڙائي؛



جدلياتي اصولن پٽاندڙ به متضاد چيزا (رشتا، تصور، رجحان)، ڪنهن تين حقيقت ۾ هڪ به ٿيندا آهن. مثال طور جيئن مقدار ۾ معيار جا متضاد، ماپ يا تور جي تصور ۾ هڪ ٿيندا آهن يا جيئن عورت ۾ مرد جو جنسي فرق، ٻوليءَ اندر لفظ انسان ۾ هڪ ٿيندو آهي يا جيئن جسم ۾ ذهن تي تمام گهڻي خوشي يا گهري صدمي جا اثر ساڳيا پوندا آهن ۾ انهيءَ ڍباءُ هيٺ اکين منجهان ڳوڙها وهڻ شروع ٿيندا آهن بلڪل ساڳي ريت ڪميونسٽ يا عوامي سياست اندر به انتهاپسنديون جهڙوڪ مها انقلابيت ۾ ترميم پسندي هڪ ٿيئن رجحان يعني موقعي پرستي ۾ چيهه ڪندا آهن. اُنهيءَ ڪان پهرين جو اسان انهن مختلف پر ساڳين نتيجن تي ڪُتندڙ رجحانن جي پاڻ ۾ جدلي ڳانڍاپي ، انهن رجحانن جي طبقاتي بيهڪ، سياست ۾ سماج تي انهن جي اثرن تي اچا وڌيڪ ڳالهايون، انهن رجحانن جي اصطلاحي وصف ضروري آهي. ”مهاانقلابيت“ عوامي سياست منجهه هڪ اهڙو رجحان آهي جيڪو انقلاب ۾ سماجي تبديليءَ جي معروضي محرڪن کي درگذر ڪندي، سياسي عمل ۾ پنهنجي موضوعي ڪردار کي وڌائي چڙهائي ڪري يا تمام گهڻو اهم سمجهندو آهي ۾ بنيادي اصولن جي تحفظ جي نالي ۾ هڪ ضروري ۾ اٽڙ مفاهمت کي به رد ڪري ڇڏيندو آهي جڏهن ته ترميم پسندي وارو رجحان، انهيءَ جي ابتڙ انقلاب ۾ سماجي تبديليءَ جي عمل ۾ معروضي محرڪن کي وڌائي چڙهائي ڪري ۾ پنهنجي موضوعي ڪردار کي گهٽ ڪري ڏسندو آهي ۾ مفاهمت جي آڙ ۾ پنهنجي بنيادي اصولن تان به هٿ ڪڍي ويندو

آهي. اهڙي ريت سياسي عمل ۾ انهن منجهان هڪ رجحان غير ضروري حد تائين موضوعيت پسند ۾ پيو رجحان غير ضروري حد تائين معروضيت پسند ٿيڻ جو لازمي نتيجو آهي جنهنجي ۾ پي لازميت هڪ بدبودار قسم جي موقعي پرستي ئي ٿي سگهي ٿي پيو ڪجهه نه. موقعي پرستي منجهان مراد پورهيت ۾ عوامي تحريڪ جي اوسر کي ڌڪ هڻندڙ هڪ غير ضروري مفاهمت يا مصلحت آهي. لينن مفاهمت جي سوال کي ڪڏهن به تجريدي انداز ۾ نه سمجهيو نه سمجهايو. هن مفاهمت جي ٻن صورتن کي واضح ڪيو. هڪ مفاهمت معروضي حالتن جو جبر ۾ ضروري هوندي آهي ۾ هڪ ٻي مفاهمت موضوعي ۾ غير ضروري آهي. اهو ممڪن آهي ته هڪڙي قسم جي مفاهمت هڪ وقت ۾ ضروري يا انقلابي ۾ ساڳي ئي مفاهمت ڪنهن ٻي وقت ۾ غير ضروري ۾ موقعي پرستاڻو عمل تي ظاهر ٿئي. تنهنڪري صرف ڪنهن تنظيم پاران مفاهمت ۾ مصلحت جي حڪمتِ عملي هروقت غير انقلابي عمل هجي ائين ناهي هوندو. ساڳي ريت انقلاب ۾ ٽڪراءُ جي حڪمت عملي هر جاءِ تي ضروري ناهي ته واقعي به انقلابي هجي. درحقيقت مفاهمت هجي يا مخاصمت انهن جي معقوليت بدليل حالتن جي ٺيڪ ٺيڪ تجزيي ڪانپوءِ ئي طئي ڪري سگهجي ٿي. اِنهيءَ جي بغير اِنهن حڪمت عملين يا اصطلاحن جي پنهنجي پاڻ ۾ ڪا به عملي معنيٰ ناهي. مثال طور چين ۾ انقلاب کان گهڻو اڳ ڪميونسٽن جو ڪومنتانگ سان اتحاد هو، جنهن سبب جاگيرداريءَ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ٻي دور ۾ ڪومنتانگ سامراجي مدد سان ڪميونسٽن جو ڪوس ڪيو ۾ اتحاد خانه جنگي ۾ بدلجي ويو. ٽين دور ۾ جاپاني سامراجيت خلاف وري اهو اتحاد نئين سرعمل ۾ آيو. چوٿين دور ۾ وري ڪونتانگ ۾ ڪميونسٽن منجهه مسلح ڇڪتاڻ شروع ٿي جنهن ۾ آخرڪار ڪميونسٽ سوڀارا ٿيا. چين اندر انقلابي قوتن جي ڪاميابي مفاهمت ۾ مخاصمت جي ڊگهي ۾ پيچيده عمل ڪانپوءِ ممڪن ٿي سگهي.اهڙي ريت هڪ انقلابي پارٽي يا تنظيم جي حقيقي انقلابي هئڻ جو هڪ اهم معيار سندس اها اهليت هوندي آهي جنهن سبب هو پنهنجي دور جي حالتن جي صحيح ڪٿ ڪري سگهندي آهي، لينن جي لفظن ۾ ”ٺوس حالتن جو ٺوس تجزيو“. اهو انهيءَ ڪري ته انهيءَ تجزيي جي بنياد تي اُها

تنظيم پنهنجي ۾ دشمن جي طاقت جي توازن جو صحيح صحيح اندازو ڪندي، پنهنجي سياست جا عبوري مرحلا طئي ڪندي اڳتي وڌندي آهي، انهن ئي حالتن جي ٺوس تجزيي جي بنياد تي پارٽين جي جوڙجڪ ۾ حڪمت عملي طئي ٿيندي آهي. مثال طور ڇا حالتون (موضوعي ۾ معروضي) وڌي چڙهي، دشمن تي حملي ڪرڻ ۾ رياست تي قبضي واريون آهن يا ڪنهن به قسم جي مهم جوئي کان ٽارو ڪندي، پنهنجي قوت کي ڪنهن رياستي حملي کان بچائڻ واريون آهن؟ ڇا حالتون ڪُلي عوامي سياست ڪرڻ واريون آهن يا پاڻ کي ڍڪي، انڊرگرائونڊ ڪري پنهنجي "ڪور" سنڀالڻ جون آهن؟ ڇا قانوني سياست جي دائري اندر عوامي سياست ۾ پنهنجي قوت کي وڌائڻ جا امڪان موجود آهن يا اهي ختم ٿي چڪا آهن ۾ صرف غير قانوني (هٿياربند) جدوجهد جو ئي رستو بچيل آهي؟ يا وري اهو ته ڇا قانوني ۾ غير قانوني حڪمت عمليون گڏ به ڪٽي سگهجن ٿيون يا هڪ جي هوندي ٻي جو هئڻ ممڪن ڪونهي.؟ جيڪڏهن واقعي به حالتون انقلاب جي حق ۾ ڪونهن ته ڪهڙي ريت انهن کي انقلاب جي حق ۾ ٽائي سگهجي ٿو؟ مفاهمت جي دور ۾ سياسي هيڪڙائي ۾ نظرياتي تضاد واري بيهڪ کي ڪيئن ۾ ڪهڙي حد تائين نبيرجي وغيره، اهڙي قسم جا ئي سوال هوندا آهن جنهن کي سماج جي ٺوس تجزيي؟ مختلف تضادن جي شدت، پنهنجي ۾ دشمن جي صحيح سگهه جي صحيح ڪٿ ۾ جدلي سمجهه سان طئي ڪرڻ ضروري هوندو آهي. نظرياتي ۾ تنظيمي نقطه نگاهه کان هي اُهو بنياد آهي جتي تنظيم يا پارٽي کان ٿيل هڪ دور جي غلطي ٻي دور ۾ جلد تدارڪ نه ٿيڻ جي صورت ۾ پوري تحريڪ ۾ تنظيم جي تڏا ويڙهه ڪري ڇڏيندي آهي. پوري ڪميونسٽ تحريڪ اهڙي قسم جي مثالن سان ڀري پئي آهي. عالمي توڙي ڏيهي ڪميونسٽ سياست جي پسپائي جا خارجي ڪارڻ ڪيترا ئي ٿي سگهن ٿا پر داخلي طور به سبب ئي اهم رهيا آهن جن منجهان هڪ ترميم پسندي آهي ته ٻيو مهاانقلابيت. اهي ٻئي رجحان ٺوس حالتن جو ٺوس تجزيو ڪرڻ کان محروم هوندا آهن.جيئن ته مارڪسي ليني سياست ۾ فڪر منجهه ترميم پسندي يا سڌارپسنديءَ واري لائين کوڙ سارين معنائن ۾ شروع کان ئي موقعي پرستي سان سلهاڙيل رجحان طور سمجهي ۾

سجاتي وينـدي آهي اهو جحـان انقلابي تحـريڪ جي انـدر تـوڙي ٻاهر پيدا ٿيندو رهندو آهي پر مهاانقلابيت واري رجحـان تي ٻالهه ٻولهه گهٽ ٿينـدي آهي چاڪاڻ ته اهو رجحـان انقلابي ڳر منجهه پيدا ٿيندو ۽ پلبو آهي هي پويون رجحـان ڳـولهي لهڻ انهي ڪـري مشـــڪل هونـــدو آهي جو اهو پنهنجي بچــاءُ ۽ ڍڪ ۾ مارڪسي لينــني اصــولن، قــانونن ۽ پــوليءَ کي ئي وڏي زور شــور ســان تجريدي انداز ۾ استعمال ڪنـدو آهي ۾ اسـان جهـڙن سـماجن ۾ جتي هونئن ئي مارڪسي ۽ جدلي سـمجهه جي اُڻـاٺ آهي جـتي جــدلياتي فلســفي تي مهــارت ته پــري جي ٻالهه پر مارڪسي اصـطلاحن جي گهـري ڄـاڻ جي به ڪـاپي ڏر جي قيـادت منجهه کــوٽ هونــدي آهي اُتي حقيقي انقلابي بيهڪ ۾ ان رنگ يا ڍيڪ ۾ موجــود مها انقلابيت جي تفريق ڪــرڻ ڪو آسـان ڪم ڪــونهي. پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ انقلابي پر پنهنجي اصل ۾ ردِانقلابي سياست ۾ پــوليءَ کي لينن انقلابي لفـاظي ۾ سياست کي ڪـاپي ڏر جي ٻاراٽي بيماري سـڏيو ۾ پنهنجو جڳ مشـهور ڪتـاب (Left wing communism, an infantile disorder) لکيو. تنهن ڪري اڄ پــاڻ تــرميم پســنديءَ تي لينــني تنقيد کي پنهنجو ڪنـدي صـرف مهــاانقلابيت جي رجحــان کي ڪجهه تــاريخي حــوالن ســان ۾ پاڪستان يا سنڌ ۾ پنهنجي هاڻوڪي صورتحال جي نسـبت سـان سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

ڪجهه تاريخي مثال:

پاڻ مٿي مهاانقلابيت جي تعريف ۾ تشريح ڪري آيا آهيون پر اهو ســمجهڻ به ضــروري آهي ته اهي تعريفــون ۾ تشــريحون عمـــومي آهن ۾ انهن منجهه نســـبتيت وارو پاسو حـــاوي آهي يعـــني اهو عين ممڪن آهي ته ڪا هڪ حڪمت عملي جيڪـــا ڪجهه خاص حالتن ۾ مهاانقلابي ٿي پاسي سا ڪجهه ٻين حــالتن ۾ انقلابي ثابت ٿي پـئي، تنهن هونـدي به پـاڻ جيڪـڏهن عمـومي تعريف جي روشــني ۾ ئي ڏيهي ۾ عــالمي ڪميونسٽ تحــريڪ جي ماضـــي تي هڪ مختصر نظر وجهنداســين ته اســان کي مثالن جي اُڻاٺ نظر نه ايندي. يونائيٽيڊ جرمن ڪميونسٽ پارٽي (VKPD) ۾ اٽلي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ئي مثالن کي ڏسجي. پوئين صدي جي ٻي ڏهاڪي ۾ جرمـني جي هڪ اهم اڳـواڻ پـال

فورلچ هڪ دفعي چيو ته ”اسان اڄ پارٽي جي پاليسي کان الڳ ٿا ٿيون هيل تائين اسان انقلاب جو انتظار ڪيوسين، هاڻي اسان ڳيرائي ڪندي انقلاب آڻينداسين.“ هنن مزدورن کي ڪم ڇڏ هڙتال جو سڏ ڏنو پر مزدورن عام هڙتال کي ڪا خاص موٽ نه ڏني. اهڙي ريت هڙتال جي ڪيترا ئي سڏ جڏهن ناڪام ٿيا ته پارٽي جي ڪجهه ڌڙن اجا سخت حڪمت عملي تي ڪم ڪندي هڪ پاسي حڪـومت خلاف هٿياربند تحريڪ هلائي ۾ ٻي پاسي پورهيتن کي فيڪٽرين منجهان زبردستي ٻاهر ڪڍڻ جون ڪارروايون ڪيون جنهن ڪانپوءِ پورهيتن جو (VKPD) ڏانهن رويو اجا سخت ٿي پيو ۾ ڪٽي ڪٽي ته پورهيتن ۾ پارٽي جي وچم چڪريون پڻ ٿيون، اهڙين حالتن جو نتيجو ڏينهن جي سج جيان واضح هوندو آهي، سال 1921 جي مارچ مهيني ۾ (VKPD) جي ساڍا ٽي لک ميمبرشپ آگسٽ تائين ايندي ايندي اڌ کان وڌيڪ گهٽ ٿي وئي ۾ ڏيڍ لک تائين پهتي. پارٽي پاڻ سان گڏ انقلاب جي امڪان کي به ٻهاري وئي. خود اٿلي ۾ اميدو بورڊگا جو ڪردار مهاانقلابيت جي بهترين سمجهاڻي ڏئي ٿو جنهنجي انقلابي تجزين کي لينن به ساراهيندو هيو پر ساڳي وقت لينن سندس تجزين جي نتيجن سان اختلاف به ڪندو هيو جيڪي مهاانقلابيت جو اهڃاڻ هيا. مثال طور بورڊگا جي پنهنجي پارٽي جي سڌارپسند رجحانن تي تنقيد زبردست هئي پر هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن اٽلي اندر فاشزم جو تمام گهٽي تيزي سان اُڀار ٿي رهيو هيو تڏهن بورڊيگا پنهنجي پارٽي جي سڌارپسند رجحانن تي تنقيد ڪندي 1921 ڌاري ٽيل ڪانگريس ۾ واڪ آئوٽ ڪري نڪري ويو ۾ مهاانقلابين کي گڏ ڪري هڪ الڳ پر ننڍي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد وڌائين جنهن سبب فاشزم خلاف گڏيل مزاحمت ڪمزور ٿي جنهن جا اگرا نتيجا بعد ۾ سپيني کي ڀوڳڻا پيا. اهڙي ريت جيڪڏهن غير ضروري مفاهمت ۾ ترميم پسندي جي حوالي سان ڏسجي ته ايران ڪانوني نيپال تائين تاريخ ۾ انيڪ مثال موجود آهن ته ٻي پاسي انڊونيشيا ڪانوني ٿائيلينڊ تائين هڪ ٻي انتهاپسندي يعني مهاانقلابيت جي مثالن سان به تاريخ ڀري پئي آهي ٻنهي صورتن ۾ تمام گهٽيون سگهاريون ڪميونسٽ پارٽيون (جن منجهان ڪنهن جو ملڪ جي 80 سيڪڙو ٻهراڙي تي قبضو موجود هيو ته ٻين جي ميمبرشپ ڏهه لکن کان به مٿي هئي) ڦهه ڪري

پٽ پيون .

مهاانقلابيت جا سماجي ۽ طبقاتي بنياد؛

مهاانقلابيت جو رجحان نوجوانن منجهه پين جي پيٽ ۾ ڪجهه گهڻو پيدا ٿيندو آهي. گهٽ تجربي سان گڏ رومانويت ۽ جذباتيت جي اميري سبب اهي نوجوان ئي هوندا آهن جن لاءِ سماجي اوسر جي قانونن ۽ معروضي محرڪن ڪي اهميت ڏيڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. اهو ئي سبب آهي ته پارٽي جي مهاانقلابي پروگرام ۽ نعرن جي گهڻي تڻي مقبوليت پارٽي جي شاگرد يا نوجوانن جي فرنٽ منجهه ئي هوندي آهي. جيستائين سوال آهي مهاانقلابيت جي طبقاتي بنيادن جو ته انهيءَ منجهه ڪا به حيرت جي ڳالهه نه هئڻ گهرجي ته ترميم پسندي هجي يا مهاانقلابيت، اهي ٻئي متضاد پر نتيجي ۾ هڪڙا رجحان تنّظيم ۽ تحريڪ جي پيٽي بورجوا يا وچولي طبقي يا پرتن منجهه پلبا ۽ وڌندا رهندا آهن ۽ جيئن ته پاڪستان اندر ڪاپي ڌر وري نئين سر اُسري رهي آهي ۽ اجا شروعاتي (ايمبريانڪ) ڏاڪي تي آهي تنهنڪري سندس گهڻو ٽٽو آثار اجا انهيءَ پرت تي ئي آهي. تنهنڪري اهي ٻئي رجحان ايمبريانڪ صورت ۾ ئي صحيح پر اسان منجهه موجود آهن ۽ ڪنهن به هڪ رجحان جي موجودگيءَ ڏانهن اکيون ٻوٽي ٻي رجحان کي جئين جو تيئن دليلن سان ثابت ڪرڻ منجهان اسانجي مقصد کي فائدو نه پر نقصان ٿيندو. انهن رجحانن جي خاتمي جو هڪ حل پورهيت طبقي سان جڙڻ آهي ۽ نندين نندين تحريڪن ذريعي انهيءَ تعلق کي عضوياتي بنائڻ ۽ پنهنجي سمجهه کي سنجيده ۽ پورهيت طبقي جي صحيح نمائندگيءَ جي اهل بنائڻ آهي. جيڪڏهن پاڪستان يا سنڌ اندر ڪاپي ڌر اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وڃي ته پوءِ ٻين رجحانن جي اوسر تڪڙي ٿيندي ۽ وچولي طبقي تي انحصار انهن رجحانن جو مادي بڻياد بڻبو، ڇاڪاڻ ته اهو وچولو طبقو ئي هوندو آهي جيڪو پنهنجي معاشي ۽ سماجي بيهڪ سبب اسٽيٽسڪو مخالف هڪ وڏي ۽ صبر طلب جدوجهد کي مستقل مزاجي سان طئي ڪرڻ کان سُنڌ هوندو آهي، جنهنجون دانهون ۽ ڪوڪون ڪلوميٽرن تائين پر نظر جي مار ڪجهه فٽن تائين هوندي آهي. تنهنڪري اهو هميشه انقلاب ۽ آزاديءَ جا

شارٽ ڪٽ ڳوليهندو رهندو آهي ۾ نتيجي طور هڪ دور ۾ مهم جوئي واريون حرڪتون ڪنديون ٻي دور ۾ موقعي پرستي جي انتها ڪندي، يا ته حڪمرانن جي ڪيمپ ۾ ويهندو آهي يا وري سياست تان ئي هٿ پٽي ڇڏيندو آهي.

مها انقلابيت يا سياسي نرگسيت؛

بالشويڪ روس ۾ ڇو ڪامياب ٿيا ۾ جرمني ۾ ڪميونسٽ ڇا لاءِ ناڪام ويا.؟ لينن وٽ انهيءَ سوال جو جواب ٻنهي پارٽين جي حڪمتِ عملي جي ڇوند ۾ لڪل آهي. (جنهنجو مختصر ذڪر پاڻ مٿي ڪري چڪا سين). جرمن ڪميونسٽن جي اُها ڇوند جنهن ڪين پاڙان ڪمزور ڪيو سا هئي پيٽي بورجوا ۾ بورجوا ادارن ۾ ٽريڊ يونين ۾ ڪم ڪرڻ کان سندن ڪُتو جواب. درحقيقت سماج ۾ طبقاتي تضادن سميت سمورا تضاد وهڪري ۾ هوندا آهن. اهي جامد يا قطعي نه هوندا. ڪوڙ سارا وچولا سياسي توڙي معاشي پرت حاڪمن ۾ محڪومن جي سياست کان متاثر ٿيندا رهندا آهن ۾ جيڪي بقول لينن جي ته مخالف سياسي ڪيمپن ۾ هيڏانهن هوڏانهن (VACILITATE) ڪندا رهندا آهن. تنهن ڪري هڪ اهڙي تنظيم جيڪا انهن سان رابطي يا تعلق ۾ هوندي آهي سا ئي ان وقت جڏهن اهڙن پرتن جو جهڪاءُ پورهيتن جي سياست ڏانهن هوندو آهي، فائدو حاصل ڪري سگهندي آهي. فيبروري انقلاب ۾ منشويڪن جي ساڄي يا کاٻي ڌر جو اختلاف، جون ۾ بالشويڪن جو پورهيتن جي سويتن جي 13 سيڪڙو قوت جو آڪٽوبر ۾ 51 سيڪڙو تائين پهچڻ ۾ انهيءَ حڪمتِ عملي جو وڏو هٿ هيو. بقول لينن جي ته

the entire history of Bolshevism, both before and after the October Revolution, is full of instances of changes of tack, conciliatory tactics and compromises with other parties, including bourgeois parties

پر مهاانقلابي پارٽيون جيئن ته پنهنجي پاڻ کانسواءِ سماج ۾

پي هر سياسي صورت کي ردانقلابي سمجهنديون آهن تنهنڪري
اُهي هر قسم جي مفاهمت، ٻه پير پوئتي ڪرڻ، ٻين پارٽين گروهن
سان اتحاد جي خلاف هونديون آهن. نتيجي طور اُهي هميشه
فرقيورايت جي ور چڙهنديون، ڪڏهن به عوامي نمائيندگيءَ جي
دعويٰ جي اهل ٻڻجي ناهن سگهنديون ۽ هڪ گروپ جي ئي
حيثيت ۾ نج ۾ خالص طور تي پنهنجو انقلابي پٽو بچائينديون آهن ۽
انهيءَ بچاءُ کي ئي پنهنجو انقلابي فرض سمجهنديون آهن. هر اُهو
عمل، حڪمتِ عملي يا قدم جنهن سان سندن منشور ۾ ڏنل
واضح پروگرام ۾ انقلابي خالصپڻو ميرو ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي
تنهنکي ڇڏي ڏيڻ تي زور ڏينديون آهن. هي ساڳو رجحان اوهانکي
سنڌ جي طبقاتي، قومي ۽ جمهوري سياست ۾ به عام جام نظر
ايندو. اهو ائين آهي جيئن هڪ پاسي مها انقلابي ڪامريڊ، مارڪس
۽ لينن جي انهيءَ نعري کي ته زور شور سان ڪٺندا آهن ته دنيا جا
پورهيتو هڪ ٿي وڃو پر پاڻ انهيءَ نعري جي عملي نفي ڪندا
رهندا آهن چاڪاڻ ته پورهيتن جو ايڪو ته پري جي ڳالهه پر
پنهنجي ڌڙيبندي واري نفسيات سبب ڪميونسٽن جي ايڪي کي
ئي هروقت ڪاپاري ڌڪ هڻندا رهندا آهن. پارٽي اندر جدوجهد جي
جمهوري اصول کي غير جمهوري انداز ۾ اڳتي وڌائيندي انتهائي
بحران واري دور ۾ به ٽوڙ ڦوڙ جو ماحول جوڙيندا وتندا آهن ۽
سماج اندر مايوسي کي همٿائيندا رهندا آهن. ٻين لفظن ۾ هڪ
پارٽي ۾ موجود ڪامريڊن سان گڏيل ۽ اختلافي جدوجهد جو توازن
وڃائيندي، هڪ طبقاتي سماج ۾ انقلابي پارٽي جي جدوجهد جي
پيٽ ۾ پارٽي اندر جدوجهد کي اوليت ڏيندا رهندا آهن. هڪ انقلابي
پارٽي لازمي طور تي ڪو مفعولي ماڻهن جو ميڙ ناهي هوندي
بلڪه اها هڪ اهڙي وحدت هوندي آهي جنهن جي ڳر ۾ متحرڪ ۽
زنده ڪثرت موجود هوندي آهي پر مهاانقلابيت جو شڪار ماڻهو
انهيءَ ڪثرت کي قطعي رنگ ڏيندي پارٽي ڪانوڊيڪ پنهنجي دائري
کي توانائي ڏيڻ شروع ڪندا آهن جنهنجو لازمي نتيجو پهرين
ڏاڪي ۾ ديڳڙي منجهه ديڳڙي ٺهڻ هوندو آهي ۽ ٻي ڏاڪي ۾
گروپ جي حيثيت ۾ پارٽي کان عليحدگي ٿيندي آهي جنهنکي
اڳتي هلي پوءِ هڪ الڳ پارٽيءَ طور اعلانيو ويندو آهي ۽ پوءِ
جيڪڏهن هو ڪجهه وڌڻ ويجهڻ ۾ ڪامياب ٿي به ويندي آهي ته
انهن ئي حالتن منجهان وري گذرندي آهي جنهن منجهان سندس

مـدر پارٽي گـذري رهي هـئي ۽ وري هڪ بيو دائـرو شـروع ٿينـدو آهي. سـنڌ جي عـوامي سياست جي تـاريخ جو اهو به هڪ وڏو الميو رهيو آهي.

اسانجو دور ۽ عبوري مقصد؛

آءُ ذاتي طور سمجهان ٿو اسانجو هي دور انقلاب جي آخـري نه پر پهرين مـرحلن جي تيـاري جو دور آهي، پنهنجي جـوڙجڪ کي بهتر ڪرڻ ۽ سـماج ۾ پاڙ هڻڻ جو دور آهي. هي دور غـير ضـروري حد تـائين سـخت نه پر ضـروري حد تـائين نـرم ٿيڻ جو آهي، هي دور انهيءَ پـارٽي جي جـوڙجڪ جا بنيـاد وجهڻ جو دور آهي جيڪا اڳـتي هلي انقلابي پـارٽي جي ٺهڻ ۾ مـددگار ٿي سـگهي. هي دور رياست خلاف ڪنهن وڏي فيصـله ڪُن ويڙهه بجاءِ ننـڍيون ننـڍيون ويڙهـون ڪـري وڌڻ ويجهڻ جو دور آهي. جنگ جاري رکڻ جي عمل منجهه هڪڙا ڏاڪا يا مـرحلا جنگ کي ٽارڻ جا به هونـدا آهن. مثـال طـور بريست معاهـدي بـابت لکيل هڪ مضـمون ۾ لينن ڪميونسـٽن جي فـرض بـابت لکي ٿو ته (Their duty is to try avoid battle, to wait until the conflict between imperialists weaken them even more, and bring the revolution in other countries even nearer.) انهن جو فـرض آهي ته هو جنگ کي ٽـارين ۽ اوسـيتائين انتظـار ڪن جيسـيتائين سـامراجين جو داخلي تضـاد کين اجا وڌيڪ ڪمزور ڪـري ۽ ٻين ملڪن ۾ انقلاب جي آمد کي ويجهو ڪري.(Selected works of Lenin vol; 2 page no 687) ساڳي صورتحال هـتي به آهي هـتي اسـان کي اوسـتائين جيسـتيائين اسـانجي تنظيم جا بنيـاد مختلف جڳهين تي مضبـــوط نه ٿا ٿين، رياست کي حملي جي دعـوت ڏيڻ واري حڪمتِ عملي يا سـرگرمي کي ٽـارڻ گهـرجي. اهو سچ آهي ته ٽڪـراءُ جي پاليسي کي انقلابي پـارٽي هميشه ۽ يا وڏي عرصي تائين رد نه ٿي ڪـري سـگهي ڪــڏهن ڪــڏهن ته اهو ٽڪـراءُ به پـارٽي جي تــرقي کي همٿائينـــدو آهي پر ســوال اهو ته انهيءَ ٽڪــراءُ کي هڪ انقلابي پـارٽي ڪــڏهن ۽ ڪهـڙي دور ۾



وڌائي ٿي. انهيءَ بحث ۾ گـرامچي به ڪجهه پنهنجو حصو وجهي ٿـو. گـرامچي طبقـاتي جدوجهد جي ٻگهي عمل ۾ اهـڙي قسم جي دورن ڪي ٻن اهم خانن ۾ ورهائي ٿو. وار آف پوزيشن ۾ وار آف مينيوئر. پوئين منجهان مراد هڪ اهڙي دور جي آهي جنهن ۾ طبقاتي جنگ، عوام ۾ رياست جي جنگ ڪليل ۾ نروار ٿي بيهندي آهي، جـڏهن ته پهـرين جو مقصد هڪ آهسـتگيءَ سـان جـاري رهندڙ، لڪل ٽڪراءُ آهي جنهن ۾ ٻنهي پاسن جي قوتـون سـماج تي پنهنجو اثر وڌائڻ لاءِ سـرگرم هونـديون آهن. اسـان پـاڻ ڪي وار آف پوزيشن جي حـالت ۾ ڏسـون ٿا جنهن ۾ اسـان پهـرين ڏاڪي ۾ پنهنجي خيالن ۾ پنهنجي سياست جي سـماج ۾ قبـوليت لاءِ جهـيڙيون ٿا ڇاڪـاڻ ته انهيءَ قبـوليت جي ڏاڪي پٺانـدر اسـانجي جدوجهد جي ٻي دور جو تعين ٿيڻو آهي. جيسـتايئن سماج اندر سمجهه جي مختلف دائرن اندر جاگيرداري، پٺتي پيل ثقافتي قـدر، تنگ نظر قومپرسـتي، مـذهبي انتهاپسـندي ۾ نسل پرسـتي ۾ ان جي سياست لاءِ قبـوليت موجـود آهي، تيسـتائين اسانجي خيالن ۾ سياست جي قبوليت ممڪن نه ٿي ٿي سـگهي. ٽنهنڪـري رياست سـان سـڌي ٽڪرڪـان پهـرين رياست جي سماجي سياسي صـورتن سـان ٽڪر ۾ پهـرين ڏاڪي ۾ اتي هـار جيت جي فيصلن ڪانپوءِ ٻي وڏي، واضح ۾ فيصـله ڪُن ويڙهه جو دور شـروع ٿيڻـو آهي. ٻين لفظن ۾ جـڏهن سـماج تي انقلابي ۾ عـوامي قوتـون پنهنجو اثر وڌائي وينـديون آهن ۾ رياسـتي هڪ هٿي ڍهڻ شروع ٿيندي آهي تڏهن ئي رياست پنهنجي عسڪري، اصل ۾ پُر تشدد روپ منجهه ظاهر ٿي بيهندي آهي تڏهن ئي وار آف پوزيشن وارو ڏاڪو وار آف مينوئر ۾ بدلجي ويندو آهي. انهن ٻنهي دورن جـون حڪمت عمليـون، دوست ۾ دشـمن الڳ الڳ هونـدا آهن پر هڪ مها انقلابي انهن سـمورن مـامرن ۾ پـاڻ ڪي ڪٽل ثابت ڪندا آهن. سندن جهڪـاءُ هر سـوال جي شـدت پسـند پاسي ڏانهن هونـدو آهي. انقلاب سـان رومـانس سـندن انقلابي سـمجهه تي حـاوي هونـدو آهي. پـارٽي ۾ حڪمتِ عملين بـابت سندن سمجهه تجريـدي ۾ دؤري ضـرورتن کـان مٿانهين هونـدي آهي. هُنن وٽ انقلاب ڪجهه اصـولن يا نعـرن يا نقطن تي ئي ڄمي بيهڻ جو نالو آهي. هندستاني ڪارٽون فلم ”دلي سـفاري“ جي پولن وانگي جيڪي هر جـاءِ هر گهـڙي صـرف هڪ ئي ڳلي

ڦاڙ نعرو هڻندا آهن ته ”هله بول“ اهي مها انقلابي جنگ جي خيال ۾ ايترو ته گم ٿي ويندا آهن جو سندن ذيان جنگ جي تياري يا انهن سوالن ڏانهن به ناهي ويندو جن بغير دشمن ته پري جي ڳالهه پر پنهنجي قوت جو ٺيڪ اندازو به نه ٿو ٿي سگهي. مثال طور اسانجي پارٽي اندر پارٽي جي قيادت ۾ خاص طور اندريون ڪور ڪيترو انقلاب لاءَ مري ۾ جيئي ٿو، انجي پنهنجي سماج بابت سمجهه ڪيتري گهري ۾ ڳوڙهي آهي؟ پارٽي اندر گهڻا فل ٽائيمر ڪارڪن موجود آهن، پارٽي جي پورهيت طبقن يا فرنٽن (هاري، مزدور، شاگرد ۾ عورت ۾ ثقافت) وغيره ۾ ڪيتري تنظيم سازي ٿي چڪي آهي، پارٽي ڪيترو سماج جي پيڙهيل طبقن ۾ پرتن منجهان پاڻ تي اعتماد حاصل ڪري چڪي آهي. وغيره، هڪ اهڙي صورتحال ۾ جنهن ۾ انهن سوالن جا تسلي بخش جواب اجا نه ملي سگهندا هجن اتي هڪڀئي کي مارڪسي ۾ غير مارڪسي ثابت ڪرڻ سان گڏ انهن سوالن تي سوچڻ ۾ انهن جا جواب طئي ڪرڻ ضروري آهي پر اسان وٽ هڪ رويو اهو به هوندو آهي ته پرولتاريه جي تعريف يا ڪنهن ٻي نظرياتي سوال تي فرق اچڻ ڪانپوءِ پاڻ کي مارڪسي ۾ ٻي کي لبرل يا ترميم پسند ثابت ڪري اهڙا ليڪا ڪڍبا آهن جو هڪٻئي سان گڏ هلڻ ممڪن نه آهي رهندو. پارٽي اندر نظرياتي جدوجهد جو تاريخي ۾ ضروري عمل قطعي صورت وٺندي ٻي هر شئي تي حاوي ٿيندو ويندو آهي. هر عملي سوال کي نظرياتي سوال ۾ بدلائي پوءِ انهيءَ کي نظريي ۾ ئي حل ڪرڻ ڪانپوءِ اها خوشفهمي پالي ويندي آهي ته مامرو حل ٿي ويو. مليريا جو صرف علاج معلوم ڪرڻ سان سمجهيو ويندو آهي ته مليريا جو مريض ٺيڪ ٿي ويندو جڏهن ته علاج ڪرڻ اجا باقي آهي. اها خيال پسندي آهي، موضوعيت پسندي آهي. اها ئي دانشوريت آهي. جنهن ۾ هر ٻي مامري ۾ لينن، مائو ۾ فديل کي جيئن جو تئين نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ۾ اهو به ويساري ويهبو آهي ته انهن تنهي عالمي انقلابي اڳواڻن، ڪهڙي ڳالهه ، ڪهڙي پسمنظر، ۾ جدوجهد جي ڪهڙي ڏاڪي تي ڪئي ٿي. مهاانقلابي ڪامريڊ اهو فرق به ناهن ڪندا ته مارڪس ۾ لينن جي دور جي سياسي بحث ۾ فرق ڇو هو ۾ خود لينن جن نظرياتي جهيڙن منجهان گذري پنهنجي پارٽي جي

هڪ هتي قائم ڪئي هئي، سي اڄ سڌي ريت پاڻ وٽ نقل ڪرڻ
ڪيترو سچاويڪ ٿيندو؟ تنهنڪري اهو سوال موجود آهي ڇا پاڻ
لاءِ لينن جي نظرياتي جهيڙن ڪي جيئن جو تيئن ڪٽڻ باثمر
ٿيندو؟ يا هڪ نئين فڪري ورهاست جي ضرورت اڀري آهي ۽
هتي جي نون نظرياتي جهيڙن جو ڳر به هي سماج ڏيندو. مثال
طور اولهه ۽ سرمائيداراڻن رشتن جي سڀ کان اول ۽ اعلي
اوسر سبب انارڪزم هڪ نظريي ۽ تحريڪ جي صورت ۽
شروع کان موجود رهيو آهي ۽ اڄ به اولهه جي تحريڪن جي ڳر
۽ سندن سگهارو حصو موجود هوندو آهي. هن رجحان سان
مارڪس، لينن سڀ جهيڙيندا آيا پر اسانجي سماجن ۾ انارڪزم
ائين موجود ڪڏهن به ناهي رهيو پر ماضي ۾ به ۽ هاڻ به
اسانجا ڪامريڊ چڙواڳي کي انارڪزم ڪوٺي ان خلاف اهڙي
ريت نظرياتي جدوجهد جي ڳالهه ڪندا آهن ڄڻ ڪو واقعي اهو
رجحان اسانجي هتي اوسر جي راهه ۾ رڪاوٽ هجي. چڙواڳي
خلاف مائو به جهيڙيو ته هوچي منهه به، ۽ اسانکي به جهيڙڻو
پوندو پر هڪ رويي طور نه ڪي هڪ ٿيوري طور. چڙواڳي کا
الڳ سان ٿيوري ڪونهي اهو ته لبرلزم سان سلهاڙيل هڪ رويو
آهي. اهڙي ريت مارڪسزم لينن‌ازم سان هٿياربند ٿي اسانکي
پنهنجي سماج جي اڄ جي سياسي ۽ فڪري صورتن تي تنقيدي
ٽيٽو پوندو پر مامرو جيڪڏهن اتي ئي بيٺو رهيو ته مارڪسزم
لينن‌ازم صرف دانشورن جي وقت جو زيان ٿيندو نه ڪي کا هڪ
اهڙي ٿيوري جيڪا پورهيت تحريڪ جي پرجهلو ٿي بيهي ۽ اهڙي
مادي قوت بڻجي جيڪا هن سماج جي ڪايا پلٽ ڪري سگهي.
لازمي طور تي اهو مقصد سماج اندر تيزي سان ڪرندڙ
مزاحمتي سياست، سمجهه ۽ ثقافت جي موجوده صورتحال ۾
ممڪن نه ٿو رهي تنهنڪري اڄ جي مارڪسين ۽ انقلابين جي
جنگ گهڻ طرفي آهي، سندن جا دشمن به گهڻ طرفا آهن
تنهنڪري سندن جا دوست به گهڻ طرفا هجڻ گهرجن. انهيءَ
جو مقصد اهو ڪونهي ته صرف اختلاف دشمن سان رکبو ۽
ڪنهن گانڌيگيري يا اخلاقي اصول هيٺ دوستن کي جيئن جو
تيئن قبول ڪبو، نه قطعي نه، پر انهيءَ جو مقصد اهو آهي ته
جيئن هڪ پاسي اختلافن جي فطرت، اسانجا دوست ۽ دشمن
طئي ڪندي آهي ته ٺيڪ ساڳي ريت دوست ۽ دشمن جي تعلق


۾ به اختلافن جي شـدت کي تجريـدي انـداز ۾ طـئي نه کـرڻ گهرجي. پين لفظن ۾ دوستن سان اختلافن کي صـرف نظرياتي مامرو نه بنائڻ گهرجي ساڳي وقت انهن اختلافن جي شـدت کي معروضي حالتن ۾ دياءُ جي رشتي ۾ طـئي کـرڻ ضـروري آهي. جيکـڏهن کا پـارٽي يا کو گروهه ائين نه ٿو کـري ته پـوءِ اهو چـوڻ غلط نه ٿينـدو ته کيس کـاٻي ڌر جي پـراڻي بيمـاري مهـاانقلابيت لاحق آهي جنهن کي لينن ٻـاراڻي بيمـاري سـڏيو ڇاکاڻ ته ٻار ئي پنهنجي گُهرجن ۾ گُهر پوري کـرڻ جي طريقه کار ۾ ايڏا سادا هوندا آهن بلکل اُن شعر وانگي ته

آج دل قِرِ ضد پي اڙا هي کِسي بچي کي طرح
يا سپ کُڇ مجهي چاهيي يا کُڇ پي نهين۔

رابندر ناٿ ٽيگور : هڪ وچايل ملڪ جو ماڻهو

برجيش مشرا/ سنڌيڪار: امين قريشي

نوٽ: (ٽيگور جي هي جيون ڪٿا، سنڌس ادبي ۽ فني اوسر جي ڪٿا نـاهي. پر هي ان دؤر جي به ڪٿا آهي، جنهن ۾ هُو بيشڪيتي مزاحمتي شعور، جديديت ۽ پُراڻ جي تعلق کي پنهنجي قومي ۽ تهذيبي آزاديءَ کي حاصل ڪرڻ جي عمل ۾، سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو. هي ڪو مارڪسي تجزيو ته ڪونهي ۽ نه وري هِن ڪِتا ۾ روس جي آڪٽوبر انقلاب جي فڪري اثـرن جو خاص ذڪر (جيڪو هئڻ گهربو هو) آهي پر تنهن هوندي به هيءَ لکڻي مارڪسي ڪارڪنن کي ٽيگور جي دؤر جي سياسي سوالن ۽ انهيءَ جي مادي بنيادن کي سمجهڻ ۾ اميد ته مددي ثابت ٿيندي. – ادارو)



اسان جو وڏو ڀاءُ (انـڊيا) انتهائي پيارو، هڪ هزار سالن جي گمنامي کان پوءِ پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ (چائنا) جي سڏ تي اچي رهيو آهي. اسان ٻئي ڀائر ايترن ته المين مان گذريا آهيون جو اسان جا وار ئي اڇا ٿي ويا آهن. پر پوءِ به جڏهن ڀوڙها اکيي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريون ٿا؛ ته ائين ٿو لڳي ڄڻ اجا به ننڊا ۾ خواب ۾ هجون. وڏي ڀاءُ تي نظر پوندي ئي منهنجي ذهن ۾ اُهي سڀ تلخيون تري اچن ٿيون جن مان اسان گذرياسين.

لينگ قچائو Laing Qichao

1924 ۾ ٽيلگور کي ڀليڪار ڪندي“

آئون هن جو (ٽيگور) هڪ مضمون پڙهي رهيو هئس. جنهن ۾ هن لکيو آهي ته ”آءٌ برطانوي راج هيٺ هڪ هِندُستاني آهيان“ (I am an Indian under British Rule) هن پاڻ کي چڱي ريت ڄاتو ٿي، ڪاش جيڪڏهن اسان جا شاعر ۽ اديب هن کي ”طلسماتي“ شخصيت نه نـاهين ها ته يقينن هو ايترو منجهيل هرگز نه هجي ها. ۽ چيني نوجوان ايترا ويڳاڻا هرگز نه ٿين ها.

”لوزن (Lu Xun) 1933 ۾ ٽيگور جي آمد کي ياد ڪندي.“

اوڻيهين صدي جي پڇاڙي ۽ ويهين صدي جي شروعات ۾ چيني عوام لاءِ هندستان هڪ اهڙو ملڪ هو، جنهن جي شناخت گم ٿيل هئي. هن ملڪ جي داخلي ڪمزورين ڪري، ٻاهرين حملا آورن هنن جو استحصال ڪيو، هنن کي زبردستي غلام بڻايو ويو. هڪ اهڙو عمل جيڪو اخلاقي ۽ نفسياتي طور انتهائي شرمناڪ هو. ساڳي وقت سياسي ۽ معاشي طور تباهه ڪن چينين وٽ پڻ انهي محڪومي کي سمجهڻ لاءِ گهٽو ڪجهه هئو مثال طور بمبئي جا اهي ئي پارسي واپاري، جن برطانيه جي چين ڏانهن آفيم جي واپار ۾ دلالي Middleman جو ڪردار ادا ڪيو. بڪسر جنگ (آڪٽوبر 1764) ۾ برطانيه فوج جي انڊيا جي سپاهين جي مدد، جنهن ۾ شنگهائي جهڙن شهرن ۾ برطانوي، سک پوليس وارن کي چينين تي حملي لاءِ پچندا هئا.

1904ع ڌاري ٽوڪيو مان نڪرندڙ مشهور رسالي هڪ ڪهاڻي ڇپي اها ڪهاڻي جڻ ته مستقبل ڏانهن خواب جيان سفر جهڙي هئي، اها ڪهاڻي هڪ ڪمزور شخص نالي هانگ شيبيائو (جنهن جي معنيٰ آهي هيڊن امير ماڻهن جو نمائدو) ۾ ڏند ڪٿائي حيثيت رکندڙ پوڙهي تي مشتمل آهي ۽ انهن جي واتان ئي چورائي ويئي آهي. ڪهاڻي ڪجهه هن ريت آهي ته هڪ ڏينهن، شنگهائي جي گهٽين ۾ پنڌ ڪندي ٻئي ڄڻا، هڪ انگريز ۽ ان جي پٺيان مارچ ڪندي هلندڙ دستي کي ڏسن ٿا. شيبيائو انهن کي غور سان ڏسي ٿو، انهن جا منهن ڪوئلي جيان ڪارا آهن. هنن جي مٿي تي ڳاڙها ڪپڙا ٽوپي جيان ويڙهيل آهن. ۽ چيلهه ۾ بيلٽ پيل آهي. شيبيائو پوڙهي کان پڇي ٿو ته ڇا هي ماڻهو هندستاني آهن؟ پوڙهي جواب ڏنو هائو. انگريز هنن کي پوليس ۾ استعمال ڪندو آهي.

شيبيائو چيس پوءِ پلا، انگريز پوليس چيف آفيسر هنن هندستانين مان ڇو نه ٿا آڻين.؟!

جهوني وراڻيو ته ائين ته شايد ئي ڪنهن ٻڌو هجي. ان ڪري جو هندستاني هڪ وڃايل ملڪ جا ماڻهو آهن. ۽ انهن جي حيثيت غلامن کان وڌيڪ ناهي. بعد ۾ ضعيف شيبائو کي محسوس ٿئي ٿو ته هيڏي ڪل وارو هڪ ماڻهو آهي، جيڪو پڻ ڳاڙهو پٽڪو ويڙهيو ويٺو آهي. اهو ته يقيني طور چيني هئڻ

گهرجي. پر نه. ننڍاڪڙي حالت ۾ شيبائو کي هر گهڙي ۾ اهئي ڳاڙهن پٽڪن وارا نظر اچن ٿا ۾ انهن کي انگريزي سيڪاري وڃي ٿي ائين جيئن عيسائين جي مشتري ۾ سيڪاري ويندي آهي. بحرحال اها ڳالهه شيبائو جي پريشاني حيراني تي ختم ٿئي ٿي جنهن ۾ هڪ چيني، هندستان جي مستقل بابت پريشان آهي.

انڊيا ڪيئن فتح ٿيو ۾ ذهني طور ڪيترو غلام ٿيو اهو اندازو ته اسان کي الافغاني جي محتاط وارتا مان به ٿئي ٿو، پر چين جي پس منظر ۾ جيڪڏهن ڏسون ته چين ۾ ته ڪيترين ئي خامين باوجود ڪنفيوشس جهڙو سياسي ۾ اخلاقي نظام رائج هئو، جڏهن ته انڊيا ان وقت اهڙي ڪنهن به ثقافتي ورثي سان جڙيل نه هئو. هندستاني ادب ۾ فلسفو، سنسڪرت ۾ هئو، جنهن تي هميشه برهمڻن جي اجارا داري رهي هئي، جيڪو عوام جي اڪثريت لاءِ هڪ بند ڪتاب هئو. اها ته يورپين جي ڪوجنا هئي، جن انهن ڪتابن کي انگريزي ۾ جرمن ٻولين ۾ ترجمو ڪري، انڊيا جي اولهه جي پڙهيل لکيل طبقي کي متعارف ڪرايو.

چيني ماڻهو اهو ٺيڪ سمجهي رهيا هئا ته سورهين صدي کان هندستان تي ڌارين يعني مغلن جي حڪمراني جاري هئي، جنهن ڳالهه اهو طئي ٿي ڪيو ته مقامي حڪمراني ڪندڙ طبقو موجود نه هو. جيڪو ملڪ کي هڪ ڪري هلائي ترقي پسند فردن جي گهٽائي جو تعلق پڻ اوچي ذات وارن سان هو. جيڪي ”بادشاهي“ مسلمان مملڪت جي خدمت ڪري رهيا هئا. اهئي ساڳيا وري انگريز سلطنت جا خدمتگذار پڻ ٿيا.

رابندر ناٿ ٽيگور جو خاندان شروع کان وٺي، جڏهن کان برطانوي ايسٽ انڊيا ڪمپني ڪلڪتي ۾ پير ڄمايا هئا، انگريزن سان تعلق ۾ هئو ۾ اهو خاندان خاص طور تي نئين اقتصادي ۾ ثقافتي طور روپ وٺندڙ انڊيا منجهان مستفيد ٿيندڙ هئو. هن جو ڏاڏو برٽش انڊيا جي وقت جو پهريون وڏو مقامي واپاري هئو، ۾ هن جي يورپ جي دورن دوران، وڪٽوريا راڻي ۾ ٻين اعليٰ اشرافيه سان سماجي رابطا هوندا هئا، هن جو (ٽيگور) وڏو ڀاءُ پهريون هندستان هئو. جنهن کي برطانوي راڄ ۾ انڊين سول سروس آفيسر طور چونڊيو ويو هيو.

ٽيگور 1861ع ۾ يعني بغاوت "Indian Mutiny" جي چئن سالن کان پوءِ پيدا ٿيو. مدراس کلڪتي، بمبئي ۾ اولهه جي طرز تي نهنڊڙ يونيورسٽيون جن ڏيهي دانشورن کي جنم ڏنو. ٽيگور ان سان گڏ ئي اڀريو. هڪ اهڙو سماج جنهن ۾ ٽيگور هڪ طرف اولهه جي خيال سان گڏ بيٺو هئو ته ٻئي طرف رام موهن راءِ (جنهن کي جديد انڊيا جو ابو چيو ويندو آهي) جي سماج سڌارڪ تحريڪن کان متاثر ٿي رهيو هئو.

رام مون راءِ "يدهي سڀا" نالي تنظيم ٺاهي هئي جنهن جو ڪم سڌار پسندي هئو. جيئن، ستي جي رسم، يا وري هندو ازم کي وحداني مذهب جهڙوڪ عيسائيت، جي ويجهو آڻڻ وغيره جي خلاف سرگرميون ڪرڻ. ٽيگور جو پيءُ دبيندر ناٿ ٽيگور انهي تنظيم جو حصو هئو. جهڙي ريت چين ۾ جديد ڏاها (Modern Thinkers) شنگهائي ۾ ڪيٺن (جيڪي اولهه سان جڙيل هئا) جهڙن وڏن شهرن مان اڀريا، اهڙي ريت ملڪ جو اهو حصو جيڪو اولهه لاءِ ڪليل هئو، سو بنگال جو اوپر وارو ساموندي خطو هو، اتان ئي اڀوائڻ جي اپرڻ جو آغاز ٿيو، جنهن کي "انڊيا جي سجاڳي" Indian Renaissance چيو ويو.

ٽيگور خود، هڪ تخليقي ۾ ثقافتي طور پُراعتماد گهراڻي ۾ وڏو ٿيو، نئڍي هوندي کان ئي اولهه جي سماج ۾ ان جي ثقافت سان هُن جو تعارف رهيو. اهوئي سبب هيو جو اوڻيهين صديءَ پوئين جي اڌ ۾، اولهه مخالف تحريڪن ۾ هن حصو نه ورتو جڏهن ته هن جا ڪيترائي ئي همعصر انهن تحريڪن جو حصو هيا.

هن 1921ع ڌاري ان وقت، جڏهن هندستاني قومپرستي پروان چڙهي رهي هئي لکيو ته جيڪڏهن اسان قومي عظمت جي بنياد تي گهرن مٿان چڙهي اها دعويٰ ڪندا رهون ته اولهه، انسان لاءِ ڪابه خدمت سرانجام نه ڏني آهي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته اسان اوپر وارن جي ذهن ۾ جاٽي واٽي شرڪ پيدا ڪري رهيا آهيون.

هن جا بعد ۾ گانڌيءَ سان انهي ڳالهه تان اختلاف ٿيا جنهن کي ٽيگور اولهه بابت خوف جو شڪار ٿيڻ چوندو هئو. نه ئي هو انهي "نوجوان بنگال" ڌڙي سان ويجهو ٿيو جيڪي اولهه جو علم پرائي اولهه ڏانهن وٺي ڀڄو هو. ٽيگور اصل ۾ ماٺهو جي

روحانيت ۾ يقين رکندڙ فرد هئو. هن جو انسان ذات جي اتحاد ۾ ڪامل يقين هئو. ساڳي وقت هُو هندستان جي يورپي رنگ ۾ رڱجڻ جي پڻ سخت خلاف هو. اوڻيهين صدي ڌاري انڊيا ۾، هندو ازم جي ماضي جي شان ۾ عظمت جي بحالي لاءِ تحريڪون اسرڻ لڳيون، اهو ساڳيو ئي رجحان هو، جيڪو ماضيءَ ۾ مسلم، ٻڌمت ۾ ڪنفيوشس سماجن ۾ به رهيو هو. ظاهري طور تي ائين لڳو ٿي ته هندو جو اتساهه ان جا نعره، ماضيءَ جي عظمت مان اُڀري رهيا هئا، پر حقيقت اها هئي ته اها تحريڪ نسلي تذليل واري احساس مان ئي ڦٽي نڪتي هئي. اها انڊيا ۾ موجود عيسائي مشنري ۾ افاديت پسند انگريز جي متعارف ڪرايل جديديت ۾ ترقي پسند خيالن ڪان گهڻو متاثر ٿيل هئي.

مثال طور سماج سڌارڪ ديانندا سرسوتي (1824-83) جو چوڻ هو ته ”اسان کي ويدن طرف ٻيهر موٽڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته انهن منجهه جديد سائنس سمايل آهي“ بنيادي طور هن ساڳي وقت عيسائي مشينري جي انهي دعويٰ کي رد ڪرڻ ٿي گهريو. جن هندن کي، وهمي بتن جا پوڄاري ۾ ذات پات ۾ ورهايل ٿي چيو. انڊيا جي مذهبي جديديت جيڪا بينڪيت جي ڇپر ڇانو منجهه ٿي انهي لاتعداد سياسي ۾ سماجي تحريڪن کي جنم ڏنو. انهن مان ڪيترين ئي برطانيه مخالف، هٿياربند ٿيون، جن وري قوم جي عظمت جي ڳالهه ڪئي.

انڊيا جي ان وقت جي متشڪي نيم يورپي ثقافت جو هڪ ڪردار بينڪم چندرا چيٽرجي (1838-94) به هئو، جيڪو بنگال ۾ برطانوي حڪمرانيءَ هيٺ سرڪاري ملازم هئو. جيڪو سموري زندگي هندستاني قومپرستيءَ جو قائل رهيو ۾ ساڳي وقت اولهه جي نعمتن جا ڳُڻ ڳائيندڙ به هئو.

”بنگالي ته اولهه جي تهذيب جا جام پيئندڙ لڳا پيا آهن.“ هي تنقيدي جملو 1908 ڌاري اربندو گوس جو آهي. بيشڪ هن اهو جملو پنهنجي رجعتي گهراڻي سان تعلق کي سامهون رکندي چيو. 1980 ڌاري هن تي انگلش پبلڪ اسڪول ۾ اچڻ تي پابندي وڌي ويئي. اربندو، هندستاني ٻولين ۾ ادب تي يورپي ماهرن کان تعليم حاصل ڪئي ۾ وطن ورڻ شرط هو برطانيه ۾ ان ڳڻ ڳائيندڙ بنگالين تي ڇتي تنقيد ڪئي. هن اوڻيهين صدي

جي انـڊيا جي تحـريڪن کي يـورپي تحـريڪ ئي سـمجهيو ٿي. چاڪاڻ ته هن سمجهيو ٿي ته اهي تحريڪـون اولهه وارن جا ئي سـيڪاريل مـول متا ۾ مقصد رکن ٿيـون. مثـال طـور سـماجي برابري، انسانيت، اها به ايتري جنهن جي فطرت ڪڏهن اجـازت ئي ناهي ڏني. برهمڻ جي برتـريءَ خلاف ڳالهـائڻ، هنـدو مخـالف بنيادن تي ڳالهائڻ، ۾ ماضي جي ورثي سان لاتعلقي ظاهر ڪرڻ وغيره.

اربندو ته اها به دعويٰ ڪئي ته بنگالي يـورپ سـان ايـترو ته گُهلي ملي ويو آهي. جو سمورو هندستان ماديت پسند (دنيـادار) يـورپ جي انـڌي ۾ غـير عقلي تقليـد ڪـري پنهنجو روح وڃـائي ڇڏينـدو پر اهو سـاڳيو ئي بنگـال هئـو. جيڪو اوڻيهين صـدي جي پوئين اڌ ۾، دنيادار يورپ کي بلڪل رد ڪـري بيهي رهيـو. جـيئن سـوامي وويڪ آنند (1863-1902) سڀ ڪـان پهريـون ۾ سڀ ڪـان مشـهور هندسـتاني جو روحـاني اڳـواڻ، هو جنهن چيو ته يورپ وارا وروچنا (Virochana) ديوتا جو اولاد آهن. هندسـتاني ڏندڪٿائن ۾ وِروچنا هڪ ديو قامت جن آهي. هن سمجهيو ٿي ته اولهه جو انسان هڪ اهڙو جسم آهي. جيڪو مـادي خواهشن جو مرڪز آهي. وويڪ آنند اولهه وارن لاءِ لکيو ”هن تهذيب لاءِ تلوار صرف ڦرلٽ ۾ جياپي جو ذريعو آهي، هنن جي سُورهيائي ڏيکـاءُ آهي ۾ هو هن زندگي منجهان ئي مزو وٺي چـاڻين“ ان ڪـان پـوءِ وويڪ آنند پنهنجي مختصر زندگي منجهه، يورپ ۾ آمريڪا اڪـثر گهمڻ وينـدو هئـو، هن کي اولهه جي ملڪن جي سياست جـون واڳون امير ۾ طـاقتور مـاڻهن جي هٿن ۾ نظر آيـون. بلڪل ائين جئين هندستان ۾ طبقـاتي تقسـيم هـئي .اوهـان جا امـير مـاڻهو، اوهـان لاءِ بـرهمڻ آهن“ هن پنهنجي برطانيه واري آخـري دوري دوران، پنهنجي انگريز دوست کي ٻڌايو، ۾ اوهان جو غريب وري شُودر آهي.

اوڻويهين صدي ۾ انگريز اولهه تي سـخت تنقيد ڪنـدڙ ٻوديو مکا ٻودي لکي ٿو ته اولهه ۾ مـاڻهن جي فطـري پيـار ڪـرڻ جي وسـعت ختم ٿي چڪي آهي، قـومي رياسـتن جي دروازي تي، يـــورپ جي تـــاريخ ذري گهٽ ختم ٿيو ٿي وڃي ۾ ان جا نه ختم ٿيندڙ تضاد به ختم ٿيو وڃن. هنن جون محبتون، دولت ۾ ملڪيت جي پٺيان ڊوڙن ٿيـون. شـديد قسم جي انفـراديت پسـندي آهي،

جيڪا ماڻهن کي پنهنجي سماجي فرض کان آجو ڪري ڇڏي. جديد انداز سان هو مارڪيٽ فتح ڪن ٿا ۽ هڪ هٿيون ناهين ٿا. ان قسم جي ٻوڙ نه ختم ٿيندڙ جنگ ۽ تشدد کي جنم ڏيئي ٿي“

سڀ ڪـان وڏو الميـو، مڪـاپوڊي لاءِ اهو هئو ته انگريز ان ڳالهه تي توجهه ڏيندڙ نه هئا ته سندن خود غرضا ٿيڻ ضرورتن ۽ اخلاقيات منجهه ڪو تضاد به آهي. ”هنن جي جنهن ڳالهه منجهه دلچسپي ظاهر ٿي، ان جي پٺيان مستقل مـزاجي سـان چنبڙي پوندا. ان ڳالهه کان هتي ڪـري ته اها صـحيح آهي يا نـه. هو اها ڳالهه سمجهڻ کان قاصر آهن ته سندن خوشي، سموري دنيا لاءِ باعث خوشي ناهي“ هن اولهه وارن لاءِ لکيو.

اربندو گوش پڻ انگريز مـڊل ڪلاس تي ڪاوڙجنـدي لکيو ته اهي پڻ سامراجيت جي اعليٰ دعوائن ۽ ارادن سـان چنبڙيو بيٺا آهن. هن جي دعـويٰ هـئي ته انگلينـڊ، آئرلينڊ کي دوکي ذريعي فتح ڪيو ۽ بي رحم قتل عام ڪـري اهو ثـابت ڪيو ته ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا ٿيندا آهن.

پر هن جمهـوري قومپرسـتي واري دؤر ۾ سـامراجيت کي پنهنجي بچاءُ ۾ وڌيڪ وضاحتون ڏيڻيون پونديون.

”اڄ جي دؤر ۾ آمـريت کي انسـانيت خلاف ڏوهه سـمجهيو وڃي ٿـو. اڄ جي اخلاقيـات ۾ احسـاس قـوم جي قـوم هٿـان غلامجڻ، طبقي جي طبقي هٿان استحصال، يا فرد جي فـرد کي غلام بنائڻ واري عمل کي رد ڪـري ٿـو. سـامراجيت کي به پـاڻ کي واضح ڪرڻو پوندو. ۽ اهو هؤ (سامراجيت) ائين ڪـري ثـابت ڪري سگهي ٿي. مثـال طـور هـوءَ آزاديءَ جي سـرواڻ هئڻ جو مِڪُر ڪري سگهي ٿي، غير مهذب، کي مذهب بنـائڻ جي دعـويٰ ڪري سگهي ٿي. ۽ غير تـربيت يافته کي تـربيت يافته نـاهڻ جو مقصد ظـاهر ڪـري سـگهي ٿي. اوسـتائين جيسـتائين سـامراج پنهنجا مفـاد مڪمل ڪـري وٺي. اهي ئي ته اهي بهانا هئـا. جن جي آڙ ۾ برطانيه مغل ورثي تي قبضو ڪيـو. ۽ اسـان کي، پنهنجي صحيح، سخي ۽ بهادر هئڻ جي بنياد تي غلام بڻايو.“

اهي ئي بهانا هئا. جن جي بنيـاد تي برطانيه مصر تي قـابض ٿيو. برطـانوي سـامراج لاءِ اهي ئي جملا لازمي آهن. چاڪـاڻ ته انگلينڊ جو ڪـٽر مـذهبي وچـون طبقو اقتـدار تي قـابض ٿيو آهي جيڪو پاڻ کي صحيح مڃيندڙ آهي، ۽ ٻـئي ڪنهن جي استحصـال

واري ڳالهه کي مڃڻ کان انڪاري آهي“ اربندو بقول ته اهي ئي هندستاني جيڪي يورپ بابت اهو سمجهن ٿا ته اهي اعليٰ قدرن جا مالڪ آهن. جهڙوڪ جمهوريت ۽ آزادي، اهي پاڻ کي دوکو ڏيئي رهيا آهن.

يورپ وارا خود انهن اعليٰ قدرن (جمهوريت ۽ آزادي) کي، پاڻ وٽ محڪوم بنايل قومن لاءِ غير مناسب سمجهندا هئا. گوري جي برتري کي قائم دائم رکڻو هئو. چاڪاڻ ته اها سپني اصولن ۽ اخلاقيات جي قيمت تي حاصل ڪيل آهي. اربندو اهو سمجهيو ٿي ته يورپ وارن وٽ ڪڏهن به ايشيا لاءِ عزت ۽ احترام نه رهندو. هنن جو رحم اهوئي آهي جيڪو فاتح قوم جو مفتوح قوم لاءِ هوندو آهي، جيڪو مالڪ وٽ غلام لاءِ هوندو آهي. هُن انڊيا جي عظمت ۾ يقين رکندي فيصلو ڪيو ته امن اهو ئي هوندو جيڪو ايشيا جي تلوار طئي ڪندي. نتيجي طور هو هٿياربند قومپرست ٿي ويو.

اربندو، جپان، ٽيگور پڻ، ايشيا جي عظمت واري سحر جو اثر ورتو ۾ اولهه خلاف شڪي خيالن کي پڻ جذب ڪرڻ لڳو.

1881ع ڌاري، پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ۾ هن پنهنجي ڏاڏي کان، جيڪو آفيم (Opium) جي واپار ۾ اهم واپاري جي حيثيت رکندو هئو، سياسي طور عليحدگي جي دعويٰ ڪئي. پر الميو اهو رهيو ته پنهنجي رجعتي اشرافيه گهراڻي واري پس منظر ۾ اولهه جي تعليم، ٽيگور کي هن جي همعصر بنگالين کان بنهه مختلف رستي تي بيهاريو. ان ڏس ۾، ٽيگور جو ڀهراڙيءَ ۾ طويل قيام جيڪو 1891 کان 1901 تائين واري عرصي تي محيط آهي، اهم ڪردار نڀائي ٿو.

هندستاني ڳوٺاڻي زندگي سان هن جي ويجهڙائپ ڪري هن وٽ زندگي جو تصور، ڪلڪتي جي وچين طبقي جي دانشورن کان بنهه مختلف هو. هن جي زندگي فطري منظرن سان مالا مال هئي، هن وٽ هر ڏينهن لاءِ مان هئو، ۾ هن وٽ ڀهراڙين ۾ رائج غربت جو بهتر ادراڪ هئو.

هو سموري زندگي ان اطمينان سان رهيو ته صنعتي دور کان پهرين واري اخلاقيات، ان وقت جي مشيني دور کان تمام گهڻو بهتر ۾ اعليٰ آهي. ان لاءِ هن کي يقين هئو ته انڊيا جو ٻيهر خودرو طور پيدا ٿيڻ وارو عمل پڻ ٻهراڙين کان شروع ٿيڻو آهي.

1901 ڌاري هن بنگال جي ڏکڻ اولهه ڀيراڙي ۾ تجرباتي بنيادن تي شانتي نڪيتن نالي اسڪول کوليو جيڪو اڳتي هلي بين الاقوامي يونيورسٽي ۾ تبديل ٿيو ۾ جتان انڊيا جا چوٽيءَ جا آرٽسٽ ۾ ڏاها (جهڙوڪ فلم ميڪر سچي جيت راءِ، اڪنامسٽ امرتاسين ۾ سنڌ جو سپوٽ گيانچنداڻي) پيدا ٿيا. ان ساڳي سال، ٽيگور هڪ مضمون لکيو جنهن جو عنوان هيو ”اوپر ۾ اولهه جي تهذيب“ ان ٽيسز جي شروعات ۾ هن شهر ۾ ڀيراڙي جي ٻن مختلف ڌارائن جي جدت تي لکيو آهي. جتي هو ڀيراڙين جي پرسڪون زندگيءَ شهري زندگي، ڳوٺاڻي واري جارحيت مرڪزيت وارو سماج ۾ قومي رياست تي روشني وجهي ٿو. اڳتي لکي ٿو ته اوپر سماجي سڪونيت ۾ روحاني آزادي جو نالو آهي. جڏهن ته اولهه قومن جي قومي سلامتي ۾ سياسي آزادي کي مضبوط ڪندڙ آهي. جنهن جا قدر انساني بجاءِ سائنسي بنيادن تي رکيل آهن. سندس بقول ته اولهه وارا سموري دنيا کي گندگاهه جيان لتاڙي رهيا آهن. اهي پنهنجي جوهر ۾ آدم خور آهن، جيڪي ٻين جي وسيلن تي پلجن ٿا، ۾ انهن جي مستقبل کي ئي ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي ان ڪري طاقتور آهن جو هڪ ئي ڳالهه تي مرڪوز ٿيل آهن. بلڪل ائين جيئن ڪو لک پتي پنهنجي روح کي ماري، پيسي ميڙڻ ۾ جُنبيل هوندو آهي.“

ڏکڻ آفريڪا ۾ سامراجي جنگيون ۾ بَڪسر تحريڪ جي اُپار کي چيپاٽڻ وارا واقعا، جن ۾ هندستاني سپاهي شامل هئا، ٽيگور جي مٿين ڳالهه کي صحيح بنائين پيا.

31 ڊسمبر 1900 تي هن ”صدي جو سج لٿو“ نالي نظم لکي.

”Sun set of the century“

The Country’s sun has set in blooded clouds

there rings in the carnival of violence

from weapon to weapon

”the mad music of death

هن جي نظم جڻ ته سامراجي شاعرن جهڙوڪ ” رڊيارڊڪپلنگ“ لاءِ سبق هئو. رڊيارڊڪپلنگ جنهن آمريڪا کي صلاح ڏني ته هو فلپائين ۾ پنهنجا فرض نڀائي اهي فرض جيڪي

انگريزن جي ڪلهن تي رکيل آهن.

Awakening fear, the poet mobs howl round, A chart of .quarrelling curs on the burning- ground

1905 کان 1908 تائين ٽيگور سواديش تحريڪ کان تمام گهڻو متاثر ٿيو. جنهن جي اڳواٽي پرجوش بنگالي جوان ڪري رهيا هئا. اها تحريڪ برطانوي شين جي وڪري، خريد توڙي واپرائڻ خلاف هئي، ته جيئن پنهنجو ملڪ اقتصادي طور پاڻ پرو ٿئي.

1905 ڌاري لارڊ ڪرزن جڏهن بنگال کي ٻن حصن ۾ ورهايو ته ان جي نتيجي ۾ اٿندڙ تحريڪ کي ڏسندي ٽيگور ٻه نظم لکيا. جيڪي اڳتي هلي انڊيا ۽ بنگلاديش لاءِ قومي ترانا بڻيا. ٻين ايشيائي دانشورن جيان ٽيگور پڻ 1905ع ۾ جاپان جي روس کي ڏنل شڪست تي ڏاڍو سرهو ٿيو. ان ڏهاڙي هن پنهنجي شانتي نڪيتن جي ٻارن کي ڪيڏي ڪاميابي جي پريڊ ڪرائي. تي سال پهرين 1902ع ڌاري پڻ هن لکيو هئو ته آخر اسان اولهه جي انڌي تقليد ۾ ضرور ڌار آٽينداسين ”جيترو اسان ڌارين (ٻاهرين) سان ٽڪراءُ ۾ اچون ٿا، ايترو ئي تيزيءَ سان اسان پنهنجو پاڻ کي حاصل ڪيون ٿا. ۾ اسان اهو به ڄاڻون ٿا ته اهو صرف اسان جو الميو ناهي. سموري ايشيا ۾اهو تضاد تيز کان تيز تي رهيو آهي. ايشيائي قومي شعوري طور تي پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ شروع ڪيو آهي. اهوئي آزادي جو رستو آهي جڏهن ته ٻين جي تقليد ته تباهي آهي.“

ٽيگور کي ايشيا جي ماڻهن جي اها سمجهه ڪڏهن به سمجهه ۾ نه آئي ته اولهه جي طرز جي تهذيب ئي انسان جو مقصد آهي. ڪجهه وقت سواديش تحريڪ مان متاثر ٿيڻ کان پوءِ چيترجي واري هندستاني قومپرستيءَ جي هٿياربند طريقه ڪار جنهن تحت نوجوان بنگالي، دهشتگرد حملن ذريعي دشمن کي قتل ڪرڻ واري روش جاري رکيو ويٺا هئا، خاص ڪري ويهين صدي جي پهرين ڏهاڪي ۾، ٽيگور پٺتي پير ڪرڻ شروع ڪيا.

هن وچين طبقي جي انهي نرگسيت جيڪا پرتشدد سياست سان جڙيل هئي، کي سامهون رکندي، 1910ع ۾ گورا (گهر) ۾ 1916 ۾ گهير بيري (دنيا) جهڙا ناول لکيا. پر 1917ع کان پوءِ

هن پنهنجي تقريرن ۾ مضمونن ۾ قومپرستيءَ کي به تنقيد هيٺ آندو. ساڳي سال هن آمريڪا ۾ پنهنجن ٻڌندڙن کي ٻڌايو ته نئين اسٽيٽ (قومي رياست) واپار (commerce) ۽ سياست جي اها مشين آهي. جيڪا انسان ذات جون صاف سٿريون ڳنڍيون پيدا ڪندي آهي ۽ هن وقت ته اهو تصور بين الاقوامي قبوليت ماڻي چڪو آهي.

پر حقيقت هي آهي ته اخلاق ۾ فرض جي ڍنڍوري هيٺ خود غرضي لڪيل آهي، اها نه صرف ڦرلٽ تي ڪري پر انسانيت جي بنيادن کي ئي لوڏيو ڇڏي.

ڪانگ يووي (Kang Youwei) جيان ئي هن (ٽيگور) شروع ۾ ايشين جڳ دوست (Cosmopolitan) لاءِ غير قومي (Non Nationalist) تصور جي پوئيواري ڪئي. هن چيو ته ”انڊيا وٽ صحيح معنيٰ ۾ ڪڏهن به قومپرستيءَ ورو تصور ناهي رهيو. ۾ اهو منهنجو ويساهه آهي ته هن ملڪ جا ماڻهو ان تعليم خلاف وڙهندا جيڪا سيکاري ٿي ته رياست (Country) انساني قدرن جي تصورن کان بالاتر آهي.“ پر صرف ٽيگور نه هئو جنهن کي اولهه جي تهذيب ۾ ان جي بي پناهه چاهيندڙن (ايشيا منجهه) بابت خدشا هئا.

چاليهه سالن جي ڄمار ۾ گانڌي، لنڊن کان سائوٿ آفريڪا تائين گهمندي اولهه جي تهذيب مخالف، دانشورن جي خيالن کي مختصر ڪندي، جن ۾ اُهي اولهه مخالف دانشور به اچي وڃن ٿا، جيڪي اڃا اڳيان نڪرڻا هئا، جهڙوڪ ٽيگور جنهن سان گانڌي جون ڏگهيون ملاقاتون ٿيڻيون هيون، هن جيڪو ڪجهه لکيو ان جو نالو ئي (جديديت مخالف پڌرنامو) هندو سوراج (Hindu Swaraj) رکيو.

1909 ڌاري سياسي ميدان ۾ گانڌي انهن بنيادي فڪر وارن توڙي انقلابين سان لهه وچڙ ۾ هئو جن ڇوٽڪاري لاءِ اولهه جي طرز تي سماج جي حاصل ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ٿي. انهن ۾ هڪڙا ته اهي قوم پرست هئا، جيڪي سياسي طور بينڪم چندرا چيٽرجي جا سياسي اولاد هئا، ٻيا وري اهي هئا، جن اٽلي ۾ جرمني جهڙن ملڪن ۾ پروان چڙهندڙ فاشٽ روين جي پوئيواري ٿي ڪئي ۽ انڊيا ۾ هندو ازم جي ڳالهه ٿي ڪئي. اهو هندو ازم جيڪو برطانوي هندستان اوڻيهه صدي ۾ هنن کي

ڳولي ڏنو. گانڌي سمجهيو ٿي ته هنن همراهن موجب هڪڙن حڪمرانن مان جان ڇڏائي وري اهڙن ئي ٻين حڪمرانن کي پاڻ تي ٿاڦجي. جيئن هن هندو سوراج ۾ لکيو ”انگريز طرز حڪمراني، انگريز کان سواءِ“ گانڌي جا پنهنجا خيال، تيزي سان جڙندڙ دنيا جي تجربن مان حاصل ٿي رهيا هئا. 1869 ڌاري انڊيا جي پنتي پيل ڳوٺ ۾ جنم وٺندڙ گانڌي کي اولهه ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو مليو. هن روحاني ۾ مادي طور ان کي پرکيو. هڪ اهڙو دؤر جتي بي پاڙي ايشيائي فرد لاءِ اولهه ۾ پنهنجي بقا صرف ان صورت ۾ پيدا ٿيندي آهي جڏهن اوهان ان جي انڌي تقليد ڪيو. گانڌي شروع ۾ پاڻ پڻ پنهنجي نيم ٻهراڙي واري طبيعت سميت اولهه جي تعليم پرائيندي، انگريز کان وڌيڪ انگريز ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. هن لنڊن ۾ قانون پڙهڻ کان پوءِ 1891ع ۾ انڊيا موٽڻ جي ڪئي؛ جڏهن ته پهرين قانوندان ۽ پوءِ اسڪول ماستر ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اينڊڙ ڪجهه ڏهاڪن ۾ هن سان پيش اينڌڙ نسلي امتياز (Racial Humiliation) هن کي پنهنجي اصلي حيثيت ٻڌائي.

1893ع ۾ هڪ هندستاني واپاري ڪمپني ۾ ڪم ڪندي، ڏکڻ افريڪا طرف ويندي هن جي زندگي گهٽي ڊرامائي تبديلين جو شڪار ٿي. هن جي سامهون اولهه جي جديديت هئي، پرنٽنگ پريس، ٻاف تي هلندڙ جهاز، ريلوي ۾ مشين گن جهڙا هٿيار وغيره. افريڪا ۾ ايشيا بين الاقوامي سرمائيدارانه معيشت جي گهرجن هيٺ غلام بنايا پئي ويا. گانڌي سموري دنيا منجهه پراڻي زندگي جي طرز عمل کي تباهه ٿيندي ۾ اولهه جي تهذيب، معيشت ۾ سياست کي پروان چڙهندي ڏٺو ٿي.

گانڌي ”سَتيه ڳڙهه“ ڏکڻ آفريڪا ۾ خط ۾ لکيو ته اهي قومون جيڪي پنهنجي ”مادي گهرجن“ کي ٿيون وڌائين انهن جي مقدر ۾ تباهي يقيني آهي. اهوئي سبب آهي جو اولهه، آفريڪا ۾ نه صرف انهن گهرجن جي پورائي لاءِ پلٽي هنيو ويٺو آهي. پر تعداد ۾ وڌيڪ ۾ جسماني طور مضبوط آفريڪن کي ماتحت به ڪيو ويٺو آهي. لينن ۾ روزالڪسمرگ سرمائيداري سامراجيت کي ڏوهي قرار ڏنو. گانڌي پڻ اهو ڄاتو ٿي ته بينڪيت جي اقتصادي پاليسين صرف ٻاهرين سيٺرپ ڪارن کي فائدو ڏنو ٿي ۾ عوام کي ڪنگال ڪيو ٿي. پر هو ايترو اڳتي ويو ٿي جو پوري جديد

تهذيب ۽ ان جي اقتصادي، معاشي ۽ سياسي طاقت جي پٺيان ٻوڙ ڪي ٿي ڏوهي قرار ڏنو.

ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته هن اولهه جي "آزادي (Liberty) عورت جي آزادي ۽ قانون جي حڪمراني جهڙن عملن کي واکاڻيو ٿي پر ساڳي وقت هن انهن سڀني ڳالهين کي روحاني آزادي ۽ سماجي سڪون جي اڻ هوند ڪري، ڪٽل قرار ڏنو. ۽ ان سوچ ۾ هو اڪيلو به ڪونه هئو. ويهين صدي جي شروعات ۾ ايرنڊڙ چيني ۾ مسلمان دانشور جهڙوڪ الافغاني ۽ لينگ ڪچائو، پڻ يورپي عالمي روشن خيال تصور ڪان منهن ڦيري رهيا هئا. جن چيو ٿي ته ناانصافي ۾ نسلي برتري مٿان وڏين دعوائن جو غلاف چاڙهيو وڃي ٿو. هنن اسلام ۾ ڪنفيوشزم جي ٻيهر بحالي ۾ پناهه تي ڳولي. ساڳي وقت گانڌي هندو سوراج جي ڳالهه تي ڪئي.

اربندوگوس کي انهي سموري ماجرا حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو ۽ هن کي چوڻو پيو "ته پوءِ ڀلا هي سڀ ڇا تهذيب جي طويل ارتقا جو خاتمو آهي؟ هي ان حاصلات ۽ روح جو موت ناهي جيڪا انسان هن وقت تائين حاصل ڪئي آهي؟ ڇا ڀلا اهي ڪاميابي واپاري نه هئا، جن جدوجهد ڪندڙ ارتقا جون راهون هموار ڪيون؟ ۽ سائنس صحيح ٿي چوي ته پوءِ ان کي تسليم ڪرڻ ۾ حرج به ڪهڙو آهي؟ زندگي ارتقا جيڪا هڪ هڪ گهرڙي جاندارن کان آغاز ڪندي، پولڙن ۾ بن مانس تائين پهتي، ۽ بنيادي مادي ضرورتن وارين شين جي تخليق ڪندي، انگريز توڙي فرانسيسي سرمائيدارن ۽ اشرافيه سان هم آهنگ رهي. منهنجي خيال ۾ يورپ وارن جي اها وڏي حاصلات آهي. جنهن جي اڳيان آئون پنهنجو ڪنڌ نمايان تو" بحرحال گانڌي جي هندو سوراج ۾ ڪيل تنقيد ڪجهه معتدل آهي. ان ۾ دعويٰ ڪيل آهي ته جديد تهذيب (Modern Civilization) ماضي جي پيٽ ۾ سياسي، مذهبي، اخلاقي، سائنسي ۽ اقتصادي بنيادن تي بلڪل نوان تصور متعارف ڪرايا آهن. هن بقول صنعتي انقلاب، انساني پورهئي کي سرمائي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اقتصادي ترقي ئي مقصد آهي، مشين جو ماڻهو تي قبضو آهي ۽ مذهب ۽ اخلاقيات غير اهم آهن. يورپ جي تهذيب جي برتري، هندستان جي قدرن جهڙوڪ سادگي، صبر وغيره کي هنن

پسماندگي سان پيٽيو ٿي.

اولهه جي جديديت سان گانڌي جو ساڙ Prejudices کڏهن ختم نه ٿيو. هن پنهنجو ڀهراڙي وارو مختصر فقيراڻو لباس پائڻ شروع ڪيو. هڪ سچي تهذيب اخلاقي طور باشعور ۾ روحاني طور مضبوط ٿيڻ جو نالو آهي. نه ڪي مادي خواهشن جي پنيان ڊوڙڻ جو. هن هٿياربند مرڪزي قومي رياست جي پيٽ ۾ خود ڪفيل ڀهراڙين جي ڪميونٽيز کي وڏين صنعتن جي پيٽ ۾ ڪاٽيج جي صنعت کي ۾ مشينن جي جڳهه تي انساني پورهئي کي اوليت ڏني ٿي.


پنهنجي سياسي مخالفن بابت همدردي جا جذبا رکندي تشدد کي رد ڪندي، هن ”ستيا گرهه“ تي زور ڏنو، هن جو خيال هئو ته انگريز جديد تهذيب بابت ڪهڙي به دعويٰ ڇو نه ڪن، پر حقيقت ۾ هو خود، ان جي تشدد ۾ لالچ جا شڪار ٿي چڪا آهن. ستياگرهه هنن ۾ صنعتي تهذيب جي شيطاني خلاف شعور پيدا ڪندي. ٽيگور جيان گانڌي به تشدد جي مخالفت ڪئي ٿي، قوم پرستي کي رد ڏنو ٿي، ڪاموراشاهي تاجي پيٽي واري، هٿياربند، رياست جي پڻ مخالفت ڪئي ٿي، اهوئي سبب هو جنهن 1948ع ۾ هن جي قاتل کي چيڙائي وڌو هئو. جيڪو هندو قومپرست هئو ۾ جيڪو هٿياربند آزاد هندستان جي ڳالهه ڪري رهيو هئو.

1941ع ۾ ٽيگور جي موت تائين پنهي جي وچ ۾ طويل بحث مباحثه هلندا رهيا. پر حقيقت هي آهي ته گانڌي 1909 ۾ جڏهن هندو سوراج لکيو ته ان وقت گانڌي کي گهٽ سڃاتو ويندو هئو ۾ هن کي ان وقت ايڏي پذيرائي به نه ملي هئي، ان وقت ٽيگور گهڻو متاثر ڪندڙ، اثر ۾ شهرت رکندڙ شخص هئو. پر جڏهن ٽيگور کي 1913 ۾ نوبل پرائيز مليو ته هو نه صرف بين الاقوامي شخصيت، پر ساڳي وقت اوير جو نمائندو به ٿي ويو. هو انهن خوشنصيبن مان هڪ هئو، جيڪي آگرين تي ڳڻ جيترا مس هئا، جن جي ڳالهه ايشيا ۾ پڌي ويندي هئي.

(هلندڙ)

فلسفي جي تاريخ
ٿيلز

آزاد ماڇي



سماجواد جي ايڊيٽوريل بورڊ جي دوستن جي چوڻ ۾ همٿائڻ تي ارڙهين شماري ۾ فلسفي جي تاريخ تي سلسليوار مضمون لکڻ جي شروعات ڪري رهيو آهيان ڇاڪاڻ بقول ساٿين جي سماجواد ۾ ڏيهي، پرڏيهي، نظرياتي ۾ عورتن جي ادب جي حساب سان گهڻو مواد شايع ڪندا پيا اچون پر فلسفي جهڙي اهم علم تي باقاعدگي ۽ سنجيدگي سان گهڻو ڪجهه نه لکيو ويو آهي. ساٿين جي ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي ۾ پيو اهو به سمجهندي ته تنقيدي ۽ آزاد سوچ جي اوسر لاءِ فلسفي جي تاريخ ۾ ان جا موضوع بهتر ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا تنهن ڪري گذريل ستن سالن کان فلسفي کي پڙهندي ۾ پڙهائيندي جيڪو ڪجهه سکيو آهي ان کي سادي ٻولي ۾ سمجهه ۾ هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ڪندس.

البير ڪاميو جا لفظ آهن ”سوچڻ جي عادت حاصل ڪرڻ کان اڳ اسان ۾ زندگي گذارڻ جي عادت پئجي ويندي آهي“

We get into habit of living before acquiring the habit of thinking.

پنهنجي سماج ۾ اهو ڪجهه وڌيڪ ٿئي ٿو يعني ماڻهو جهڙو تهڙو جيئڻ ته سکي وڃن ٿا پر تنقيدي انداز ۾ آزاد ٿي سوچڻ لاءِ هڪ ته سازگار ماحول نه هجڻ ۾ پيو فرد جي پنهنجي عدم دلچسپي سبب اِهو پاسو لڪيل ئي رهي ٿو. ان جو منطقي نتيجو اهو نڪتو آهي ته سائنسي علم ۾ عقل جي ڳالهه ماڻهن وٽ رکڻ ذينهون ذينهن ڏکيو بڻجي رهيو آهي. يا ٻين لفظن ۾ هيئن چوندم ته علم، عقل ۾ شعور جي ڳالهه عام ماڻهن ۾ سادن ڳوٺاڻن جي وچ ۾ رکڻ ايتري ڏکي ناهي رهي جيتري سائنس جي مضمون پڙهندڙن ۾ پڙهائيندڙن جي وچ ۾ ٿي پئي آهي. ان کان

اڳ جو عقل ۾ شعور جي ڳالهه رکڻ جا سڀ پاسا بند ڪيا وڃن
اسان پنهنجو علمي ۾ شعوري پورهيو ان ۾ وجهون. ان اهم ڪم
لاءِ اسان جي سٽ جا ساٿي عملي طور فلسفي کي پڙهائڻ به
پيا ته ان کي سماج ۾ هيٺ لاهڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون به
وٺي رهيا آهن پر فلسفي تي سنڌي ۾ ڪتابن جي گهٽتائي سبب
ان جو نظرياتي پاسو (Theoritical Side) تمام گهٽو ڪُٺل آهي.
جنهن کي پورو ڪرڻ اسانجي سماج جي هر باشعور فرد جو
ذمو آهي. ان ذميواري کي سمجهندي فلسفي جي تاريخ تي
سلسليوار مضمون ان سلسلي ۾ اسان جي سٽ جي هڪ
ننڍڙي ڪاوش هوندي ته جيئن فلسفي جون لڪٽيون زنگ لڳل
ذهنن تي ريگمار جو ڪم ڏئي سگهن. جيڪڏهن اهڙو ڪجهه نه
ٿيو ته پوءِ سماجي، فطري ۾ معاشي لقائن تي ڳالهائڻ ۾ دليل
ڏيڻ جو طريقو ان لطيفي وانگر ٿيڻو آهي جيڪو اڄ به هلي پيو ۾
مستقبل ۾ به هلندو رهندو. لطيفو ڪجهه هيئن آهي ته ”هڪ
سردار پنهنجي زال کي چيو ته جيڪڏهن بجلي هلي وئي آهي ته
خير آهي تون پکو ڇو ڪونه ٿي هلائين؟ ان تي سردار جي زال
ٽوڪ ڪندي چيس ته ڪري وڃئي نه سردارن واري ڳالهه!!
جيڪڏهن پکو هلائيندس ته موم بتي وسامي ويندي!! هڪ
باشعور ۾ علمي ماڻهو کي اهو اندازو ضرور هوندو ته زندگي
جي اهم معاملن ۾ بنيادي سوالن تي تاريخ ۾ جدليات جو گهٽ
علم رکندڙ فرد مٿيئن لطيفي وانگر ئي دليل ڏيندا آهن.

فلسفي جي دنيا جي پهرين فلاسفر ۾ ان جي باني تي
ڳالهائڻ کان اڳ جنهن سان اڄ جي سلسليوار مضمون جي
شروعات آهي. پاڻ هڪ جنوني نوجوان جي خط جو متن پڙهون
تا جنهن اسپينوزا (Sponiza) جهڙي باعلم ۾ نفيس انسان ۾
اعليٰ پائي جي فلاسفر کان سوال پڇندي ان کي جاهل ثابت
ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. خط ڪجهه هيئن آهي ”توکي
لڳي ٿو ته آخرڪار تو زندگي گذارڻ جو سچو فلسفو ڳولي ورتو
آهي. پر ڇا تون اهو ٻڌائڻ پسند ڪندين ته توکي اها خبر ڪيئن
پئي ته تنهنجو فلسفو انهن سڀني فلسفن ۾ نظرين کان اعليٰ تر
آهي جن کي دنيا ۾ پڙهايو ويو آهي، اڄ به پڙهايو وڃي پيو ۾
مستقبل ۾ پڙهايو ويندو؟ مستقبل ۾ ڇا ٿئي ان جي باري ۾
ڪجهه نٿو چئي سگهجي. پر ڇا تو ڪڏهن انهن قديم ۾ جديد

فلسفن جي جانچ ڪئي آهي جن کي يورپ، هندستان ۾ سچي دنيا ۾ پڙهايو وڃي ٿو؟ مان فرض ڪيان ٿو ته تو اهي سڀئي علم پڙهيا هوندا پر توکي خبر ڪيئن پئي ته جيڪو فلسفو تو چونڊيو آهي اهو ئي بهترين آهي؟ تو ۾ اها همت پيدا ڪيئن ٿي ته تون پنهنجو پاڻ کي ڪليسا جي روحاني اڳواڻن، پيغمبرن، شهيدن، ڊاڪٽرن ۾ ان جي پوئلڳن کان پاڻ کي مٿانهون سمجهين؟ پٽيل انسان! تون ذرتيءَ تي ڪيڙي مثل آهين. تون زمين جي خاڪ، جيتن ۾ ڪيڙن جو کاڄ آهين. تون ٿيندو ڪير آهين جو ابدي ڏاهپ جي خلاف بيهي انجي توهين ڪرين ٿو؟ تو وٽ ان گندي، چريائپ سان ڀريل ۾ لعنتي نظريي جا بنياد ڪهڙا آهن؟ اهو ڪهڙو شيطاني هٺ آهي جيڪو توکي همٿائي ٿو ته ڪيٿولڪ مذهب ۾ ان جي رازن سان هٺ چراند ڪر جن کي پڙهي پوءِ انهن جي پڙهائيندڙن سمجهه کان بالاتر قرار ڏئي ڇڏيو آهي؟........ وغيره.

نوجوان جو مٿيون خط پڙهي توهان سندس خيالن جو اندازو لڳائي سگهو ٿا. پر ڇا ائين نه آهي ته اسان وٽ هن ڪان ڪئي درجا وڌيڪ جوشيلا ۾ جهالت سان ڀريل نوجوان جيئرا جاڳندا خودڪش بمبار بڻيو گهمندا پيا وتن ۾ اهي هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا ته سماج ۾ علم سان مزاحمت ڪئي وڃي. اهڙن نوجوانن جي سطحي ذهني سوچ جو علاج ڇا ٿي سگهي ٿو ان جو جواب پڙهندڙ به سوچن باقي اسپينوزا جذباتي نوجوان کي جيڪو جواب ڏنو، اهو هيئن هو.

”تون جيڪو سمجهين ٿو ته آخرڪار توکي سڀني کان بهترين مذهب ۾ ان جا بهترين استاد ملي ويا آهن. تون انهن تي انڌو اعتماد به رکين ٿو. پر ڇا مان پڇي سگهان ٿو ته توکي اها خبر ڪيئن پئي ته تو وارا اهي استاد ٻين اهڙن استادن کان بهتر آهن جن مذهب پڙهايو، اڄ به پڙهائن ٿا ۾ مستقبل ۾ به پڙهائيندا؟ ڇا تو پاڻ انهن سڀني جديد ۾ قديم مذهبن کي پڙهيو ۾ جانچيو اهي جن کي هتي يورپ، هندستان ۾ پوري دنيا ۾ پڙهايو ويندو آهي؟ هلو ڪٽي مان فرض ڪري ٿو وٺان ته تو واقعي به سڀني مذهبن کي پڙهيو هوندو پر توکي خبر ڪيئن پئي ته هيترن سارن مذهبن کي ڇڏي ڪري تو وارو مذهب ئي سڀني کان بهترين آهي؟“

.The story of philosophy, will Durant, page 159

اسپينوزا جو مـتيون جـواب اسـان کي سـيکاري ٿو ته جيڪو علم اسان وٽ آهي اهو اسان پاڻ چونڊيو آهي يا ڄمنــدي ئي ان کي اسان جي جهوليءَ ۾ وڌو ويو آهي ۾ اسان اڪيـون بند ڪــري جهوليون ڀــري ڇـڏيون آهن ۾ هڪــڙي ســاعت لاءِ توفيق عطا نه ٿي ٿــئي ته اڪيــون کــولي ڏســون ته جهــوليءَ ۾ ڇا پيل آهي؟ دراصل اهو فلسفو ئي آهي جيڪو پنهنجن ڪوڙ ســارن ســوالن ۾ تورڙن جوابن سان اڪيون کــولائي جهــوليءَ ۾ ڇاپيل آهي ان کي جانچڻ تي اتساهي ٿو. هڪ محتاط اندازي مطــابق اڄ جي دنيا ۾ تقريباً 3 هزار کــان وڌيڪ مــذهب موجــود اهن ۾ جــڏهن نظــرين جي ڳالهه ڪنداســين ته اهي انهن کــان وڌيڪ آهن. پــاڻ گهڻن عقيدن ۾ نظرين کي پڙهي پــوءِ پنهنجي لاءِ ڪنهن سچ جي چونڊ ڪئي آهي. ان جواب لاءِ فلسفي جي تاريخ پڙهڻ تمام اهم آهي. تنهن ڪــري اچو ته اســان پنهنجي اصل موضــوع طــرف اچــون جيڪو فلسفي جي تاريخ بابت ئي آهي. ڪوشش ڪئي ويندي ته هر شــــماري ۾ هڪ يا ٻن فلســـفين جي زنـــدگي ۾ انهن جي فلســفي کي پڙهنــدڙن آڏو رکــون ۾ اهو ٻــڌايون ته ڪائنــاتي ۾ سماجي لقــائن تي فلســفو انســاني ذهن کي ڪــيئن لــوچرائي ۾ ســوچرائي ٿو ته جــيئن رهنــدي رهنــدي اســان به ڪجهه مثبت سوچڻ سکي وٺون.

(1) ٿيليز Thales (624 کان 547 ق.م)

ٿيليز کي فلسفي جو ابو چيو وڃي ٿــو. هو 624 قبل مســيح ۾ ايشيا مائنر جي شهر مالٽس (Miletus) ۾ پيدا ٿيو جنهن کي اڄ ترڪيءَ جي شهر بالات جي نالي سان سڏيو وينــدو آهي. هن جي پيءُ جو نــالو اگــزيمس Examyes ۾ مــاءُ جو نــالو ڪليبلم Cleobulme طور ٻُڌايا وڃن ٿا. هي پنهنجي دؤر جو اهو فلاسفر آهي جيڪو علم جي هر شاخ تي طبع آزمائي ڪنـدو هو جهـڙوڪ فلسفو، تــاريخ، رياضي انجنيئرنــگ، جــاگرافي ۾ سياست وغــيره، هن پنهنجي دور ۾ پنهنجي ذهني صــلاحيتن ســان ڪــوڙ ســارا ڪم ڪيا جهــڙوڪ سج گهــرڻ جي اڳڪــتي، مصر جي احــرامن جي ماپ، زيتونن جي فصل جو فائدو ۾ جنگ جي حملي کان بچڻ لاءِ پاڻي جي وهڪري کي تبديل ڪرڻ.

ٿيلــيز بــــابت هي واقعو مشـــهور آهي ته هن بغـــير ڪنهن

سائنسي اوزار جي مدد سان اها اڳڪٿي ڪئي ته فلاڻي ڏينهن تي سج گرهڻ ٿيندو. مصر مان پڙهي آيل رياضي ۾ فلڪيات جي علم اهو ممڪن بڻايو ته هو اها اڳڪٿي ڪري جيڪا 28 اپريل 585 ق.م تي ٺيڪ ان جي ٻڌايل ڏينهن تي صحيح ثابت ٿي. ان کان علاوه مصر جي احرامن جي ڊيگهه ماپڻ جو قصو به هن جي ذهن جي تيز ۾ ڏاهي هجڻ جو ثبوت آهي. جڏهن هن کي احرامن ماپڻ جو خيال آيو ته هن سوچيو ايڏن وڏن احرامن کي ماپجي ڪيئن؟ هن ڇا ڪيو جو پنهنجي قد جي برابر لٺ کنئي ۾ ڏنائين ته سج ڪهڙي جاءِ تي اچي ٿو جنهن ۾ هن جو قد ۾ پاڇولي جي ڊيگهه هڪ جيتري بيهي ٿي جنهن لاءِ هن لٺ اڳواٽ زمين تي رکي هئي. پئي ڏينهن تي هن ٻوڙي احرامن جي ڊيگهه سج جي پاڇولي جي مدد سان ماپي ورتي جيڪا تقريباً صحيح هئي.

زيتونن جي فصل بابت ڪهاڻي ڪجهه وڌيڪ دلچسپ آهي ارسطو پنهنجي ڪتاب "سياست" جي پارنهن باب جي 81-80 صفحي تي هن واقعي جو ذڪر ڪيو آهي. قصو ڪجهه هيئن آهي ته شهر جي ماڻهن ٿيليز کي ٽوڪڻ شروع ڪيو ته هي ۽ همراهه پنهنجي سادن سان شهر جي معزز ۾ قاتل ڪپڙن سان عام ماڻهن کي هرويرو جون ڳالهيون پڌائي پيو خراب ڪري. واندو آهي، ڪرڻ لاءِ ڪجهه اتس ڪونه ان ڪري عجيب ڳالهيون ڪري عوام کي پريشان ڪري ٿو جيڪو پاڻ به ٺيڪ طرح نه ٿو سمجهي. ٿيليز کي جڏهن ان جي غريب ۾ بيڪار هجڻ جي طعنن جي خبر پئي ته هن انهن کي ڏاڍو سنجيده ورتو: هن کي موسمن جو علم ته هوندو ئي هو سو حساب ڪري معلوم ڪيائين ته ان دفعي زيتونن جو فصل تمام بهترين ٿيندو. هن ڪجهه پئسا هٿ ڪري مارڪيٽ مان زيتونن کي پيهڻ واريون مشينون (Olive Presses) سستي اگهه تي اڳواٽ خريد ڪري پاڻ وٽ رکي ڇڏيون. جڏهن فصل ڪٽڻ جو وقت آيو ته ماڻهن اهي مشينون وٺڻ لاءِ مارڪيٽ جو رخ ڪيو ۾ سپني کي جواب مليو ته اهي توهان کي ٿيليز وٽ ملنديون. هن همراهه اهي مشينون ڪرائي تي هلائڻ شروع ڪيون ۾ هڪ موسم ۾ ايترو ڪمائي ويو جيڪو ٽوڪ ڪندڙ ماڻهو سڄي عمر ڪمائي نه سگهيا هئا. هن واقعي ڪانپوءِ ٿيليز اهو چئي وري علم جو رستو

ورتو ته "جيڪڏهن فلسفي چاهن ته انهن لاءِ امير ٿيڻ ڪا وڏي ڳالهه ناهي هوندي پر ڇا آهي ته هو امير ٿيڻ ۾ دلچسپي نه ٿا رکندا.!!

ٿيليز جي اِنهيءَ ڳالهه جو مقصد اِهو آهي ته پيسو ڪمائڻ لاءِ حرفت حاصل ڪرڻ ڪا وڏي ڳالهه ناهي. پر زندگي ۾ ڪائنات جا اصل راز پروڙڻ وڏي ڳالهه آهي.

ٿيليز جي ذهني صلاحيتن جو هڪ قصو هي به آهي ته جڏهن بادشاهه ڪريسِس (Croesus) کي جنگ جي دوران پنهنجي فوج کي ندي پار ڪرائڻي هئي ته ٿيليز به اتي موجود هو. ان زماني ۾ پاڻي جي وهڪرن مٿان پلون هونديون ڪونه هيون ان ڪري اهڙا وهڪرا پار ڪرڻ ڏکيو ڪم هوندو آهي. اها ندي ڪاپي پاسي وهي رهي هئي ٿيليز فوج کي چيو ته ساڄي پاسي کوٽائي ڪرڻ شروع ڪيو. ان سان ڇا ٿيو ته پاڻي ڪاٻي ۾ ساڄي پاسي وهڻ شروع ٿيو ۾ وچ ندي ۾ ايترو پاڻي بيٺو جنهن کي فوج آساني سان پار ڪري ورتو.

ٿيليز سقراط وانگر هر وقت غور ۾ فڪر ۾ محو هوندو هو. هڪ رات هو جيئن آسمان ۾ تارن جو مشاهدو ڪري رهيو هو ته هلندي هلندي هڪ کوهه ۾ ڪري پيو. هن جي نوڪرياڻي جيڪا هن جي پٺيان هلي رهي هئي چيائين مالڪ جڏهن آسمان ۾ ڏسندو آهي ته هن کي اها خبر ناهي پوندي ته هن جي پٺيان ڪير آهي ۾ نه ئي اها خبر پوندي اٿس اڳيان ڇا آهي؟ ٿيليز جي علم سان ايتري سنجيدگي ۾ سچائي سبب ئي يوناني فلسفي جي تاريخ ۾ هن کي ستن ڏاهن (Seven Sages) ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. انهن ستن ڏاهن جي تفصيل مختلف تاريخدانن وٽ مختلف آهي پر انهن سڀني ۾ ٿيليز جو نالو ضرور موجود آهي. انهن ستن ڏاهن جا نالا جيڪي غير تاريخي آهن اهي هي آهن.

(1) اٿينز رهندڙ سولن (2) اسپارٽاجو رهندڙ ڪائيلو (Chilon) (3) ماليٽس جو رهندڙ ٿيليز (4) پِرين جو رهندڙ بائس (Bias) (5) لنڊوس جو رهندڙ ڪليوبيلوس (Cleobulus) (6) مٽيلين جو رهندڙ پٽڪس (Pittacus) (7) چنائي جو رهندڙ مائسن (Myson).

ٿيليز جي شادي بابت به ڳالهيون چيل آهن هڪ ته هن شادي ڪئي هئي ۾ هن جي پٽ جو نالو ڪبسٿون (Cybisthon)

هو. پيا اهو چوندي ٻڌا ويا ته ٿيليز جي ماءُ هن کي شادي لاءِ چيو هو پر هن اهو چئي انڪار ڪيو هن جي عمر اجا ناهي ٿي. بس پوءِ ڇا ٿيو جو هو صفا وڏو ٿي ويو. هن جي دوست جي بقول ته ٿيليز شادي لاءِ ان ڪري سنجيدا نه هو جو هو زال ۽ ٻارن جي پريشاني کڻڻ نه چاهيندو هو. پوءِ جڏهن ٿيليز صفا وڏو ٿي ويندو آهي ته هن کي شاديءَ جو احساس ٿئي ٿو. شادي ته همراهه جي ٿي ڪونه سگهندي آهي پر جيڪو پٽ هن جي ناليسان سڏيو ويندو آهي دراصل اهو هن جو ڀائٽيو هو جنهن کي هن جهولي ۾ ورتو هو.

ٿيليز جو فلسفو

يوناني فلسفي جي قديم اسڪول کي آيونڪ اسڪول طور ڄاتو ويندو آهي. تاريخ جا ٽي وڏا فلسفي ٿيليز، انيڪسميندر (Anaximander) ۽ آنيڪسِمَنيز (Anaxumenes) آيونا (Ionia) جا رهندڙ هئا. انهن ٽنهي جي فلسفي کي ”آيونڪس“ اسڪول جو فلسفو چيو وڃي ٿو.

ٿيليز جي ڪابه لکٽي موجود نه آهي، ايستائين جو ارسطو جي دؤر تائين به هن جي ڪنهن لکٽي جو ثبوت نه ٿو ملي.

ها باقي جيڪو فلسفو ٿيليز ڏانهن منصوب ڪيل آهي ان جو تت هي آهي ته ٿيليز مطابق ته ڪائنات ۾ ان ۾ موجود هر شيءِ جي تخليق پاڻيءَ منجهان ٿيل آهي. هو چوندو هو ته ڪائنات ۾ وجود رکندڙ سڀ شيون پاڻيءَ جون تبديل ٿيل شڪلون آهن ۽ هر شيءِ پاڻيءَ مان ئي واپس پاڻيءَ طرف هلي ويندي آهي. اسان جي زمين پاڻي تي بيٺل آهي ۽ ان ۾ ئي تري رهي آهي. زمين تي زلزلو ان ڪري ايندو آهي جو پاڻي جون لهرون زمين سان ٽڪرائينديون آهن.

ٿيليز ائين ڇو چيو ته ڪائنات پاڻي مان ٺهيل آهي؟ ان جو عقلي جواب ته هو پاڻ به ڪونه ڏئي سگهيو پر ممڪن آهي ته هر شيءِ کي زندگي ڏيڻ ۾ پاڻيءَ جي اهم هجڻ هن کي ان نتيجي تي پهچايو هجي پر ان ڳالهه کان وڌيڪ اهم سوال هي آهي ته ٿيليز جي صرف ان فلسفي جي بنياد تي ته دنيا پاڻي مان ٺهي آهي هن کي ”فلسفي جو ابو“ قرار ڏنو ويو آهي. اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي جو ڪنهن کي اهڙو لقب ڏنو وڃي؟ اهڙي دعوا

۾ ته هو فلسفي جو ابو نه بلڪه فلسفي جو پيو لڳي. پڙهندڙن جو اهڙي ريت سوچڻ سمجهه ۾ اچڻ جوڳو آهي پر ٿيليز کي فلسفي جو ابو ان ڪري نه چيو ويندو آهي ته هن پاڻيءَ کي دنيا جي تخليق جو سبب قرار ڏنو! پر ٿيليز کان پهرين دنيا بابت نقطه نظر (Point of view) ڏند ڪٿائي هو. يعني اڪثريت ماڻهن جي ان ڳالهه تي يقين رکندي هئي ته ڪائنات ۾ سماج ۾ موجود سيني لقائن جي پٺيان ڪنهن نه ڪنهن ديوتا جو هٿ آهي. تنهن ڪري انهن وٽ مينهن وسڻ، گجگوڙ ٿيڻ، موسمن جي تبديلي، موت ۽ زندگي کان وٺي شراب، سج چنڊ ۽ تارن جا ديوتا موجود هئا. هاڻي جيڪڏهن ڪير ماڻهو سوال ڪندو هو ته مينهن ڇو ٿو وسي؟ ان جو جواب اهو هوندو هو فلاڻو ديوتا ائين ڪري ٿو. بس پوءِ هر ڪائناتي ۽ سماجي لقاءُ پٺيان ديوتا ائين ڪم ڪندا هئا. تنهنڪري اصل ڳالهه ٿيليز جو جواب نه پر اُهو سوال آهي جنهن سان تحقيق جي سيڪيولر سمجهه جا دروازا کليا. اهڙي دؤر ۾ جڏهن ماڻهو اهڙا ڏند ڪٿائي خيال رکندا هئا. اهڙي دؤر ۾ نج فطري لقاءُ يعني پاڻيءَ کي تخليق جو سبب قرار ڏيڻ انقلابي ڳالهه هئي ۽ اهو ئي ڪارڻ هو جو هن کي فلسفي جو ابو چيو اٿن ۽ هي ان پڳ جو حقدار به آهي.

ٿيليز سان گڏ هن جا به هم عصر فلسفي به ان ڪري عظيم آهن جو اهي اهڙي دؤر ۾ مادي پرست هئا جنهن دؤر ۾ هر شيءَ کي خيالي ۽ تصوراتي ڪري پيش ڪرڻ جو رواج هو. ان دؤر ۾ مادي پرست هجڻ جڏهن عوام خيال پرست هجي ۽ ڏند ڪٿائي شين تي يقين رکندو هجي سولي ڳالهه نه هوندي آهي. آيونڪ اسڪول جي هي ٽئي فلسفي مادي پرست هئا تنهن ڪري انهن کي ”Hylcists“ به چيو ويندو آهي. اهو لفظ يوناني ٻولي جي لفظ Hule مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ ”مادو“ آهي.


تاريخي اعتبار سان ڏسجي ته ٻي اهم ڳالهه جنهن يونان جي سوچ ۾ وڏو انقلاب برپا ڪيو اُها هئي فردن جي سوچ جو دنيا وار (Secularise) بڻجڻ. ٿيليز کان پهرين عقل ديوتائن جي ميراث هو جيڪو هن کان پوءِ به موجود رهيو ۽ مختلف شڪلين ۾ اڄ تائين به موجود آهي پر ان دؤر ۾ انسان طرفان هڪ اهڙي ڪوشش جي شروعات ٿي جنهن ۾ عقل ۽ ڏاهپ کي

خالص انساني بڻايو ويو. يعني عقل جيڪو ديوتائن وٽ هو اهو انسانن جو پنهنجو بڻجڻ لڳو. اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي ننڍن وڏن مسئلن لاءِ ڊيلفي مندر جي پوڄارين کي آخري سهارو سمجهندا هئا انهن جي ذهنن جون دريون کلڻ لڳيون، سافيڪليز جو جڳ مشهور ڊرامي ايڊيپس بادشاهه (King Oedipus) ۾ ان ڊيلفي مندر جو ذڪر آهي جنهن جا پوڄاري اڀوجهه ماڻهن کان وٺي بادشاهن جي ذهنن تي حڪومت ڪندا هئا. اهڙي دؤر ۾ ٿيليز جو احرامن کي ماپڻ، زيتونن جون مشينون اڳواٽ خريد ڪرڻ ۾ نديءَ کي ٻن حصن ۾ وهائي فوج لاءِ رستو ڪڍڻ جي عقل جو ڪمال هو. هن ڪنهن ديوتا کان دعا گهرندي يا منٿ ڪندي انهن مسئلن جو حل نه ڳوليو هو نه ئي هن ڪا اهڙي منافقت جي دعوا ڪئي ته فلاڻي ديوتا ننڊ يا خواب ۾ اچي هن کي ان مسئلي جو حل ائين ٻڌايو انهيءَ ڪارڻ ئي فلسفي جي تاريخ ۾ هن کي فلسفي جو ابو قرار ڏنو ويو. ان کان سواءِ سقراط کان پهرين ان سوال تي سوچرائڻ ۾ بحث ڪرائڻ ته دنيا جي وجود جو ”واحد عنصر“ ڇا آهي هن جي ذمي اچي ٿو. پوءِ اها دعوا ڪرڻ تي ڪائنات جي پٺيان هڪ واحد هستي جو تصور پراڻو نه آهي اها خود علم سان بدديانتي آهي. دنيا جو ٺهڻ ڪهڙي واحد عنصر سبب آهي. ان سوال جي تاريخجڻ جو ڪمال سندس ڪاتي ۾ آهي. جڏهن هن پاڻي، کي دنيا جي تخليق جو سبب قرار ڏنو. پوءِ انڪسميندر لاءِ ان جو سبب ”هوا“ بڻي ته ايگزمنس لاءِ ”لامحدود عنصر“، پيٿاگورس لا ”عدد“ زينوفينز ۾ پرمينڊس لاءِ ”هستي“ Being هيراقليطس لاءِ ”باهه“ ۾ ڊيموڪريٽس لاءِ ”ايٽم“ وغيره.

ناري واد

ٻولي ۽ جنسي متڀيد

پريانڪا



ٻولي هڪ اثرائتو سماجي عمل آهي جنهن ذريعي سماج ۽ انسان هڪ ٻئي سان رشتا جوڙن ٿا. هر ٻولي پنهنجي تاريخ، سماج ۽ ثقافت جو آئينو هوندي آهي ۽ ان ۾ موجود ۽ استعمال ٿيندڙ لفظ، جملا، چوڻيون ۽ پهاڪا ان ٻوليءَ جي تاريخ سان گڏ سماج ۾ پيل سوچن ۽ نظرين جي به نمائندگي ڪندا آهن.

اسان وٽ گهڻي ڀاڱي اهو سمجهيو ويندو آهي ته ٻوليءَ جو ڪم صرف پنهنجي ڳالهه ٻين تائين پهچائڻ هوندي آهي. اها ٻوليءَ جي محدود سمجهه آهي ڇاڪاڻ ٻولي صرف رابطي يا ڳالهه ٻولهه جو ذريعو نه بلڪه هڪ مضبوط سماجي ذريعو آهي جنهن سان مختلف سوچن ۽ خيالن کي ڄاڻڻ کان علاوه ان دنيا کي سمجهڻ ۾ اسان جي مدد ڪري ٿي. اسان پنهنجي روزانو واري زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي لفظن ۽ جملن کي ٻڌون ۽ استعمال ڪيون ٿا پر جنهن ڳالهه کان اسان اڻ واقف رهون ٿا اها هي آهي ته اهي لفظ يا جملا اسان جي ڪنهن مخصوص سوچ يا نظريي جو اظهار هوندا آهن ۽ اهي انهن نظرين کي وائکو ڪندا آهن. صرف ايترو ناهي ساڳي ٻولي انهن نظرين کي ٻين تائين پهچائي به ٿي ته نظريا ناهي انهن کي سماج ۾ مضبوط به ڪري ٿي.

هاڻي اسان اچون ٿا پنهنجي سماج تي جيڪو صرف امير ۽ غريب جي طبقي ۾ ورهايل نه آهي ان ۾ هڪ ٻيو به طبقو آهي جيڪو جاگيرداري ۽ پدر شاهي سماج سبب سالن کان ظلم، جبر، ناانصافين ۽ پراڻين انسان دشمن رسمن جي ور چڙهي

خاموشي اختيار ڪري ويو آهي ۽ اهو آهي عورتن جو طبقو جن کي مردن جهڙو ڪو انسان نه بلڪه ڪا الڳ مخلوق سمجهيو وڃي ٿو. صرف جنسي فرقن سبب مرد ۽ عورت ساڳيا انسان هوندي به هڪ جهڙي حقن کان محروم آهن. ساڳين حقن کان محروم هجڻ جو سبب اهي مرداڻيون ۽ عورتياڻيون خوبيون آهن جيڪي اهي ڄمڻ ساڻ گڏ ڪٽي نه ايندا آهن پر سماج اهي خوبيون پرورش دوران انهن ڏانهن منتقل ڪندو آهي. جنهن سبب مرد ۽ عورت ٻه الڳ وجود تصور ڪيا ويندا آهن. ان ڳالهه کي جڳ مشهور ناريوار ليکڪا سمون دي بوا هيئن لکيو آهي ته

”عورت پيدا ناهي ٿيندي، عورت ٺاهي ويندي آهي“

جڏهن هڪ ٻار ان دنيا ۾ اک کولي ٿو ته اسان هن کي ڇوڪرو ۽ ڇوڪريءَ جي دائرن ۾ ورهايون ٿا. پوءِ اسان جو رويو ٻار طرف ان دائري تحت جڙي ٿو يعني اسان نئين هوندي کان ئي انسان ٿي پيدا ٿيل ٻار ۾ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري هجڻ جو احساس پيدا ڪيون ٿا. اسان انهن جي پسند ۽ ناپسند ٺاهيون ٿا يعني جيڪڏهن ڇوڪرو آهي ته اهو گاڏيون، پستول، گوليون وٺندو ۽ وڏيڪ جسماني سرگرمين ۾ حصو وٺندو ڇوڪري هوندي ته گڏيون، فيشي ڪپڙا ۽ پالو وٺنديون ۽ گهٽ جسماني سرگرمين ۾ حصو وٺنديون. اهڙي طرح ڪوڙ سارا ٻيا فرق پيدا ڪيا ويندا آهن جنهن ۾ هڪ فرد محڪوم (عورت) ته هڪ فرد حاڪم (مرد) بڻجي وڃي ٿو.

اهي رويا جنسي مت ڀيد جي بنياد تي ايترا مضبوط ٿي وڃن ٿا جو اسان هڪ ٻئي ساڻ انسان بڻجي ڳالهائي نه سگهندا آهيون. هڪ ٻئي کي سمجهي نه سگهندا آهيون ايستائين جيستائين اسان مرد ۽ عورت کي جنس جي ان دائرن ۾ نه ڏسون جيڪي سماج عطا ڪيا هوندا آهن. اسان جي سماج ۾ جنسي مت ڀيد ايترو ته اهميت حاصل ڪري ويو آهي جو اسان پنهنجي وجود کي هڪ انسان جي روپ ۾ سمجهڻ کان پهرين هڪ جنس (مرد يا عورت) جي روپ سمجهڻ لڳون ٿا. مختلف هجڻ جو اهو فرق جنسي ۽ اسان جي رويي کان علاوه اسان جي ٻوليءَ مان به اظهارجي ٿو ڇاڪاڻ ڇوڪرو ۽ ڇوڪريءَ جي لاءِ ٻولي به مختلف استعمال ڪندا آهيون. مثال ڇوڪريءَ لاءِ اسان معصوم، پياري، نازڪ، خاموش ۽ گڏڙي جهڙا لفظ

استعمال ڪنداسين پر جي ڇوڪرو آهي ته پوءِ بهادر، ويڙهاڪ، ارڏو، جوان، ۽ بي خوف جهڙا لفظ استعمال ڪندا آهيون. نه صرف ايترو پر ٻار جي روئڻ کي به مختلف انداز ۾ ڏٺو ويندو آهي. 1976 جي هڪ تحقيق Condry & Condry جي مطابق جيڪڏهن ڇوڪري روئي ته ان جو مطلب آهي اها ڊنل يا خوفزده آهي پر جيڪڏهن ڇوڪرو روئي اهو ان جي ڪاوڙ جو اظهار هوندو آهي.

ٻالڪپڻي ڪانپوءِ جڏهن ڇوڪرو ۽ ڇوڪري بالغ ٿي سماج جي ٻين فردن سان رابطي ۾ اچن ٿا ته جنسي مت ڀيد انهن تي وڌيڪ واضح ٿي پوي ٿو. گهر وارا، دوست، مت مائٽ اهو فرق سيکاري بس ڪندا آهن ته اسڪول ۽ ڪاليج ان فرق کي هٿي ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا. اهي ٻڌائن ٿا توهان کي بحيثيت ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ڪهڙي راند ڪيڏڻ گهرجي. ڪنهن سان دوستي ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن سان ڪيئن رويو رکجي. اهو سڀ جنس جي بنياد تي طئي ٿيندو آهي. ننڍي عمر کان ئي انهن کي هڪ ٻئي کان الڳ هجڻ جو احساس ڏياريو ويندو آهي. ڇوڪريون وري به ڇوڪرن سان گڏ ڪيڏڻ کان نه لنوائينديون آهن پر ڇوڪرا ڇوڪرين سان ڪيڏڻ نه چاهيندا آهن. هي سڀ ايتري شدت سان ٿيندو آهي جو ٽن سالن جي عمر ۾ ئي ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي هڪ ٻئي کان الڳ هجڻ جو احساس پختو ٿيڻ لڳندو آهي. ڇو ته هنن جي عملن کي، سوچن کي، پسند ۽ ناپسند جي جنسي فرقن تي ٺاهيو ويندو آهي. جهڙوڪ جيڪڏهن ڪو مرد روئندو يا آهستي ڳالهائيندو ته چوندا آهن ته اڙي تون مرد ٿي روئي ٿو يا ماين وانگي ڳالهائين ٿو؟ مطلب روئڻ ۽ آهستي ڳالهائڻ عورت جو ڪم آهي مرد رڳو کلڻ لاءِ پيدا ٿيا آهن. وري جيڪڏهن ڪا عورت وڏا ٽهڪ ڏي کلي يا تيز ڳالهائي ته ان کي سمجهايو ويندو آهي تيز کلڻ يا ڳالهائڻ عورت جو ڪم نه آهي. اسان اهڙيون هدايتون جاري ڪرڻ وقت جيڪي لفظ ۽ جملا استعمال ڪندا آهيون اهي ئي انسانن کي هڪ الڳ ۽ مختلف جنس هجڻ جو احساس ڏيارن ٿا. ۽ پوءِ ٻنهي جي سوچ ۽ دنيا جي سمجهه به هڪ ٻئي کان مختلف ٿهي ٿي.

هاڻي جڏهن انهن جي پرورش دوران اهڙي ٻولي انهن کي ٻڌڻ لاءِ ملي ته ظاهر آهي وقت سان ان جو اثر انهن جي عملن

مان به ظاهر ٿئي ٿو. نتيجتاً ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ وقت يا ته ڏڄندا آهن يا شرمائيندا آهن. ان سڄي هڪ نهيل ۽ ترتيبوار نظام هجڻ جي باوجود اسان ان جنسي مت پيد کي "Common Sense" جو ٺپو هڻندا آهيون يا ان کي قدرتي عمل چئي پنهنجي سماج جي تربيت ڪرڻ واري عمل تي سوال اٿارڻ کان پاسو ڪندا آهيون.

هن سڄي تربيت ڪانپوءِ جنهن ۾ اسان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي هڪ ٻئي کان الڳ هجڻ جون نصيحتون ڏيون ٿا. اتي جڏهن اهي بالغ عمر تي پهچن ٿا ته انهن کي ان ڳالهه جو تاثر به ملي ٿو ته مخالف جنس موهي ٿي (Opposite attracts).

سماج ۾ موجود هڪ نظام کي قائم رکڻ لاءِ وري هڪ نئي قسم جو نظريو پيدا ڪيون ٿا. جنهن ۾ اسان جوڙن کي دلڪش لقبن سان نوازيون ٿا يعني مس يا مسٽر پرفيڪٽ، پرنس چارمنگ، مس فيرويل يا مسٽر فيئرويل، پرفيڪٽ ڪپل، ڪنگ ۽ ڪئين پرنس ۽ پرنسز وغيره وغيره جهڙا مختلف مقابلا ڪرائي يا نالا ڏئي انهن ٻنهي الڳ ڪيل وجودن کي هڪ نه ٽٽندڙ تعلق قائم ڪرڻ جو به احساس قائم ڪيون ٿا. نه صرف ايترو پر هڪ مڪمل جوڙي (perfect couple) ۾ به اسان وٽ جنس جو استحصال ٿئي ٿو. يعني هڪ Perfect Couple ۾ مرد حد کان وڌيڪ بهادر، خيال رکڻ وارو ۽ احسان ڪرڻ وارو ڏيکاريو ويندو آهي، جڏهن ته ڇوڪريءَ کي وري معصوم نزاڪت واري ۽ ٻڇٽي ڏيکاريو ويندو آهي. هي مثال توهان فلمن ۾ ڊرامن ۾ روز ڏسندا هوندا جنهن ۾ ڇوڪرو پنهنجي جيڪٽ لاهي ڇوڪري کي ڏيندو آهي يا ڪنوڻ يا ڀوائتي فلم ڏسڻ وقت خوف ورتل ڇوڪري جو هٿ پڪڙيندو آهي. جنسي مت پيد تي بيٺل هي نظام جيترو هڪ عورت جي فطرت لاءِ خطرناڪ آهي اوترو ئي مرد جي شخصيت لاءِ به نقصانڪار آهي. ان ڳالهه کي هندستاني ناريواد ڪملا ڀاسن چوي ٿي ته هي نظام مرد کان ان جي انسانيت کسي ٿو ايتري حد تائين جو مرد امڙ جهڙي هستي جي لاڏائي تي ڳوڙها ڳاڙڻ کي عيب سمجهي ٿو. ڇاڪاڻ هو ننڍي هوندي کان اهو ٻڌندو پيو اچي ته مردن جو ڪم روئڻ نه هوندو آهي. ان کان علاوه مرد ڪڏهن به پنهنجا خوف، پنهنجون ڪمزوريون بيان نه ڪندو آهي ڇاڪاڻ هن کي سيکاريو

ويو آهي ته مــرد ڏيــڍيي ۽ روب واري شخصــيت ۾ ســٺو لڳنــدو آهي.

انهن سيني فرقن جو نهڻ ۽ انهن کي قـائم رکڻ هڪ فـردي نه بلڪه ســماجي عمل آهي جيڪـو ٻــوليءَ جي اســتعمال ســان وڌيڪ مضبوط ڪيو وينـدو آهي. اهو مت پيد ڪو جسـماني طـور چمڻ "Biological reproduction" ســبب نه بلڪه ســماجي طور وڌڻ "Social reproduction" سبب پــروان چــڙهي ٿو يا پيـدا ٿـئي ٿـو. جيڪـو هـاڻي اسـان جي روايتن جو حصو بڻجي ويو آهي. جيڪــڏهن ڪنهن چــوڪري کي چانهه ٺــاهڻ نه ٿي اچي ته مطلب هن جو سگهڙ زال ٿيڻ شڪ ۾ پئجي وينـدو. پر جيڪــڏهن مــرد کي چانهه ٺــاهڻ نه ٿي اچي ته خــير آهي. چانهه ٺــاهڻ کــو مردانگي جو ڪم ٿورئي آهي؟ جو مرد کي لازمن اچڻ ڪپي.

حقيقت هي آهي ته اسان پنهنجي چــوڌاري ٿينــدڙ عملن کي ائين نه پرکيندا آهيون جيئن انهن کي پرکڻ گهرجي. نه ئي اســان انهن کي ائين ڏســندا آهيــون جــيئن اهي آهن. پر اســان پنهنجي وهمن ۽ گمــانن يا ســماج طرفــان ٻــڌايل دائــرن ۾ شــين کي سمجهندا ۽ قبول ڪنـدا آهيـون. وقت جي اهم ضـرورت اهي ته اســان مــدي خــارج ســماج مــان انهن بيمــارين ۽ روايتن خلاف مزاحمت ڪيـون جيڪي مـرد کي عـورت کي عـورت ۾ ۾ مــرد کي مـرد جيڪي عـورت ٿي رهڻ نه ڏئي رهيــون آهن. اهو تــڏهن ممڪن آهي جــڏهن اســان ســـــماج کي تبــــديل ڪــــرڻ لاءِ پنهنجو علمي ۽ عملي پورهيو ڏينداسين. اسـان کي ان علمي ۽ عملي پـورهي ڪـرڻ کـان اهو چئي روڪيو ويندو ته ان ۾ خطــرو آهي. پر ســوچجي ته خطــري کي منهن ڏيڻ خطري کي نظرانداز ڪرڻ کان وڌيڪ بهتر آهي.

صنفي جبر جي نظريي سازي
(گهريلو پورهيو ۾ عورت تي جبر)
(حصو ٻيو ۽ آخري)

شيرون سمٿ/ سرمد

گهريلو پورهئي جي ڪردار بابت مارڪس جي ڪتاب ”سرمائي“ ۾ موجود ڪوتاهيون:

پنهنجي زندگيءَ جي آخري سالن ۾ ان موضوع تي تمام گهڻي محنت ۽ ڪوجنا ڪرڻ ۽ ”نسلياتي دستاويز“ جهڙو ڪتاب لکڻ منجهان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مارڪس مستقبل ۾ صنفي جبر ۽ جوهري خاندان (Nuclear family) تي تفصيل سان لکڻ چاهيو پئي. تنهن هوندي به اِهو مڃڻ ۾ ڪو عار ناهي ته مارڪس جو ڪتاب ”سرمايو“ ان ڏس ۾ ڪجهه انتهائي بُنيادي معاملن ۾ ڪُتي ٿو. ”سرمائي“ ۾ صنفي جبر بابت تمام مختصر ڳالهه ٿيل آهي جڏهن ته پورهيت خاندان ۾ خاص ڪري ان پورهيت خاندان ۾ عورت طرفان ڪيل گهريلو پورهئي جي ڪردار تي ڪم بِنهه نه هجڻ برابر آهي. ٻئي طرف مارڪس سمورن طبقن جي مردن ۽ عورتن لاءِ ٿوس جِنسي تضاد جي بنياد تي، متضاد جنس سان شادي ۾ فقط هڪ ئي مرد يا عورت سان شادي (يڪزوجگيءَ) جهڙن معاملن کي قانوني طور سماج ۾ نافذ ڪرڻ ۾ پڻ ”سرمائي“ جي ادا ڪيل ڪردار جو ٺيڪ طرح سان اندازو لڳائي نه سگهيو. مارڪس جيتوڻيڪ سرمائيدار طبقي ۾ ان جي مال ۽ دولت جي نسل در نسل حفاظت ۽ واڌ ويجهه لاءِ ”ملڪيت دار“ خاندانن جي ادا ٿيندڙ ڪردار کان چڱيءَ ريت واقف هو. تنهن هوندي به ان ئي نظام جي اؤسر ۾ ادا ٿيندڙ پورهيت خاندان جي ڪردار بابت سندس تجزيو مُبهم ۽ ڪنهن حد تائين متضاد هو. مارڪس هڪ طرف ته بلڪُل بنيادي ريت سمجهندو هو ته پورهيتن جي موجوده نسل جي روزاني جي بُنياد تي مسلسل استحصال ۾ سندن نئين نسل جي پالنا ۾ سڪيا جي صورت ۾ پورهيت خاندان طبقاتي نظام لاءِ نسل در نسل پورهئي جي سگهه جي افزائش ڪندو رهي ٿو. پر ٻئي پاسي غلطي سان ئي سهي پر هو اهو پڻ مڃيندو هو ته پورهيت خاندان ڊهڻ ۾ ختم

ٽيڻ جي عمل ۾ آهي. ائين سمجهندي هڪ معنيٰ ۾ هو ان سوال کي اڻ جوابيل ئي ڇڏي ويندو هو ته پورهيت خاندان جي غير موجودگيءَ ۾ سرمائيداري نظام جي جيئدان لاءِ گهربل پورهئي جي سگهه جي افزائش آخر ڪهڙيءَ ريت ممڪن ٿي سگهندي!

مارڪسس پنهنجي ڪتاب سرمائي ۾ ڪنهن حد تائين جلدبازي ۾ اهو دليل ڏئي ٿو ته ”سرمائي جي جيئدان ۾ واڌ ويجهه لاءِ پورهيت طبقي جي موجودگي ۾ مسلسل افزائش هڪ لازمي شرط آهي ۾ هميشه رهندي. پر ان شرط جي پورائي جو ذمو سرمائيدار طبقو آسانيءَ سان پورهيت طبقي جي ڪُلهن تي ڦٽو ڪري سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته پورهيت طبقي ۾ پڻ پنهنجي ۾ پنهنجي نسل جي بچاءَ ۾ واڌ ويجهه لاءِ جُهد ڪرڻ جي جبلت موجود آهي“ پر تاريخ اسان کي پڌائي ٿي ته ائين ڪڏهن ٿيو ناهي. سرمائيداري نظام کان اڳ وارن سماجن ۾ موجود خاندان ائين غير محسوس ڪن انداز ۾ ”پنهنجو پاڻ“ ڪنهن جبلت جي اثر هيٺ اوسر ڪري ناهي پهتو. شروعاتي صنعتي سماج پاڻ اهڙا قانون مٿان کان سماج تي مڙهيا، جن ذريعي هڪ طرف ته سماج ۾ موجود سمورن طبقن لاءِ مخالف جنس سان شادي قانوني طور لازمي بڻجي وئي، پر انهن ئي قانونن جي نتيجي ۾ عورت جي قانوني ۾ سماجي حيثيت کي پڻ تمام گهڻو ڇيهو رسيو. مثال طور برطانوي سلطنت جي قبضي هيٺ موجود آمريڪي بيڪيتن ۾ 1769 ڌاري شاديءَ بابت برطانوي رياست جو قانون جيئن جو تيئن لاڳو ڪندي، ان معاملي ۾ عورت جي حيثيت ۾ اختيار کي ذري گهٽ ختم ڪيو ويو. ”شاديءَ بعد مرد ۾ عورت قانوني طور هڪ فرد بڻجي وڃن ٿا، مرد سان شادي بعد عورت جا سمورا قانوني حق ايستائين جو سندس وجود پڻ سندس مڙس ۾ ضم ٿي وڃي ٿو، جنهن جي نگراني ۾ ڇپر ڇانو ۾ هو پنهنجي باقي سموري زندگي گذاري ٿي“.

مارڪس جي ڪيل ڳالهه جي ابتڙ، سرمائيدار طبقي جي ”روايتي شاديءَ“ جي اداري سان (ان قسم جي) تاريخي جُڙت پڌائي ٿي ته اُن جي اطلاق ۾ ان طبقي جو ڪيترو وڏو ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. جيئن هڪ برطانوي مارڪسوادي جون سمٿ (John Smith) دليل ڏيندي لکي ٿو ته ”ڇاڪاڻ ته پورهئي جي

سگهه کي ڏهاڙيءَ تي ڪپائيندڙ آزاد پورهيتن جو طبقو سرمائيداريءَ جي وجود لاءِ هڪ لازمي شرط آهي، ان ڪري هر دؤر ۾ سمورا سرمائيدار ان طبقي جي افزائش جي معاملي تي زوري اثر انداز ٿيندا رهيا آهن. سرمائيداري دؤر جي بالڪل ابتدائي ڏينهن ڪانوني ”نجي ملڪيت“ بڻيل خاندان ۾ نسلي افزائش جي طريقيڪار کي رياست جي نظرياتي سانچن، ڏاڍ ۽ جبر جي ادارن توڙي رياستي قانونن ذريعي مڪمل طور پنهنجي منشا مطابق هلايو ويو آهي.“

جيئن ته مٿي ذڪر ٿي چُڪو ته مارڪس غلطيءَ سان اهو سمجهندو هو ته پورهيت خاندان ڊهڻ جي عمل ۾ آهي. ڪُجهه معاملن جهڙوڪ اُن دؤر ۾ پورهيت خاندان جي مستقل ۽ مسلسل بنيادن تي تباهه ٿيندڙ حالت ۾ ان سان گڏوگڏ، اُن جي ئي نتيجي ۾ تبديل ٿيندڙ جنسي تعلقن جي بُنيادتي سندس ائين سوچڻ سمجهه ۾ اچي ٿو. برطانوي تاريخ جي اُن دؤر ۾ پورهيتن جا پورا پورا خاندان ڪارخانن ۾ مزدوري ڪندا هُئا، جنهن سبب سندن خانداني زندگي زري گهٽ ناممڪن بڻجي وئي هُئي. ايستائين جو پورهيت خاندانن سان تعلق رکندڙ ڪوڙ سارا معصوم ۽ اُبهم ٻار بالغ ٿيڻ کان اڳ ئي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندي ڪندي مري کپي ويندا هُئا. تنهن هوندي به مارڪس جي دؤر ۾ پڻ سرمائيدار طبقو پورهيت خاندان کي بچائڻ ۾ ويتر وڌيڪ مضبوط بنائڻ ۾ سرگردان هو، ڇاڪاڻ ته پورهيت خاندان جي ڏينهون به ڏينهن ابتر ٿيندڙ حالت خود سرمائيدار طبقي جي پنهنجي واڌ ويجهه ۽ افزائش لاءِ خطرو بڻجي رهي هُئي ۽ جنهن منجهان ڪنهن سماجي ڪايا پلٽ جا سگهارا امڪان پڻ پيدا ٿي رهيا هُئا جيڪي سرمائيدار لاءِ تمام خطرناڪ هُئا. سرمائيدارن پنهنجن ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مرد پورهيتن جي اُجوري ۾ ”فيملي ويج“ يا ”خاندان جي اُجوري“ جي نالي ۾ واڌ ڪري ڪنهن حد تائين اهو ممڪن بڻايو ته پورهيت خاندان جون عورتون گهر ۾ رهي سگهن ۽ پنهنجي خاندان جي سارسنڀال ۽ افزائش جي ذميواري نڀائي سگهن جڏهن ته ساڳئي ئي وقت برطانوي سرڪار نه صرف هڪ پاسي شاديءَ جا قانون جوڙي ۽ لاڳو ڪري پورهيتن کي نيوڪلير فيملي جوڙي رهڻ جي ترغيب ڏيڻ لڳي پر ٻئي پاسي خاندان حوالي ٿيل پورهيتن جي

نئين نسل کي ڪنهن قدر بنيادي سهولتن ۾ تربيت جهڙوڪ مفت ۾ لازمي تعليم ڏيڻ جهڙيون ذميواريون پڻ رياست حوالي ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو.

پورهيت خاندان جيتوڻيڪ مارڪس جي دؤر ڪان هن وقت تائين ڪوڙ سارين معنائن ۾ تبديل ٿيو آهي. تنهن هوندي به هڪ اداري جي صورت ۾ سماج منجهان سندس خاتمو هن وقت تائين ڪٿي به عمل ۾ ناهي آيو. 1960 ڌاري شروع ٿيندڙ عورتن جي آزادي واري تحريڪ ان خيال کي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان چيلنج ڪيو ته صرف شادي ۾ ٻار ڄڻڻ ۾ سندن پالنا ئي عورت جي زندگيءَ جا ڪُلي مقصد آهن. ان سان گڏوگڏ اُجوريدار پورهين جهڙوڪ نوڪرين وغيره ۾ عورتن جي مسلسل ۾ مستقل بنيادن تي وڌندڙ شموليت روايتي خاندان جي جُڙت ۾ حيرت انگيز تبديليون آنديون آهن.

موجوده دؤر ۾ (گهٽ ۾ گهٽ يورپ ۾) تمام ٿوريون عورتون ئي اهڙيون هونديون جيڪي شاديءَ بعد پنهنجي ناالي سان پنهنجي مڙس جو نالو پڻ جوڙينديون هونديون. اهڙيءَ ريت همجنسپرستن جي جنسي تعلقن لاءِ آزاديءَ وارين تحريڪن (LGBT Movements) جي مدد سان اڄ دُنيا ۾ همجنسپرستن جا اهڙا تمام گهڻا جوڙا موجود آهن جيڪي ٻار پالين ٿا ۾ خاندان جوڙيندي خاندانن اندر جنسي بنيادن تي جُڙيل سخت عقيدن کي ڏاهي پَٽ ڪن ٿا. طلاقن جي شرح ۾ واڌ ماءُ يا پيءُ منجهان ڪنهن هڪ جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ خاندانن ۾ پڻ اضافو آندو آهي جيتوڻيڪ اهڙن خاندانن کي گهڻي ڀاڱي عورتون ئي هلائينديون آهن (ڇاڪاڻ ته طلاق بعد ٻار گهڻي ڀاڱي ماءُ جي ئي ذميواري سمجهيا وڃن ٿا.) ۾ اهڙا خاندان اڪثر ڪري غربت ۾ افلاس منجهه زندگي گذارين ٿا. جيئن ته عورتن جو گهڻو تعداد روز بروز گهر ڪان ٻاهر پيشيوراڻين نوڪرين ۾ اچي رهيو آهي ته نتيجي طور عورتن منجهه ٻار گهٽ ڄڻڻ ۾ اهي پڻ ننڍي عمر ۾ نه ڄڻڻ جو رواج عام ٿي رهيو آهي. ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ هاڻي گهريلو پورهئي جو وزن عورت جي ڪُلهن تان گهٽجندي نظر اچي رهيو آهي. جيتوڻيڪ گهر جي رواجي ڪمن ڪارن لاءِ جُڙيل جديد مشيني اوزارن جو ان ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. تنهن هوندي به عورت جي گهر ڪان ٻاهر نوڪرين ۾ وڌندڙ شموليت سبب

گهريلو ڪمن ڪارن جهڙوڪ رڌ پچاءُ ۾ صفائي سُترائي جي ماضيءَ وارن سخت معيارن ۾ پڻ تمام گهٽي لچڪ نظر اچي رهي آهي. مثال طور عورتن جي گهر کان ٻاهر مصروفيتن سبب گهر اندر رڌ پچاءُ جو رواج ڪمزور ٿيو آهي ۽ ڪاڏو ٻاهران گُهرائڻ يا فاسٽ فوڊ (Fast Food) جو رواج وڌي رهيو آهي.

تنهن هوندي به، مٿي ذڪر ڪيل سمورن سُڌارن ۽ تبديلين باوجود پورهيت خاندان جو سرمائيداري نظام اندر ساڳيو ئي ڪم آهي يعني پورهئي جي سگهه جي افزائش ڪرڻ، عام طور اها خاندان ۾ موجود وڏي ۾ وڏي فرد (مرد توڙي عورت) جي ئي ذميواري هوندي آهي ته هو خاندان جي سمورين ضرورتن جو پورائو ڪن، پوءِ پلي اهو خاندان مرد ۽ عورت منجهان ڪوئي هڪ يا ٻئي گڏيل طور هلائيندا هُجن يا ڪين ڪو مناسب روزگار ميَسر هجي يا نه! خاندان جون روزاني جي بنياد تي موجود ذميواريون اڄ سوڌو پڻ رڌ پچاءُ، ڪپڙو لتو، صفائي سُترائي ۽ خاندان جي سار سنڀال ئي آهن جيڪي پڻ اڄ تائين گهٽي ڀاڱي عورت جي ئي ذميوارين ۾ شمار ٿين ٿيون ۽ سندس ئي مٿي جو سُور آهن. ان سوال کي سمجهڻ ته ائين ڇو ٿو ٿئي، نه صرف نظرياتي طور صنفي جبر جي ڪارڻ کي سمجهڻ ۾ مددي ٿيندو، بلڪه اهو پڻ سمجهائيندو ته ان سان عورت جي مجموعي سماجي حيثيت تي ڪهڙا اثر پون ٿا.

مارڪس جي کپت (**Consumption**) جي تصور سان گهريلو پورهئي جي جُڙت:

جيتوڻيڪ مارڪسي معاشيات جي اصولن آهر جانچبو ته عورت جو گهريلو پورهيو (جنهن جو ڪيس ڪوئي اُجورو ڪونه ٿو ملي) ڪو اضافي قدر پيدا ڪندي نظر نه ايندو، تنهن هوندي به عورت جو اهو پورهيو هن سرمائيداري نظام جي جيئدان لاءِ انتهائي بنيادي حيثيت رکي ٿو. حقيقت ۾ سرمائيدار طبقي جو حڪمران نظريو اهوئي پرچاري ٿو ته عورت جو بنيادي ڪارج ئي نئين نسل کي جنمڻ ۽ ان جي پالنا ڪرڻ آهي. ڇاڪاڻ ته عورت اندر فطري طور ”پالنا ڪرڻ“ جي جبلت موجود آهي جيڪا ڪيس پنهنجي مڙس، ٻارن ٻچن ۽ خاندان جي سارسنڀال لاءِ سڀني کان وڌيڪ موزون ۽ مناسب فرد بڻائي ٿي، اهو نظريو

پنهنجي آخري نتيجي ۾ عورت کي گهر اندر ”ڪمائي اينڊز“ مـرد جي مڪمل تـابع بڻائي ٿـو. ان نظـرئي جا نقصـان رڳو خانـداني زنـــدگي تـــائين محـــدود نه ٿا رهن، بلڪه ســـمورن طبقن جي سمورين عـورتن جي زنـدگيءَ تي اثرانـداز ٿين ٿـا. سـرمائيداري سماج ۾ رائج روايتي اخلاقي ضابطو عورتن جي جسم ۾ ســندن ٻـار ڄڻڻ جي ســگهه کي ڪـانئن ڪسي ٻـاهر ڪنهن (مــرد) جي مالڪيءَ ۽ فيصلي جي تـابع بڻـائي ڇـڏي ٿـو. حقيقت اها آهي ته عورتن جي حمل روڪڻ يا ٻار ڪيرائڻ خلاف موجـود سـماجي ۽ قانوني بندشون، اصل ۾ عورت کي پنهنجي ٻار ڄڻڻ واري اهليت بابت پـاڻ فيصـلي ڪـرڻ کـان روڪڻ جو ئي سِـٽاءُ آهن. صـحت کاتي سان لاڳاپيل اهڙيون سرڪاري پاليسيون جيڪي مجمـوعي طور عورتن جي ٻار ڪيرائڻ جي سهولتن لاءِ ته پئسا خرچ ڪرڻ کان انڪاري هُجن، پر غـريب عـورتن جي جنسي نس بنـديءَ لاءِ خوشـــيءَ ســـان رقمـــون ڏين۔ سي حقيقتن ۾ نسل پرســتيءَ ۽ جنسي متيبد جي ميلاپ جو مڪروهه اظهار آهن. چاڪاڻ ته اهي غــريب ۽ ســياهه فــارم (Black) عــورتن جي پنهنجي مرضــيءَ مطابق ٻار ڄڻڻ جي حق کي غضب ڪنـدي بحرحـال عـورت جي افزائشي سگهه تي سندس مرضي ۽ اختيار جو انڪار ئي آهن.

1970 واري گهريلو پورهـــئي بـــابت ٿيل بحث ۾ شـــامل نظريئدانن، صنفي جبر جي بنيـاد، عـورت جي گهر انـدر ٿينـدڙ بنا اجــوري پورهــئي جي مجمــوعي ســرمائيداري نظــام لاءِ جُڙنــدڙ ڪردار کي سمجهڻ لاءِ ان ڏس ۾ موجـود مارڪسي نظـرئي کي ڦلــورڻ شــروع ڪيــو. چاڪاڻ ته مــارڪس پنهنجي لکـٽين ۾ ان معاملي سان ڪو گهٽو انصاف نه ڪري سـگهيو هـو. تنهن ڪــري اهي مــاڻهو جيڪي ان بحث ۾ پنهنجو پورهيو ارپي رهيا هئــا. سي محظ ان معاملي ۾ مارڪسي نظـرئي کي واضح ڪـرڻ بجـاءِ ان ڏس ۾ اڻ ڇُهيل نظرياتي پاسن ڏانهن ڪيس اؤسر پڻ ڏياري رهيا هئـا. ان ســان گڏوگڏ اهو ســمجهڻ پڻ ضـروري آهي جنهن ڏانهن وجيل پڻ اشـــارو ڪـــري ٿي ته ”ان ڏس ۾ صـــحيح ۽ ڪارآمد سمجهه جا بُنياد ”سرمائي“ ۾ مارڪس پاران پيش ڪيل سماجي افزائش جي نظرئي اندر ئي ڍَڪيل آهن.“

اهــڙو ئي هڪ بنيــاد مــرڪس جي ”ڪپت“ جي اُن تصــور ۾ موجود آهي جنهن ذريعي مارڪس پورهيت جي ”پئـداواري ڪپت“

۾ سنڌس ”فردي ڪپت“ ۾ فرق سمجهائي ٿـو. جيتـوڻيڪ ڪپت جا
اهي ٻـئي قسم ڦـرلت جي هن نظـام ڪي جـاري رکڻ لاءِ هڪ
جيترائي بنيادي آهن تنهن هوندي به ٻنهي جا نظرياتي سـانچا هڪ
ٻئي کان مختلف آهن جيئن مارڪس چئي ٿو ته پـورهيت ڪپت ۾ن
طريقن سان ڪري ٿو. هو جڏهن پئـداوار جي عمل ۾ هجي ٿو ته
هو پئداوار جي ذريعن کي اسـتعمال ڪنـدي پنهنجي پورهـئي جي
مدد سان منجهن اهڙيون شيون ٺاهي ٿو جن جو قـدر شـيءِ ٺهڻ
جي عمل ۾ استعمال ٿيل سرمائي جي قدر کان وڌيڪ هجي ٿـو.
(يعني واڌو قدر پئدا ٿئي ٿـو). پـورهيت جي اهـڙي ڪپت پئـداواري
ڪپت آهي اتي ساڳئي ئي وقت سنڌس پورهئي جي ڪپت پڻ ٿـئي
ٿي جيڪو ڪـانئس هڪ سـرمائيدار ڪجهه اجـوري عيـوض خريد
ڪـري ٿـو. جـڏهن ته ٻـئي پاسي اهو سـاڳيو ئي پـورهيت پنهنجي
پورهـئي جي سـگهه ڪپـائڻ عيـوض ڪيس مليل پئسن منجهـان
پنهنجي جيئـدان لاءِ لازمي شـيون خريد ڪـرڻ ۾ پڻ اسـتعمال
ڪري ٿـو. اها سـنڌس فـردي ڪپت آهي. ان ڪـري هڪ پـورهيت
جي پئـداواري ڪپت ۾ سـنڌس فـردي ڪپت هڪ ٻـئي کـان بالڪل
مختلف آهن. پهـرئين قسم جي ڪپت ۾ پــورهيت سـرمائي جي
چرخيءَ کي ڦيرائندي رهڻ لاءِ هڪ بُنيـادي طـاقت مُهيا ڪـري ٿو
جنهن عمل ۾ سنڌس واسطو سرمائدار سان هُجي ٿو. جـڏهن ته
ٻئي قسم جي ڪپت ۾ هُن جو واسطو سڌي ريت پنهنجو پاڻ سان
هُجي ٿو ۽ هو پئداوار جي عمل کان ٻاهر پنهنجي جيـئري رهڻ لاءِ
ڪي تمام ضروري ۽ بنيادي ڪم ڪري ٿو. پهرئين يعني پيـداواري
ڪپت جي نتيجي طور سرمائيدار کي جيئنـدان ملي ٿو ۽ ٻي يعـني
فردي ڪپت جي نتيجي ۾ پورهيت جي پنهنجي زندگي بچي ٿي.

مارڪس اهو ٻڌائي ٿو ته پـورهيت جي فـردي ڪپت ۾ شـمار
ٿيندڙ سنڌس گُذر سفر جي وسيلن ۾ سـنڌس ٻـار ٻچن جو گـذر
سفر پڻ شامل هجي ٿو، ڇاڪـاڻ ته سـمورا پـورهيت فـاني آهن
ڪين هڪ ڏينهن مرڻو آهي ۾ سندن جاءِ پـورهيتن جي نـئين نسل
کي والارڻي آهي. ”انڪـري پورهـئي جي سـگهه جي پئـداوار لاءِ
ضـروري گـذر سـفر جي وسـيلن ۾ ڪنهن پـورهيت جي ”جـاءِ
ولاريندڙ“ يعني سنڌس ٻار ٻچن جي گذر سفر لاءِ ضروري وسيلا
پڻ شامل هُجن ٿا. ان لاءِ ته ڪپت جي هڪ خاص جنس (پورهـئي
جي سگهه) رکندڙ اهو مخصوص نسل هميشه منـڊيءَ ۾ موجـود

رهي“.

ليزي وجيل مارڪس جي ان فردي ڪپت جي تصور ۾ ”گهريلو پورهئي“ جي ڪُل عنصر بابت ڏاڍي بنيادي ڳالهه ڪري ٿي. هو چئي ٿي ته ”مارڪس مطابق فردي ڪپت تڏهن ٿئي ٿي جڏهن پورهيت ڪيس مليل اُجوري کي گُذر سفر جي وسيلن ۾ تبديل ڪري ٿو. پر مارڪس ان فردي ڪپت جي عمل ۾ استعمال ٿيندڙ پورهئي بابت تمام گهٽ ڳالهائي ٿو. اتي ئي معاشي سرگرمين جو اهو بنيادي سلسلو موجود آهي جيڪو جيتوڻيڪ سرمائيداراڻي پئداوار لاءِ تمام گهڻو ضروري آهي، تنهن هوندي به مارڪس جي ڪَم ۾ موجود نه آهي.“

پورهيت جي گُذر سفر ۾ استعمال ٿيندڙ شيون محظ ڪي اهڙيون جنسون ناهن جيڪي هو اُجوري عيوض خريد ڪري ۾ سڌيءَ ريت استعمال ڪري سگهي. بلڪه اهي اهڙيون شيون هونديون آهن جن کي ”استعمال لائق“ بنائڻ لاءِ گهريلو پورهيو گهربل هوندو آهي. مثال طور ڪپڙا لٽا ۾ ٽانو ٿيا ڌوئڻ ۾ صاف ڪرڻ، گهر جا ٻيا ڪم ڪار ڪرڻ ۾ اهي سمورا ڪم جيڪي ٻارن جي پالنا ۾ پرورش ۾ شامل هُجن ٿا. انهن سمورن ڪمن لاءِ گهريلو پورهيو لازمي هوندو آهي ۾ ان پورهئي کان سواءِ پورهيت جي فردي ڪپت ناممڪن آهي.

جيتوڻيڪ مٿي ذڪر ڪيل اهي سمورا ڪم پورهيتن جي فردي ڪپت جي عمل لاءِ ئي ٿين ٿا. تنهن هوندي پورهئي جي سگهه جي لڳاتار ۾ مستقل بنيادن تي پئدائش ۾ افزائش ۾ ان پورهئي جو مرڪزي ڪردار هُجي ٿو. اهو گهريلو پورهيو نه صرف روزاني جي بنياد تي پورهيتن جي هڪ پوري نسل کي هر نئين ڏينهن پورهيو ڪري سگهڻ لاءِ تيار ڪري ٿو پر ساڳئي ئي وقت پورهيتن جي هڪ نئين نسل کي پڻ مسلسل تيار ڪندو رهي ٿو جيڪا پنهنجي مستقبل ۾ پنهنجن وڏن جي جاءِ والاري مارڪيٽ ۾ پورهئي جو سگهه جي کوٽ جو پوراءُ ڪري سگهي. جڏهن انهن ڪمن ۾ ذميوارين جي ادائيگي کي ڪنهن مخصوص خاندان مان ڪڍي پوري سماجي تاجي پيٽي ۾ سمجهبو ته خبر پوندي ته اهو گهريلو پورهيو مارڪس پاران واضح ڪيل اُن پوري سماجي افزائش (Social Reproduction) جي عمل جو حصو آهي جيڪو سرمائيداري سماج ۾ رائج سماجي تعلقن کي

مستقل بنيادن تي جنميندو رهي ٿو.

گهريلو پورهيو ۽ سماجي افزائش:

مارڪس جي سماجي افزائش جي تصور اندر ئي سماجي افزائش کي ممڪن بنائڻ لاءِ گهريلو پورهئي جي گهربل ڪردار جو بُنيادي خاڪو موجود آهي، جنهن کي وڌائڻ ۽ سُڌارڻ جي ضرورت آهي. جيئن مارڪس پنهنجي ڪتاب ”سرمائي“ جي پهرين جلد ۾ دليل ڏئي ٿو ته ”سرمائيداري پيداوار منجهان نه ته صرف جنسون پئدا ٿين ٿيون ۽ نه ئي صرف واڌو قدر، بلڪه اها سرمائيداري پئداوار انهن سرمائيداري رشتن کي پڻ جنمي ۽ وري وري پئدا ڪري ٿي. جن ۾ هڪ طرف سرمائيدار طبقو هُجي ٿو ۽ ٻئي پاسي پورهيت طبقو.“ هو فردي سرمائي (ڪنهن هڪ سرمائيدار جي ملڪيت) ۽ سماجي سرمائي (يعني سماج اندر سمورن فردي سرماين جي جوڙ) ۾ موجود فرق کي پڻ سمجهائي ٿو.

مارڪس جي ”سماجي افزائش“ جي اصطلاح مان مُراد اُهي سمورا ذريعا آهن جن ذريعي مٿي ذڪر ڪيل ”سماجي سرمايو“ وري وري پئدا ٿيندو رهي ٿو. ان ۾ پئداوار جي ذريعن جي نوس ۽ مادي شڪلين جهڙوڪ پئداوار جي اوزارن جيئن مشينون وغيره ۾ خود ”پورهيت طبقي، جي افزائش پڻ اچي وڃي ٿي. جيئن مارڪس ”سرمائي“ جي ٻئي جلد ۾ ان ڳالهه جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته ” جيڪڏهن پاڻ ڪنهن هڪ سال ۾ جُڙي راس ٿيل يا تيار ٿيل جنسن جي پئداوار جو مجموعي جائزو وٺون ته پاڻ آسانيءَ سان اهو سمجهي وينداسين ته سماجي سرمائي جي افزائش جو عمل ڪيئن ٿئي ٿو، منجهس ڪهڙيون خاصيتون آهن جيڪي ڪيس فردي سرمائي کان الڳ ڪن ٿيون ۽ اهي ڪهڙيون خاصيتون آهن جيڪي سرمائي جي انهن ٻنهي قسمن ۾ هڪ جهڙيون آهن. ساليانى پئداوار ۾ سماجي پئداوار جا اُهي حصا به شامل هُجن ٿا جيڪي پراڻي سرمائي جي جاءِ ولارين ٿا يعني سماجي افزائش جو عمل. جڏهن ته ٻئي پاسي سرمائدارن توڙي پورهيتن هٿان استعمال ٿيندڙ يعني پئداواري توڙي فردي کپت لاءِ استعمال ٿيندڙ پئداوار پڻ ان ئي ساليانى سماجي پئداوار جو حصو هُجي ٿي. ان ۾

سرمائيدار طبقي سميت پورهيت طبقي جي افزائش يعني پئداوار جي پوري عمل جي سرمائيداراڻي هيئت جي افزائش پڻ شامل هُجي ٿي.“

وجيل ان ڳالهه کي ڪجهه هن انداز ۾ سمجهائي ٿي ته ” اهڙو عمل جيڪو پورهئي جي سگهه رکندڙ پورهيتن جي روزاني جي ضرورتن جو پوراءُ ڪري. اهو بالڪل ان عمل جيان ئي مجموعي سماجي افزائش لاءِ هڪ بُنيادي شرط آهي جنهن ۾ پورهيتن جي هڪ نسل جي جاءِ سندن نئين نسل والاري ٿي. پورهئي جي سگهه جي ائين روزاني جي بنياد تي سار سنڀال ۾ پالنا ڪرڻ توڙي هڪ عرصي بعد ڪيس نئين تيار ٿيل پورهئي سان مٽائڻ جا اهي ٻئي عمل ”پورهئي جي سگهه جي افزائش جي اصطلاح ۾ اچي وڃن ٿا.“

جتيوٽيڪ عورت پنهنجي گهريلو پورهئي ذريعي سماجي افزائش جي پوري عمل ۾ پنهنجو بنيادي ڪردار ادا ڪندي رهي آهي، تنهن هوندي به جديد دؤر جو سرمايو وڌ کان وڌ عورتن کي چڪي پئداوار جي عمل ۾ هڪ اجوري دار پورهيت جي صورت ۾ آڻي رهيو آهي. جنهن سان لازمي طور سندن گهريلو پورهئي جي حجم ۾ ڪنهن قدر گهٽتائي اچي رهي آهي. اها ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي ته پورهيت طبقي سان تعلق رکندڙ عورتن ۾ خاص ڪري چمڙيءَ جي رنگ جي بنياد تي سماجي طور نيچ سمجهي ويندڙ خاندان سان تعلق رکندڙ عورتن جي زندگي ۾ ضرورت پوڻ تي گهر کان ٻاهر اجوري تي مزدوري ڪرڻ جو عمل تاريخي طور مستقل بنيادن تي موجود رهيو آهي.

پر 1970 کان ويندي هيئنر تائين شادي شده عورتن جو هر روز وڌندڙ هڪ وڏو تعداد (جن ۾ هاڻي اهڙين عورتن جو پڻ تمام وڏو تعداد شامل آهي جن جا ٻار اڃا ننڍا آهن) مختلف نوڪرين ۾ اچي رهيو آهي اڪثر شادي شده عورتون گهريلو ذميوارين سبب گهٽ ۾ مخصوص وقت واريون نوڪريون (Part Time Jobs) ڪنديون آهن ۾ ٻار ڄڻ واري ڪجهه عرصي ۾ نوڪريون ڇڏي پڻ ڏينديون آهن. پر پلي مرد پورهيتن جي ڀيٽ ۾ عورتون ڪٽي گهٽ وقتي يا مخصوص نوڪريون ئي ڪنديون هجن يا منجهن ڪي عورتون ڪنهن به سبب ڪري انهن ڪمن منجهان

نڪرنديون ته هُجن، تنهن هوندي به اڄ مجموعي طور سماج ۾ پورهيو ڪندڙ (Workforce) جو هڪ وڏو مستقل حصو عورتن تي مشتمل آهي. سرمائيداري هاڻي ڪجهه خاص عورتاڻن ڌنڌن ۾ ئي سهي پر عورتن جي هڪ مستقل ۾ گهٽ اُجوري واري ميدان ۾ ڪم ڪندڙ حصي تي پاڙڻ شروع ڪيو آهي.

پُنئين پوري صديءَ ۾ عورتن جي روزاني جي بنياد تي وڌندڙ گهر کان ٻاهر روزگار حاصل ڪرڻ واري شرح سبب سراسري طور سندن گهريلو پورهئي ۾ خرچ ٿيندڙ وقت ۾ پڻ گهٽتائي ايندي رهي آهي. جيئن وجيل پڻ ٻڌائي ٿي ته ”ويهين صديءَ جي شروعات تائين ئي عورتن جو رڌ پچاءُ ۾ استعمال ٿيندڙ وقت ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ گهٽجي چُڪو هو ۾ هاڻي ڪپڙا لٽا ڌوئڻ پڻ ايترو ٿڪائيندڙ ۾ وقت وٺندڙ ڪم نه رهيو هو (چاڪاڻ ته سرمائيداري انهن ڪمن لاءِ روز بروز نيا اوزار مندييءَ ۾ آڻي رهي هُئي) ايستائين جو ٻارن جي تعليم ۾ تربيت جو ڪم (جيڪو ماضيءَ ۾ گهٽي ڀاڱي ماءُ جي ئي ذميواري هوندو هو) هاڻي گهٽي ڀاڱي اسڪول ڪرڻ لڳا هُئا. ويجهي ماضيءَ ۾ ڪاڏي کي چمائيندڙ يا جلد گرم ڪندڙ بجليءَ تي هلندڙ مشينن (جهڙوڪ فرج يا مائيڪرو ويو اوون وغيره) توڙي صفائي سٿرائي لاءِ استعمال ٿيندڙ مشينن سميت ٻارن جي سارسنڀال لاءِ شروع ٿيندڙ نرسري ۾ ڪنڊرگارٽن اسڪولن جي اچي وڃڻ سبب عورتن تي گهر جي ڪم ڪار جو وزن اڃا وڌيڪ گهٽجي ويو آهي“.

مٿي ذڪر ڪيل سمورين سهولتن باوجود عورت جو پورهئي جي سگهه جي افزائش ۾ موجود ڪردار هڪ حد تائين ئي گهٽجي سگهيو آهي. سرمائيداري خود گهر اندر عورت جي بنا اجوري جي ٿيندڙ پورهئي تي پاڙڻ لڳي آهي. ڪو هڪڙو سرمائيداري سماج پنهنجو پاڻ پورهيت خاندان جي ڪردار کي تيستائين ختم ڪري ئي نه ٿو سگهي جيستائين سڀ سماج ائين نه ڪن چاڪاڻ ته مختلف سماجن جو سرمايو هڪ ٻئي سان چٽا ڀيٽي جي عمل ۾ سرگردان آهي. جيئن سمٿ هڪ هنڌ ذڪر ڪيو آهي ته ”جاپاني سرمائيدار يا جاپان جي رياست مُلڪ ۾ ٻارن جي پالنا ۾ تربيت جا سرڪاري يا غير سرڪاري ادارا کوليندي ۾ اُنهن ذريعي خاندان جي اداري جو خاتمو اوستائين نه

ٿو ڪري سگهي جيستائين هو ان حقيقت کي مڃي وٺي ته ان عمل سان جاپان ۾ پورهئي جي سگهه جي افزائش جو عمل سانڍس مقابلي ۾ بيئل سرمائيدار رياستن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مهانگو يا وڌيڪ سُست بڻجي ويندو.“

اها حقيقت ته پورهئي جي سگهه جي افزائش لاءِ موجود ٻين طريقن جي ڀيٽ ۾ رت جي رشتن تي ٻڌل خاندان وارو طريقو ان ڪم لاءِ ذري گهٽ سمورن سرمائيداري سماجن ۾ وڏ ڪان وڏ استعمال ٿئي ٿو. ان ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته اهو طريقو نه صرف پورهيت طبقي لاءِ موزون آهي بلڪه ان منجهان سرمائيدار طبقو پڻ تمام گهڻو فائدو حاصل ڪري ٿو. پلي ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ اڄ خاندان ڪوڙ سارن پاسن ڪان تبديل ٿي چڪو هجي، پر سماجي افزائش جي مجموعي عمل ۾ سندس ڪردار اڄ پڻ اهوئي ساڳيو آهي. سمورا پورهيت خاندان، ايستائين جو ماءُ يا پيءُ منجهان ڪنهن هڪ جي موجودگيءَ وارا، يا پوءِ همجنس پرست جوڙن طرفان جوڙيل خاندان پڻ جيڪڏهن ٻار رکن ٿا ۽ سندن پالنا ۽ تربيت ڪن ٿا ته پوءِ اهي سڀ اڄ به سرمائيداريءَ لاءِ ضروري پورهيي جي سگهه جي افزائش جوئي ڪم ڪري رهيا آهن.

پورهيت خاندان: عورت تي ٿيندڙ جبر جي هر قسم جو بُنياد:

پورهئي جي سگهه جي افزائش لاءِ سرمائيداري جي پورهيت خاندان تي انحصار کي سمجهندي به، اها هڪ حقيقت آهي ته اجوري دار پورهيا/ ڪم ڪندڙ عورتن سميت تمام عورتن تان حمل توڙي ٻار جي پئدائش واري عرصي ۾ گهريلو پورهئي ۽ خاندان اندر مٿن پيل ذميوارين منجهه گهٽتائي ڪنهن قدر لازمي بڻجي وڃي ٿي. پورهئي جي سگهه جي افزائش جي ان خاص پهلو تي ڪم ڪندي ئي وڃيل ان لائق بڻي ته هو گهريلو پورهئي جي تمام ذميوارين جي مرد ۽ عورت منجهان ڪنهن هڪ تي پوڻ بجاءِ صرف ۽ صرف عورت تي پوڻ پُنيان ڪم ڪندڙ بنيادي مُحرڪ ڳولهي سگهي.

حقيقت اها آهي ته مرد ۽ عورت منجهان ڪوبه گهريلو پورهئي جون اهي تمام ذميواريون نهايت ئي سهٽي نموني نڀائي

سگهي ٿو. پر ٻار ڄڻڻ جي اهليت صرف ۽ صرف عورت جي ئي خاصيت آهي. پورهئي جي سگهه جي افزائش جي ذميواري گهٽي تٽي پورهيت خاندان تي ئي پئي ٿي. پر اهو سمجهڻ پڻ ضروري آهي ته ٻار ڄڻڻ کان ڪجهه عرصو اڳ ۽ پوءِ عورت سان سنڌس ڪم ۽ ذميوارين ۾ سهڪار ڪرڻ، سنڌس سار سنڀال ڪرڻ پڻ پورهئي جي افزائش جي ان ذميواري جو هڪ اهم حصو آهي. وڏن ۽ پُراڻن گڏيل خاندانن ۾ ته اهو ڪم مِٿن مٿائن جي هڪ وڏي گروهه جي ٻلي هوندو آهي، پر ننڍين جو هري خاندانن ۾ ان سموري عرصي دؤران جنهن ۾ عورتون نه ته گهر ۾ نه ئي ٻاهر ڪوئي پورهيو ڪري سگهڻ جي اهل هُجن، اهو نئين ڄمندڙ ٻار جو پيءُ ۽ ان عورت جو مڙس ئي هوندو آهي جيڪو انهن ذميوارين جو پورائو ڪندو آهي.

جيئن وجيل دليل ڏئي ٿي ته ”جيتوڻيڪ پورهئي جي سگهه جي افزائش جي ان عمل ۾ مرد ۽ عورت جي انهن ”مختلف ڪردارن“ جي عمر صرف ٻار ڄڻڻ واري ان مخصوص عرصي تائين ئي هُجڻ گهرجي“، تنهن هوندي به عورت تي سنڌس ٻار ڄڻڻ واري ان خاصيت جي نسبت سان ڪي مخصوص ذميواريون مستقل بنيادن تي مڙهجي وڃن ٿيون. چاڪاڻ ته عورت کان سنڌس عمر جي هڪ چڱي حصي ۾ ”ٻار ڄڻڻ“ جو اهو ڪم بار بار ورتو وڃي ٿو. وجيل ٻڌائي ٿي ته ”عام طور تي مرد ۽ عورت جي پورهئي جي افزائش جي ان عمل ۾ جڙندڙ ڪردارن جي اها مختلف ۽ قطعي ورڇ پدر شاهيءَ سبب قانوني شڪل اختيار ڪري وڃي ٿي، جنهن کي سماج اندر صنفي جبر لاءِ جُڙيل ادارا پڻ سگهارو ڪن ٿا“ سماج اندر صنفي جبر لاءِ جُڙيل انهن ادارن ۾ شادي، خلاف ۽ ٻار ڄڻڻ جي حق بابت جُڙيل قانون ذريعي عورت جي حقن تي راتاها شمار ڪري سگهجن ٿا.

اها حقيقت ته (سخت معاشي استحصال باوجود به) پورهيت خاندان جو سماج اندر وجود برقرار رهندو آيو آهي، ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پيڙهيل پرتن طرفان سرمائيداريءَ کي ڪو بنيادي خطرو پيش نه اچڻ جي صورت ۾ سرمائيداري نظام پورهئي جي افزائش لاءِ ان ئي طريقي تي زور ڏيندو آيو آهي چاڪاڻ ته اهو طريقو (پورهيت خاندان) وٽس ان ڪم لاءِ سڀني کان وڌيڪ آسان

۾ فائديمند رستو آهي. هتي هي ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ کپي ته هن ئي نظام عورت جي گهريلو پورهئي ۾ مرکزي ڪردار کي جاري رکندي به کيس ٻاهر اُجوريدار پورهين ۾ شامل ڪرڻ جو رستو پڻ ڳولهي ورتو آهي. ان ڪري وجيل دليل ڏئي ٿي ته ”توڙي جو پورهيت خاندانن جون عورتون پنهنجن مردن سان گڏ ٻاهر مزدوريون/نوڪريون به ڪنديون به هُجن، تنهن هوندي به پورهئي جي سگهه جي افزائش جي عمل ۾ سندن پنهنجن مردن کان قطعي طور الڳ ۾ بُنيادي ڪردار ئي سندن ابتر حالت جي پيڙهه جو پٿر آهي“ ساڳئي وقت سمورن طبقن جي عورتن تي ٿيندڙ صنفي جبر پڻ پورهيت خاندان اندر گهريلو پورهئي جي مڪمل ذميواري عورتن جي ڪُلهن تي جيئن جو تيئن برقرار رهڻ سبب ئي جنم وٺي ٿو. وجيل چئي ٿي ته ”سرمائيداري سماجن ۾ اها اڻ برابري، صنفي جبر (توڙي جبر جي ٻين صورتن) جي هڪ نمايان خاصيت آهي. توڙي جو گهريلو پورهئي جي (تڪائيندڙ ۾ غير فلدائڪ) ذميواري صرف پورهيت خاندان جي عورت ئي نڀائي ٿي، تنهن هوندي به (ان سبب) سرمائيداري سماجن ۾ موجود سمورن طبقن جون عورتن مٿي ذڪر ڪيل اڻ برابري ۾ ٻڌي روپي کي مُنهن ڏين ٿيون.“

ان ڪري جيئن ته پورهيت خاندان اندر مرد ۾ عورت جو رشتو اڻ برابريءَ تي ٻڌل آهي ان ڪري اهائي حالت مجموعي سماج ۾ سمورن مردن ۾ عورتن جي باهمي تعلق جي پڻ بڻجي وڃي ٿي. جيئن وجيل لکي ٿي ته ”هڪ پاسي سماجي افزائش جي معاشي پهلوئن جي حوالي سان پورهيت طبقي جا مرد ۾ عورتون الڳ ۾ اڻ برابر بڻجي وڃن ٿا، ۾ ٻئي پاسي (سبب) مجموعي سماج ۾ عورتن سان ٻئي درجي جي جنس وارو سلوڪ ڪندي سندس حق ڦريا وڃن ٿا.“ سماج اندر عورت جي غلاميءَ جا جتي ٻيا مُحرڪ پڻ آهن، اُتي ئي ان غلامي ۾ اڻ برابريءَ ۾ مرڪزي ڪردار عورتن ۾ مردن جي مٿي ذڪر ڪيل قطعي ۾ اڻ برابر ورڇ جو پڻ آهي.

جنسي متڀيد سماج ۾ موجود تمام طبقن جي عورتن تي اثر انداز ٿئي ٿو، بلڪل ائين ئي جيئن نسلي متڀيد ۾ رنگ يا نسل جي بنياد تي (ڪنهن طبقاتي فرق کان سوا) ڪنهن خاص رنگ يا نسل جي ماڻهن سان زيادتي ڪئي ويندي آهي. ان قسم جو خاص جبر

طبقن يا طبقاتي تفريق کان ماورا هڪ حقيقت آهي. (آءُ سمجهان ٿي ته) اهوئي سبب آهي جو سرڪار يا ڪاروبار ۾ سپني ڪان مٿي موجود فردن جو گهٽو ٿٽو تعداد ”گورن“ ۾ ”مردن“ تي مشتمل هوندو آهي.

ساڳئي ئي وقت توڙي جو سرمائيداري سماج ۾ سموريون عورتون ئي جبر جو شڪار آهن، تنهن هوندي به انهن ئي عورتن ۾ طبقاتي فرق پڻ موجود آهي. جيئن هڪ مارڪسي ناريواد ليکڪ مارٿا جمينيز لکي ٿي ته جيتوڻيڪ تمام طبقن جون سموريون عورتون صنفي جبر کي مُنهن ڏين ٿيون. ان باوجود به مختلف طبقن سان واسطو رکندڙ عورتن ۾ هڪ طبقاتي جهيڙو پڻ موجود هوندو آهي. ان ڪري سندس چواڻي عورتن منجهه پڻ جيڪي بنيادي طبقاتي فرق اظهاربو آهي، اهو مختلف طبقن سان واسطو رکندڙ عورتن جي حياتياتي افزائش (ٻار ڄڻ ۾ انهن جي پالنا) واري تجربي ۾ سندن طبقاتي ۾ (ان جي نتيجي ۾ جنم وٺندڙ) سماجي معاشي رُتبي ۾ موجود فرق جوئي اظهار آهي. نه صرف سرمائيدار طبقي سان پر وچولي طبقي سان واسطو رکندڙ سرنديءَ وارين عورتن پاران پڻ گهريلو ڪم ڪار لاءِ پگهار تي نوڪر يا نوڪرياڻيون رکڻ جو عمل ان حقيقت ڏانهن اشارو آهي ته عورتن تي ٿيندڙ جبرڪا اهڙي شيءَ ناهي جيڪا صرف مرد سندن مٿان ڪندا هُجن. پُنين تي ڏهاڪن ۾ نوڪرين ۾ ڪاروبار ۾ مٿئين- وچولي طبقي جي عورتن جي وڌي تعداد شموليت پگهار تي گهريلو پورهيو ڪندڙ ”گهريلو نوڪرن“ جي هڪ پوري پرت کي هڪ لازمي سماجي حقيقت بڻائي ڇڏيو آهي جيڪو گهڻو ٿٽو پورهيت طبقي جي غير تربيت يافته (Unskilled) سطح منجهان اچي ٿو ۾ جنهن ۾ پڻ اڪثريت انهن عورتن جي هجي ٿي جيڪي نسلي يا لساني طور ”ڪمتر“ قرار ڏنل اقليت سان واسطو رکن ٿيون.

جيتوڻيڪ عورتن منجهه موجود مٿي ذڪر ڪيل انهن سماجي معاشي ”رُتبن“ يا سطحن جي نوعيت يا سندن تعداد مختلف سماجن ۾ مختلف هوندي آهي، تنهن هوندي به سمورن سرمائيداري سماجن ۾ ”طبقاتي ويڇو“ بحرحال هڪ ئي جهڙو هُجي ٿو ۾ ڪنهن سماج اندر موجود سمورا سماجي گروهه (نسلي، لساني توڙي علاقائي) پنهنجي اندر پڻ مختلف طبقن ۾

ورهايل هُجن ٿا.

”عورتن جي آزاديءَ جي انقلابي وات“

مٿي سمجهايل صنفي جبر جي متضاد نوعيت کي مارڪسست ڪُجهه هن انداز ۾ سُلجهائيندا آهن ته جيتوڻيڪ سرمائيداري سماج ۾ صنفي جبر طبقن کان ماورا هڪ عمومي حقيقت آهي، تنهن هوندي به عورتن منجهه پڻ طبقاتي فرق موجود هوندو آهي. اهو جواب مارڪسي نظرئي کي ان ڏس ۾ سڌاريندڙ ۽ وڌائيندڙ سماجي افزائش جي مارڪسي نظرئيدانن جي خيالن جو انتهائي سادو ۽ سولو اظهار آهي.

ان ڳالهه کي ڪجهه هن ريت پڻ سمجهائي سگهجي ٿو ته عورتن جي آزديءَ جا مادي بنياد تڏهن ئي پئدا ٿي سگهندا جڏهن ان سموري صنفي جبر لاءِ سماجي بنياد جي حيثيت رکندڙ ۾ پورهئي جي سگهه جي افزائش جي سَستي ۾ سولي طريقي هجڻ سبب سرمائيداري نظام لاءِ ڪرنگهي جي هڏي جو ڪردار ادا ڪندڙ پورهيت خاندان جي ان خاص معاشي ڪارج کي ئي ختم ڪيو ويندو. ان منزل ڏانهن پيشقدمي صرف ان ئي صورت ۾ ممڪن ٿي سگهي ٿي جڏهن سرمائيداري نظام جو خاتمو ڪري هڪ اهڙو سوشلسٽ نظام قائم ڪيو وڃي جيڪو عورت جي ڳلي جو ڳٽ بڻيل گهريلو پورهئي کي سماجي ذميواري بڻائيندي کيس ان جبر مان آزاد ڪرائي. جيتوڻيڪ هڪ سوشلسٽ سماج نهڻ سان عورتن کي هڪدم ۾ پنهنجو پاڻ آزادي ملي ڪونه ٿي وڃي، تنهن هوندي به اهو سوشلسٽ سماج ئي آهي جيڪو اهي مادي بنياد فراهم ڪري ٿو، جن جي مدد سان مستقل جدوجهد ذريعي عورتن جي آزاديءَ جو اهو مقصد حاصل ٿي سگهي ٿو.

مٿي ذِڪر ڪيل مارڪسي ناريوادين پنهنجي ان تجزئي کي محظ نظرياتي بنيادن تائين ئي محدود نه رکيو بلڪه انهن ان ڏس ۾ سوشلزم لاءِ جدوجهد سان گڏوگڏ عورتن جي حقن ۽ آزاديءَ لاءِ پڻ ويڙهه جاري رکڻ جي زور شور سان وڪالت ڪئي. انهن اهو سمجهي ورتو هو ته توڙي جو عورتن منجهه پڻ طبقاتي فرق موجود آهي، تنهن هوندي به هڪ اهڙو سماج (جنهن ۾ عورتن جي مڪمل آزادي پڻ شامل هجي) اڏڻ جو فقط اهوئي رستو آهي ته نه صرف سرمائيداري سماج ۾

پورهيت خاندان جي هڪ خاص معاشي ڪردار جو خاتمو ڪجي بلڪه ان ذريعي خاندان جي اداري ۾ صدين کان جُڙيل عورت جي هڪ مخصوص ڪردار کي پڻ ڊاهي پٽ ڪجي.

سمٿ ڏاڍي وضاحت سان مجموعي سماج ۾ عورتن تي ٿيندڙ جبر جي مختلف صورتن کي گهر اندر عورتن جي ماتحتاڻي حيثيت سان جوڙي سمجهائي ٿي. هو چوي ٿي ته .طبقاتي سماجن ۾ صنفي جبر کي صرف معاشي دائري ۾ آڻي سمجهائي نه ٿو سگهجي خاندان بابت مارڪسي نقطه نظر سمجهڻ کانسواءِ سماج اندر عورت تي ٿيندڙ جبر سمجهه ۾ ئي نه ايندو.“ انگلس جي ئي چيل ڳالهه کي ٻين لفظن ۾ ورجائيندي هو وڌيڪ لکي ٿي ته ”حقيقت ۾ اهو خانداني نظام ئي آهي جيڪو نه صرف صنفي جبر کي جنمي ٿو پر فحاشي (Pornography)، عصمت فروشي (Prostitution) ٽوٽي کنوارپ يا جنسي پاڪيزگي (Virginity) جهڙن عورت دشمن تصورن کي پئدا ڪري ٿو ۽ عملي صورت ڏئي ٿو.“

مارٿا جمينيز پڻ ڪجهه اهڙي ئي نتيجي تي پهچندي لکي ٿي ته ”سرمائيداري دؤر ۾ زندگي (ٻار) جي جسماني ۽ سماجي افزائش (جنم، پالنا ۽ پرورش) جي ذاتي يا فردي عمل ۾ ئي مرد ۽ عورت جي هڪٻئي سان تعلق جا مادي بنياد جُڙن ٿا، جڏهن ته اُنهن جو سياسي، قانوني ۽ نظرياتي اظهار شادي ٽوٽي وراثت جي قانونن ۾ جوهري خاندان جي تصور ۾ ٿئي ٿو، جنهن کي سماج يا رياست جو بنيادي ايڪو پڻ سمجهيو ۽ سڏيو وڃي ٿو. جيئن سرمائيداري ”پئداواري تعلقن“ ۾ سرمائيدار پرت هوندو آهي. ساڳي ريت ”افزائشي تعلقن“ ۾ مرد جبر ۽ استحصال ڪندڙ جڏهن ته عورت اهو جبر ۽ استحصال سهندڙ هوندي آهي. پوءِ پلي ڪين سماج ۾ موجود ان جنسي / صنفي متيبد جي ساڃاهه هُجي يا نه هُجي، يا هو ان متيبد کي ختم ڪرڻ چاهيندا هُجن يا نه! “ ان مان مُراد اها آهي ته پلي ڪي مرد ۽ عورتون سماج اندر پنهنجي ذاتي تعلق کي برابري جي بنياد تي هلائڻ جي ڪوشش به ڪندا هُجن، تنهن هوندي به جنسي / صنفي فرق سرمائيداري سماج جو هڪ اهڙو ڪارو سَچ آهي جيڪو ”افزائش جي طريقيڪار“ جي هڪ بُنيادي خاصيت طور سمورن مردن ۽ عورتن تي اثرانداز ٿيندو آهي ۽

اوستائين ٿيندو رهندو جيستائين سرمائيداري نظام جيئرو آهي، پوءِ پلي ڪٽي اُهي مرد ۽ عورتون پنهنجن فردي تعلقن ۾ ڪيترا به آزاد ۽ برابر ڇو نه هُجن.

ووجيل پڻ ڪجهه اهڙن ئي خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿي ته .جيستائين سماج تي سرمائيداري پئداواري طريقيڪار حاوي آهي ۽ اُجرتي ۽ غير اُجرتي (گهريلو) پورهئي ۾ تضاد ۽ ڇهيڙو موجود آهي، تيستائين پلي جمهوريت ۾ برابري جا ڪيترا به نعريٰ هنيا وڃن ۽ ڪيس ڪيترو به ڦهلايو وڃي، اها جمهوريت نه ته سرمائيداراڻي استحصال کي ختم ڪري سگهندي ۽ نه ئي عورت تي ٿيندڙ جبر کي!“ ووجيل سرمائيداري سماج کان اڳتي هڪ سُڌريل سماج جو تصور ڇٽيندي چئي ٿي ته عورتن جي آزادي صرف اُن صورت ۾ ئي ممڪن بڻجي سگهي ٿي جڏهن طبقاتي استحصال جي بنياد تي جُڙيل سرمائيداراڻي نظام کي ختم ڪري هڪ سوشلسٽ سماج جي اڏاوت ڪجي. سوشلسٽ ۽ سرمائيداري سماجن ۾ گهريلو پورهئي جي ڪردارن جي ڀيٽ ڪندي هو چئي ٿي ته ”سوشلسٽ سماج ۾ پڻ سرمائيداري سماج جيان گهرن اندر ٿيندڙ گهريلو پورهئي کي گهٽائڻ جو رُجحان موجود هوندو آهي، پر فرق اهو آهي ته جتي سرمائيداري سماج ۾ ان رُجحان پُٺيان سرمائي جي ارتڪاز جي هڪ سرمائيداراڻي هيچ ڪار فرما هوندي آهي، ان جي ابتڙ سوشلسٽ سماج ۾ اهو رُجحان سموري پورهئي جي برابري جي بنياد تي سماجي پئداوار جي عمل ۾ شرڪت جو خواهش جي اظهار هوندي آهي. اهڙي پئداوار جيڪا هيچ بجاءِ شعوري ۽ منصوبابند بنيادن تي ڪئي وڃي ۽ جنهن جو مقصد سموري عوام جي گڏيل ضرورتن جو پورائو هُجي“ ووجيل وڌيڪ لکي ٿي ته ”هڪ سوشلسٽ سماج فردي خاندان ٽوٽي مجموعي سماج ۾ عورتن تي ٿيندڙ جبر جي بُنيادن کي ڍاهي ٿو. جمهوريت جي ان انداز ۾ ترويج، عورتن جي پئداوار جي عمل ۾ ائين برابري جي بُنياد تي شموليت ۽ گهريلو پورهئي جي ڪردار ۾ اهڙيون ترقي پسند بنيادن تي ايندڙ تبديليون ئي هڪ سوشلسٽ سماج جون اُهي خاصيتون آهن جيڪي مرد ۽ عورت جي هڪٻئي سان تعلق ۾ خاندان جي اُن ”اعليٰ صورت“ کي ممڪن بڻائينديون جنهن جو خواب مارڪس ڏٺو هو.“

شخصيت

ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي جي موڪلاڻي، ڪاڀي ڏر جي هڪ دور جي پڇاڙي

ڪبير



اِهو هڪ پراڻو بحث آهي ته آخر تاريخ ۾ سماجي اوسر ۾ ڪنهن فرد جو ڪو ڪردار به ٿي سگهي ٿو يا اُهي به تاريخي حالتون ئي آهن جيڪي تاريخ ساز فرد کي جنمين ٿيون. جيڪڏهن فرد جو ڪردار آهي ته سوال پيدا ٿو ٿئي ته پوءِ اهو فرد پاڻ ڪهڙين حالتن جي پيداوار آهي ۾ جيڪڏهن صرف فيصله ڪُن ڪردار معروضي قانونن ۾ حالتن جو ئي هوندو آهي ته پوءِ هڪ ٻي سوال جو پيدا ٿيڻ به سپاويڪ آهي ته ڪهڙن سببن ڪري پوءِ اُهي حالتون وري تبديل ٿين ٿيون. لازمي طور تي هي اُهي سوال آهن جن سان جيڪڏهن صحيح انصاف ڪجي ته پوءِ فرد ۾ سماج يا ڪُل ۾ جُز جي جدليات سمجهه ۾ آساني سان اچيو وڃي. ورهاڱي کان اڳ هن خطي جي ڪميونسٽ تحريڪ هڪ شخص کي متاثر ڪيو هو سندس نالو سوڀو گيانچنداڻي هو، جيڪو هڪ پاسي ان دور جي ڪميونسٽ تحريڪ جو نتيجو هو پر ان ئي تحريڪ ۾ سندس پورهيو ايترو ته گهڻو ۾ گهرو رهيو جو بعد جي ڪميونسٽ تحريڪ تي جيتري ڇاپ سوڀي جي رهي انجو مقابلو پري پري تائين ڪو ٻيو ڪامريڊ نه ڪري سگهيو. اُهو سوڀو گيانچنداڻي، جنهنکي ٽيگور مين فرام موئن جو داڙو سڏيندو هيو، جيڪو هن ننڍي کنڊ جي ڪميونسٽ تحريڪ

جي سپ کان پراڻ ۾ معتبر نالن منجهان هڪ هو، جيڪو
پاڪستاني سرڪار لاءِ تي مُنهين بلا هيو، جيڪو حيدربخش
جتوئي، حسن ناصر، جي ايم سيد ۽ ابراهيم جويي
جو دوست ۽ سياسي رفيق هو، سو 95 سالن جي عمر ۾
8 ڊسمبر 2014 تي موڪلائي هليو. هو پنهنجي ٿهي ۾ دور
جي ڪميونسٽ تحريڪ جو هن خطي ۾ آخري سرخ
سپاهي هو ۽ انهي جي موڪلاڻي سان گڏ، سندس دور جي
پڄاڻي ٿي. توڻي جو پنهنجي زندگيءَ جي پوئين ڏهاڪن ۾
سوڀو عمليءَ طور تي پارٽي کان ڪٽيل ۽ سياسي طور
غير سرگرم رهيو پر هڪ ڪامريڊ جو تعارف ساڻس موت
تائين گڏ رهيو. 1920ع ڌاري لاڙڪاڻي ضلعي ۾ پيدا ٿيندڙ
ڪامريڊ سوڀو، شانتي نڪيتين ۾ پڙهيو ۽ رابندر ناٿ ٽيگور
جو شاگرد رهيو. اُتي ئي ڪميونسٽ اڳواڻ پنا لعل داس
گُپتا جي خيالن ۾ ”راج جهنڪ جو سپنو“ ۾ ٿامس مور جي
يوٽوپيا کان متاثر تي اشتراڪيت ڏانهن لڙيو. گانڌي، نهرو ۽
ايم اين راءِ جي لڪڻين ۾ حياتين به ڪيس تمام گهڻو متاثر
ڪيو. سوڀو 21 سالن جي عمر ۾ ڪميونسٽ بڻيو ۽ شانتي
نڪيتين کان موٽڻ بعد ڪراچي ۾ قانون جي شعبي اندر
داخلا ورتي، شاگرد سياست ۾ پير پاتائين. تڏهن شاگردن
تحريڪ زورن تي هئي جنهنجي قيادت حشو ڪيولراماڻي
تي ڪئي. انگلينڊ منجهان اعلي تعليم حاصل ڪري موٽندڙ،
هي يگانو نوجوان، جنهنکي پيار مان حشو سڏيو ويندو هو
سو پڻ سنڌ جي اشتراڪي تحريڪ جي تاريخ جو هڪ معتبر
نالو رهيو آهي، جنهنکي سوڀو سنڌ جو هڪ ڊرامائي ڪردار
لکيو هو. حشو ڪيولراماڻي تي مهينا سن شهر ۾ سائين
جي ايم سيد سان گڏ رهي سندس ڪتاب نيئن سنڌ لاءِ
جدوجهد جو ترجمو پڻ ڪيو هيو. هو سنڌ جي عوامي
سياست جو تمام گهڻو متحرڪ ۽ مزاحمتي ڪردار هو، بعد
۾ ڪيس ملڪ بدر ڪيو ويو هيو. سوڀي جي حشو سان
ويجهڙائي تي ۽ پوءِ بعد ۾ سوڀي کي سنڌ اسٽوڊنٽس
فيڊريشن جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. اُهو دور ڏيهي ۽
عالمي طور تي تمام گهٽي اٿل پُٿل وارو دور هيو. ٻئي
مهاڀاري جنگ جي آمد هئي، ۽ جنگ جي ٻي دور ۾ سوويت

يونين تي نازي حملي ڪانپوءِ جڏهن عالمي طور تي جنگ
جي فطرت جي تبديليءَ جو نعرو زورن سان لڳڻ لڳو ته
ڪميونسٽ حلقن اندر سامراجي جنگ هاڻي عوامي جنگ
سڏجڻ لڳي، هندستاني ڪميونسٽ پارٽي سوويت لائين
پٺيان هلندي، انگريزن جي حمايت ڪئي جيڪي عالمي طور
تي سوويت يونين جا اتحادي هيا. سوڀو انهيءَ جي اُبتڙ،
تڏهن شاگرد اڳواڻ جي حيثيت ۾ ”هندستان ڇڏيو
وڃوتحريڪ“ جو حصو بڻيو ۽ انهي تحريڪ دوران ڪيس
پهريون ڀيرو جيل وڃڻو پيو. جنگين ۾ اُٿل پُٿل واري اُن دور
۾ پوري دنيا اندر قومي آزادين ۽ سرخ انقلابن جي هوا تيز
تيز گُهلي رهي هئي. چين ۾ مائو جي اڳواڻي ۾ انقلاب جي
آمد هئي. افغانستان به سامراج مخالف ڪيمپ ۾ اڳيان
اڳيان هو. خود گڏيل هندستان ۾ ڪميونسٽن جي قوت
منجهه تمام گهڻو اظافو ٿي رهيو هيو. هن خطي جي اهڙي
قسم حالتن سامراج جون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون هيون ۽
پوءِ رات پيٽ جي سازشن وري ڪر کنيو ۽ پوءِ اسان
ڏٺوسين ته ڪيئن هن ننڍي کنڊ کي سرخ اثرن کان بچائڻ
لاءِ انجي ڪک ۾ چرو هٽي انجا عضوا اهڙي ريت ڏار ڪيا
ويا جو اڄ سوڌي انهن ڏار ٿيل عضوون جو وهندڙ رت بيهي
نه ٿو. ڪروڙين انسانن کي دربدر ڪيو ويو ۽ لکين ماڻهن
جو ڪوس ڪيو ويو. انهيءَ سموري جهالت، ورهاست ۾
بربريت جي ننگي ناچ ڪانپوءِ به ڪميونسٽ تحريڪ اڳي
کان اڳري ٿيندي وئي. سوڀي تي به پنهنجي ڌرتي ڇڏي
هندستان لڏڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ويو جنهن جي هن مزاحمت
ڪئي ۽ بعد جي پوري عمر ڪندو رهيو. بهرحال نئين ٺهندڙ
سامراجي چونڪي واري هن ملڪ ۾ مزاحمت جي قيمت
سوڀي ڏهه سال جيل، پنجن کان ڏهه سال نظربندي ۾
پنهنجي سياسي زندگيءَ جو ڳچ حصو انڊرگرائونڊ سياست
ڪندي ڏني. جيل مان آزادي ۾ وري جيل پيڙي ٿيڻ واري
پوري وچين عرصي ۾ هو پارٽي ۾ انجي مختلف فرنٽن جي
تعمير ۾ اڳيرو رهيو. هن ڪراچي سٽي ورڪرز يونين ۾
ڪم ڪندي مجموعي طور تي ٽريڊ يونين تحريڪ کي منظم
ڪيو. هُن بي زمين هارين کي زمين ڏيارڻ لاءِ هاري الاٿي

تحريڪ جي سرواٽي ڪئي. هن ادبي ثقافتي محاذ کي نئين
سر جيارڻ ۾ پنهنجو حصو وڌو. نيئن رياست جهڙي ريت
قومي جبر کي وڌايو ته سوڀو انهيءَ حوالي سان به
مزاحمت ڪندي قومپرست ساٿين سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾
ملائي وڙهيو. 50 جي ڏهاڪي ۾ آمريڪا سان نون معاهدن
۾ ڪميونسٽ پارٽي تي پابندي ڪانپوءِ به پورهيت تحريڪ
ڏک ڪائيندي، ڪڏهن پري ۾ ڪڏهن پاڪر ۾ هلندي رهي ۾
اچي نوي جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ پوئين پساهن ۾ داخل
ٿي. سوڀي گيانچنداڻي اهي سموريون اوپاريون لهواريون
ڏٺيون پرهڪ پاسي نظربندي (جيڪا شروع ۾ رياستي هئي
بعد ۾ خود ساخته) ٻي پاسي سندس ضعيفي ڪيس ان لائق
نه ڇڏيو ته هو آخري وقت تائين سرگرم سياست ڪري
سگهي. اهڙي ريت ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي جي زندگيءَ
جا واضع طور تي ٻه دور رهيا، هڪ 60 جي ڏهاڪي تائين
تمام گهڻي پارٽي سرگرمي وارو ٻيو بعد جي دور جو غير
تنظيمي محدود سرگرمي وارو. توڻي جو اسانجي سياسي
سانپر جي سالن کان ڪيئي ڏهاڪا اڳ، سوڀو گيانچنداڻي
پورهيت سياست ۾ تنظيم کان عملي طور ڪٽجي ويٺو هو،
پر هو مرڻ گهڙي تائين ڪميونسٽ شناخت تي ٽڪندو ۽
انهيءَ شناخت سان سچاپجندو رهيو. پر حالت اها آهي ته
سندس موت ڪانپوءِ جهڙي ريت ڊاڪٽر خالد محمود
سومري جهڙي مذهبي ماڻهو کي قومي اڳواڻ بڻائي ظاهر
ڪيو ويو، ساڳي ريت سنڌ جي ڪوڙ سارين اخبارن ۽
ميگزينن ڪيس قومپرست بڻائي پيش ڪيو . درحقيقت
سوڀو گيانچنداڻي قومي جبر خلاف جُهد ڪندي ايئن
قومپرست هو جيئن هاري تحريڪ ۾ پنهنجو پورهيو ڏيندي
سائين جي ايم سيد ڪميونسٽ هيو. پر سچ اهو آهي ته نه
ته جي ايم سيد ڪميونسٽ هو ۽ نه وري سوڀو قومپرست،
توڻي جو ٻنهي قدآور شخصيتن جي پوري عمر جبر خلاف
مزاحمت ۾ سزائون ڪائيندي گذري. خود اهڙي ڳالهه سائين
جي ايم سيد سوڀي سان پهرين ملاقات ۾ پڻ ڪئي هئي.
جنهنجو ذڪر ڪندي سوڀو لکي ٿو ته ڪيس سائين چيو ته ”
توهان ڪميونسٽ هميشه عوام جي ذهن کي اپيل ڪندا

آهيو، جڏهن ته آءُ سندن جذبن کي اپيل ڪندو آهيان جنهن تي سوڀي ڪيس جواب ڏنو ته اسان ڪميونسٽ عوام جي صرف ذهن کي نه پر پيٽ کي به اپيل ڪندا آهيون ڇاڪاڻ ته پنهنجي سماجي زندگيءَ ۾ اڪثر انسان پنهنجي پيٽ جي مسئلن جي حوالي سان سوچ ويچار ڪندا آهن.“ بعد ۾ ون يونٽ خلاف نعپ جي پليٽ فارم تان جدوجهد ڪندي ٻئي ويجها دوست بڻيا. اڄ سنڌ کي وري هڪ اهڙي سياسي ماحول جي ضرورت آهي جنهن ۾ مختلف عوام دوست پارٽين وچ ۾ سهپ جا رويا سگهارا ٿين ، ۾ بنيادي مسئلن تي گڏيل جدوجهد ممڪن ٿي سگهي. ايوبي آمريت ۾ ئي سوڀو جيئن جيل منجهان آزاد ٿيو ته ڪيس نظربند ڪيو ويو پر آمريت جي خاتمي ڪانپوءِ به سوڀي پاڻ کي محدود رکيو. سندس وڏو ياءُ ذوالفقار ڀٽي جي پي پي ۾ شامل ٿيو پر سوڀو پاسيرو رهيو. تان جو ضيائي آمريت واري ڪاري دور ۾ به سوڀي جو ڀُٽيتي جوڳو ڪردار سامهون نه آيو، پوئين سموري دور ۾ ايترو ٿيو ته هُن ٻلهڙجي ۾ نظرياتي ڪم ڪندي هڪ ڪيپ تيار ڪئي جنهن ۾ انور پيرزادي جهڙا نالا شامل هيا. سوڀي مثان عام طور هڪ ٻي تنقيد به ٿيندي رهي آهي ته ضيائي آمريت ڪانپوءِ 88 جي اليڪشن ۾ هو اقليتي سيٽ تان چونڊ به وڙهيو جڏهن ته هو هڪ ڪميونسٽ جي حيثيت ۾ ڌار چونڊ نظام جي خلاف هيو.

انهن سمورين ڳالهين باوجود سوڀو گيانچنداڻي سنڌ ۾ پاڪستان جي ڪوڙ سارن ڪميونسٽ اڳواڻن کان الڳ هيو. هو امام علي نازش ته نه هيو جيڪو وڏي عرصي تائين اوجها ٽي بي سينٽر ۾ داخل هوندي به پنهنجي صحت کان وڌيڪ پنهنجي پارٽي جي صحت بابت ڳڻتي ڪندو هو پر سوڀو، جمال نقوي به نه هو جنهن پنهنجي پوئين سياست کي صراب سڏي، انهيءَ تي تنقيدي ٿيو. ڪامريڊ سوڀي کي جام ساقي ۾ امداد چانڊيو جهڙن ماڻهن سان نه ٿو ڀيٽي سگهجي جيڪي اڄ به حيات آهن پر سندن جو ويساهه هڪ غير طبقاتي تحريڪ ۾ فڪر منجهان نڪري چڪو آهي ۾ ڪين چگائي جي آخري اميد سرمائيدارڻي نظام جي پُرامن

ترقي ۾ جمهوريت منجهه نظر اچي ٿي پر سوڀي جو به
سماجي تبديليءَ وارو خواب وڏي عرصي تائين جي غير
سرگرمي سببان هڪ يوٽوپين انقلابي جهڙو ٿي پيو هيو.
انهيءَ ڏس ۾ 2008ع ڌاري ڏنل هڪ انٽرويو ۾، پاڪستان
۾ ڪميونسٽ سياست جي مستقبل بابت سندس جواب
پڙهي سگهجن ٿا. سوڀي، ڪوڙ سارن ٻين ڪامريڊن جيان
ٻي دور ۾ پنهنجي ڪا قيمت مقرر نه ڪئي، هو غير سرگرم
ضرور رهيو پر هُن پنهنجا آدرش ۾ اصول هميشه عزيز رکيا
ايتريقدر جو پنهنجي واحد پٽ ڪنيي لال جي علاج لاءِ به
هُن حڪومت جي مدد وٺڻ تي پنهنجي ڪتابن جي لائبريري
وڪڻڻ کي ترجيح ڏني. توڙي جو سوڀي جي زندگيءَ جو غير
سرگرميءَ وارو دور اجا وڌيڪ ڪُلٽو آهي ۾ انهيءَ تي نئين
ٿهي جي سبقن لاءِ بحث به ٿيڻا آهن پر پنهنجي پوري حياتي
هُن هر صحت مند سرگرميءَ کي همٿايو ۾ پورهيتن ۾ ٻي
پهچ ماڻهن جو پرجهلو ٿي بيٺو. اڄ جڏهن ڪامريڊ سوڀو
گيانچنداڻي اسانجي وچ ۾ موجود ڪونهي تڏهن ڪيس
ڪامريڊ اسٽالن جي ئي لفظن ۾ ڀيٽا ڏجي ٿي ته "اُهي
ماڻهو جيڪي عوام لاءِ جيئندا آهن،ڪڏهن مري نه ٿا سگهن،
چاڪاڻ ته عوام ڪڏهن مرڻو ڪونهي."

سڀ ڪجهه ڪونه ڏٺو
(ڪامريڊ غلام قادر مرراٽي کي ڀيٽا)



سياسي تربيت خاص طور تي
ڪميونسٽ تربيت به ڪمال شئي آهي. اها
تڏهن به پنهنجو ڪمال ڏيکاريندي آهي
جڏهن تحريڪون ۾ تنظيمون ڍهي پٽ
پونديون آهن. شايد اهڙي دور ۾ ئي پراڻي
تربيت جي ضرورت پهرين کان به وڌيڪ
هوندي آهي ۾ شايد اهڙي دور ۾ ئي اُها
تربيت پنهنجي حقيقي امتحان منجهان
گذرندي آهي ۾ گهٽ ماڻهو هوندا آهن جيڪو
اهو امتحان پاس ڪري ويندا آهن. ڪامريڊ

غلام قادر مرراڻي به هڪ اهڙو شخص هو. جنهن پنهنجي تـربيت کي لڄايو ڪونـه. پـورهيت سياست جي سُـتي پـيئڻ کـانپوءِ هُن پنهنجي پـوري عمر ڪميونسٽ سياست کي ڏنيءِ ۾ جـڏهن نـوي جي ڏهاڪي کانپوءِ سندس سامهون سڀ ڪجهه تيزي سان ڍهڻ لڳو ته هو جــيئن لڪ لڳي تــيئن رڪ ٿيا جي مصــداق اڳي کــان مظبوط ٿي بيٺو. اها مظبوطي سندس لاءِ ڪو ايمـان جو سـوال ڪونه هـئي پر ان مـاڻهپي جو سـوال هـئي جنهن سـان سـندس تعــارف ڪميونسٽ سياست ئي ڪرايو هئــو. انهيءَ سياست ۾ آدرش سـبيان هو سـماج جي انهن طبقن ۾ پـرتن جو آواز بـڻيو جيڪي اٽبـڌل هونـدا آهن، انهن جي سـگهه بـڻيو جيڪي بي سـتا هونــدا آهن، انهن جو اتســاهه بــڻيو جن کي مايوسي ڪوهــيڙي وانگي وڪوڙي وينـدي آهي. تنهنڪـري هُن کي نه پنهنجي ماضي تي ڪا شـرمندگي هـئي ۾ نه وري مسـتقبل ڏانهن سـندس نظر ڏنڌلي ٿي وئي هئي. ڪامريڊ غلام قـادر جهـڏي جي ڀاسي ڳـوٺ طالب مرراڻي ۾ 1941ع ڌاري پيدا ٿيو. ابتـدائي پرائمـري تعليم وڏي ڀاءُ غلام محمد سان گڏ نئون ڪـوٽ ۾ 1958ع ڌاري جهـڏي منجهان مئترڪ ڪيائين. شـروع ۾ تعليم کـاتي ۾ نـوڪري کـانپوءِ ڪامريڊ غلام قــادر وڪــالت جي شــعبي ســان ســلهاڙجي ميرپورخــاص ۾ ئي پــريڪٽس ڪــرڻ لڳــو. مٿس سياسي اثر پنهنجي چـاچي ۾ سـهري جـا پيا جيڪو پـاڻ هـاري ڪميـتي ۾ سرگرم هيو. بعد ۾ ڪامريڊ غلام محمد لغـاري سـان لهه وچڙ ۾ اچڻ کانپوءِ ڪامريڊ غلام قادر هاري ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿيو ڪابي ڌر سـان سـلهاڙجڻ ۾ هـاري تحـريڪ ۾ سـرگرم ٿيڻ کـانپوءِ هُن سموري سنڌ لتـاڙي. جـام سـاقي سـان سـندس جـوڙ رهيـو. پر جڏهن بي دور ۾ تنظيمي ڍانچا تـيزي سـان ڍهڻ لڳا ته ڪامريڊ غلام قــادر ڪجهه نظريــاتي اختلافن ســان گڏ ڪامريڊ عاصم آخوند وانگي هر ڪمزور پر متحرڪ ڍانچي سان جڙڻ ۾ ڪــڏهن ڪونه ڪيبايو. چاڪاڻ ته ڪامريڊ غلام قـادر مـرراڻي ڪميونسٽ سياست جي اِن سـبق کي ڪــڏهن ڪونه وسـاريو ته حــالتون ڪهڙيــون به هجن پر هڪ ڪميونسٽ پــورهيت سياست کــان ڪــڏهن به ڌار نه ٿو ٿي ســگهي. تنهنڪــري ئي هُن نــوي جي ڏهاڪي جي پڇاڙي (1997ع) ۾نـيئن نهنـڊڙ ليبر پـارٽي ۾ غلام حسين ملوڪاڻي جي معرفت شامل ٿيو. ليبر پارٽي ۾ شامل ٿيڻ

ڪانبوءِ اندازن 2004ع ۾ ميرپورخاص اندر هاري ڪانفرنس منعقد ڪرائي هيائين. جنهن ۾ 1500 کان 2000 هاري شريڪ ٿيا هئا ان پروگرام ۾ عبدالواحد آريسر پڻ شامل ٿيو هيو. 2012ع جي پچاڙي ۾ جڏهن ليبر پارٽي، نئين ٿهندڙ عوامي ورڪرز پارٽي ۾ ضم ٿي ته ڪامريڊ غلام قادر به پنهنجي اختلافي راءِ سان انجو ميمبر بڻيو ۾ 2014ع جي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڪانگريس ۾ شريڪ به ٿيو. 1982ع ۾ ڪامريڊ غلام قادر جي گهرواري حاڪم زادي جي گذاري وڃڻ ڪانبوءِ ڪامريڊ اڪيلو رهيو. ڪيس کو اولاد ڪونه هو. پر جنهن خيال سان سندس خيال هڪ ٿيو هيو تنهن ڪيس ڪُل سان هڪ ڪري ڇڏيو هيو. پيڙهيل طبقن جي تڪليف ۾ انهن سان هيڪڙائي سندس روحاني زندگيءَ ۾ اهڙا خال ڇڏيا ئي ڪونه هيا جو ڪيس نون رشتن جي ضرورت محسوس ٿئي. هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ ڪامريڊ غلام قادر پورهيتن ۾ مسڪينن جا ڪيس مفت ۾ وڙهندو رهيو. هُن سانگهڙ ۾ ميرپورخاص جي ضلعي ۾ 200 تائين بئي مزدور آزاد ڪرايا.ڪيس عمر جي پچاڙي سالن ۾ ڪينسر جهڙو موضي مرض ٿي پيو هيو. پر ان بيماري ۾ تمام گهٽي معاشي تنگ دستيءَ باوجود به هو جهڪيو ڪونه. ان بيماري ۾ سخت تڪليف باوجود هو پارٽي گڏجاڻين ۾ سفر ڪري به شريڪ ٿيندو هيو. سياسي طور سرمائيداري ۾ طبعي طور ڪينسر سان جهيڙيندي غلام قادر اسان کان ارڙهين سيپٽمبر 2015ع جي ڏينهن 70 سالن جي عمر ۾ موڪلايو. سندس پچاڙا سماجواد سٽ ۾ عوامي ورڪرز پارٽي پنهنجي اڳواڻ کي پيا ڏيندي هڪ اعتراف ۾ هڪ وچن ڪري ٿي. اعتراف اهو ته هڪ پارٽي جي حيثيت ۾ ڪامريڊ جي پچاڙڪن ڏينهن ۾ پارٽي کي پنهنجي انهيءَ سينئر ساٿي جو جيترو خيال رکڻ گهربو هيو پارٽي اوترو خيال نه ڪري سگهي ۾ انهيءَ جا به گهڻا تڻا سبب پارٽي جي ڪمزور ٻيهڪ ۾ ئي سمجهي سگهجن ٿا ۾ وچن اهو ته ڪامريڊ جن آدرشن کي پنهنجي عمر ڏني تن ڏانهن ساڳي ڪمٽمينٽ جو اظهار ڪندي، هر قسم جي استحصال کان آجي هڪ غير طبقاتي نظام جو جُهد جاري رکبو.